# اسان پنڌ پرينءَ ڏي

(آتم ڪٿا)

عبدالحئي پليجو

مهراڻ پبلشرس
ڪراچي

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: اسان پنڌ پرينءَ ڏي
ليکڪ: عبدالحئي پليجو
ڇاپو پهريون: 2010 ع
ڇپيندڙ: ذڪي پريس ڪراچي
ڇپائيندڙ: مهراڻ پبلشرس ڪراچي
قيمت:120.00 روپيا

ملڻ جا هنڌ
سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديہ پلازه گهنٽا گهر چوڪ سکر فون: 071-5628368،
سنڌيڪا بوڪ شاپ، جتوئي منزل حيدر چوڪ حيدرآباد فون: 03013594679 –
ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، عزيز ڪتاب گهر بئراج روڊ، سکر-
ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي-
رابيل ڪتاب گهر اسٽيشن روڊ، رهبربوڪ اڪيڊمي رابعا سينٽر بندر روڊ لاڙڪاڻو-
رحيم ڪتاب گهر مهراڻ چوڪ بدين-
- المهراڻ ڪتاب گهر، زاهد بوڪ ڊپو، سانگهڙ-

# انتساب

پنهنجي نياڻين
پارس، پرهه ۽ سپيءَ
جي نالي

عبدالحئي پليجو

# منهنجو نندپڻ ۽ ڀنون

منهنجو نندپڻ مون کي تڏهن ٿو ياد پوي جڏهن آئون پنهنجي ڏاڏيءَ کي، جنهن منهنجي ماءُ جي وفات کان پوءِ منهنجي پالنا ڪئي (جيڪا منهنجي پنجويهن مهينن جي عمر ۾ منهنجي ڀيڻ سلطانه زاديءَجي پيدائش وقت ڊليوري ڪامپليڪشن ڪري وفات ڪري ويئي. جيڪو مسئلو سٺ سالن کان پوءِ به سنڌ جي ڀهراڙيءَ جي عورتن کي اڄ به درپيش آهي.) تنهن کي آئون رات جو پاڻ سان گڏ سمهڻ لاءِ تنگ ڪندو هوس. جيڪا رات جو چلم پيئڻ جي عادي هئي ۽ آئون تيستائين سندس انتظار ڪندو هوس جيسين هوءَ اُٿي، تيسين آئون هر روز چلم جون ڦوڪون ڳڻيندو رهندو هوس ۽ ٻي رات ڪيس ٻڌائيندو هوس ته ڪالهه تو هيتريون ڦوڪون پريون، اڄ وڌيڪ پريون آهن. هاڻ اُٺ ته هلي سُمهون، يا وري سندس ٿڃ پيئندي ڪيس چوندو هوس ته مون کي گل وارو ٻُبو پيار جنهن مان مراد سندس انهيءَ ٻُبي تي وڏو ڳاڙهو تِر هوندو هو. (اهو به عجيب اتفاق هو جو منهنجي ڏاڏيءَ جي ٿڃ ورهين کان پوءِ وري منهنجي ٿڃ پيئڻ ڪري شروع ٿي وئي هئي.)

ڪڏهن ڪڏهن مون کي منهنجي ڏاڏي آڪاٽي به ٻڌائيندي هئي پر اهي آڪاٽيون مون کي ياد ڪونه آهن. منهنجي ماءُ مون کي بلڪل ياد ڪانهي. منهنجي پالنا منهنجي ڏاڏيءَ ڪئي جنهن کي اسان جيجي به چوندا هئاسين. انهيءَ جو اسان جي سچي خاندان تي وڏو ٿورو آهي. جيڪڏهن اها عورت زنده نه هجي ها ۽ منهنجي پالنا نه ڪري ها ته شايد ئي آئون زنده هجان ها، ڇو ته مون کان پوءِ منهنجي هڪ ڀيڻ به ڄائي هئي، جنهن کي جنم ڏيئي امان وفات ڪئي. منهنجي اها ڀيڻ به ٿورڙن ڏينهن ۾ وفات ڪري وئي منهنجي ماءُ کان اڳ به منهنجي پيءُ جون ٻه گهرواريون هيون جن مان ڪيس ٻه نياڻيون ۽ هڪ پُٽ هو جيڪو وفات ڪري ويو. باقي ٻي گهر مان منهنجي ماءُ جي وفات کان پوءِ ڪيس ٽي پُٽ غلام رسول، شمشير جنگ ۽ مير نصير پيدا ٿيا.

منهنجي پيءُ ارباب نور محمد پليجي هندستان جي آزاديءَ جي تحريڪن ۾ ڀرپور حصو ورتو. جيل ويو، ضلعي بدر ٿيو، گهرن جون تلاشيون ورتيون ويون ۽ ڀنون فائرنگ جهڙن ڪيترن ڪيسن ڪي پاڻ منهن ڏنو. هندستان جي آزاديءَ کان پوءِ سنڌ کي پنجاب جي غلاميءَ مان آزاد ڪرائڻ ۾ ڀهرايائين ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي سان هاري تحريڪ ۾ ڪم ڪيائين، جنهن جو پاڻ جنرل سيڪريٽري به رهيو ۽ پوءِ سائين جي ايم سيد سان سڄي زندگي پانهن ٻيلي ٿي ڪم ڪيائين ۽ بزم صوفياءِ سنڌ جو ڊپٽي جنرل سيڪريٽري رهيو. سائين جي ايم سيد جو مشهور ڪتاب "جيئن ڏٺو آهي مون" پاڻ ڇپرايائين ته سائين سان گڏ مٿس به ڪفر جي فتويٰ نڪتي. انهن تحريڪن ڪري بابا اڪثر ڳوٺ کان ٻاهر رهندو هو ۽ اسان جي سڄي گهر جي سارسنڀال اسان جي ڏاڏي ڪندي هئي. پاڻ هڪ سؤ پنج سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائين. يعني 1987ع ۾ اسان جو ڳوٺ ڀنون سنڌو درياءَ ۽ ڀيچاري ڦاٽ تي هئڻ ڪري وڏي اهميت وارو هو. جتي انسپيڪشن بنگلو، چاوڙي مسافرخانو، ٻيلي ڪاتي جي آفيس، پرائمري اسڪول (جيڪو 1888ع کان قائم ٿيل آهي.) اسپتال، ڊڪ ۽ شهر جي صفائي، روشني ۽ سنڀال لاءِ سينيٽري ڪاميٽي قائم هئي جنهن جو چيئرمين اڪثر بابا هوندو هو. هو ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ٻي کي به چيئرمين ڪندو هو. ٻيلي ڪاتي جي آفيس سان گڏ هت سندن سڄي اسٽاف جي رهائش پڻ هوندو هئي. جيڪي هت وڏي ٺٽ سان رهندا هئا. آر- ايف- او پنهنجي بنگلي ۾ رهندو هو انهيءَ مٿان هڪ وڏي لانڍي ۽ اڱڻ هوندو هو. رينج فاريسٽ آفيسر گهڻو ڪري شام جو اُت ماڙيءَ تي آرام ڪُرسين تي ٽيڪ ڏيو ويٺو هوندو هو ۽ سندس اڳيان سندس ملازم ۽ مالدار ماڻهو ويٺا هوندا هئا. انهيءَ زماني ۾ ٻيلن ۾ مال چارڻ لاءِ سرڪاري في ڏبي هئي جنهن کي "ڀن چري" چئبو هو ۽ مالدار کي في ڀيارڻ جي رسيد ملندي هئي. اُها رسيد مال چارڻ وارو پاڻ سان گڏ رکندو هو. جيئن بروقت هو ٻيلي ڪاتي جي عملدارن

کي ڏيکاري سگهي. جنهن جو باقاعدي رينج آفيس ۾ رڪارڊ هوندو هو.

ٻيلن اندر هينئر ماڻهو ۽ مالدار ڌاڙيلن جي رحم ڪرم تي آهن. وڻ نالي تہ ٻيلن ۾ ڪابہ شيءِ ڪانهي. جيتوڻيڪ ٻيلن ۾ هينئر وڻ پوکڻ لاءِ اقوام متحده ۽ ٻيا ڪيترا عالمي ادارا فاريسٽ ڊپارٽمينٽ کي ڪروڙن رپين جا فنڊ بہ ڏين ٿا. جيڪي اڳ ڪونہ ملندا هئا. پر هينئر ڪرپشن، پاٽيءَ جي گهٽتائي ۽ هر طرح جي بي راه روي جنهن ۾ ٻيلن جي ڪامورن سان گڏوگڏ عوام ۽ سياسي ماڻهن بہ گهٽتائي ڪانہ ڪئي آهي. ٻيلن ۾ وڏا پَها هوندا هئا جن جي باقاعدگيءَ سان لاپنگ صفائي، پاٽي جي چندبڪار ڪئي ويندي هئي. مال جي چرڻ لاءِ سڄو ٻيلو نہ پر ڪجهہ حصو مخصوص ٿيل هوندو هو. پرپاسي جي ڳوٺن جا ماڻهو خاص ٻيلا ڏسڻ لاءِ ايندا هئا.

دادا گوبند پنجابي 1989 ع ۾ جڏهن هندستان مان مون وٽ ٻني گهمڻ آيو هو تڏهن بہ مولچند ٻيلو گهمڻ هليو هو. اُهي هئا ٻيلي جا ٺٽ. ٻنون انسپيڪشن بنگلو تہ انگريزن پنهنجي ۽ سندن بيگمن جي موڪلن ۽ تفريحن لاءِ ٺهرايو هو. سو سنڌ جي چيف مسنٽر هائوس ۽ دهليءَ حڪومت جي چيف منسٽر هائوس (جت اسان کي دهلي جي چيف منسٽر شيلا ڊڪشٽ ڊنر ڏني ۽ ائين ان جي ڏسڻ جو اتفاق ٿيو.) کان بہ وڌيڪ پروقار ۽ سينگاريل هوندو هو. ٻنون انسپيڪشن بنگلو ٻني کان ميل کن پري پيچاري ڦاٽ سان لڳ تقريباً پندرهن ايڪڙن ۾ پکريل باغ ۾ وڏن پيرن، ٻڙن ۽ نمن هيٺان هڪ محل لڳندو هو. انگريز دؤر حڪومت ۾ اهو قانون هو تہ صوبي جو گورنر پنهنجي صوبي جي اندر ندين ۽ اهم آثار قديم جي ماڳن تي سال ۾ هڪ ڦيرو ضرور وجي. هڪ تہ انهيءَ ڪري جو انهن جي اچڻ سبب سارسنڀال بہ ٿي ويندي هئي، ٻيو تہ صوبي جي سربراهہ کي اهي هنڌ ڏسڻ ڪري سڄي پوزيشن جي خبر پوندي هئي. اهڙي طرح سان وري وائسراءِ لاءِ بہ قانون هوندا هئا تہ سال ۾ هڪ ڦيرو هندستان جي اهم قومي ورثن ۽ اهم فوجي اهميت جي ماڳ مڪانن تي سال ۾ هڪ ڦيرو وجي ڏسي. اهوئي سبب هو جو وائسراءِ موهن جو دڙو ڏسڻ ايندو هو ۽ پوءِ انهيءَ بهاني اُت شڪار بہ ڪندو هو ۽ لاڙڪاڻي ۾ تر جي اڳواڻن سان ملاقاتون بہ ڪندو هو. انهيءَ ڪري ئي سرشاهنواز ڀٽو، قاضي فضل الله ۽ ايوب کهڙو هندستان جي مک ليڊرن ۾ ڳڻجڻ لڳا. سرشاهنواز ڀٽو جوناڳڙهہ جو وزيراعظم ۽ ايوب کهڙو گول ميز ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ لنڊن وجي پهتا. نہ تہ خان بهادر تہ سڄي سنڌ ۾ جام هئا. رڳو اسان جي سجاول سب ڊويزن ۾ بہ سڄا سارا ٻہ خانبهادر موجود هئا، هڪ خانبهادر خير محمد چانديو ۽ ٻيو خانبهادر خير بخش خان لغاري. انگريز حاڪمن جي انهن دورن ڪري ٻني انسپيڪشن بنگلي جو وڏو شان هو. بنگلي ۾ اڳيان ورانڊو، پٺيان ورانڊو وچ ۾ وڏو هال، هال جي ٻنهي پاسن کان ٻہ وڏا سوٽ هئا. هر سوٽ ۾ ٻہ ڪمرا، وڏو باٿ روم، جنهن ۾ هر شيءَ انگريزي نموني جي، يعني وڏا ٽب، ڪموڊ وغيره باٿ رومن جي صفائي لاءِ ٻاهران ٻاهر دوازا هئا. بنگلي جي ڪراڪري لاءِ بنگلي اندر هڪ جدا ڪمرو هو. پر بورچي خانو پريرو هو، بنگلو ايڏو ڪشادو هو جو ٻنهي سوٽن ۾ رهندڙن جي پراءِ ويسي (Priwacy) بلڪل قائم رهي. انهيءَ وڏي بنگلي ۾ صرف صاحب لوڪ ۽ انهن جو مئدموں رهنديون هيون. جڏهن اهي هليا ويندا هئا تہ بنگلو صفا بند ٿي ويندو هو. ڪير بہ ان ۾ڪونہ رهندو هو. بنگلي ۾ هوا لاءِ وڏيون جهليون، ڇت ۾ ٽنگيل هوندو هيون. جن جا رسا ڇڪڻ لاءِ ڀتين ۾ سوراخ ٺهيل هئا. رسو وراندي ۾ ويٺل نوڪر ڇڪيندا رهندا هئا. انگريز آفيسرن کي ۽ انهن رسن ڇڪڻ وارن کي هڪ ٻئي جي شڪل تہ پري پر هڪ ٻئي جي ڪا خبر بہ ڪانہ پوندي هئي تہ اندر صاحب لوڪ ڇا پيا ڪن. بنگلي تي مٽي چڙهڻ لاءِ ڪشادي ڪاٺ جي ڏاڪڻ ٺهيل هوندي هئي. ان ڏاڪڻ جي پرسان بنگلي لاءِ وڏي پاٽي جي ٽانڪي هوندي هئي. جنهن کي ايريگيشن جا ملازم سڄو ڏينهن پيا پرپنداهئا ۽ صفائي ڪندا رهندا هئا. بنگلي جي ڇت تي آفيسرن جي ويهڻ جو بندوبست ٿيل هوندو هو. بنگلي جي اڳيان هڪ وڏو ٿلهو هوندو هو جنهن جو سيمينٽ پلستر سج جي روشنيءَ تي پيو چلڪندو هو. انهيءَ تي تمام وڏيون آرام ڪرسيون رکيون هونديون هيون، مون ايڏيون وڏيون ڪرسيون زندگي ۾ ڪونہ ڏٺيون.

قدرت الله شهاب پنهنجي ڪتاب شهاب نامہ ۾ لکيو آهي تہ اُهي هوا واريون جهلون هلائڻ وارا ملازم جي ڪڏهن ننڊ سبب سمهي پوندا هئا تہ انگريز آفيسر کين ٺڏا هٽي ماري ڇڏيندا هئا ۽ پوءِ جي ڪڏهن انهي آفيسر تي انڪوائري ٿي بہ تہ ڪيس رڳو وارننگ ئي ڏني ويندي هئي. يا مٿس ٻہ روپيا ڏنڊ وڌو ويندو هو. مون پاڪستان ۽ هندستان گهڻو ڪري سڄو ڏٺو آهي، مثلاً ممبئي جو گيٽ وي آف انڊيا، اورنگ آباد، لڳ اجنتا الورا ۽ اورنگ آباد اندر اورنگزيب جي زال جو ٺهيل مقبرو جنهن کي هندستان ۾ "بيبي ڪا مقبرا" چون جيڪو هو بهو تاج محل جو نقل ٺهيل آهي، دهليءَ ۾ لال قلعو، بادشاهي مسجد، لوڌي گارڊن جنهن ۾ ننڍا وڏا مقبرا شامل آهن، قطب مينار، انڊيا گيٽ ۽ ان جي چؤطرف انگريزن جون ٺهيل جايون جنهن ۾ ٻاهران وائسراءِ جو گهر جنهن ۾ انهيءَ وقت ٽي هزار ملازم هوندا هئا. اتي اهڙا تہ بورچي هوندا هئا جو لارڊ مائونٽ بيٽن جي زال پنهنجي ساروڻين ۾ هڪ هنڌ لکيو

آهي ته جڏهن اسان پهريون پيرو وائسراءِ هائوس ۾ آياسين ته اتي بورچين اسان جي پاليل ڪُتي لاءِ ڪڪڙ ڻاهي ڪيس ڏنو پر مون کي اهو ڪتي لاءِ پڪل ڪڪڙ اهڙو ته وڻيو جو مون لِڪي وڃي هڪ عليحده ڪمري جي ڪُنڊ ۾ کاڌو. چون ٿا ته انگليند جو ولي عهد انهيءَ دؤر ۾ جڏهن هندستان آيو ۽ وائسراءِ هائوس ۾ قيام ڪان پوءِ چيائين ته مون کي اڄ خبر پئي آهي ته بادشاه محلن ۾ ڪيئن رهندا آهن. مترا ۾ ڪرشن جي جاءِ پيدائش ۽ اُتي ٺهيل مندر، آگري ۾ تاج محل، آگري جو قلعو، فتح پور سِڪري ۾ جامع مسجد، قلعو ۽ ان ۾ ٺهيل محل.

لاهور ۾ بادشاهي مسجد، لاهور جو قلعو، شاليمار باغ، ڪراچيءَ ۾ هاءِ ڪورٽ جي بلڊنگ، سنڌ اسيمبليءَ جي بلڊنگ ۽ راڻي باغ ڏٺا آهن. واقعي مغلن ۽ انگريزن گڏيل هندستان ۾ وڏي شوق ۽ نفاست سان محل محلاتون ۽ باغ باغيچا ٺهرايا جن جو مثال ڪونهي ۽ هندستاني اُنهيءَ تي ترنگا هٽي ويهي رهيا.

هاڻ وري ٿا اچون پنهنجي بنگلي جي احوال تي، انهيءَ جي ٿلهي اڳيان وڏو باغ هوندو هو. جنهن ۾ وڏي لان ۽ ان جي چؤطرف رنگ برنگي موسمي گل، جنهن لاءِ ڪيترا مالهي هر روز باغ جي سارسنڀال لهندا هئا. منهنجو ننڍي هوندي جڏهن باغ/ بنگلي ڏانهن وڃڻ ٿيندو هو ته ڪيترا سارا گل ۽ ڊاک مالهي مون کي ڏيندا هئا، جن کي ڪٽي اچي ڏاڏيءَ جي پيرن تي رکندو هوس. هن وڏي بنگلي جي پر ۾ پيو به هڪ تمام وڏو بنگلو هو (پر انسپيڪشن بنگلي کان ڪجهه ننڍو.) جنهن جي اندران ٻاهران ڪئين ولائتي شيشا لڳل هوندا هئا. جن ۾ پاڻ کي سڄو ڏسي ڏاڍو لطف ايندو هو. اهو بنگلو به وڏي بنگلي کان گهٽ ڪونه هوندو هو. پر انهيءَ اڳيان دڪو ۽ باغ ڪونه هوندو هو. انهيءَ بنگلي ۾ ريگيوليٽر، ڪالوني، پيجاري ۽ شاخن جو انچارج، اسسٽنٽ انجنيئر رهندو هو. انهيءَ کان ٿورو پريرو سب انجنيئر، فون آپريٽر (جنهن کي ان وقت ڪئنال وائچر به چوندا هئا.) گدام، بورچي خانو ۽ ڪئمپ آفيسر لاءِ ٺهيل آفيس ۽ ٻيا ڪوارٽر ٺهيل هوندا هئا. پر پوءِ فون آفيس ۽ فون آپريٽر لاءِ ڪوارٽر بنگلي کان گهٽو پري ڻاهيو ويو. جو ته فون آپريٽر جي هيلو هيلو ۽ فون جي گهنٽين جو آواز بالا آفيسرن جي آرام ۽ ڳالهائڻ کي ڊسٽرب ڪندو رهندو هو. انهيءَ ڪري فون کي هتان هٽائي آواز جي رينج کان ٻاهر لڳايو ويو.

بنگلي جي پندرهن ايڪڙن جي ايراضيءَ کي سرسبز رکڻ لاءِ واهن مان پاڻي ايندو هو. ۽ جڏهن واهن جو پاڻي هيٺ ٿي ويندو هو ته پڪي کوهه ذريعي پارڪ، گلن ۽ هن سڄي ايراضيءَ ۾ پوکيل وڻن کي پاڻي ڏنو ويندو هو.

نيويارڪ ۾ اقوام متحده جو هيڊ ڪوارٽر پڻ پندرهن ايڪڙن تي ٺهيل آهي. هي زمين راڪفيلر مفت ۾ ڏني. جو ته زمين شهر کان پري هئڻ ڪري وڪي ڪانه ٿي پوءِ اقوام متحده جي هيڊڪوارٽر ٺهڻ دوران ئي وڏي اگهه ۾ وڪجي ويئي (ڏسو روسي صدر گروميڪو جي آتم ڪٿا) بنگلي ۽ ڪوارٽرن ۽ رستن تي چٽڪار ڪئي ويندي هئي. انهيءَ واه جي پرسان ڍڳن لاءِ گاهه (جيڪي نار وسيلي واه مان پاڻي ڪڍندا هئا.) به جام هوندو هو. هڪ چني تي پکڙيل ڊاک جي وَل جو وڏو شيڊ هوندو هو. جنهن ۾ هميشه ڪاري ڊاک جا وڏا ڇُڳا پيا لڙڪندا هئا. پارڪ سان گڏ بنگلي ڏانهن ويندڙ سيني رستن تي ڪيترن ئي قسمن جا گل پوکيل هوندا هئا. انهن جي باقائده هر روز سارسنڀال ۽ چانٽي ٿيندي هئي. انسپيڪشن بنگلي جي حدن اندر چوپايو مال ته ٺهيو پر اسٽاف کان سواءِ غير واسطيدار ماڻهو به نظر ڪونه ايندو هو. سڄو منظر ۽ ماحول پرسڪون ۽ گلن جي خوشبوئن سان واسيل هوندو هو. اڄ به بنگلي اڳيان جيڪو پپرَ جو وڻ بيٺو آهي. تنهنجي ٿُڙ جي گولائي گهٽ ۾ گهٽ پنجويهه، ٽيهه فٽ ٿيندي. هاڻي ٻيو ته سڀ ڪُجهه ختم ٿي چڪو آهي. سواءِ بنگلي جي بلڊنگ جي تنهن جا به حال هيٺا سور ٻيٺا آهن.

چون ٿا ته درياءَ مان نڪرندڙ پيجاريءَ ۾ جڏهن پاڻي لهي ويندو هو ۽ درياءَ کان بنگلي تائين ٻيڙي ڪانه پهچي سگهندي هئي ته پوءِ صاحب لوڪن ۽ سندن مئڊمن کي آگ بوٽ ۽ وڏين ٻيڙين مان ڪٽي بنگلي تائين پهچائڻ لاءِ وڏيون سينگاريل ڏوليون هونديون هيون جن ۾ ڪٽي کين انسپيڪشن بنگلي تائين پهچايو ويندو هو. پوءِ اهي مئڊمون وڏن وڏن ٽبن ۾ شام جو خوشبودار پاڻيءَ ۾ وهنجي سهنجي تيل ڦليل ڪري اچي باغ ۾ ٽلنديون هيون. بقول ڪنهن شاعر جي ته:

*کیا* رات تھی کہ، ایک *کہانی* میں کٹ گئی

اڄ انهيءَ بنگلي ڏانهن ويندي به ڊپ ٿو لڳي. انگريزن جي وڃڻ کان پوءِ سڀ ڪجهه ختم ٿي ويو. ڪهڙن نه تجربن ۽ قاعدن قانونن سان انگريزن هي سڀ ڪجهه ڻاهيو ۽ ڪيئن نه يڪدم ڪيل ختم ٿي ويو. اسان پنهنجي ننڍپڻ ۾ سڀ ڪجهه ڏٺو ۽ ٻڌو هو.

وڏا چوندا هئا ته هر سال جڏهن ممبئي جو ۽ تنهن کان پوءِ سنڌ جو گورنر ٻني بنگلي تي اچي منزل ڪندا هئا ته ٻني ۽ اردگرد جي علائقي ۾ ميلي جو سمان لڳندو هو. گورنر سان سندس فيملي ۽ سڄو اسٽاف گڏ هوندو هو. اسٽاف لاءِ ٽينٽ (تنبو) لڳندا هئا جن ۾ هو رهندا هئا. گورنر جو رڪارڊ انن جي ٻنهي پاڪڙن تي رکيل پيتين ذريعي پهچندو هو. گورنر هٽ ۾ ڏينهن رهندو هو. انهن ٻن ڏينهن ۾ پاڻ باقاعدگيءَ سان سرڪاري ڪاغذ ڏسندو، پڙهندو ۽ انهن تي ضروري حڪم جاري ڪندو هو. ڳوٺ جا وڏا ڳالهيون ٿا ڪن ته صبح سوير گورنر انهيءَ جي زال ۽ سندس ڏيئرون بنگلي کان نڪري ٻني جي چؤطرف بند تي چڪين سان واڪ ڪندا هئا. ساڻن ڪوبہ گارڊ نہ هوندو هو. صرف هڪ گائيڊ (ترجمان) ساڻن گڏ هوندو هو. جڏهن ٻني جي ويجهو بند جي چاڙهيءَ هيٺان ماڻهن جا هشام ڏسندا هئا. جيڪي ماڻهو کين ڏسڻ لاءِ اتي جمع ٿيندا هئا. ته انهيءَ گائيڊ کان پُڇندا هئا ته هي هيترا سارا ماڻهو هتي ڇو اچي گڏ ٿيا آهن ته گائيڊ کين ٻڌائيندو هو ته هي ماڻهو توهان کي ڏسڻ لاءِ آيا آهن ته پاڻ ماڻهن ڏانهن نهاري هٿ لوڏي مشڪي اڳتي روانا ٿي ويندا هئا ۽ ڳوٺ جا غريب، مسڪين ماڻهو انهيءَ ادا تي خوش ٿي ويندا هئا. ٻني جي ويجهو ٽن ميلن تي هڪ تمام وڏي ڍنڍ بہ هوندي هئي جنهن جو نالو ٻگهي ڍنڍ هوندو هو. جت ملڪ جا وڏا امير وزير ۽ حاڪم شڪار تي ايندا هئا. انهن ۾ مير غلام علي ٽالپر، صدر اسڪندر مرزا ۽ صدر ايوب ۽ ٻين کي مون منهنجي ننڍپڻ ۾ اُت شڪار ڪندي ڏٺو. ڍنڍ ۾ جڏهن سَوَن جي تعداد ۾ پکي اڏامندي ڏسندا هئاسين ته ڏاڍو مزو ايندو هو. مون کي بابا سان گڏ محمد يوسف چانڊيئي وٽ لاڏين ۾ شڪار تي اچڻ ڪري ۽ سن ۾ سائين جي ايم سيد وٽ ۽ ايئرپورٽ تي نوڪري ڪندي، چوويهہ مُلڪن جا سؤ کن وڏا شهر ڏسڻ ڪري ۽ دنيا جي ڪيترن بادشاهن، صدرن، وزيراعظمن، شهزادن ۽ راڻين کي ويجهو ڏسڻ جو موقعو مليو جنهن ۾ ايئرپورٽ تي ته هر روز ڪونہ ڪونہ وي آءِ پي ماڻهو ڏسبو هو.

ٻگهي ڍنڍ کان سواءِ دريا سنڌ، سانوڻ ۾ ٻني سان گڏوگڏ ۽ سانوڻ بعد ٿوري پنڌ تي وهندو هو. ٻني جو پيچاريءَ سان گڏ هئڻ ڪري درياءَ جي پري هئڻ جو احساس ئي ڪونہ هوندو هو. ڇو ته پيچاريءَ ۾ هميشہ ٻيڙيون ٻيٺيون هونديون هيون. جن ۾ چڙهي درياءَ تائين پهچڻ ۾ دير ڪانہ لڳندي هئي. هندستان کان سنڌ ۾ آيل ڪيترن ئي سياحن جڏهن ٻيڙيون پيرو سنڌو درياءَ ڏٺو ته انهيءَ سان گڏ ٻنون بہ ڏٺو، جن پنهنجين لکڻين ۾ ٻني جو بہ ذڪر ڪيو آهي جنهن ۾ جيمس برنس جو ڪتاب "سنڌ جي دربار" بہ شامل آهي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا ته پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ لکيو آهي ته سڪندر، جڏهن هندستان ۾ ڪاهن کان پوءِ يونان لاءِ سنڌ مان ٿيندو روانو ٿيو هو ته هو ٻني جي پيچاري ڦاٽ کان ئي وچي سمنڊ تائين پهتو هو. پوءِ اُتان واپس يونان روانو ٿيو. سو درياءَ بادشاهہ جو ٻني سان لڳ هئڻ ڪري ٻنون هميشہ سکيو ستابو رهيو آهي. آڳاٽي زماني ۾ جڏهن درياءَ تي اڃان ڊئم ۽ بئراج ڪونہ ٺهيا هئا، گهڻو ڪري درياءَ سڄو سال وهندو رهندو هو. اهوئي سبب هو جو سڄو سال پَلا مڇيون، گانگٽ مرندا رهندا هئا. سانوڻ مهيني ۾ ڪنهن ڪنهن سال ته ايترا پلا ٿيندا هئا جو اڌ رڇ ۾ پيل پلن سان ئي ٻيڙي پرجي ويندي هئي. ۽ باقي رڇ ۾ پيل پلا واپس درياءَ ۾ اڇلائي ڇڏيندا هئا. ايترن پلن کي وڍڻ ۽ چلڻ لاءِ ٻني جي مياڻ جون سڀ مايون درياءَ تي وينديون هيون. تڏهن بہ پلا بچي پوندا هئا. پوءِ ٻني جي ماڻهن کي ناڪئا نياپيا موڪليندا هئا ته اچي مفت ۾ پلا ڪٽي وڃو. هڪ پيرو ته مون پنهنجي اکين سان درياءَ تي وڃي ڏٺو ته درياءَ جو سڄو ڪپر رڳو پلا ئي پلا ٿيو پيو هو. پوءِ اهي پلا اتان سانٽي ۽ گهوريئڙا گهوڙن، گڏهن ۽ پٺن تي ڪٽي ميلن تائين شهرن ۽ ڳوٺن ۾ وڪڻڻ لاءِ پکڙي ويندا هئا. (پر اڄ ڪڏهن ڪڏهن ٻني ۾ ٻني جا نہ پر توهان کي ايران جا پلا کائڻ لاءِ ملندا.) درياءَ ۾ اُن وقت ٺيڪيداري سسٽم هوندو هو. ٺٽي ضلعي ۾ گهڻو ڪري پلن جا ٺيڪا غلام حسين بابو (سابق ميمبر قومي اسيمبلي) جو پيءُ ڪٽندو هو. جنهن کي "سيٺ سوني مُنڊي" نالي سان سڏيو ويندو هو.

هڪ دفعي حيدرآباد جي سيٺ ٽئون مل بہ درياءَ جو ٺيڪو کنيو ۽ بابا سائين جو ٻہ ساڻس حصو هو. پلن کي رکڻ لاءِ مياڻ هوندي هئي. جنهن ۾ ٺيڪيدار جو منشي ۽ ٻيو اسٽاف رهندو هو، جن جي رهائش بہ اُتي هوندي هئي ۽ پلي جي وڪري جو حساب ڪتاب بہ رکيو ويندو هو جنهن لاءِ رجسٽر هوندا هئا. سڄو سال درياءَ جي وهڪري ڪري درياءَ جي ٻنهي پاسن کان وڏا وڏا سرسبز ٻيلا هوندا هئا جنهن ۾ هر قسم جا وڻ نظر ايندا هئا. درياءَ ۾ پاڻي لهڻ شرط ٻيلي کاتي وارا ٻيڙين ذريعي ۽ پنڌ، پاڻ ۽ مزورن معرفت اُتي ٻج پوکيندا هئا. (ٻيلي کاتي جي آفيس اڳيان ٻجن جي ٻورين جا ڍير لڳا پيا هوندا هئا.) جڏهن اهي وڻ ٿورا وڏا ٿيندا هئا ته انهن ۾ ڦاڙها ۽ سوئر جام نظر ايندا هئا جيڪي ڪڏهن ڪڏهن ٻني شهر ۾ بہ لنگهي ايندا هئا. هڪ دفعو اسان جي گهر ۾ بہ سوئر اچي داخل ٿيو. ٻيو دفعو سانوڻ درياءَ وقت شهر ۾ ٻوڏ جو خطرو هو انهيءَ دوران ماڻهن ڦاڙهو ڏٺو ۽ وڏي آواز وٺي ڦاڙهو ڦاڙهو ڪري پڪارئون ته ڪن ماڻهن سمجهيو ته گهارو گهارو پيا چون ۽ ائين سڄو شهر گهاري جي ڊپ کان اچي بچاءُ بند تي گڏ ٿيو پوءِ خبر پئي ته گهارو نہ پر ڦاڙهو هو. ٻيلي ۾ شڪار ڪرڻ ڪري ڪيترا دفعا ڦاڙهي جي گوشت کائڻ جو موقعو مليو. درياءَ

۾ پري پري جا ماڻهو درياءَ گهمڻ ايندا هئا ۽ اسان وٽ بابا سائين جي وقت کان ڪئين مهمان، بابا سائين جا دوست ايندا رهندا هئا. جن ۾ شيخ اياز، جمال ابڙو، سراج ميمڻ، ابراهيم جويو، غلام رباني آگرو، تنوير عباسي، رشيد ڀٽي ۽ بابا جا انگريز آفيسر دوست به شامل هوندا هئا. درياءَ ۾ چانڊوڪيءَ رات جي وقت هڪ سحر انگيز منظر هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن اهڙا پروگرام ٻن ٻيڙين ۾ ته ڪڏهن درياءَ وچ ۾ ڪنهن ٻيٽاري تي ٿيندا هئا. سڄي رات درياءَ ۾ راڳ رنگ، ڪاڏا پيتا ۽ وچي صبح ٿئي يا ڀنيرڪي جو گهر واپس اچبو هو. ساوڻ درياءَ جو پنهنجو گوڙ، موج مستي ۽ ڀرپاسي گهاٽن وڻن جي هيڪار ڪري ماحول هڪ عجيب منظر پيش ڪندو هو. مٿان شيخ اياز جو ڪلام ۽ دؤر پي دؤر چلي ۾ دل چاهيندي هئي ته هيءَ رات اڄ ختم ئي نه ٿئي. ڪڏهن ڪڏهن اهڙا پروگرام ڏينهن جو به ٿيندا هئا جن ۾ دريا اندر ٻُلهڻيون ٽپ ڏيندي نظر اينديون هيون. اهو نه صرف ٻني ۾ پر سڄي درياءَ سنڌ ۾ توهان کي ٻلهڻيون درياءَ ۾ نظر اينديون هيون. درياءَ سنڌ تي ڊئم ۽ بئراجن ٺهڻ ڪري هاڻ توهان کي صرف پنجاب جي چشما ۽ تونسا واري علائقي ۽ سکر کان مٿي ٻلهڻيون (ڊالفن) نظر اينديون چون ٿا ته هن وقت سڄي درياءَ ۾ فقط 965 ٻلهڻيون وڃي بچيون آهن. دنيا ۾ پنجن قسمن جون ٻلهڻيون ٿين. پهرين ۽ ٻي قسم جون ٻلهڻيون آمريڪا جي اميزون درياءَ ۽ ليپ ليٽ Lap Late ۾ ٿين ۽ ٽي قسم جون ٻلهڻيون چين جي يانگ ٽز Yangtze دريا ۾ ٿين ۽ چوٿين قسم جون ٻلهڻيون نيپال، هندستان ۽ بنگلاديش جي دريائن گنگا، برهم، پترا، ميگهنا ۽ ڪرنافليءَ ۾ ٿين جڏهن ته پنجين قسم واري ٻلهڻ صرف درياءَ سنڌ ۾ ٿئي. جنهن کي انڊس ڊالفن يا انڌي ڊالفن چيو ويندو آهي. جيڪا تمام ناياب ۽ اڻلڀ آهي. چو ته هيءَ انڌي آهي، هزارين سال اڳ هيءَ انڌي ڪانه هئي. پر درياءَ سنڌ جي ميري ۽ لڙاٽيل پاڻيءَ ۾ رهي هيءَ انڌي ٿي ويئي چو ته هن پاڻيءَ ۾ اندر ڪجهه به ڏسي ڪونه ٿو سگهجي تنهن ڪري قدرت جي قانون مطابق جنهن عضوي جو ڪارج ختم ٿي ويندو آهي ته اهو عضوو خود به خود جاندار جي جسم مان خارج ۽ ختم ٿي ويندو. قدرت ان جي عيوض ٻلهڻ کي وري انتهائي حساس سونار سسٽم Sonar Ecolotation System سان نوازيو آهي. جنهن تحت هوءَ کاڌي جي تلاش خطري ۽ حملي جي قوت سان پاڻ کي محفوظ رکيو اچي. بحرحال هاڻ درياءَ ۾ اهي ٻلهڻين جا ٽينگ ٽپا ته پنهنجي جاءِ تي پر هاڻ ڪوٽڙي کان هيٺ درياءَ ۾ پاڻي نه ڇڏڻ ڪري ڪوٽڙيءَ کان هيٺ سم جي پاڻي ۽ سمنڊ جي اُٿل ڪري درياءَ جو پاڻي ساوڻ کان پوءِ کارو ٿي ويندو آهي. کاري پاڻي ڪري هر قسم جي جيوت ۽ مڇي پلو به مري ويندا آهن ۽ درياءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ميربحر ويندا آهن ته شهر مان پيئڻ لاءِ ڪولر پاڻي جو پاڻ سان کڻي ويندا آهن.

درياءَ ۾ جڏهن ٻيڙين جي آمدرفت ۽ شهرن سان واپار هلندڙ هو. تڏهن ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍا دلچسپ واقعا به ٿيندا هئا. گهر ۾ منهنجي ڏاڏي خديجه صبح جو سوير اُٿي پهرين نماز پڙهي مصلحي تي تسبيح پڙهي پوءِ ڪم ڪار ۾ لڳي ويندي هئي. اسان سڄ اڀري کان اڳ ننڊ مان اٿندا هئاسين. گهر ۾ هڪ وڏو صفحو، پاسن کان ٻه ڪمرا، تن اڳيان ورانڊو، ورانڊي جي اترطرف هڪ ڪمرو وهنجڻ ۽ پاڻيءَ لاءِ، ڏکڻ طرف به ڪمرو، انهيءَ کان ٻاهر هڪ تمام وڏي لانڍي، جنهن ۾ رڌپچاءُ به ٿيندو هو ۽ ماني به اُت کائبي هئي. سرديءَ ۾ گهر اندر ۽ گرميءَ ۾ ٻاهر اڱڻ تي سمهڻ ٿيندو هو. پر گرمي ۽ سرديءَ کان سواءِ ، برسات ۾ به انهيءَ لانڍيءَ ۾ سمهبو هو. گهر ۾ ٻتيون پرنديون هيون ۽ ٻن ڪلاڪن لاءِ پيٽرومڪس جنهن کي گولو به چئبو هو سو ٻرندو هو. پر جي مهمان هوندا هئا ته رات دير تائين هڪ نه پر ٻه گولا ٻرندا هئا. سياري ۾ به انهيءَ لانڍيءَ جي وچ ۾ آڳٽي ٻاري چؤطرف ويهبو هو. سمهڻ کان اڳ ڏاڏي سياري ۾ هٿ پير سيڪي پوءِ هنڌ تي سمهاري سوڙ مٿان وجهي پوءِ وڃي پاڻ سمهندي هئي. ڪاڏي ۾ صبح جو ماني، مکڻ ماکي لسي ۽ بابا بيضو به کائيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن مون کي به بيضو ملندو هو. ٻنپهرن جو گهڻو ڪري مڇي پلو ۽ ڪڏهن ڪڏهن گوشت جو ٻوڙ هوندو هو. صرف بابا لاءِ اضافي هڪ ٻوڙ سبزيءَ جو ٺهندو هو. رات جو گهڻو ڪري اهائي ٻوڙ ۽ چانور ٺهندا هئا. پر مون حيدرآباد پڙهڻ کان اڳ ڪڏهن به رات جي ماني ڪانه کاڌي، صرف وٽو کير جو پي سمهي رهندو هوس. باقي ناشتو ۽ ٻنپهرن جي ماني کائيندو هوس. برسات ۾ ڏاڏي منو پت به ٺاهيندي هئي. منو پت ڳڙ ۾ ٺهندو هو. برسات جي موسم ۾ شهر جا ٻار سڄي شهر ۾ ڪارڙو ڪنيارڙو، اَن پاڻي ڏي، مينهڙو وسي، ڳائي گهر گهر مان اَن وٺي پوءِ اهو بازار ۾ وڪڻي پئسا پاڻ ۾ ورهائيندا هئا. ننڍپڻ ۾ آئون گهڻو ڪري طبيعتاً اڪيلائي پسند هوس پر گهر اڳيان ٻارن سان بلورن يا اٽي ڏڪر راند کُڏندو هوس.

ٻنون شهر ڪنهن ماهر جي نقشي ۽ رٿابندي سان ٺهيل آهي جنهن ۾ سرڪاري آفيسون هڪ طرف ته رهائشي علائقو ٻي طرف ۽ وچ ۾ بازار هوندي هئي. ٻنون شهر جون گهٽيون بلڪل سڌيون هونديون هيون. گهٽيون جت هڪ ٻئي سان گڏبيون هيون ته هڪ چوڪ ٺهي پوندو هو. يعني چئن رستن جو وچ، جت پري تائين نظر پوندي هئي. رات جو روشنيءَ لاءِ شمعدان هوندا هئا جن جي هر روز صفائي ٿيندي هئي ۽ گاسليٽ وڌو ويندو هو. شهر جي اولهه ۾ اسڪول، اوڀر ۾ رائيس مِل، اولهه ۾ ٽاڻو، ڏکڻ ۾ ٻيلي وارن

جون آفيسون، اسپتال چاوڙي ۽ ٽڪاڻو جنهن ۾ وڏي واءِ هوندي هئي. اتر ۾ پيچاري جت سدائين جام ڀيڙيون بيٺيون هونديون هيون، شهر جي وچ ۾ بازار، جنهن ۾ دُڪان ۽ هوٽلون هونديون هيون. دڪانن جي اڳيان ڀِڙيون هونديون هيون. حيدرآباد کان وايا ملاڪاٽيار هڪ بس هلندي هئي. جيڪا ٻني کان دڙو، پيلو ۽ سجاول تائين ويندي هئي. بس ملاڪاٽيار جي قمبر علي شاهه نالي سيد جي هئي. بس جي باڊِي ڪاٺ جي هوندي هئي. بس هئنڊل هٽي پوءِ اسٽارٽ ڪئي ويندي هئي. بس جو ڪنڊيڪٽر جکو ميگهواڙ هوندو هو. آئون جڏهن ڪجهه وقت لاءِ سجاول پڙهڻ ويس ته ان بس ۾ چڙهي سجاول ويندو هوس. بس وارا مون کان ڀاڙو ڪونه وٺندا هئا. اڳ خاص ماڻهن جي چڙهڻ لاءِ گهوڙا هوندا هئا. بابا ٻه ڏڙي، ٻنوري ۾ ڪا ميٽنگ ٿيندي هئي ته گهوڙي تي ويندو هو. دڙو ٻني کان يارنهن ميل ۽ ٻنورو سترهن ميلِ پنڌ تي آهن. بابا 1961ع ۾ وليس جيپ ورتي، جڏهن آئون انهيءَ وقت جي حساب سان پنجون انگريزي پڙهندو هوس. بابا اها جيپ اُن وقت جي اسسٽنٽ انجنيئر کان ٽن هزارن ۾ ورتي ۽ مٿس ٻارهن سؤ خرچ ڪيائين ته صفا نئين ٿي پئي جيڪا پوءِ اسان وٽ سالن جا سال هلي. ڪافي وقت کان پوءِ بابا اها جيپ وڪٽي ڪار ورتي جيڪا مورس ڪمپنيءَ جي هئي. مون خود 1976ع ۾ ٽريڪٽر خريد ڪيو جيڪو سورهن هزار ۽ سؤ رپين ۾ مليو. ۽ اڄ يعني سيپٽمبر 2009ع ۾ ٽريڪٽر جو گوبل ٻه ستر هزار رپين ۾ ٿو ملي.

راند ڪرڻ لاءِ اسان وٽ تمام ٿورو وقت هوندو هو. ڇو ته انهيءَ زماني ۾ شام جو وقت ٻه اسڪول ۾ پڙهائي ٿيندي هئي. رات جو وقت وري سانجهيءَ ۽ سومهڻيءَ جي نماز جي وچ ۾ باقاعدي قرآن شريف پڙهايو ويندو هو ۽ رات جو سوير سمهڻ جي عادت هوندي هئي. اسان جو گهر شهر جي جامع مسجد جي بلڪل سامهون آهي، تنهن ڪري مسجد مان گهر تائين پهچڻ ۾ ڪا ٻه دير ڪانه لڳندي هئي. ائين ڪير جو وٽو پي سمهي رهبو هو ۽ وري صبح سوير اُٿبو هو. منهنجيون ٻه وڏيون ڀيڻون هيون پر اهي مون کا نوَ ڏهه سال وڏيون هيون ۽ منهنجا ڀائر مون کان پنج سال پوءِ ڄاوا جيڪي اڃان ننڍا هئڻ ڪري مون سان راند ڪرڻ جيڏا ڪونه هئا مون کي ياد ٿو پوي ته شايد پهرين محمد رحيم (سيف) ۽ پوءِ منهنجي مامي شمس الدين جيڪو منهنجو هم عمر هو ۽ پوءِ محمد ميربحر سان منهنجي سنگت يا راندروند جي شروعات ٿي. جيڪا پوءِ ڪافي وقت هلي، محمد ميربحر ته مرحوم ننڍي عمر ۾ ئي وفات ڪري ويو. هر ڳالهه جي هڪ عمر ٿيندي آهي، مون ڏٺو آهي ته عمر جي آخري حصي ۾ يعني سٺ کان پوءِ (آئون هينئر ڇاهٺ سالن جو آهيان.) ماڻهو پنهنجي فيملي ۽ ٻارن تائين محدود ٿيو وڃي صرف چند مائٽن يا دوستن سان ئي ميل ملاقات رهي ٿي. خاص ڪري لکڻ پڙهڻ واري ماڻهوءَ جي ته پوءِ سنگت صرف ڪتابن تائين محدود ٿيو وڃي. پر جيڪي ماڻهو سياست ۾ آهن تن کي نه چاهيندي ٻه ماڻهن سان رابطو رکڻو ٿو پوي، ڇو ته اها انهن جي ضرورت آهي.

صبح سوير وهنجي سَهنجي تيار ٿي اسڪول وڃبو هو. منهنجي ڏاڏي مون کي چوندي هئي ته ٽنڊپڻ ۾ تون وهنجڻ مهل ڀڄي گهٽين ۾ هليو ويندو هئين اسين پيا توکي سڏ ڪندا هئاسين. پوءِ تيار ٿي اسڪول وڃبو هو. انهيءَ وقت اسڪول ۾ ڪتاب ٿورا ڪٽي وڃبا هئا. هينئر ته پهرئين درجي جي ٻار کي ٻه وڏو ٿيلهو پُٺن تي هوندو آهي. جنهن جي بار سان ٻار گهڻو ڪري جهڪي ويندو آهي. پر اسان جي وقت ۾ تمام ٿورا ڪتاب هوندا هئا. اسڪول وڃڻ مهل يا هر روز گهٽي خرچي ملندي هئي. اهو ياد ڪونهي، پر جڏهن کان ياد ٿو پوي ته شايد اٺ آنا خرچي ملندي هئي اُن مان ڇا خريد ڪبو هو. سو ٻه ياد ڪونهي. اسڪول ۾ هينئر وانگر گهورئيڙا يا شين وڪڻڻ وارا ڪونه ايندا هئا. اسڪول کان پوءِ ڪجهه وقت لاءِ بازار مان ڪا شيءِ وٺي يڪدم گهر اچبو هو. بازار وڃڻ کي انهيءَ وقت سٺو ڪونه سمجهيو ويندو هو. انهيءَ وقت ڪنهن ماڻهوءَ کي هيٺانهون ڏيکارڻو هوندو هو ته چئبو هو ته هي ته ڪو بازاري ماڻهو آهي ۽ رات جو ڪڏهن ڪڏهن بازار وڃبو هو. جڏهن ريڊيو تي فرمائش ايندي هئي يا ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن بهاني طور، نه ته گهر ۾ ريڊيو هوندو هو جيڪو موٽر بيٽريءَ تي هلندو هو ۽ وڻ يا ڇت تي ڪاٺي ٻڌي اُن تي وائر لڳائي ريڊيو سان ڳنڍبو هو ۽ هيٺ ٻه ريڊيو مان وائر ڇڪي زمين ۾ لڳائبو هو جنهن کي ارٿ چئبو هو. ان وقت ريڊيا اڄ جي ٽي وي سائيز جا هوندا هئا. جيڪي مرفي ۽ فلپس ڪمپنين جا هوندا هئا. جن کي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ لاءِ جام ماڻهو اچي گڏ ٿيندا هئا. خاص ڪري رات جو بابا سائين گهڻو ڪري انگريزي خبرون، انگريزي پروگرام، ڪلاسيڪي ۽ نيم ڪلاسيڪي ميوزڪ ٻڌندو هو. جن کي ٻڌڻ اسان جي وس کان ٻاهر هو. باقي ان وقت کان بي بي سي ٻڌڻ جي عادت اڃان تائين ڪانه وئي آهي. گهڻو ڪري صرف ماسٽر ڪمپنيءَ جا فونوگرام ۽ رڪارڊ هوندا هئا. بابا جڏهن ٻه ڪراچيءَ مان ايندو هو ته ٻه ٽي رڪارڊ وٺي ايندو هو انهيءَ زماني ۾ گوهر جان ۽ امير جان پاني پت واري جا گانا ڏاڍا مشهور ٿيا. (79ع ڌاري بابا سڀ رڪارڊ سنڌالاجي وارن کي ڏيئي ڇڏيا.) جيڪي ڏاڍي شوق سان ٻڌندو هو. پر ڪڏهن ڪڏهن آيل مهمانن کان سواءِ هتي اهي گانا ۽ پروگرام ٻڌڻ وارو ڪير ٻه ڪونه هوندو هو. فونو يا ريڊيو گهر ۾ نه پر اوطاق ۾ رکيل هوندا هئا. جيڪا گهر جي پرسان هوندي هئي ۽ تقريباً اسان جي گهر

جيڏي ئي هوندي هئي. انهيءَ ۾ ٻه ڪمرا، وچ ۾ وڏو ڊرائينگ روم جنهن ۾ انگلش اسٽائل جو فرنيچر پيل هوندو هو. جيڪو ٻي عالمي جنگ ختم ٿيڻ وقت آمريڪا جي ڪراچيءَ ۾ جنرل "هند" جي استعمال هيٺ آيل سامان هو. جيڪو پوءِ بابا خريد ڪيو، اهو مون کي بابا سائين ٻڌايو. شيشم جي پيتيءَ تي ٻه اهوئي نالو لکيل آهي جيڪا اڄ ٻه اسان وٽ محفوظ آهي. پيتيءَ سان گڏ ٻه بيڊروم لاءِ ٻه عدد اسپرنگ سان ڪوچ ۽ الماري ٻه اڃان موجود آهن. باقي ٻيو فرنيچر ختم ٿي ويو. اوطاق جي وچئين ڪمري ۾ ڪروما پلاٽيڊ ٻه صوفا سيٽ ۽ ڊائينگ ٽيبل پيل هئا. ٻر وارن ٻن ڪمرن مان هڪ ۾ بابا جي لائبريري هوندي هئي. چئن (4) ڪٻٽن ۾ گهڻو ڪري سڀ انگريزي ڪتاب هوندا هئا. ٻيو ڪمرو بيڊ روم طور استعمال ٿيندو هو. ٻاهر وڏو اڱڻ هوندو هو ۽ اوطاق جي پُٺيان پارڪ هوندو هو جنهن ۾ شام جو بابا ۽ سندس دوست ويهندا هئا. شام جو چانهه اوطاق ۾ پئبي هئي ۽ صبح جو گهر. گهر ۾ صرف ٻه پيرا چانهه ٺهندي هئي. اوطاق اڳيان هڪ تمام وڏو نم جو وڻ هوندو هو جيڪو اڄ ٻه موجود آهي. ان نم جي بابت مون کان ماسٽر چندر ممبئي ۾ ، ۽ جمال ابڙي وفات کان ٿورو اڳ ڪراچيءَ ۾ پُڇيو هو. ٻني ۾ ان وقت والي بال راند هر روز ۽ هفتي ۾ هڪ ڀيرو ملاکڙو لڳندو هو. آئون ٻه والي بال ۽ ملاکڙي ۾ حصو وٺندو هوس، پوءِ جڏهن سنڌ لا ڪاليج جي يونين ۾ آيس ته ٻين راندين سان گڏ مَلهه کي ٻه ڪاليج ليول تائين شامل ڪرايم، پر مون کان پوءِ اهو سلسلو ڪاليج مان ختم ٿي ويو. گهر جو خرچ گهڻو ڪري بابا خود ڪندو هو پر جڏهن پاڻ ڪراچي حيدرآباد يا ٺٽي ويندو هو ته گهرجي خرچ لاءِ پهرئين ڏاڏي کي ۽ پوءِ جڏهن آئون وڏو ٿيس ته پئسا مون کي ڏيو ويندو هو. جيڪي صرف پنج روپيا هوندا هئا. اها ڳالهه پنجاهه جي ڏهاڪي جي آهي. جڏهن ڊالر پنج رپين جو هو.

محترمه بينظير ڀٽو پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ (Daughter of the East) پورب ڄائي ۾ لکيو آهي ته بابا جڏهن وزير خارجه هو ۽ بابا اَمان پرڏيهي دؤري تي ويندا هئا ته مون کي گهرجي خرچ لاءِ ويهه روپيا ڏئي ويندا هئا. انهيءَ وقت ٻه آمريڪن ڊالر ڇهه، ستن روپين جو هو. بينظير اها ڳالهه سٺ جي ڏهاڪي جي ڪئي اهي. اهو سستائي جو دؤر هو ۽ ضرورتون ٻه گهٽ هيون، ٻه ٽي وڳا ڪپڙن جا، سادي ماني جنهن ۾ هڪ قسم جو ٻوڙ هوندو هو، پئٽرول، ڊيزل ۽ ڪيميائي ڀاڻ جي لعنت اڃان ماڻهن جي زندگيءَ ۾ داخل ڪانه ٿي هئي. تعليم مفت هئي، ڪتاب، ڪپڙو ۽ دوائون بلڪل سستا هئا. هينئر ته ڪراچي ۾ او ليول ۽ اي ليول جي اسڪولن ۾ هڪ ٻار جي في هڪ مهيني جي پنجن ستن هزارن کان گهٽ ڪانهي ۽ ويهه ويهه هزار ڊپازٽ جدا ڏيڻو پوي ٿو انهيءَ وقت ۾ ڪارون، جيپون، هينئر ٻارن جي هڪ مهيني جي ٽيوشن فيءَ کان ٻه گهٽ قيمت ۾ ملنديون هيون.

اهي شهر يا ڳوٺ جيڪي دريا جي لڳ آباد هئا. انهن تي ته الله جا خاص ڪرم هوندا هئا. يعني مڇي، پلو، گانگٽ بلڪل سَستا ۽ درياءَ جي ڪپرن تي وڏا ٻيلا، جن ۾ ماڪيون، ڪنئور، لاڪ، ڪنيپون رڏپچاءَ لاءِ ڪاٺيون، گهر ٺاهڻ لاءِ وڏو عمارتي ڪاٺ ۽ درياءَ جي ڪپرن سان چيڪي مٽي، جيڪا عورتون ۽ مرد مٽن تي کڻي اچي گُنبَ جا گهر ٺاهين ۽ ان مٽيءَ سان ڏيپ ملائي چتين، پتين ۽ پٽن کي راڳو ڏيندا هئا. ٻيلن مان مال جو چارو بلڪل مفت ملي ويندو هو جنهن ڪري هر ماڻهوءَ جي گهر ۾ هڪ يا ٻه ڦر مال جا ۽ ڪن وٽ ته مال جا ڌڻ جا ڌڻ ٿيندا هئا. دنيا جون قديم تهذيبون هزارن سالن کان درياهن جي ڪپرن تي آباد نظر اچن ٿيون. دنيا جي قديم ترين تهذيب يعني اسان جي پنهنجي تهذيب ۽ ورثو موئن جو دڙو پڻ درياءَ سنڌ جي ڪپرن تي آباد هو. درياءَ جي ڪنڌيءَ تي هئڻ ڪري ٻيڙين وسيلي ٽرانسپورٽ جي سهولت ٻه هڪ تمام وڏي سهولت ۽ نعمت آهي. انهيءَ سفر جي ڪري ئي ماڻهن جو هڪ ٻئي سان ميلاپ وڌيو ۽ مختلف قبيلن جون هڪ ٻئي سان مٽيون مائٽيون ٿيڻ لڳيون. جنهن ڪري دنيا هڪ فيملي ٿي پئي.

ٻنون ٻه درياءَ جي ڪنڌيءَ تي هئڻ ڪري انهن سڀني نعمتن سان نوازيل هو ۽ آهي جنهن ڪري ٻني جا رهاڪو ٻه هميشه سُڪاريل رهيا آهن. انهن سڀني سهولتن ۽ آسائشن سان گڏ ڪجهه نقصان ٻه هئا ۽ آهن. مثلاً دريائن جي ڪپن تي جيڪي ٻه شهر آباد آهن انهن ۾ ڏوڙ مٽي اتي جي ماڻهن لاءِ هڪ وڏو آزار آهي. ٻيو ٻوڏن جو خطرو جنهن کان ٻني کي ته رب پاڪ محفوظ رکيو آهي. پر هاڻ درياءَ سنڌ تي ڊئم ۽ بئراجن ٺهڻ ڪري. دريائن مان پاڻي ئي موڪلائي ويو آهي. سو ٻوڏن وارو خطرو ٻه هميشه لاءِ ختم ٿي ويو آهي. درياءَ جي ٻنهي ڪپن تي وڏا ٻيلا سدائين ڌاڙيلن جو مرڪز رهيا آهن ۽ ٻنون ٻه اُن ڌاڙيل فئڪٽر کان محفوظ رهي نہ سگهيو آهي. ٻني ۾ پاڪستان ٺهڻ کان ٻه اڳ ڦل ماڇي نالي هڪ مشهور ڌاڙيل پيدا ٿيو جنهن تي فلم ٻه ٺهيل آهي. اَسي جي ڏهاڪي ۾ وڏي واڌ آئي. هڪ اهڙو ٻه زمانو آيو جو ٻني جي ويجهو ڪڏي ۽ ويران ٻيلو ڪراچي، دادو ۽ حيدرآباد جي ڌاڙيلن جو هڪ وڏو مرڪز ۽ منڊي ٿي پيو جت ماڻهو اغوا ٿي اچي وڪبا هئا. پر جنرل ڪرامت ۽ ڊي پي او، اي ڊي خواجه انهن کي ختم ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو جنهن لاءِ واقعي اُهي ڪيرون لهڻن. ڪن پوليس وارن جا ته ڌاڙيلن سان واسطا ٻه رهيا ۽ پاڻ مُخبر ٿي انهن لاءِ ڪم ڪرڻ لڳا پر اهو هيٺين ليول تي ٿيو، سوجت درياءَ جي ڪنڌين ته رهڻ وارن کي ڪيترا فائدا آهن ته وري اهڙن

امڪان جو ٻہ هميشہ خطرو رهندو آهي.
ڀهراڙيءَ جي زندگي سدائين خاموش ۽ سانت واري ٿيندي آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن اليڪشن، عيد ڏهاڙن يا ڪنهن حاجيءَ جو حج تان اچڻ ڪري يا بابا سائينءَ طرفان ڪنهن ڪانفرنس يا ورسي ملهائڻ ڪري ٻني ۽ اردگرد جي ماحول ۾ چرپر اچي ويندي هئي. مثلاً: شهر جو ڪو ماڻهو حج تان واپس ايندو هو تہ شهر جا ماڻهو وڏو سرگس ۽ مولودن سان ڪيس شهر مان گشت ڪرائي اچي سندس گهر ڀيڙو ڪندا هئا. پوءِ شهر ۽ پرپاسي جا سوين ماڻهو هر روز ڪيس مبارڪون ڏيڻ لاءِ ايندا هئا. ات وري هر ماڻهوءَ ڪي پيالي ۾ آب زم زم ۽ ڪجهہ ڪجور ڏني ويندي هئي. پوءِ ڪي ماڻهو ويٺي ويٺي تہ ڪي اُٿي بيهي ڪعبي شريف ڏانهن مُنهن ڪري آب زم زم پيئندا هئا ۽ رب پاڪ جا شڪر بجا آڻيندا هئا. حاجي ڪن ڪن ماڻهن لاءِ قيمي سوکڙيون بہ حج مان آڻيندا هئا. مرحوم حاجي ارباب محمد سومار ڏَلَ سال مڪان واري منهنجي لاءِ حج مان قيمتي واچ روليڪس آندي پوءِ رب پاڪ مونکي، منهنجي گهرواري ۽ ٻن پُٽن نور محمد ۽ فرخ کي بہ حج بيت الله جو ديدار ڪريو. (حضرت محمد ﷺ جو ٻہ چوڻ آهي ماڻهو هڪ ٻي کي تحفا ڏيندا ڪن.)
عيد تي تہ واقعي سڄي ڳوٺ ۾ عيد ٿي ويندي هئي. عيد رات سڄو شهر ڪليو پيو هوندو هو ۽ اسان بہ نون ڪپڙن ڪڻ ڀهاني درزيءَ وٽ ڪافي دير تائين ويٺا هوندا هئاسين. گهڻو ڪري نوان ڪپڙا سبرائي استري ڪرائي پوءِ گهر ايندا هئاسين.
عيد ڏهاڙي وهنجي سِهنجي نوان ڪپڙا پائي، وارن کي مٺو تيل هڻي اکين ۾ سرمون وجهي ۽ وڏيون سفيد چادرون ڪڍي بابا سائينءَ سان گڏ عيدگاهہ ۾ وڏين ٽالين جي هيٺان عيد نماز پڙهي پوءِ ڳوٺ وارن سان عيد ملي پرسان ئي قبرستان ۾ پنهنجي مائٽن جي قبرن تي گلن جون چادرون چاڙهي قل پڙهي، پوءِ بازار جو چڪر هڻي اوطاق تي اچبو هو، جت سَوَن جي تعداد ۾ شهر ۽ پرپاسي جا ماڻهو بابا سان عيد ملڻ لاءِ ايندا هئا.
بابا گهڻو ڪري عيد جي ڏينهن ٻن پهرن جو عيد ملن پارٽي ڪندو هو. جنهن ۾ شهر جا مُک ماڻهو شريڪ ٿيندا هئا. عيد جي ڏينهن شام جو شهر ۾ گهڻو ڪري ملاکڙو ۽ ڪوڏي ڪوڏيءَ جو مقابلو ٿيندو هو. جنهن ۾ سڄي سنڌ جا وڏا وڏا ملهہ ۽ ڪوڏي ڪوڏيءَ جا رانديگر حصو وٺندا هئا. انهن کي ماڻهو دل کولي داد ڏيندا هئا ۽ پئسا بہ گهور ڪندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن عيد جي ٻي رات اسان جي اوطاق ۾ راڳ جي محفل ٿيندي هئي جنهن ۾ بابا جي پسند جا راڳي مرحوم استاد محمد ابراهيم، مرحوم استاد منظور علي خان ۽ مراد فقير خاص طرح سان حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ مان ايندا هئا، آهي مون خود ٻڌا. جڏهن آئون ٻهريون دفعو هندستان ويس تہ ماستر چندر مون کي ٻڌايو تہ آئون ۽ بسنت بہ توهان جي اوطاق ۾ نم جي هيٺان محفل ڪري ويا آهيون. مون اڳ ذڪر ڪيو آهي تہ ورهاڱو مون کي بلڪل ياد ڪونهي. عيد ڏهاڙي بابا ۽ ڏاڏيءَ کان سواءِ ٻيا بہ ڪيئن مائٽ ۽ بابا جا دوست خرچيون ڏيندا هئا. مون کي ان وقت بشير احمد شاهہ جيڪو شايد رينج فاريسٽ آفيسر هو، تنهن سؤ رپيا خرچي ڏني جيڪا مون کي اڃان تائين ياد آهي ڇو تہ پنجاهہ جي ڏهاڪي ۾ سؤ روپيا وڏي ڳالهہ هئا. بشير احمد شاهہ مرحوم نوڪريءَ جي شروعات ٻني مان فاريسٽ گارڊ طور ڪئي ۽ پوءِ انهيءَ ئي کاتي جو وزير ٿيو، ماڻهو سچ چون ٿا تہ:

"خدا جب دیتا ہے،چھپڑ پھاڑ کے دیتا ہے"

ننڍي عمر ۾ ايترن پئسن اچڻ ڪري اصل رنگ لڳي ويندا هئا. پر عيد جي ختم ٿيڻ ۾ بہ دير ئي ڪانہ لڳندي هئي. هونئن بہ انسان جي فطرت آهي تہ ڪيس خوشيون ئي ياد رهنديون آهن ۽ ڏک وسري ويندا آهن ان ڪري ماڻهوءَ کي هميشہ گذريل وقت سهڻو لڳندو آهي ۽ پنهنجون يادون ٻڌائيندي ڍاپجندو ئي ڪونهي. ائين اسان کي بہ ننڍي هوندي جون گهاريل عيديون وسرن ئي ڪونہ ٿيون. خدا جو فرمان آهي تہ: "مون غريب امير کي خوشيون غم برابر ڏنا آهن." ٻار کي ننڍي هوندي ڪنهن پيار ڪيو، خرچي ڏني يا گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ مار ڪڍي سا ڪڏهن بہ وسرندي ڪانهي. پر سچ پچ تہ مون کي نورمحمد هاءِ اسڪول ۾ اسان جي هڪ استاد ورياٽيءَ جي مار کان سواءِ ٻي ڪا بہ اهڙي مار يا گهٽ وڌ ڳالهائڻ وارو واقعو ياد ڪونهي.
ورياٽي هڪ هندو استاد هو سندس گهر مسواڙ تي نورمحمد هاءِ اسڪول جي پٺيان ۽ سول اسپتال جي اولهہ طرف ماڙيءَ تي هوندو هو. پاڙ ٻارن کي ٽيوشن بہ ڏيندو هو پر ڪنهن آسودن مائٽن جي ٻار جي ڪائنس ٽيوشن نہ ورتي تہ تيستائين اُن ٻار کي ماريندو ۽ بيعزت ڪندو رهندو هو جيستائين وچي وٽس ٽيوشن شروع ڪري. ٽيوشن شروع ڪرڻ کان پوءِ سندس رويو بلڪل مختلف ٿي ويندو هو. پوءِ مار تہ ٺهيو اُلٽو انهيءَ شاگرد جي خوشامد ڪندو رهندو هو ۽ پوءِ سندس گهر جا دروازا ڏينهن رات انهيءَ شاگرد لاءِ کليا پيا هوندا هئا. اهڙي ڪريل ذهنيت جو استاد مون پنهنجي سڄي زندگيءَ ۾ ڪونہ ڏٺو.
پرائمري اسڪول ۾ سائين نورمحمد سومرو ۽ سائين صالح نورمحمد هاءِ اسڪول ۾ سائين بالادي ڪنهن سبب ڪري سزا

ڏيندا هئا. پر ان ۾ لالچ يا ٽيوشن جو ڪوبہ عمل ڪونہ هوندو هو ۽ نہ ئي ڪڏهن اسان دل ۾ ڪيو يا محسوس ڪيو.

عيد رات ۽ ٻي رات دير تائين عورتن جو گهر ۾ ، ۽ مردن جو اوطاق ۾ اچڻ وڃڻ ٿيندو رهندو هو تنهن ڪري ڪافي دير تائين گولو بہ ٻرندو رهندو هو. عيد جي پهرين رات خوشيءَ ۾، ۽ ٻي رات خريد ڪيل رانديڪن سان کيڏڻ جي خوشيءَ ۾ رات جو دير سان سمهبو هو. ڪڏهن ڪڏهن جيجيءَ جا مائٽ بہ عيد ڏهاڙي گهر ايندا هئا. انهن سان عورتون ٻار بہ گڏ هوندا هئا ٻارن سان راند ڪُڏي خوشي ٿيندي هئي. عيد جي ٻي رات يا ڪنهن ملاڪڙي ميلي کان پوءِ ٻني شهر ۾ رات جو شهر جي چوڪ ۾ گهڻو ڪري راڳ جي محفل ٿيندي هئي. شهر جي راڳين ۾ گلشير خاصخيلي، محمد ٽڪو، راڻي ميربحر ۽ ملهار ڪانسواءِ ٻاهر جا فنڪار بہ حصو وٺندا هئا. جنهن ۾ سکر جو رسول بخش پٽ آهي. ڪڏهن ڪڏهن ٻاهران آيل راڳين سان ناچو ڇوڪرا بہ گڏ هوندا هئا. انهن مقامي وندرن کان سواءِ بہ ٽي سال شهر ۾ پنجاب کان ٿيٽر وارا بہ ايندا هئا جن سان جانور گڏئا، ناچو عورتون ۽ ڊرامي جا فنڪار بہ هوندا هئا، جيڪي راڳ، ناچ ڊراما ۽ جانورن جا ڪرتب ڏيکاريندا هئا. انهيءَ دؤر ۾ جڏهن سخت پردي جو ماحول هوندو هو تہ ٻهراڙيءَ ۾ ائين ڇوڪرين کي نچندي ٽپندي ڏسڻ لاءِ سوين ماڻهو اچيو گڏ ٿيندا هئا. اهي ٿيٽر وارا ڏينهن جا ڏينهن شهر ۾ ديرو ڄمايو ويٺا هوندا هئا، جيسين وڃي ڏسڻ وارن جا پئسا پورا ٿين. پوءِ ٿيٽر وارا ٻني کان شفٽ ٿي ڪنهن ٻي شهر دڙي، ٻٺوري يا سوندن هليا ويندا هئا. شهر جا شوقين ڇورا بہ سندن پٺيان شهر شهر پيا رلندا هئا. انهيءَ دؤر جي هڪڙي ناچڻي جنهن جو نالو فيروزه هو ڏاڏي حسين هئي. اسڪول جون موڪلون هونديون هيون تہ بابا ڪڏهن ڪڏهن پاڻ سان گڏ حيدرآباد، ٺٽي، سجاول، ٻٺوري، دڙي، نورائي شريف، پليجاڻي، جنگ شاهي، لاڏيون، ٽيماٽي، باڍهہ، سن ۽ مهر شاهہ ۽ شاهہ فتح محمد جي ميلن تي پاڻ سان گڏ وٺيو ويندو هو. اُت هو پنهنجن دوستن سان ملاقاتون ڪرائيندو هو. اسان جي اردگرد ۾ ڪي اهم واقعا بہ ٿيا. جيئن 1930ع ۾ منهنجي ڄمڻ کان اڳ اڄ جي ٿهيل چنڊڻ موريءَ کان ٿورو اولهہ ۾ علي محمد پليجي جي کُن واري هنڌ ۽ ٻني کان چار پنج ڪلوميٽر پري، ٻچل گگو جي ڳوٺ وٽ ۽ انهيءَ کان ويهہ ڪلوميٽر پري سورجاڻ وٽ درياءَ سنڌ جي بچاءُ بند ۾ وڏا گهارا پيا انهن ٻني ۽ ان جي آس پاس واري علائقي کي لوڏي ڇڏيو.

چنڊڻ موريءَ وارو گهارو تہ ٻني جي مٿانهين طرف کان تمام ويجهو هو. پر ان جون صرف ڳالهيون ٻڌل آهن. ٻني ۽ پرپاسي جي ماڻهن لاءِ ٻيو بہ هڪ عجيب ۽ نہ وسرندڙ واقعو ٿيو. ٿيو ائين جو 1965ع واري جنگ ۾ هندستان جو هڪ جنگي هوائي جهاز ٻني کان ڏهن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي پر ٻني يونين ڪائونسل ۽ ٿاڻي جي حدن اندر ڳوٺ حاجي عثمان ٻانهيپوٽي جي بلڪل پرسان ڪري پيو. جنهن سبب سڄي ضلعي انتظاميہ ۽ فوجي آفيسر بروقت پهچي ويا. جنهن کان پوءِ الائي ڪٿان ڪٿان ماڻهو انهيءَ جهاز کي ڏسڻ لاءِ اچي پهتا. آئون ۽ بابا سائين بہ اهو جهاز ڏسڻ وياسين. بابا سائين ٻني ۾ ڪيئن پيرا سياسي جلسا ۽ ادبي ڪانفرنسون ڪرايون. ڪي منهنجون ڏٺل تہ ڪي ٻُڌل، تن ۾ ساقي سجاولي جي وفات کان پوءِ سندس ورسيون، سائين جي ايم سيد ۽ ميران محمد شاهہ جا جلسا وغيره مون پهريون ڀيرو سائين جي ايم سيد جي جلسي ۾ لائوڊ اسپيڪر ڏٺو. شايد اهو 1951ع جو سال هو. مرحوم محمد رحيم سومرو ڏگن سومرن وارو جلوس اڳيان نعرا هڻندو ويو. پٺيان ڪار ۾ بابا ۽ جي ايم سيد اچي رهيا هئا، جيڪي اچي والي بال گرائونڊ وٽ ڪار مان لٿا، وڏيڪ ڪابہ يادگيري ڪانہ ٿي پئي.

ان کان پوءِ محترمہ مادر ملت جي اليڪشن جا ۽ ٻيا بہ ڪيترائي جلسا ٿيا. مادر ملت واري جلسي ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي بہ شامل هو. ٻہ لوڪل بورڊ جون اليڪشنون مون کي بہ ياد آهن. هڪ ۾ حاجي ٻُڌو سومرو ۽ بابا اليڪشن ۾ بيٺا، ٻئي ۾ ارباب حاجي ناٿو ميمڻ موجوده تعلقي ناظم ارباب رميز جو ڏاڏو ۽ بابا اليڪشن ۾ بيٺا. ٻئي ڀيرا بابا وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيو. جڏهن تہ خانبهادر لغاري ۽ تر جي سيني وڏيرن ارباب حاجي ناٿي جي مدد ڪئي. مون کي رئيس شاهنواز لغاري ٻڌايو تہ منهنجي پيءُ گل محمد خان لغاريءَ ٻڌايو هو تہ اليڪشن جي ڏينهن منهنجي ڪمدار کان مون قسم کڻائي پُڇيو تہ تو ووٽ ڪنهن کي ڏنو تہ مون کي جواب ڏنائين تہ مون ووٽ ارباب نورمحمد پليجي کي ڏنو. جڏهن تہ گل محمد لغاريءَ وارا ارباب ناٿي ميمڻ جي مدد ڪري رهيا هئا. اهو جواب ٻڌي بابا گهوڙي تي چڙهي ڳوٺ هليو آيو ۽ اليڪشن جي رزلٽ کان اڳ اسان کي ٻڌايائين تہ پاڻ اليڪشن هارائي چڪا آهيون. انهيءَ اليڪشن ۾ رسول بخش پليجو ۽ ٻين جنگ شاهي مان وڏي تعداد ۾ پليجن اليڪشن ورڪ ۾ ٻني اچي بابا جو ورڪ ڪيو هو ۽ مون پهريون ڀيرو رسول بخش پليجي جي تقرير ٻڌي. ڪڏهن ڪڏهن تہ بابا راڄ جي وڏي شاديءَ ۾ بہ راڳ رهاڻ سان گڏ ادبي ڪانفرنس بہ ڪرائي ڇڏيندو هو. اُنهن مان مون کي مرحوم وڏيري اسحاق جي شاديءَ ۾ ٿيل ادبي ڪانفرنس ياد ٿي اچي.

انگريزن جي وقت ۾ ٻنون ڪانگريس جي سياست جو مرڪز هوندو هو. انهيءَ دوران ٻني ۾ پوليس طرفان بابا جي جلسي ۾ فائرنگ جو واقعو ٿيو. جيڪو پوءِ سڄي هندستان ۾ ڏاڍو مشهور ٿيو ۽ ان وقت جي سيني اخبارن ۾ انهيءَ واقعي جو ذڪر ۽

سياسي رهنمائن ۽ سياسي پارٽين طرفان اُن جي وڏي پئماني تي مذمت ڪئي وئي. هڪ ڀيرو آل سنڌ ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ٻني ۾ اسان جي اوطاق تي ٿي جنهن ۾ ملڪ جي وڏن وڏن ڪانگريسي ليڊرن شرڪت ڪئي.

اسان جو گهر مسجد شريف جي بلڪل سامهون هئڻ ڪري اسان ننڍپڻ ۾ ڪڏهن ڪڏهن نماز به پڙهندا هئاسين پر روزا باقاعدگيءَ سان رکبا هئا. رمضان شريف جي مهيني ۾ گهر ۾ بلڪل ڪنهن به قسم جو رڌپچاءُ ڪونه ٿيندو هو. گهر جي ڪنهن ڀاتيءَ ڪنهن سبب ڪري روزو نه رکيو پر پوءِ به کيس کاڌي لاءِ ڪجهه به ڪونه ملندو هو. لِڪَ ڇپ ۾ ڪو پڪوڙو، سموسو مليو يا نه. ورنه بي روزاتي کي به روزاتي جهڙي بُک برداشت ڪرڻي پوندو هئي ۽ کيس سڄو ڏينهن پاڻيءَ تي گذارو ڪرڻو پوندو هو. مون کي ياد ٿو اچي ته هڪ دفعي مون ۽ محمد رحيم سيف روزو ڪونه رکيو هو ۽ ماستر نعمت جي جڳهه تي ڪا ڪاٺ جي شيءِ ٽانڊي تي گرم ڪئي سين ته اَن ٽانڊي جي دونهين کي ڏسي پاڙي جا ماڻهو اچي اسان کي ڇنڊ ڪڍي ويا. ته واهه ميان واهه! رمضان شريف جي بابرڪت مهيني ۾ توهان اهڙا پيا ڪم ڪريو. اسان ڏاڍي شرافت ۽ سواءِ ڪنهن سوال جواب جي ٽانڊي ۾ پاڻي وجهي وسائي ڇڏيو ۽ وري ڪڏهن به ائين نه ڪيوسين. انهن ماڻهن ۾ مرحوم اسماعيل خالق ڏنو پليجو به شامل هو. جيڪو اسان کي هميشه انبن جي موسم ۾ پنهنجي انبن جي تغاريءَ پري گهر ڏئي ويندو هو. ان جي وفات کي به ڪئين سال ٿي ويا آهن. پر جڏهن به انبن جي موسم ايندي آهي ته الائي ڇو مون کي خودبخود اسماعيل خالق ڏنو ياد اچي ويندو آهي. ڪيڏي ننڍي ڳالهه پر ڪيڏي وڏي يادگيري، شاهه سائين جو بيت آهي ته:

ڪڇن وڏا ڀانڊ، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا

واقعي ڪي ڳالهيون ۽ واقعا زندگيءَ پر ڪونه وسرندا آهن. نه ته اسان جي باغ تان جيڪي انب ايندا آهن تن ۾ هزارن ۾ نه ته به سون جي تعداد ۾ ته ضرور سڄي سيزن ۾ خراب ٿيندا هوندا پر اسماعيل جا ڏنل پنجويهه انب اڄا تائين ڪونه ٿا وسرن.

ننڍپڻ ۾ روزا، نماز، تهجد، روزن رکڻ لاءِ جاڳڻ ۽ روزي کولڻ مهل روزاتن لاءِ گهران ماني، فروٽ ۽ شربت پهچائڻ ۽ ثواب ڪمائڻ جو شوق هوندو هو. ڇو ته اسان وٽ ثواب پڻ هڪ نفعي وارو عمل آهي. جنهن سان ثواب به ڪمائجي ٿو، معنيٰ ته ثواب به هڪ منافعي وارو ڌنڌو آهي نه ڪي الله جو حڪم يعني الله جي عبادت ۾ به واپار ۽ ڪمائي واري سوچ موجود آهي.

بابا سائين انقلابي ۽ سيڪيولر خيالن جو ماڻهو هو، سائين جي ايم سيد جو ڪتاب "جئين ڏٺو آهه مون" ڇپرائڻ عيوض مٿس سائين جي ايم سيد سان گڏ مُلن ڪُفر جي فتويٰ ڪڍي ان جي برعڪس منهنجو پڙڏاڏو ارباب نورمحمد پليجو هڪ ديني عالم ٿي گذريو. جنهن پنهنجي سموري ديني تعليم مخدوم نوح رحمة الله عليه هالن واري جي مدرسي مان حاصل ڪئي. پاڻ ننڍي هوندي کان ئي اُت رهيو ۽ پڙهيو پنهنجي تعليم مڪمل ڪري اچڻ کان پوءِ شادي ڪيائين. سندس پهرين گهرواري اسان جي خاندان مان ۽ ٻي گهرواري سال مڪان جي دَل برادريءَ مان ڪيائين. پاڻ تعليم مڪمل ڪري جڏهن ٻني آيو تڏهن اسان جي گهر اڳيان وڏي جامع مسجد ٺهرايائين. ان ۾ ديني تعليم لاءِ مدرسو قائم ڪيائين ۽ انهيءَ کي مستقل هلائڻ لاءِ سال مڪان جي وڏي عالم مولوي حاجي محمد سليمان شوري کي ٻني آندائين ۽ ان کي رهائش لاءِ پنهنجي اوطاق ڏنائين. انهيءَ ۾ هينئر ميان عبدالشڪور قاضيءَ جو گهر آهي.

بابا عيد نماز ڪانسواءِ نماز ڪڏهن ڪڏهن پڙهندو هو پر جڏهن نجف علي شاهه جهانيا پوٽن وارو ٻني ۾ ايندو هو ته پوءِ انهن ڏينهن ۾ مولوي محمد يوسف ٻني وارو، مولوي محمد راهوٽ وارو ۽ ٻيا مولوي تراويح نماز کان پوءِ اسان جي اوطاق ۾ اچي بابا سان خيالن جي ڏي وٺ ڪندا هئا. جيڪا گهڻو ڪري سڄي رات هلندي رهندي هئي. وڏا چوندا هئا ته وڏي ڏاڏي ارباب نورمحمد جي زمين ٻاويهه سَو ايڪڙ هئي پر ٽن نسلن ۾ اها گهٽجي وڃي به سَو ايڪڙ رهي. بابا سائين جي وفات وقت سَو ايڪڙ منهنجي گهرواريءَ جي نالي، پنجاهه ايڪڙ مير نصير جي نالي ۽ پنجاهه ايڪڙ بابا سائين جي نالي زمين هئي جيڪا سندس وفات کان پوءِ سندس وارثن ۾ ورهائي وئي ۽ ڪجهه وڪيل هئي. منهنجي نالي به ديهه ڪوتڪيه ۾ هڪ سَو سترهن ايڪڙ زمين ڪٽ ٿيل هئي پر اها قسطن نه ڀيارڻ ڪري ڪئنسل ٿي وئي هئي. اها پوءِ مون بابا سائين جي وفات کان پوءِ قسطون ڀياري بحال ۽ آباد ڪرائي. اسان جي علائقي جي ڳوٺن ۽ ماڻهن جو ذڪر پهريائين تاريخ جي ڪتاب "تحفته الڪرام" ۾ نظر اچي ٿو. جنهن ۾ ٻني جو ته ذڪر ڪونهي پر ٻني جي پرسان راهوٽ ڳوٺ جو ۽ ان ڳوٺ جي هڪ بزرگ مخدوم صدرالدين راهوٽيءَ جو ذڪر ملي ٿو. (ڏسو صفحو 430) ۽ پليجار پرڳڻي جو به ذڪر ملي ٿو ته پليجار پرڳڻي جا حاڪم ٺٽي جي سيدن کي ستر ڪراڙ اَن ڏيندا هئا ان جو تحفته الڪرام ۾ هنيئن ذڪر آهي ته:

"ميان نورمحمد 1155هه سال ۾ سيد عبداللطيف بن سيد عبدالمجيد کي پليجار پرڳڻي تي ستر ڪراڙ سارين جي سَنَدَ لکي

ڏني. جيڪا پوءِ بہ وارثن ڪي ملندي رهي. آخر ۾ اها سند مير علي شير قانع جي والده ڪي ملي ڇو تہ مير علي شير قانع جو نرينو اولاد ڪونہ هو.“

پيو تہ تحفتہ الڪرام جي صفحي 449 تي پليجار پرڳڻي جي ڳوٺ ۽ بزرگن جو ذڪر ملي ٿو. صفحي 453 تي شاهہ فتو ”جنهن ڪي هاڻ شاهہ فتح محمد جي نالي سان ياد ڪيو ٿو وڃي.“ جو ذڪر آهي ڏيہو ڳوٺ بابت لکيل آهي تہ اهو پليجار پرڳڻي جو ڳوٺ هو. جيڪو لڳي ٿو تہ ڇورائي پليجن ۽ ريلائي پليجن ضلعو حيدرآباد جي ڳوٺن ويجهو ڪٿ ڳوٺ هو ۽ اهو سڄو علائقو ٻڌڪا ٽڪر جي اردگرد وارو علائقو آهي. جنهن بابت ”چچ نامو“ جي صفحي 473 تي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي اضافي نوٽ ۾ لکيو آهي تہ: 179/ (132) اشبهار: فارسي متن جي فاضل ايڊيٽر جي خيالن ۾ اهو قلعو نيرون ڪوٽ سيوهڻ جي وچ ۾ هو.

*(ڏسو فارسي ايڊيشن ص 162 حاشيہ ص 132)*

مگر اهو صحيح نہ آهي. محمد بن قاسم ديبل فتح ڪرڻ بعد نيرون ڪوٽ فتح ڪيو ۽ ان بعد سيوهڻ ڏانهن روانيو ٿيو ۽ سيوهڻ ۽ ٻڌيہ جي فتوحات بعد موٽي نيرون ڪوٽ آيو انهيءَ دوران ۾ بلاذري جي فتح البادان خواهہ فتحنامي ۾ اشبهار جي فتح جو ڪوبہ ذڪر ڪونهي. جنهن جي بنياد تي چئجي تہ اهو قلعو نيرون ڪوٽ ۽ سيوهڻ جي وچ ۾ هو. هن قلعي تي محمد بن قاسم نيرون ڪوٽ کان ڏکڻ لاڙ طرف مهراڻ ٽپڻ لاءِ ويندي وقت چڙهائي ڪئي. اشبهار جي نالي ۾ بهار جي پڇاڙيءَ مان ظاهر آهي تہ هن قلعي ۾ بہ ڪو ٻڌ ڌرم جو مندر هو. ٽنڊو محمد خان لڳ ٻڌ جا ٽڪر اهڃاڻ ڏين ٿا تہ غالباً هي قلعو انهيءَ ايراضيءَ ۾ هو.

*(ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صفحو 473)*

منهنجي پنهنجي راءِ آهي تہ ٻني جو آڳاٽو نالو ڏيہو هو ۽ اهو ٻڌڪا ٽڪر جي پرپاسي ڪٿ آباد هو. وڏن جو چوڻ آهي تہ هي ستون ٻنون آهي ڊاڪٽر جيمس برنس پنهنجي ڪتاب ”سنڌ جي دربار“ جيڪو هن 1828 ع ڌاري لکيو. تنهن ۾ جيڪو ٻني جو نقشو چٽيو آهي سو بہ هينئر واري ٻني سان ٺهڪي ٿو ملي. مثال هو صفحي 34 تي لکي ٿو تہ:

”ٻني کان ٿورو مٿي سنڌونديءَ مان هڪ عاليشان نهر نڪتل آهي جا نهايت تجمل سان ڪلاڪ ۾ ٽن ميلن جي رفتار سان تيز وهي ٿي. ان جو سڄو پيٽ هر وقت ٻيڙين سان پريل رهي ٿو.“

موجوده ٻني مٿان هڪ ننڍو واهہ لنڊي نالي وهندو هو جنهن ۾ تہ ٻيڙي هلڻ يا بيهڻ جي گنجائش بہ ڪانہ هوندي هئي. البت وري بہ هينئر ڳوٺ ريل مولچند جي پرسان جت هينئر بہ پليجن جا ڳوٺ ۽ ٻنيون آهن. ات مولچند نالي واقعي هڪ وڏو واهہ درياءَ مان نڪرندو هو جت ايتريون ٻيڙيون بيهڻ جي گنجائش هئي ۽ اڄ جي ٻني پرسان پراڻي پيچاريءَ جو مُنهن بہ وڃيو اُت دنگ ڪري جنهن ڪي ٻني جا ماڻهو اڄ ڪوري ٿا چون. پراڻي زماني ۾ درياءَ ڪي بند ڪونہ هوندا هئا ۽ پنهنجي مرضيءَ سان وَهڻ ڪري جيڪا بہ سندس اڳيان شيءِ ايندي هئي. تنهن ڪي درياءَ لٽي ڇڏيندو هو. جنهن جو مثال ”موهن جو دڙو“ آهي. جنهن جي کوٽائي ڪرڻ سان شهرن مٿان شهر پوريل نظر ٿا اچن ۽ هت بہ درياءَ صدين کان وهندو نظر ٿو اچي ۽ ڪيترا ٻيرا هت بہ کوٽائي سان ڪئين تاريخي شيون هٿ آيون آهن. جنهن جو ذڪر ڊاڪٽر الانا جي ڪتاب ”لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ“ جي صفحي 82 ۾ ملي ٿو تہ:

”جهرڪن جي سامهون درياءَ جي ٻي پر واري ٽڪر ڪي ‘ٻڌن جا ٽڪر’ يا ٻڌڪا ٽڪر چيو ويندو آهي. انهن آثارن جي نالي مان ظاهر آهي تہ هي ٻُڌ دؤر جي يادگار آهي.“

انهيءَ آثارن جو ذڪر ڪندي ‘مسٽر ڪارٽر’ پہ ننڍڙا دڙا ڳولي لڌا هئا. جن جي سرن جي مقدار ۽ ڊول مٽاڇري جي ڪم آندل رنگ، ڪاريگريءَ ۽ لکت ڪي جاچيندي ڪيس ٻُڌ ڌرم جي ٻن راجائن جا نالا ڏسڻ ۾ آيا جي ساڳئي زماني ۾ يمني راڄا ڪَنشڪ جي زماني تي گذريا آهن. اهي حاڪم ۽ اهي نشان ميرپورخاص واري دڙي جي زماني جا هئا. موجوده وقت هن ٽڪر تان اهڙيون سرون هٿ اچن ٿيون. جن تي ‘ٻڌ ديوتا’ جي تصوير چٽيل هوندي آهي. ساڳئي ڪتاب ‘لاڙ جي ادبي ثقافتي تاريخ’ جي صفحي 83 تي پليجن جي قبرستان جو ذڪر ٿيل آهي. اهو قبرستان ٻني جي سامهون درياءَ جي هن پار قائم آهي. جنهن جو ذڪر ‘مسٽر ڪارٽر’ ڪيو آهي ۽ بدر ابڙي سنڌوءَ جو سفر ۾ بہ ڪيو آهي.

الانا صاحب لکيو آهي تہ:

”اُت قبرستان ۾ ست رانڪون آهن جن ۾ هڪ رانڪ انور بيگ پليجي جي آهي. جيڪو اسان جو ڏاڏو هو. “

سائين جي ايم سيد پنهنجي ڪتاب ”جنب گذاريم جن سان“ جي صفحي 451 تي بابا ارباب نورمحمد پليجو جو احوال لکندي پليجن ۽ اسان جو شجرو هيئن بيان ڪيو آهي.

هڪڙي شجري مطابق سماٽ جي سڀ ڪان وڏن ڏاڏن جا نالا جکرو ۽ جادم هئا. جادم ”يادو“ لفظ مان بدليل آهي جنهن جو چوڏهين پشت تي سمون نالي سان ماڻهو پيدا ٿيو جنهن جي مُک پٽن مان هڪ جو نالو جهام ڪاک هو ان جي پٽ جهام رائدان (يا راءِ ڏن- راڏڻ- راڏو) جي اولاد مان پليجا شمار ڪيا وڃن ٿا.

معلوم ائين ٿو ٿئي ته اهي اصل ۾ ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ طرف کان سنڌ ۾ آيل آهن. هن وقت اهي ٺٽي ضلعي ۾ گهڻي تعداد ۾ ۽ خيرپور، حيدرآباد، دادو ۽ لاڙڪاڻو ضلعن ۾ ٿوري تعداد ۾ رهن ٿا. هنن سيني گڏجي ارباب نورمحمد کي پنهنجو پڳدار يا صدر مقرر ڪيو آهي. نورمحمد جي وڏن جا نالا هيٺين طرح معلوم ٿي سگهيا آهن.

”نور محمد بن عبدالحئي بن نورمحمد بن محمد جعفر بن ميرڻ بن نورمحمد بن علي انور عرف راڏو. سندن سلسلو طريقت سيد عالي عليہ الرحمت شيرازي ٺٽوي جي معرفت سهروردي ٿئي ٿو. جنهن جا سنڌ ۾ مکيہ مرڪز مخدوم بلاول عليہ الرحمة، مخدوم نوح ۽ اُچ ۽ ملتان جا بزرگ هئا.“ *(جنب گذاريم جن سين صفحو 451)*

انگريز سياحن ۽ محققن ٻني جو ذڪر سنڌونديءَ ۽ پيچاري ڦاٽ جي حوالي سان ڪيو آهي ۽ انهن جو رايو آهي ته:

”سڪندر جڏهن هندستان مان واپس روانو ٿيو ته هو درياءِ سنڌ نہ پر پيچاري ڦاٽ مان گذري سمنڊ پهتو ۽ پوءِ اتان يونان روانو ٿيو.“

ٿالمي ته پراڻي Bonis کي هينئر وارو ٻنون بيان ڪري پيش ڪيو آهي. (سنڌ هڪ عام جائزو ايچ ٽي لئمبرڪ صفحو 459) ان کان سواءِ (سنڌ هڪ عام جائزو ايچ ٽي لئمبرڪ ص 44)، (سنڌ جي درٻار جيمس برنس صفحو 32-33-34- 115)، (سنڌ ۾ انگريزن جي حڪمت عملي ايڊرين ڊيورٽي صفحو 179) (سنڌوءَ جو چوڙ وارو علائقو جنرل هيگ صفحو 14) ۾ ٻني ۽ پيچاري جو ذڪر ڪيو آهي. ٿي سگهي ٿو ته ٻين مؤرخن بہ ٻني ۽ پيچاري بابت لکيو هجي.

ٻني جي شهر ۽ ان جي ويجهڙائي ۾ راهوٽ جي شهر ۾ ورهاڱي کان اڳ هندو وڏي تعداد ۾ رهندا هئا ٻني شهر ۾ ته مسلمانن کان بہ زياده گهر هندن جا هئا، جيڪي پڪن گهرن ۽ ماڙين ۾ رهندا هئا. شهر ۾ سواءِ هڪ دڪان جي، جيڪو بہ بازار کان ٻاهر ڪمون ميمڻ جو هو، باقي سڄو واپار ۽ سارين جا بہ ڪارخانا ۽ سرڪاري نوڪرين ۾ بہ صرف هندو هوندا هئا. شهر جي سيني هندن جو چڱو مڙس يا مکي، ٻالچند هوندو هو، جيڪو ماڙيءَ ۾ رهندو هو. شهر ۾ هندن جا سَوَ کن گهر هوندا هئا ۽ ايترائي سندن دڪان هئا. شهر ۾ هندن جا بہ وڏا عاليشان مندر هئا، جن جا سنڀاليندڙ هر هڪ مهراج کيمچند ۽ مهراج ڏاڙهون هئا. باقي ڪارخانيدار هر هڪ تلوڪ چند ۽ رام چند حيدرآباد جا سيٺون هئا. جيڪي ڪڏهن ڪڏهن هت ايندا هئا نہ ته انهن جا منشي ڪارخانا هلائيندا هئا. ماسترن کان سواءِ ٻيا سڀ هندو ملازم ٻاهر جا هئا. هندو سرڪاري ملازمن جا نالا هن ريت هئا:

| | |
|---|---|
| پوليس جمعدار: | نارائڻ داس |
| رينج فاريسٽ آفيسر: | ديوان بخشياڻي |
| ميڊيڪل آفيسر: | ڊاڪٽر هوتچند، ڊاڪٽر رامچند ۽ ڊاڪٽر آسانند |
| سب انجنيئر: | منچاڻي |
| هيڊماستر: | ٻڌومل |
| ٽپيدار: | چنديرام |

اهڙي طرح سان تعلقي آفيس ٻنوري ۾ بہ سرڪاري ملازم گهڻو ڪري سڀ هندو هوندا هئا. شهر ۾ هندن کان سواءِ مسلمانن جا بہ سَوَ کن گهر هئا جنهن ۾ پليجا، ميمڻ، سُرهيا، عباسي، ڌوٻي (عباسي) لوهار (سما) مگڻهار، کٽي، خاصخيلي، شورا، عمراڻي، کنيار، پاٽني، موچي، ميربحر (جن کي بائيداڻي سڏبو هو) ۽ شيدي رهندا هئا. هندن جي وڃڻ کان پوءِ شهر ۾ ڪيترا ٻاهريان ماڻهو بہ اچي رهڻ لڳا. هندن جا اڄ بہ شهر ۾ ڏهاڪو کن گهر آهن پر اهي سڀ ورهاڱي کان پوءِ اچي شهر ۾ عارضي طور تي آباد ٿيا آهن. جن جا ويهہ کن دڪان شهر ۾ ٿيندا.

مون ورهاڱي کان پوءِ هندن جا جيڪي گهر ڏٺا اهي گهڻو ڪري خالي هئا. مقامي ۽ غيرمقامي ماڻهن اچي مَٿن قبضو ڪيو هو. ورهاڱي کان پوءِ آئون ٻه ڀيرا هندستان ويس ۽ اُت ٻو سال ۽ جل ڳائون ۾ وڃي ٻني جي هندن سان مليس جن مون کي بي پناهہ محبت ۽ عزت ڏني. اجنتا، الورا، اورنگ آباد پٽنا ديوي گهمايو. پاڻ مون سان واعدو ڪيائون ته اسان هڪ ڀيرو ٻني ضرور ايندا سين. خاص ڪري ڪُندن مل ته پاڻ ٻني اچڻ لاءِ ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر ڪيس ويزا ڪانه ملي. ڪُندن جو هڪ دوست دادا گوبند پنجابي هندستان مان سنڌ آيو ته ٻني به آيو. انهيءَ سفر جو احوال اڳتي ايندو.

هندستان مان اچي مون ديس بديس نالي هندستان جو سفرنامو لکيو جيڪو سنڌ ۾ ٻه ڀيرا ۽ هندستان ۾ هڪ ڀيرو ٽيڪواٽي ٽرسٽ وارن ڇپايو. ڏاڍو قرب ۽ پيار هو منهنجي ٻني جي هندن ۾. ڪندن ۽ ٻني جي ٻين دوستن به مون کي هندستان وڃڻ کان اڳ ڪئين خط لکيا. هڪ خط مان توهان هنن جي سڪ پيار ۽ محبت جو اندازو لڳائي سگهو ٿا. مون ٻني جا هندو هندستان ۾ وڃي ڏٺا پر هو پاڻ وري ڪڏهن به سندو- سنڌ ۽ ٻنون ڏسي ڪين سگهيا. شل سدائين آباد هجن. پاڪستان ٺهڻ کان ترت پوءِ ٻني ۾ مهاجرن جا ٽيهہ، چاليهہ کن گهر اچي آباد ٿيا پر هڪ عجيب اتفاق ٿيو، جو هنن جي هت اچڻ شرط منجهن ڪا بيماري پئي ۽ سندن هڪ نه ٻي ڏينهن ڪونہ ڪو ماڻهو مرڻ لڳو ۽ ائين سندن ٻن ٽن مهينن ۾ ويهہ ٽيهہ کن ماڻهو مري ويا. ۽ پوءِ پاڻ جلدئي ٻنون ڇڏي هليا ويا.

ورهاڱي کان پوءِ ٻٽن سالن ۾ ڪئين هندستاني ڪليم جا ڪاغذ ڪٺي ٻني پهچي ويا ۽ مقامي ماڻهن کي اهي ڪاغذ ڏيئي پيسا وٺي روانا ٿي ويا. ڪن ڪليم وارن اهي ڪليم ٻٽن ٻٽن ماڻهن کي وڪڻي ڏنا ۽ ڪليم خريد ڪرڻ وارا ماڻهو اجان پيا ڪورٽن ۽ روينيو بورڊ جي آفيسن جا چڪر لڳائين. جڏهن ته ورهاڱي کي اڄ ٻاهٺ سال ٿي ويا آهن. پر هندن ورهاڱي وقت ٻنون ڇڏڻ مهل ڪنهن به ماڻهوءَ سان ڪابہ چالبازي ڪانه ڪئي. جڏهن ته هو هميشہ لاءِ هتان وڃي رهيا هئا. ورهاڱي وقت سڄي هندستان ۾ نفرت جا درياءَ ۽ رت جون نديون وهي ويون پر سڄي هندستان ۾ سنڌ واحد صوبو هو جت ٻنهي طرفن کان لڙڪن جون نديون وهيون. نه ته ٻنهي جو ماضي ڪو شانت سان ڪونہ گذريو هو. هِندن جي ڇڏيل ملڪيت ۾ تلوڪ چند وارو سارين جو ڪارخانو سيٺ سليمان کي ڪليم ۾ مليو ۽ زمينون وڏي تعداد ۾ اُم سڪينہ کي ڪليم ۾ مليون. ۽ ٻہ سؤ کن ايڪڙ عبدالعزيز کي ملي جيڪي سڀ زمينون وڪڻي ٻني مان هميشہ لاءِ هليا ويا. باقي هندن جا گهر ۽ دڪان 1960 ع ۾ عام نيلام ٿيا جيڪي سڀ ٻني شهر جي ۽ اردگرد جي ماڻهن ئي خريد ڪيا. اڄ سٺ سالن کان پوءِ ٻه هڪ به مهاجر ٻنون ته ٺهيو پر سڄي تعلقي ٻنوري ۾ توهان کي نظر ڪونہ ايندو. سواءِ هڪ ٻه گهرن جي، جيڪي ٻنوري ۾ آباد آهن. هاڻ ٻنوري تعلقي جي دريا خان سوهو يونين ڪائونسل ۾ ڪراچيءَ جي هڪ پنجابي فيملي پنج ڇهہ ملون هنيون آهن. جنهن ۾ الڪوهل، چڪ بورڊ، پلاسٽڪ جون ٻوريون، شگرمل، ايئرڪنڊيشن پلانٽ ۽ موٽر پلانٽ شامل آهن. تنهن ته ٿتي ضلعي ۾ هڪ ننڍو پنجاب ٺاهي ڇڏيو آهي، جتي تقريباً سڀ ملازم پنجابي آهن. سواءِ ايڪڙ ٻيڪڙ سنڌين جي، سي به صرف نمائش خاطر رکيا ويا آهن جئين قسم ڪٽڻ جهڙا ٿين ته اسان وٽ سنڌي ملازم به آهن. سيٺ کي سندس ملازم وقار دڙي ۾ موڇڙا به هنيا.

اسان جي ڳوٺ ٻني ۾ پنجاهہ سٺ سالن کان هڪ پوليس اِسٽيشن قائم آهي. اهڙي پوليس اسٽيشن جهڙيون تعلقي ۽ ضلعي هيڊڪوارٽر ۾ قائم آهن. ٻني جي پرسان دڙو ٻني کان پنجوڻو وڏو شهر آهي پر اتي به صدر ٿاڻو يا مڪمل پوليس اسٽيشن سال 2002 ع ۾ قائم ٿي آهي. مون کي خبر ناهي ته هيڏو وڏو ٿاڻو هيڏي ننڍي شهر ۾ انگريزن جهڙي عقلمند قوم ڪئين قائم ڪيو ۽ ڪين ڪهڙي ضرورت محسوس ٿي جو غريب مسڪين ڳوٺاڻن مٿان هيڏي وڏي مصيبت نازل ڪري ڇڏيائون. مون کي پنهنجي سڄي زندگي ۾ ڪوبہ پوليس جو اهڙو واقعو يا ڪارنامون ياد ڪونهي جنهن تي پوليس فخر ڪري سگهي.

ٻہ ڀيرا شهر اندر ڏاڙيل اچي ٻہ ماڻهو قتل ڪري ويا جنهن ۾ هڪ ميربحرن جو نوجوان ڇوڪرو محمد علي ۽ ٻيو قتل عباسين جي جوان ڀچڙيوال عورت جو هو پر پوليس ڪجهہ ڪونہ ڪيو. محمد علي جي قتل وقت ته پوليس ڏاڙيلن جو ٻڌي شهر مان ڀڄي وڃي ٿاڻي اندر گيٽ کي تالو هڻي ويهي رهي. عباسين جي عورت جي قتل واري واقعي ۾ مون خود ٿاڻي وارن کي فون ڪري ڇيو ته جي توهان واردات تي اچڻ ۾ دير ڪئي ته آئون ايس پي کي ٿو فون ڪري ڇوان. پوءِ پوليس ته آئي پر تيستائين ڏاڙيل واردات ڪري روانا ٿي چڪا هئا. اسان جي ڳوٺ ۾ پوليس جو ڪردار پڻ سڄي سنڌ جي پوليس جهڙو آهي. پنهنجي پنجهٺ سالن جي عمر ۾ مون اڪين هنن پوليس کي ڇا ڪندي نه ڏٺو ان مان هڪ نه وسرندڙ واقعو توهان کي به ٻڌايان ٿو.

شايد هي سٺ جي اوائل جي ڳالهہ آهي ان وقت ٻني ۾ برني نالي هڪ پنجابي ايس ايڇ او هوندو هو. ٿيو هيئن جو ڪنهن ماڻهوءَ ٿاڻي تي اچي شڪايت ڪئي ته منهنجي پٽ سان گلو ميربحر زوري ڪئي آهي. ۽ برني عراق جي ابو غريب جيل وانگيان پنهنجي اسٽاف کي حڪم ڏنو ته هن کي اگهاڙو ڪري هن جي ضروري حاجت واري جڳهہ ۾ ڪاٺي وجهو ۽ انهيءَ ڪارروائي

دوران هن جي جان مان ايترو تہ رت وهيو جو هو غريب مسڪين اُهي سور نہ سهي ترت مري ويو. نہ داد نہ فرياد! هڪ انسان جو قتل سڄي انسانيت جي قتل برابر آهي.

مون کي لنڊن ۾ هڪ دوست ٻڌايو تہ هت ماڻهو پوليس جي خلاف نہ پر پوليس ماڻهن جي خلاف بالا آفيسرن وٽ شڪايت ڪندي آهي تہ هي هي ماڻهو يا گروهہ ڊيوٽي دوران يا نجي زندگيءَ ۾ اسان کي تنگ ڪندا آهن ۽ پوليس جي شڪايت جو ڪاتي ۾ باقاعده هڪ سيل قائم آهي. جنهن جي هر سال ساليانِي رپورٽ جاري ڪئي ويندي آهي ۽ اهڙيون رپورٽون اخبارن ۽ رسالن ۾ بہ شايع ڪندا آهن.

اسان بہ نندپڻ کان هيستائين اهو سڀ ڪجهہ ڏسي ۽ ٻڌي رهيا آهيون. سواءِ صوبيدار جي بدليءَ جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهيا آهيون. هڪ ماڻهو هن سڄي سسٽم ۾ ڇا ٿو ڪري سگهي. جڏهن تہ ان ڏس ۾ ملڪ جون سياسي پارٽيون يا هيومن رائيٽس وارا بہ ڪجهہ ڪونہ ڪري سگهيا آهن. عام ماڻهو تہ ٺهيو پر مون پوليس اڳيان ڪيترا پوليس جا وڏا آفيسر بہ بيوس ڏٺا. ان جا ڪيئن مثال آهن، پر ڪيترا مثال ڏئي ڪيترا ڏجن.

شهيد پٽو جو دؤر حڪومت اهڙو دؤر هو جو سڄي نوڪر شاهي سان گڏ پوليس کي بہ ڪي قدر لغام مليو. مون کي پنهنجي سڄي زندگي ۾ صرف هڪ پيرو محترمہ پٽو جي دؤر حڪومت ۾ حيدرآباد قلعي آپريشن دوران پوليس جو ڪردار وڻيو. شيخ اياز پنهنجي لکڻين ۾ ٺاڻي کي گهاٽي سان تشبيح ڏني آهي. پوليس جي هيڏين ڪوتاهين هوندي بہ آئون ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ پوليس کي درست ڪجي نہ ڪي ان کي ختم ڪجي ڇو تہ سنڌي صدين کان غلام قوم رهي آهي ۽ اڄ بہ آهي. سو جيڪڏهن ڪين ٿوري بہ ڇوٽ ملي ۽ پوليس جو ڊاپو ختم ٿيو تہ جيڪر هڪ ٻي جون اکيون بہ ڪڍي ڇڏين.

# انگريز سرڪار ۽ ورهاڱي کان پوءِ واري سنڌ

جڏهن سر چارلس نيپيئر حيدرآباد قلعي ۾ سنڌ جو ستن اچين ۽ ڳاڙهين پٽين وارو جهنڊو لاهي يونين جيڪ وارو جهنڊو ڦڙڪايو هو ۽ سنڌ کي ايسٽ انڊيا ڪمپني بهادر جي راڄ سان ملائي ميرن جا فرسوده ۽ ڪل جهڙا قانون ختم ڪيا جنهن ۾ چورن ۽ ڌوهارين کي ڏاڙهي مُڃون ڪوڙي يا ڪاراٽ سان مُنهن ڪارا ڪرڻ ۽ ٻروچن کي پنهنجي زال کي قتل ڪرڻ جو قانوني حق (ڏسو سورلي جو گزيٽر صفحو 707) کي ختم ڪري جديد طرز تي سچي حڪومت قائم ڪئي جنهن ۾ پوليس بہ اچي وڃي ٿي.

انگريزن ڪلهوڙن ۽ ميرن جي گادي واري شهر حيدرآباد کي الوداع چئي ڪراچي کي پنهنجي گادي وارو شهر ٺاهيو جنهن پاڻ 1839ع کان ريئر ائڊمرل فريڊرڪ ميٽل جي ڪمانڊ هيٺ بحري فوج ذريعي اڳ ئي قبضو ڪري چڪا هئا. نيپيئر ڪراچي پهچي ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر پريڊي کان سنڌس بنگلو خالي ڪرائي پاڻ ان ۾ رهيو. پوليس ۽ جيلن جو گڏي هڪ کاتو ٺاهيو ويو جيڪو فوج جي ماتحت ڪم ڪرڻ لڳو. جنهن جو سربراهہ ليفٽيننٽ مارسٽن کي مقرر ڪيو ويو. جنهن مياڻي جي جنگ ۾ نيپئر جي زندگي بچائي هئي. 1865ع ۾ پوليس ملٽري جي ڪنٽرول مان ڪڍي ڪمشنر جي ماتحت ڪئي وئي. 1905ع ۾ ڊي آءِ جي مقرر ڪري سڄو پوليس ڪنٽرول انهيءَ حوالي ڪيو ويو. انهيءَ دوران انگريزن جي جيلن ۾ هي قيدي هئا.

جيل ۾ سزا مليل قيدي 1262

ڪيس هلندڙ قيدي 147

۽ جنگي قيدين جو تعداد 176 هو.

1847ع ۾ سڄي سنڌ اندر ٻاويهہ سؤ ڏهہ (2210) پوليس نفري هئي. جنهن ۾ اٺ سؤ ٽيهہ (830) گهوڙي سوار هئا. 1843ع ۾ سڄي سنڌ جي آدم شماري ٻارهن لک چوهتر هزار ست سؤ ٻٽيهہ (1274732) هئي. ۽ وري 1921ع ۾ اها وڌي ٻٽيهہ لک اوڻاسي هزار ٽي سو ستهتر (3279377) تي وئي. خيرپور رياست جي آدمشماري انهيءَ کان علاوه هئي. ان وقت سنڌ صوبي ۾ ڏوهن جو انگ نو هزار سٺيتاليهہ (9047) هو. جيڪو سڄي هندستان جي صوبن کان زياد هو. *(ڏسو سورلي جو گزيٽر صفحو 712)*

حُر تحريڪ ڪري سانگهڙ ۾ پوليس ٽريننگ اسڪول قائم ڪيو ويو. پر پوءِ پاڪستان بعد 1953ع ۾ سانگهڙ کي ضلعي هيڊڪوارٽر بڻايو ويو تہ پوليس ٽريننگ اسڪول کي اتان شفٽ ڪري شهدادپور ۾ قائم ڪيو ويو. جيڪو هاڻ پوليس ٽريننگ اسڪول نہ پر ڪاليج آهي.

آئون ٻني ٽاٽي جي احوال سان پوليس جي سنڌ ۾ تاريخ لکي ويس. خير ان بهاني گهٽ ۾ گهٽ پوليس وارن کي تہ ڪجهہ ڄاڻ ملندي. سنڌيءَ ۾ چوندا آهن تہ: "چور جي گهر پٽ ڄائو تہ صوبيدار مٺائي ورهائي" پر هاڻ سنڌ ۾ چورن نہ پر ڌاڙيلن جو راڄ آهي. جيڪي پوليس جي ڪنٽرول کان بہ زور آهن. ماڻهو اغوا ڪريو، ڪي ٽي اين وارن کي پيا انٽرويو ڏين ۽ پوليس ان سڄي عمل کان ڪوهون پري آهي. ڪيڏي نہ افسوس جي ڳالهہ آهي. ڪي ٽي اين وارن تہ ڌاڙيلن کي پهرين پي ۽ ٽي آڪٽوبر بہ هزار چار تي هر روز خبرنامي ۾ چار پنج ڀيرا ڏيکاريو ويو.

پوليس، ڌاڙيل، چور، پاٽاريدار اهو بہ تہ زندگيءَ جو حصو آهي. سو انهيءَ جو بہ احوال ٿيڻ گهرجي. ٽاٽن تي اهڙا ئي ماڻهو ويندا، نہ ڪي ابراهيم جويو، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر الانا ۽ شيخ اياز جهڙا.

ميرن جي حڪومت ختم ٿي ۽ انگريز حاڪم ٿيا جن اسان کي علم ۽ سائنس جي ڄاڻ ڏني. سنڌ ۾ صدين کان پارسي ٻولي

سرڪاري ٻولي هئي. جيڪا ختم ڪري انگريزن سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ جي سرڪاري ٻولي طور رائج ڪيو. جنهن سان اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ سنڌي ٻولي شروع ٿي. جيڪا اڄ يونيورسٽي ليول يا ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ ڪري سڄي دنيا ۾ پڙهي وڃي ٿي. موهن جي دڙي جي دريافت ڪري اسان کي بين الاقوامي شهرت ۽ سڃاڻپ ملي. اسان وٽ اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽيون، اسپتالون ۽ قاعدي قانون جي حاڪميت ٿي، ملڪ ۾ چونديل عيوضي حاڪم ٿيا ۽ ٻيو به گهڻو ڪجهه ٿيو. پر انگريزن جي وڃڻ کان پوءِ اڄ تائين جيڪو ٿيو ۽ ٿي رهيو آهي يعني درياءَ تي ڊئم سنڌ اندر سنڌي اقليت ۾، صوبي جو گورنر آءِ جي، ڪور ڪمانڊر، چيف جسٽس، ڪراچي پورٽ جو سربراهه سنڌ ۾ سيني بئنڪن جا سربراهه چيف سيڪريٽري، محتسب اعليٰ، سينيئر ميمبر روينيو بورڊ، ائڊووڪيٽ جنرل ........ پر جي سنڌ ۽ هندستان تي انگريز قبضو نه ڪن ها ته اڄ سنڌ جي اها صورتحال ڪانه هجي ها. اسان ڪيترا به غير ترقي يافته هجون ها پر غلام هرگز نه هجون ها.

ورهاڱي کان پوءِ اڄ اسان سنڌي ڪٿي بيٺا آهيون. سڄي هندستان ۾ (565) رياستون ۽ (20) صوبا هئا. جن ۾ پنجاب ۽ بنگال ٻن ٽڪرن ۾ ورهايا ويا ۽ سڄي هندستان ۾ خون خرابا ٿيا پر اسان ڪا به خوني هولي ڪانه ڪيڏي، توهان سڄي هندستان تي نظر ڊوڙايو ته توهان کي سنڌين جهڙي مظلوم قوم ڪا به نظر ڪانه ايندي. هر ايندڙ ڏينهن سنڌي قوم کي ڏکوئيندڙ نظر اچي رهيو آهي. ان جي مقابلي ۾ پاڪستان اندر پنجابين، مهاجرن ۽ پٺاڻن جي ڄڻ لاٽري نڪتي آهي سڄي ملڪ جي روزگار جا موقعا ڄڻ هنن لاءِ آهن.

انگريزن سؤ سالہ دؤر حڪومت ۾ پنجاب جي زمينن کي آباد ڪرڻ لاءِ چناب، جهلم، راوي، پياس ۽ ستلج هئا ۽ سنڌ لاءِ فقط هڪ ندي سنڌو دريا هئي. انگريزن جي دؤر ۾ درياءَ سنڌ تي پنجاب ڪيتري ڪوشش ڪئي ته ان تي پنجاب ۾ بئراج ۽ ڊئم ٺاهجن پر انگريزن پنجاب کي ائين ڪرڻ جي هرگز اجازت نه ڏني. پر ورهاڱي کان پوءِ فلڊ ڪئنال يا عارضي بئراجن جي نالي ۾ پنجاب ۾ درياءَ سنڌ تي، جناح، تونسه، چشما، جهلم لنڪ ڪئنال ۽ گريٽر ٿل ڪئنال جي نالن سان چار بئراج ٺهي چڪا آهن. جيڪي سڄي پنجاب جي زمينن کي آباد ڪري رهيا آهن. ۽ وري هاڻ ڪالاباغ ڊئم ٺاهڻ لاءِ ڏينهن رات ڪوششون ٿي رهيون آهن. آئون سمجهان ٿو ته پنجاب اهو ڊئم به ضرور ٺاهيندو ڇو ته گن پاوَر ۽ مين پاوَر ٻئي هن وٽ آهن ۽ پوءِ سنڌ پاڻيءَ جي هڪ ڦڙي لاءِ سڪي رهندي. ڪوٽڙي کان هيٺ درياءَ جي ٻنهي ڪنڌين تي آباد شهر ۽ ان ۾ رهندڙ ماڻهو تباهه ٿي ويا آهن يا پنهنجا اباڻا گهر ڇڏي ڪنهن ٻي هنڌ وڃي آباد ٿيا آهن.

## والدين جي شادي ۽ منهنجي پرائمري تعليم

منهنجي ماءُ پيءُ جي شادي 12 اپريل اربع جي ڏينهن 1944ع ۾ ٿي ۽ منهنجي ماءُ جي وفات 2 جون 1947ع ۾ سومر جي ڏينهن صبح جو ٿي. آئون 31 جنوري 1945ع ۾ صبح جو ڄائُس. مون کي راستي پليجي دائي ڄڻايو ۽ منهنجي پيءُ مون کي ڪن ۾ ٻانگ ڏئي منهنجو نالو رکيو. پهرين اپريل 1951ع ۾ اسڪول ۾ داخل ٿيس. پنج سال ٻن مهينن جي عمر ۾، اسان جي اسڪول جو هيڊماستر سائين محمد ابراهيم پليجو هوندو هو ۽ اسان جو ڪلاس ماستر سائين حاجي مجنون ڏماڇ هوندو هو. اسڪول عمارت ۾ هڪ وڏو هال هوندو هو جنهن ۾ ٻه ڪلاس پڙهايا ويندا هئا. باقي ٻن ڪمرن ۾ هڪ هڪ ڪلاس پڙهايو ويندو هو. پهرين درجي جا ٻار ورانڊي ۾ پڙهندا هئا ۽ اسان ٻه پهريون درجو ورانڊي ۾ پڙهندا هئاسين. اسان جو استاد هڪ عمر رسيده ماڻهو هو، جيڪو سڄو وقت ڪرسيءَ تي سُتو پيو هوندو هو ۽ اسان کي پڙهائڻ ۾ هن کي ڪابه دلچسپي ڪانه هوندي هئي. جيڏي مهل ننڊ مان سجاڳ ٿيندو هو ته ان مهل ٻه ٽي گاريون ڏيئي وڏو سَٽَ اَٽَ فٽن جو لڪڻ ٻن ٽن چوڪرن کي هڻي پوءِ وري سمهي رهندو هو. پر ڪڏهن ٻه اسڪول مان غيرحاضر ڪونه رهيو. ان زماني ۾ استادن ۽ شاگردن جو غيرحاضر رهڻ جو تصور ئي ڪونه هو. آئون ٻه سڄي عمر ۾ هڪ پيرو اسڪول ڪان غير حاضر رهيس. سو ٻه شاگرد فقير جو روپ ڌاري گهر اڳيان اچي سدا هنيائون. آئون جيئن ئي گهران نڪري ڪين خيرات ڏيڻ آيس ته يڪدم مون کي ڪٽي وجي اسڪول پيڙو ڪيائون. ان واقعي کان سواءِ مون کي ياد ڪونهي ته سڄي زندگيءَ ۾ ڪڏهن اسڪول، ڪاليج يا يونيورسٽيءَ مان غير حاضر رهيس. اسان جي زماني ۾ اسڪول صبح شام ٻه وقت هوندو هو ۽ ٻنپهرن جو ماني کائي وري اسڪول پڙهڻ وڃبو هو. شام جو اسڪول ۾ انگ ۽ ڪوڙا سُر ۾ ياد ڪيا ويندا هئا. يعني سڀ شاگرد هم ڪلام ٿي هڪ ايڪو ٻه ايڪا چوندا هئا. انهيءَ وقت ٻارن کي اسڪول ۾ مارڻ جو رواج نه هئڻ جي برابر هوندو هو. اسان جي پهرين ڪلاس جو استاد سائين حاجي مجنون هو. ٻيو ڪلاس استاد سائين علي محمد سومري اسان کي پڙهايو. ٽين، چوٿين ڪلاس سائين محمود پٽي، پنجين، ڇهين ڪلاس سائين محمد صالح ۽ ستين ڪلاس سائين نورمحمد سومري پڙهائي.

ان وقت بابا سائين ضلعي لوڪل بورڊ جو ميمبر، سنڌ مدرسي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر ۽ ضلعي ڪائونسل جي ڊسٽرڪٽ ايڊيوڪيشن ڪاميٽي جو سيڪريٽري هوندو هو. سو انهيءَ جي ڪوشش سان ٻني ۾ انگريزي ڪلاس ٻه شروع ٿيا. جنهن کي A V Classes ڪلاس (Anglo Vernicular) چئبو هو. بابا ڪوشش ڪري سنڌ جي وڏي اديب ۽ ان وقت جي مشهور استاد سائين غلام احمد جيڪو پوءِ ساقي سجاولي جي نالي سان ادبي دنيا ۾ مشهور ٿيو ٻني ۾ انگريزي استاد طور مقرر ڪرايو. ان زماني ۾ اجان ڪوٽڙي بئراج ٺهي راس ڪونه ٿيو هو، سکر بئراج 1932ع ۾ ٺهي چڪو هو. تنهن ڪري لاڙ ۾ درياءَ وسيلي پيچاري ۽ ٻين واهن ۾ صرف ٻه ٽي مهينا پاڻي وهندو هو ۽ ان ٿوري پاڻيءَ تي تمام گهٽ آباديون ٿينديون هيون ۽ ماڻهن جو ذريعو معاش نه هئڻ جي برابر هو. لاڙ ۾ ڪوٽڙي بئراج نيچلداس وزيراڻي ٺٽي ضلعي جي وزير جي ڪوشش سان ٺهيو جنهن جو ذڪر پير علي محمد راشدي پنهنجي ڪتاب ”اهي ڏينهن اُهي شينهن“ ۾ ڪيو آهي.

ڪوٽڙي بئراج 1955ع ۾ ٺهيو ان کان پوءِ لاڙ جي ماڻهن چانور ۽ ڪڻڪ ڏٺا. 1980ع ۾ ٺٽي ضلعي ۾ شوگر ملون لڳڻ ڪري ماڻهن پئسا، چيڪ ۽ بئنڪون ڏٺيون نه ته: ”آٽين ۽ چاڙين ڏٺ ڏيهاڙي سومرا.“ وارو حال هو. وڏا ڳالهيون ڪندا هئا ته سکر بئراج ٺهڻ کان اڳ لاڙ سرسبز ۽ زرخيز علائقو هوندو هو. سکر بئراج ٺهڻ ڪري لاڙ جي معيشت ڊانوانڊول ٿي وئي. آئون انهيءَ دور

۾ پيدا ٿيس ۽ پڙهيس. جيتوڻيڪ ٻني ۽ ارد گرد ۾ زراعت گهٽ هئي پر تنهن هوندي به ٻني جي پرسان ٻيلو، درياءَ ۽ پيجاري ۽ ڍنڍيون هئڻ ڪري هت ڪوٽيون، ڦم، لوڙهيون، گند، پور، ٻهه، پاٻوڙا، مڇي، پلو، گانگٽ، ڪاٺ ۽ گاهه درياءَ جي اُٿل ڪري مَسور، جوار، مڪئي، ڪٽڪ، گدرا ۽ چانهيون جام ٿيندا هئا. انهيءَ ڪري حيدرآباد جهرڪ ۽ ڏاڏوريءَ ڏانهن به طرفو واپار جام ٿيندو هو. هتان چوپايو مال، ان، گدرا، چانهيون ۽ مڇي پلو، گانگٽ، ڪنيار ڪو سامان شهرن ڏانهن ويندو هو ۽ اُتان ڪپڙو، ڊيزل، گاسليٽ، جُتا، سائيڪلون، کنڊ، سگريٽ، ٻيڙيون، تماڪ، پان، ريزڪي دڪان جو سامان دوائون ڪتاب، پينون، پينسلون، مس ڪاپيون ۽ ٻيو روزمره جو سامان وڏي تعداد ۾ ايندو هو. ڪجهه وقت جهرڪ کان ٻني تائين پاڻيءَ جي ننڍي بوٽ به هلندي هئي جنهن کي آگبوٽ سڏبو هو. پر اها مون ڪانه ڏٺي.

مون کي ڪجهه وقت چانديہ هاءِ اسڪول سجاول ۾ پڙهڻ لاءِ موڪليو ويو. جت آئون ان وقت جي هاسٽل سپرنٽنڊنٽ سومري صاحب جي گهر ۾ رهندو هوس. جنهن جو گهر هاءِ اسڪول ۽ هاسٽل جي چوديواريءَ اندر هوندو هو پر جلد ئي آئون اُتان واپس ٻني هليو آيس. هي اهو دؤر هو جڏهن پنجابي حاڪمن ننڍن صوبن تي اجان ون يونٽ ڪونہ مڙهيو هو ۽ اسان جي ڳوٺ ۾ اجا هڪ به سرڪاري ملازم غير سنڌي ڪونہ هو. البت ٻہ گهر پنجابين جا هئا، جن مان هڪ گهر ماستر محمد يوسف پنجابيءَ وارن جو هو جي هت مٿيون مائٽيون ڪري سنڌي ٿي ويا. ماستر محمد يوسف تہ سنڌ جو وڏو شاعر ۽ اديب ٿي گذريو آهي باقي حڪيم فتح محمد پنجابيءَ وارا اجان تائين پنهنجي اصلوڪي سڃاڻپ کي قائم رکيو اچن.

انهيءَ وقت پرائمريءَ ۾ ست درجا هوندا هئا ۽ ستين درجي ۾ فائنل امتحان ڏئي ماڻهو ٽپيدار، آبدار ۽ سنڌي ماستر يا ٻي ڪنهن نوڪريءَ ۾ لڳي ويندو هو. پوءِ اهو فائنل امتحان ايوب دؤر ۾ ختم ڪيو ويو ۽ صرف مئٽرڪ پاس کي نوڪريءَ لاءِ اهل قرار ڏنو ويو. پرائمري اسڪول ۾ آخري ٽن سالن دوران انگريزيءَ جو ڪلاس بہ ورتو ويندو هو. انهيءَ کان پوءِ وڌيڪ پڙهڻ لاءِ حيدرآباد ۽ ٺٽي هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ وڃڻو پوندو هو. بدين ضلعي جي هڪ ڳوٺ سعيد پور ۾ هڪ خيراتي اسڪول هوندو هو. جنهن جي پڙهائي ۽ بورڊنگ مفت ۾ هوندا هئا ۽ ڪي ڪي ڇوڪرا اُت بہ پڙهڻ لاءِ ويندا هئا. ان وقت ٻني جي آمدرفت درياءَ ذريعي حيدرآباد، جهرڪ ۽ ڏاڏوري پتڻ سان هوندي هئي. تنهن ڪري سعيدپور وارو سفر ڏکيو ۽ اونڌو لڳندو هو. ان ڪري ٻني مان ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ شاگرد سعيدپور پڙهڻ لاءِ ويندو هو. نہ تہ سنڌي ست درجا پاس ڪري سڀ مائٽ گهڻو ڪري پنهنجي ٻارن کي ٺٽي ۽ حيدرآباد پڙهائي لاءِ موڪليندا هئا. انهيءَ کان اڳ بابا سائينءَ جي دؤر ۾ شاگرد ڪراچيءَ پڙهڻ ويندا هئا. جيئن بابا ويو، بابا جي ڪراچي پڙهڻ لاءِ وڃڻ واري ڪهاڻي بہ ڏاڍي دلچسپ آهي. جيڪا آئون چاهيان ٿو تہ توهان کي ٻڌايان. ٿيو هيئن جو سائين جي ايم سيد جيڪو ڪراچي ضلعي ڪائونسل جو وائيس چيئرمين هو، ٺٽو ضلعو سڄو ۽ دادوءَ جو ڪجهه حصو ڪراچي ضلعي سان شامل هو، ڪراچي ضلعي ڪائونسل ٻنون کان راهوٽ ڪچو رستو ۽ راهوٽ ۾ پڪو کوہ ٺهرايو هو جنهن جو افتتاح ڪرڻ سائين جي ايم سيد ٻني آيو ۽ پوءِ راهوٽ ويو. سائين جي ايم سيد علم دوست ماڻهو هو، جيڪو راهوٽ ۽ ٻني جي پرائمري اسڪولن ۾ بہ ويو ۽ پاڻ راهوٽ ۽ ٻني جي شاگردن کان سوال جواب ڪيا، ائين پاڻ ٻني ۾ بابا سائين ارباب نورمحمد پليجو ۽ راهوٽ ۾ سيد غلام مصطفيٰ شاهہ کي ضلعي ڪائونسل ڪراچي طرفان اسڪالر شپ ۽ سنڌ مدرسي ۾ ضلعي ڪائونسل جي سيٽن تي داخلا ڏياري ۽ بابا سنڌ مدرسي ڪراچي پهچي ويو. پاڻ اُت ست درجا انگريزيءَ جا پڙهيو ۽ مئٽرڪ جو امتحان اڌ ۾ ڇڏي ڪاڏيءَ جا ڪپڙا پائي "جئي هند" جو نعرو هڻي وڃي ڪانگريس پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو. مسلسل سياسي تحريڪن ۾ حصو وٺڻ ڪري سنڌ مدرسي جي انگريز پرنسپال کيس اسڪول مان رسٽيڪيٽ ڪري ڇڏيو. اهو سڄو احوال سائين ابراهيم جويو، بابا تي لکيل مضمون ۾ ڪيو آهي. جيڪو بابا تي لکيل ڪتاب "وري نہ ورندو وڻجارو" ۽ اخبارن، رسالن ۾ ڪيترا ڀيرا شايع ٿي چڪو آهي. تازو 2004ع مئي مهيني ۾ ماهوار سوجهرو ارباب نورمحمد پليجو نمبر ۾ بہ اهو مضمون شايع ٿيو. بابا ٻني کان گهوڙي تي چڙهي ڏاڏ وري پتڻ اُڪري جهمپير ريلوي اسٽيشن پهچي ريل ۾ چڙهي ڪراچيءَ ويندو هو. ڀھاڙي جي هڪ ڇوڪري جڏهن ريل ۾ سفر ڪري ڪراچيءَ جي وڏي ريلوي اسٽيشن ڏٺي ۽ ڪنهن سواريءَ ۾ چڙهي هاسٽل پهتو هوندو ۽ ڪنهن وڏي جي گڏ هئڻ کان سواءِ اسڪول ۽ هاسٽل ۾ داخلا ورتي، اُت انگريز استادن ۽ سڄي سنڌ جي شاگردن وچ ۾ نئين ماحول ۾ زندگي ۽ ڪراچيءَ جي ان وقت جي ايشياءَ جي پهرئين نمبر صاف سٿري شهر ۾ سندس ڪهڙا تاثرات هئا. اها کيس خبر هوندي پر آئون سمجهان ٿو تہ هڪ ذهين ٻار کي اُن سڄي ماحول ۾ رلي ملي وڃڻ ۾ ڪا گهڻي دير ڪانہ لڳي هوندي. جويو صاحب لکي ٿو تہ بابا 1929ع ۾ مون کان هڪ سال اڳ سنڌ مدرسي ۾ داخل ٿيو هو. پاڻ پهرين سنڌ مدرسي جي هاسٽل جي خيرپور هائوس ۽ پوءِ حسن علي هائوس ۾ عليحده روم ۾ رهندو هو ۽ فرسٽ ڪلاس ۾ ماني کائيندو هو. (هاڻ سنڌ مدرسي جي انهن هاسٽلن ۾ رينجرس وارا قابض آهن ۽ منهنجي رهائش واري مسلم هاسٽل حيدرآباد تي بہ رينجرس وارا قابض آهن، جت ڀھاڙي جا شاگرد اچي

رهندا هئا.) تمام سٺا ولايتي بوسڪي ۽ ساٽين جا ڪپڙا پائيندو هو. جھڙا اسان جو استاد ٽيڪن مل پائيندو هو ۽ پوءِ پاڻ کاڌيءَ جا ڪپڙا پائي جئي هند جو نعرو هڻي مدرسو ڇڏي هليو ويو.

واقعي پڙهائي ختم ڪرڻ انتهائي قدم هو پر سٺي مستقبل ۽ آزاديءَ جا خواب ڏسڻ وارا ماڻهو ايئن ڪندا آهن. هونءَ به وڏا فيصلا وڏا ماڻهو ڪندا آهن. بابا سان گڏ انهيءَ وقت سنڌ مدرسي ۾ اسان جي تر جا هي ماڻهو به تعليم وٺندا هئا. قادر ڏني شاهه موريءَ وارا ٽي سيد پائر پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاهه (جيڪو پوءِ وائيس چانسلر ۽ وفاقي وزير تعليم ٿيو ۽ سجاول کان اڳيان لاڙ شگرمل به لڳايائين.) قادر ڏنو شاهه ۽ علي قطب شاهه، دڙي مان ارباب ولي محمد ميمڻ ۽ ميرپور بٺوري مان خواجه برادران فقير محمد عيسيٰ ۽ محمد موسيٰ پڙهندا هئا.

ان وقت اسان جا ساليانه امتحان گهڻو ڪري پوري وقت تي ٿيندا هئا. امتحان اڳيان پٺيان ٿيڻ واري بيماري اجان شروع ڪانه ٿي هئي. اڄ ته يونيورسٽيءَ جو ساليانه امتحان هڪ شاگرد به اڳيان پٺيان ڪرايو ڇڏي. اسان جي وقت ۾ اسڪولن ۾ ڪاپي يا هڙتال جو تصور ئي ڪونه هوندو هو. استادن جي وڏي عزت ڪئي ويندي هئي ۽ استادن کي پيرين پئي ملبو هو.

اسڪول رجسٽر ۾ هر شاگرد جي پڙهائي بابت ريمارڪس لکيل هوندا هئا. جيئن اڄڪلهه شهرن جي سُٺن پرائيويٽ اسڪولن ۾ ٻارن لاءِ رڪارڊ رکيل آهي. تيئن ان وقت ٻهراڙيءَ جي اسڪولن ۾ به شاگردن جو رڪارڊ هوندو هو ۽ انهيءَ مٿان وري بيٽ عملدار يا صاحب جو نوٽ هوندو هو، منهنجي باري ۾ هيئين لکيل آهي، ”زباني حساب ۽ صورتخطيءَ ۾ گهٽ آهي.“ اهو سٺ سالن جو رڪارڊ اجان به ٻني پرائمري اسڪول ۾ محفوظ آهي هينئر شاگرد ته ٺهيو پر انهن جا مائٽ به انهن جي طرفداري ڪندي اسڪولن ۾ اچيو استادن کي گهٽ وڌ ڳالهايو وڃن ۽ ڪوبه پڇڻ وارو ڪونهي.

مون به پنهنجو ستون درجو سنڌي ۽ ٽيون درجو انگريزيءَ جو امتحان ٻني ۾ پاس ڪيو جيڪو دڙي واري سائين محمد طالب ميمڻ ورتو، مون کي چٽيءَ طرح سان ياد آهي ته امتحان وقت سنڌس اکيون تمام خراب ۽ ڳاڙهيون پئي لڳيون، جنهن ۾ پاڻ امتحان دروان به ڦڙا وجهندو رهيو پر نه امتحان پنٽي ٿيو ۽ نه ئي پاڻ امتحان دوران غيرحاضر رهيو. ان حالت ۾ به پاڻ باقاعدگيءَ سان امتحان ورتو ۽ ڪابه رعايت ڪانه ڪيائين. سنڌس فرزند نجم الدين ميمڻ مون سان گڏ نورمحمد هاءِ اسڪول ۾ پڙهيو، ائين آئون ٻني ۾ پنهنجي تعليم مڪمل ڪري وڌيڪ پڙهائي لاءِ حيدرآباد ويس. مون کان هڪ سال اڳ ٻني مان پڙهڻ لاءِ محمد افضل راجپوت، محمد اسماعيل عمراڻي ۽ خير محمد ميربحر ويل هئا. محمد اسماعيل ۽ خيرمحمد ٽوري ئي وقت ۾ پنهنجي پڙهائي اڌ ۾ ڇڏي واپس ڳوٺ هليا آيا هئا. محمد افضل مئٽرڪ تائين حيدرآباد ۾ پڙهيو پوءِ ٻني مدل اسڪول ۾ استاد ٿيو ۽ ٻني هاءِ اسڪول جو هيڊماسٽر ٿي نوڪريءَ تان رٽائرڊ ٿيو. ٻني کان حيدرآباد وڃڻ لاءِ ان وقت ٻه ذريعا هوندا هئا. هڪ ٻيڙين معرفت ڏاڏاوري پتڻ يا جهرڪ وڃبو هو. پوءِ اتان بسن ۾ چڙهي حيدرآباد وڃبو هو يا وري اٺ تي ٻيلي جو راڙ مان ٿيندو ڏاڏوري پتڻ پهچبو هو ۽ اتان ٻيڙيءَ ۾ چڙهي پتڻ اُڪري نيشنل هاءِ وي تي پهچي سرڪاري بسن ۾ چڙهي ڪراچي، ٺٽي يا حيدرآباد وڃبو هو. ڏاڏوري پتڻ تي سانوڻ درياءَ وقت درياءَ ۾ وڏيون ٻيڙيون ۽ سانوڻ کان سواءِ ننڍيون ٻيڙيون ماڻهن ۽ مال کي هر وقت اُڪارپنديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن ماڻهن جي گهٽ هئڻ ڪري پتڻ اُڪرڻ ۾ ڪافي دير ٿي ويندي هئي ۽ انهيءَ زماني ۾ به ڪڏهن ڪڏهن درياءَ ۾ ايترو ته گهٽ پاڻي ٿي ويندو هو، جو سياري جي مُند ۾ بيل گاڏيون درياءَ اندران آرپار ايندڙيون رهنديون هيون ۽ ڪڏهن ڪڏهن وري ايڏو ته واريءَ جو طوفان اٿندو هو جو ڪابه شيءِ نظر ڪانه ايندي هئي. هڪ ڀيرو انهيءَ طوفان دوران ٻني جو هڪ ميربحر محمد واريءَ ۾ ڍڪجي مري ويو. ان وقت ۾ خانگي بسون ڪونه هلنديون هيون، سرڪاري بسون ڏينهن ۾ ٻه ڀيرا صبح ۽ شام اينديون هيون، انهن ۾ سڀني مان ڪابه بس خراب ٿي پئي ته ڏاڍي تڪليف ٿيندي هئي. صبح واري بس خراب ٿي ته ڪانديري جاکري جي هوٽل تي دال ماني کائي شام واري بس ۾ حيدرآباد هليو وڃبو هو پر جي شام واري بس به خراب ٿي پئي ۽ حيدرآباد وڃڻ واري ٽرڪ به نه ڪئيو ته پوءِ ڏاڏوري ۾ عرس پاٽيءَ جي اوطاق يا سوندن ۾ مصري خان جاکري جي اوطاق يا جهرڪن ۾ سيد قاسم شاهه جي گهر وڃي رهبو هو. وري ٻي ڏهاڙي حيدرآباد وڃبو هو. ٻني شهر ۾ جهرڪ ڏاڏوري ۽ ڪوٽڙي وڃڻ لاءِ پيچاريءَ ۾ ٻيڙيون بيهنديون هيون. جيڪي جهرڪن، ٻني ۽ ڪوٽڙيءَ جي ٻيڙياتن جون هونديون هيون. اُٺ سواريءَ لاءِ اِڄ جت والي بال کيڏي وڃي ٿي ان کان پريان اُٺ ويهندا هئا. جن کي اٺن جي ڪوڙي چيو ويندو هو. جت صبح سوير ويهه پنجويهه اُٺ تيار ويٺا هوندا هئا. پر تڏهن به هڪ ڏينهن اڳ اُٺ جي هلائيندڙ جنهن کي جت سڏيو ويندو هو، تنهن کي اطلاع ڪبو هو ته سپاٽي تيار رهج. ڏاڏوري پتڻ هلبو ۽ ڪيس هلڻ جو ٽائيم به ٻڌائي ڇڏبو هو. اُٺ نه رڳو ڏاڏوري پر ٻني جي اردگرد سڄي علائقي ۾ به سواري جو هڪ مکيه ذريعو هوندا هئا. گهڻو ڪري سرڪاري عملدار به اٺن تي چڙهي گشت يا پوليس جانچ ڪندي هئي. گهوڙا به وڏي تعداد ۾ چڙهڻ لاءِ ماڻهن وٽ هئا پر اڄ ٻني ۾ گهوڙا صرف ٽانگن ۾ ٿا ڏسجن، گهوڙن جي جڳهه موٽر سائيڪلن ورتي، موٽر

سائيڪل گهوڙي ڪان وڌيڪ آسان ۽ بي خرچ آهي. جنهن تي بروقت ضرورت ٽي ماڻهو به چڙهي سگهن ٿا ۽ ڪس ڪٽ به بيهارڻ ڪو مسئلو ڪونهي. ائن جي ڪوڙي تي ان وقت نم ڪريڙو، سلو لاشاري، محمد رحيم پالاري، خدا ڏنو شاهه، الهڏنو شاهه ۽ جانو پليجو قابل ذڪر جت هوندا هئا. جيسيتائين عبدالرحيم ڪاتيار ڪان قادر ڏني شاهه موريءَ تائين پڪو رستو ٺهيو، تيستائين حيدرآباد ۽ ٽتي ڏانهن ائين سفر ڪندا رهياسين. 1958ع ۾ ٻني مان تعليم پوري ڪري پرائمري اسڪول مان ست درجا سنڌي ۽ ٽي درجا انگريزي جا پورا ڪري سرٽيفڪيٽ ورتم جنهن ۾ لکيل آهي. "جريان نمبر 140 وارو شاگرد عبدالحئي پليجو ولد ارباب نورمحمد پليجو (1958- 5-4 ) چار مئي اوٽيهه سو اٺونجاهه تي وڌيڪ پڙهڻ لاءِ نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ويو ۽ ائين ٻني اسڪول مان منهنجو نالو هميشه لاءِ نڪري ويو.

## نيرون ڪوٽ

حيدرآباد وڃڻ لاءِ مون وٽ ڪهڙو سامان هو، اهو مون کي ياد ڪونهي پر مونکي ياد آهي ته ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ان شهر لاءِ روانا ٿياسين، جيڪو سنڌ ۾ واحد شهر آهي. جنهن جو نالو هڪ پکيءَ پٺيان آهي، يعني جهرڪ شهر. اسان ٻني مان گوڏ واڙن جي وڏي ڪٽار ۾ صبح سوير چڙهي روانا ٿياسين. انهيءَ ٻني شهر مان جنهن ۾ سن 1828ع ۾ انگريز ڊاڪٽر جيمس برنس جڏهن پهتو هو ته سندس هي تاثرات هئا.

”مان اٿين تاريخ شام جو ٻني ۾ پهتس ۽ پهريون پيرو سنڌونديءَ جو معائنو ڪيم. مون کي هن مشهور ۽ تاريخي ندي ڏسڻ جو ايترو ته شوق هو جو مان سڀ پنهنجو سامان پٺيان ڇڏي ۽ چاليهه ميل ڏينهن جو سواري ڪري ٿڪجي ٽٽجي اچي شام جو ان جي ڪناري تي پهتس. منهنجو شوق پورو ٿيڻ ڪري جي منهنجي دل ۾ جذبا پيدا ٿيا تن جي بيان ڪرڻ جي هت ضرورت ناهي. منهنجي هندو ساٿين ته ڏسڻ سان درياءَ جي پوڄا ۽ بندگي شروع ڪري ڏني، هنن جي نگاهه ۾ ان جي پوتر پاڻيءَ ۾ ٽٻي ڏيڻ ڪري اَبدي آنند حاصل ٿئي ٿو. پر سڪندر جي ڪارگذارين جو لانگاهه ڏسي جي منهنجي دل ۾ جذبا پيدا ٿيا سي هندن جي دل ۾ به ڪونه ٿيا هوندا. هن عظيم ۽ فيض رسان نديءَ جو ڪرم ڏسي چئجي ٿو ته پاڻي ۽ پاڻي جي ديوتائن جي پوڄا تي ڪنهن به قسم جو اعتراض نه ٿيڻ گهرجي.“

جيمس برنس هندستان مان روانو ٿي سنڌ ۾ 1828ع ۾ پهتو ۽ اسان اڄ مئي 1958ع ۾ يعني هڪ سؤ ٽيهه سال پوءِ ٻني کان حيدرآباد وڃي رهيا آهيون. انهيءَ دوران انگريز واپس هليا ويا ۽ اڄ درياءَ سنڌ جي ڪپرن تي توهان کي ڪوبه انگريز نظر نه ايندو. انهن هڪ سؤ ٽيهن سالن ۾ آسمان ڪنئين رنگ بدلايا، سا خبر خدا کي! مئي جي مهيني ۾ درياءَ پنهنجي موج سان وهي رهيو هو ۽ اسان درياءَ جي سامهون وڃڻ ڪري ائين وڃي رهيا آهيون جيئن وڏيون گاڏيون سپر هاءِ وي تي چاڙهي چڙهندي هڪ طرف کان ٻي طرف هلنديون رهنديون آهن. ٻيڙيءَ جي انهيءَ هلڻ جي ڍنگ کي ٻيڙياتن ڦتڪا ٿي چيو. درياءَ ۾ ٻلهڻين ۽ لوڏڙن ۽ ڪنهن ڪنهن وقت مڇين درياءَ مان نڪري ٽپ ٿي ڏنا. ٻني ۽ لاڪي پير جي وچ ۾ درياءَ ۾ واڳون به جام ٿيندا هئا. جنهن جو ذڪر بدر ابڙي پنهنجي ڪتاب ”سنڌوءَ جو سفر“ ۾ ڪيو آهي. پاڻ لکي ٿو ته لاڪي پير وٽ ڪنهن زماني ۾ واڳون جي پوڄا جو مرڪز هو. الائي واڳن جي پوڄا ڪهڙا ماڻهو ڪندا هئا ۽ ڪهڙي مذهب ۾ واڳن کي به پوڄيو وڃي ٿو!

درياءَ جي ڪنڌين تي رهندڙ ماڻهن جي لکن سالن جي ڪهاڻيءَ ۾ شايد ائين به هجي ۽ انهن مان ئي شايد اها چوڻي مشهور ٿي، ”ته رهين ٿو دريا جي ڪپ تي ۽ وجهين ٿو واڳن سان وير.“ اسان جي ٻيڙي (وير) ڪن ڏانهن اڳتي وڃي رهي آهي ۽ سڀ ماڻهو درياءَ جي هن حسين ماحول کي ڏسي لطف اندوز ٿي رهيا آهن. درياءَ جون لهرون ٻيڙيءَ کي اهڙي نموني لوڏي رهيون آهن. ڄڻ ته ڪا ماءُ پنهنجي ٻار کي پينگهي ۾ لوڏي رهي آهي. زندگيءَ ۾ ڪيڏو نه حُسن لڪو پيو آهي. درياءَ جي ٻنهي ڪپرن تي وڏا ڊگها ساوا وڻ هوا تي لڏي لمي رهيا آهن. ٽارن جي چوٽين تي سندن هلڪي گلابي ٻُور جا جهڳٽا هيٺ لڙي پيا آهن ۽ وڻن تي پکي ولرن ۾ اڏامي اسان جي آجيان ڪري رهيا آهن. سج جي لالاڻ هن منظر کي وڌيڪ حسين ڪري رهي آهي. چنڊ جي چانڊاڻ ۽ ٽارن جي جهرمر وانگيان سج جي لالاڻ جي به پنهنجي سونهن آهي. ڇهري ۽ گلي جي سونهن (معنيٰ سهڻو آواز) دائمي ڪانه هوندي آهي پر سج ۽ چنڊ جي سونهن هميشه قائم آهي.

ڪنهن وقت درياءَ جي ڪاڏ جي ڪري پري کان ڪنهن پٽ ڪرڻ جو آواز درياءَ ۾ پڙاڏو ڪري رهيو آهي. سج جا ڪنوارا ڪراٽا درياءَ جي لهرن تي پکڙجي لهرن سان رانديون ڪري رهيا آهن ۽ انهن کي ڏسي اسان جون اکيون پيون ٺرن، سانوڻ درياءَ جو

گوڙ رات جي وقت پري تائين ٻڌبو آهي. پر هينئر درياءَ وچ ۾ ٻه لهرن جو اواز ڪونه ٿو ٻڌجي. درياءَ ڪي وهندو ڏسي ماڻهو هڪ گهري سوچ ۾ گم ٿيو وڃي ته هزارن لکن سالن ۾ هن درياءَ اندر ۽ سندس ڪنڌين تي ڇا ڇا نه ٿيو هوندو. ڪيترا بادشاهه ڇا ڇا نه سوچي هت آيا هوندا ۽ نيٺ ڌرتيءَ ڪي ناچ نچائي وڃي هن جي دنگ تي پهتا هوندا يا رستي ۾ خود خاڪ ٿي ويا هوندا ۽ انهن هزارن سالن ۾ هنن ڪنڌين تي ڇا نه ڪهاڻيون ٿيون هونديون. پر اسان وٽ صرف هڪ ڪهاڻي سهڻي ۽ مهيار جي مشهور ٿي، جنهن کي شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي بيتن ۾ هميشه لاءِ امر ڪري ڇڏيو.

انسائيڪلو پيڊيا برٽينيڪا جي پنن کي اٿلائيندي جڏهن ماڻهو درياءِ سنڌ جو رنگين نقشو ٿو ڏسي ته اصل اکيون ٽريو پون. ڪيئن نه وروڪڙن سان هماليه جبل جي سورهن هزار فوٽن جي بلنديءَ تان هيٺ وهندي سهڻي ٿي لڳي. پاڻ اوٽيهه سؤ ڪلو ميٽر هيٺ جبل ۽ ميدان لتاڙيندي پوڇڙ ۾ ڊيلٽا ٺاهيندي نيٺ اچيو سمنڊ ۾ چوڙ ڪري. انهن اوٽيهه سَؤ ڪلوميٽرن ۾ مٿس ڪنئين ڊئم ۽ بئراج ٻڌي کيس پنهنجي قبضي ۾ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

سنڌو سنسڪرت ٻولي جو لفظ آهي درياءِ سنڌ جو ذڪر دنيا جي قديم ڪتاب رگويد ۾ ٻه آهي. درياءَ سنڌ چائنا جي علائقي تبت، هندستان جي علائقي ڪشمير ۽ پاڪستان جي ٽن صوبن يعني سرحد، پنجاب ۽ سنڌ مان گذري پوءِ سمنڊ ۾ ٿو پوي. پر درياءَ سنڌسان جا محبت سنڌين کي آهي اها محبت ٻي ڪنهن کي ٻه ڪانهي. ان جو سبب شايد اهو آهي ته سنڌ جي وڏي حصي جو وجود ئي درياءَ سنڌ جي وهڻ ڪري ٿيو. ماڻڪ پٽا والا جو چوڻ آهي ته، ”سنڌ پرڳڻي جي انچ انچ جو وجود درياءَ سنڌ جي لٽ ڪري ٿهيو آهي.“ *(ڏسو سنڌو جو سفر صفحو 20)*

مولائي شيدائي پنهنجي ڪتاب ”جنت السنڌ“ جي صفحي 16 تي لکي ٿو ته، ”سنڌو درياءَ هڪ ڏينهن ۾ ڏهه لک ٽن واري سمنڊ ۾ ٿو ڪيرائي.“ ظاهر آهي ته هزارن لکن سالن ۾ آن سمنڊ ۾ واري ڪرڻ ڪري ڪيتري نه ڌرتي ٺهي هوندي ۽ اهو سلسلو خبر نه آهي ته ڪڏهن شروع ٿيو هوندو، پر هاڻ 2001ع کان اهو واري سمنڊ ۾ ڪرڻ وارو سلسلو ئي بند ٿي ويو آهي. ان کان پوءِ صرف هڪ ٻه پيرا پنج ڇهه هزار ڪيوسڪ پاڻي ڪوٽڙيءَ کان هيٺ ڇڏيو ويو آهي. سو گهڻي واري سمنڊ ۾ ڪري هوندي. واريءَ جو سمنڊ ۾ نه ڪرڻ معنيٰ لکن سالن کان سنڌ جو ٺهندڙ وجود جو خاتمو ۽ پڻ درياءَ سنڌ جي سونهن وڃي هر سال گهٽجندي، خبر نه آهي ته ائين ڇو پيو ٿئي، نه ته يورپين ملڪن ۾ ته اهڙيون تدبيرون اختيار ڪن جو سندن نديون ۽ درياءَ وڃن هر روز خوبصورت ٿيندا. مثلاً ندين مٿان ايڏيون ته خوبصورت پليون ٺاهين ۽ نديءَ جي ٻنهي پاسن کان ريل جا رستا يا موٽر وي ٺاهين، ته جئين وهندڙ ندين جي سونهن ۽ خوبصورتي برقرار رهي يا ندين ۾ جام ٽرانسپورٽ هلي، يعني ڪارگو ۽ مسافر بوٽس ٻئي هلن. دريائن جي ڪپرن تي اهڙو سهڻو بندوبست ڪن جو ماڻهو پنهنجون موڪلون اچي ندين جي ڪپرن تي ٺهيل هَٽس ۾ گذارين. جت ڪين هر سهولت ميسر ۽ حق ملي. يورپ جو شهر ائمسٽر ڊئم ته سڄو ندين جي ڪپرن تي ٺهيل آهي. روم، پئرس ۽ لنڊن جي وچ شهر مان سيس ۽ ٿيمس نديون گذرن ٿيون جن ۾ توهان هزارن جي تعداد ۾ صبح کان رات تائين ٻيڙين ۾ سياحن کي سير ڪندا ڏسندا. اسان جي ٻيڙي شايد پنهنجي اڌ سفر مڪمل ڪيو آهي ڇو ته ٻيڙي اندر ڪافي پوسل جي پاڻي گڏ ٿي ويو آهي جنهن کي ٻيڙي وارا چلن ذريعي ٻاهر ڪڍي رهيا آهن. ٻيڙيءَ ۾ پنجٽيهه چاليهه کن ماڻهو ٿيندا. آئون هن کان اڳ ٻه ڪيترائي ڀيرا ٻيڙيءَ ۾ چڙهيو آهيان. هونئن ٻه جيڪي ماڻهو درياهن جي ڪپن تي آباد آهن انهن لاءِ ٻيڙين جو سير يا ترڻ ڪا نئين ڳالهه ڪانه هوندي آهي. ٻيڙيءَ جيئن جيئن درياءَ جي هڪ ڪپ کان ٻي ڪُپ ٿي وئي تيئن تيئن ٻيڙياتن ٻيڙيءَ جو سڙهه ڦيرايو ٿي. ڪيڏي ڪيڏي مهل ته هڪ ٻيڙياتو مٿي چڙهي ٿي سڙهه کي وچ ۾ ڪُتل ڪاٺ جنهن کي سيخلو چئبو آهي. تنهن سان ٻڌيو ٿي جنهن اهو ڪم ڏاڍي تيزيءَ سان ٿي ڪيو ۽ اسان ٻيڙيءَ ۾ ويٺل سيني ماڻهن کيس ڏاڍي غور سان پي ڏٺو، پر پاڻ سيني کان بيخبر ٿي پنهنجي ڪم کي لڳو پيو هو. ٻيڙيءَ جو ڪپتان يا وڏو ناکئو ٻيڙيءَ جو سکان هٿ ۾ جهليو ٻيڙيءَ اڳيان خاموش ڏسي رهيو هو ۽ پڻ ٻين کي بروقت ضرورت هدايتون ڏيئي رهيو هو. درياءَ جو وهندڙ پاڻي گهڻو ڪري لٽاسي رنگ جو هوندو آهي. پر جڏهن جبلن مٿان نئيون وَهِي درياءَ ۾ شامل ٿينديون آهن ته ان وقت درياءَ جي پاڻيءَ جو رنگ ڦري ڳاڙهو ٿي پوندو آهي ٻيڙيءَ جي اندران دونهن اچي رهيو آهي. شايد هيٺ ويٺل پنهنجي لاءِ چانهه ٺاهي رهيا آهن. ٻيڙياتا ٻيڙي هلندي ٻيڙيءَ ۾ رڌپچاءُ ٻه ڪندا آهن. سندن هنڌ بسترا ٻه ٻيڙيءَ ۾ ئي رکيل هوندا آهن. ٻني ۽ جهرڪ وچ ۾ درياءَ جي ڪپ تي ڪوبه ڳوٺ آباد ڪونهي. جهرڪن کان مٿان هڪ ڳوٺ بلڪل درياءَ جي ڪپ تي آباد آهي جنهن جو نالو آهي، ”راڄ جو ڳوٺ“

غريب ۽ پٺتي پيل ملڪن ۾ روزگار جا وسيلا شهرن ۾ هئڻ ڪري شهرن جي ابادي وڃي هر روز وڌندي ۽ ڳوٺ وڃن خالي ٿيندا. پر يورپ ۽ آمريڪا ۾ ائين ڪونهي اُت جهڙا شهر تهڙا ڳوٺ، جيڪا سهولت شهرن ۾ ٿئي اها ڳوٺن ۾ ٻه ٿئي. تنهن ڪري

ماڻهو لڏپلاڻ يا نقل مڪاني گهٽ ڪن. ماڻهو شهرن کان وڌيڪ ڀهراڙين ۾ رهڻ پسند ڪن. توهان آمريڪا جي شهرن جي آباديءَ جا انگ اکر ڏسندا ته توهان کي معلوم ٿيندو ته آمريڪا جي وڏن شهرن جهڙوڪ، نيويارڪ لاس اينجلس ۽ سينفرانسسڪو جي آدم شماري جيڪا ويهه سال اڳ هئي. تنهن کان هينئر ڪافي گهٽجي وئي آهي. چوندا آهن ته شهر ڀهراڙين جو رت چوسيندا آهن. اسان کي هاڻ جهرڪن جا جبل صاف نظر اچي رهيا آهن. آئون بابا سائينءَ کان پُڇان ٿو ته جهرڪن ڪيڏي مهل پهچبو. پاڻ مشڪي چيائين ته اڌ ڪلاڪ اندر، جيئن ئي جهرڪ ويجها آيا تئين ئي جبل صاف نظر آيا. ٿوري دير ۾ ماڻهن ۾ چرپر نظر آئي، هر ڪنهن پنهنجي پنهنجي سامان کي سنڀالي هٿيڪو ئي ڪيو ته جيئن ٻيڙي ڪپر تي پهچي ته سامان ڪٺي جلد ٻيڙيءَ مان لهجي. جيئن ٻيڙي ڪپ تي پهتي ته هڪ ٻيڙيائتو جلد ٻيڙي مان لهي ٻيڙيءَ سان ٻڌل رسو ڪٺي زمين ۾ کتل وڏي ڪِلي ۾ ٻڌو ۽ آهستي آهستي ٻيڙي ڪپ سان لڳي بيهي رهي ۽ ٻيڙيءَ تان هيٺ وڏو تختو گِري زمين تي رکئون، ماڻهو هڪ هڪ ٿي هيٺ لهڻ لڳا ۽ اسان به ان تختي تان آهستي آهستي ئي هيٺ لٿاسين ۽ پوءِ پنڌ هلڻ لڳاسين. درياءَ جي ڪپرن تي جبل کان هيٺ درياءَ سان لڳو لڳ جيڪا زمين هئي سا ان وقت ٻڌائون ته ٺوري جي خواجن جي آهي. جنهن ۾ ان وقت ڪافي وڻ نظر اچي رهيا هئا ۽ ات ڪي سيمينٽ جون بينچون به پيل هيون. وڏڙن ٻڌايو ته اُت اڳ وڏو باغ هوندو هو. پر خواجن جي هتان لڏي وڃڻ ڪري ۽ سنڀال نه هئڻ ڪري اهو باغ سُڪي ويو آهي. اهو دؤر 1958ع جو هو پٺي دؤر ۾ سال مڪان کان ساپا موريءَ تائين انهيءَ هنڌان شاخ ڪڍي وئي. جنهن ڪري اهو سڄو علائقو آباد ٿي پيو.

پر جيئن ته اها شاخ ڪچي مان ٿي لنگهي تنهن ڪري جڏهن به درياءَ جي وڏي اٿل ٿيندي آهي ته اها سڄي شاخ درياءَ جي ريٽ ڪري ڊڪجي ويندي آهي. پوءِ جي ترت مرمت ٿي ته ٺيڪ نه ته سالن جا سال سندس وهڪرو بند ٿي ويندو آهي. منهنجو سال مڪان وارو علائقو چڱيءَ طرح ڏٺل آهي. آئون اُت ڪئين ڀيرا ننڍي هوندي کان ويندو رهيو آهيان. ڇو ته سال مڪان جي ارباب جان محمد دل وارن سان اسان جي پراڻي مائٽيءَ جو رشتو آهي جنهن ڪري انهن سان شادي مرادي ۽ مرڻي پرڻي ميل ملاقات ٿيندي رهندي هئي، ڏاڍا محبتي ماڻهو هئا. ارباب جان محمد جو ننڍو پٽ جمن بابا وٽي اچي ڀني رهايو ته پڙهي پوي، پر پاڻ ڪونه پڙهيو ۽ واپس ڳوٺ هليو ويو، ڏاڍو فهميدو ڇوڪرو هوندو هو. ننڍي عمر ۾ وفات ڪري ويو. اسان خواجن جي ٻنين مان ٿيندا جهرڪن جي چاڙهي چڙهي مٿي جبل تي شهر پيڙا ٿياسين. درياءَ کان ايندي پهريان گهر پاٽين جا هئا، پوءِ ٻيو شهر ٿي شروع ٿيو. اسان جهرڪن جي گهٽين مان ٿيندا هر شيءِ کي حسرت جي نگاهن سان ڏسندا اچي جهرڪن جي بس اسٽينڊ تي پهتاسين، بس اسٽينڊ تي ٻه ٽي هوٽلون ۽ ٻه ٽي پان سگريٽ جون ماڏيون هيون. جنهن تي حيدرآباد ڏانهن طرف وڃڻ وارا مسافر اچي ويهندا هئا نه ته جهرڪن جي بازار شهر اندر هوندي هئي. جهرڪ درياءَ جي ٻنهي طرفن کان اچ وڃ جو مرڪز هوندو هو ۽ سڻو اردگرد جو واپاري مرڪز هوندو هو. شهر واسي سکي ستابي زندگي گذاريندا هئا، جهرڪ درياءَ ۽ نيشنل هاءِ وي تي هئڻ ڪري تيستائين ترقي ڪندو رهيو، جيسين وچي سپر هاءِ وي ٺهيو، سپر هاءِ وي ٺهڻ ڪري جهرڪ ۽ ٺٽي جي وچ وارو علائقو پنهنجي اڳوڻي رونق وڃائي ويٺو، نه ته ڪنهن زماني ۾ اهو رستو اوج تي هو ۽ ان زماني ۾ جن جن وڏيرن جا بنگلا نيشنل هاءِ وي تي هوندا هئا انهن جا پنجاب ۽ اپر سنڌ جي ماڻهن سان ڏاڍا سٺا تعلقات هوندا هئا ڇو ته وڏي مسافري ۽ گرميءَ ڪري انهن کي مجبورن ڪجهه وقت لاءِ اُت ماني کائي آرام ڪري پوءِ ئي اڳيان ڪراچيءَ وڃڻو پوند هو. انهيءَ دؤر ۾ يورپ ۽ آمريڪا جا سياح به وڏي تعداد ۾ هن رستي کان افغانستان ۽ هندستان ويندا هئا. جن ۾ هپي (Hippie) ڇورا ۽ ڇوريون ته سائيڪلن تي ۽ پنڌ به هتان نيشنل هاءِ وي کان ٿيندا اڳتي ويندا هئا. مرحوم عبدالحڪيم شاهه جي سوندن واري بنگلي تي مون ڪنئين ڀيرا انهن هپيز کي راتيون گذاريندو ڏٺو. وٽن صرف هڪ ننڍو ٿيلهو هوندو هو جنهن ۾ صرف ٻه وڳا ڪپڙن جا هوندا هئا جيڪي پٺن تي رکي روانا ٿي ويندا هئا. وٽن ڪابه جهل پل ڪانه هئي. کين صرف ماني ۽ چرس پيارڻ جي دير هئي. اڪيليون اڪيليون ڇوريون ترڪن کي هٿ ڏيو انهن ۾ چڙهي روانيون ٿي وينديون هيون. مرحوم عبدالحڪيم شاهه ڪنئين ڀيرا اهڙا سٺيا مهمان مون وٽ حيدرآباد واري فليٽ تي وٺي آيو. پاڻ ٻه ٽي ڏينهن رهي هليو ويندو هو. آئون به ٻٽن ڏينهن کان پوءِ انهن مان تنگ ٿي پوندو هوس، گندا هوندا هئا پر سنڌيءَ ۾ چوندا آهن ته سئانن کي کهڙيون سوگون. عبدالحڪيم شاهه جي والد صاحب سان رئيس مصري خان سوندن واري سان ۽ سيد قاسم شاهه سان بابا سائين جا تمام سُٺا دوستاڻا تعلقات هوندا هئا. انهن تعلقات ڪري منهنجي به عبدالحڪيم شاهه سان ياري هوندي هئي جيڪا سندس وفات تائين قائم رهي. اسان ڪنئين ڀيرا ملڪ کان ٻاهر جپان، هانگ ڪانگ، مڪائو، فلپائين، مليشيا ۽ ٿائيلينڊ گهمڻ وياسين، پاڻ سائين جي ايم سيد جو وڏو عقيدت مند هوندو هو.

جيسين اسان جي بس اچي تيسين اسان کي انتظار ڪرڻو هو ۽ آهستي آهستي بس جا پئسنجر به ويا وڌندا. ظاهر آهي ته جيڪا بس ٺٽي کان ڏينهن جو ايندي سان مسافرن سان ته پرجي ايندي ۽ رش به ٿيندي. جهرڪ شهر ۾ ان وقت رند، پير، ميمڻ،

خواجہ پاٽئي، سيد جهرڪا ۾ ميربحر رهندا هئا. شهر ۾ ڪافي واپار ٿيندو هو. جنهن ڪري ڇهڇٽو لڳو پيو هوندو هو. جهرڪ هوئڻ ۾ تمام قديم شهر آهي جيڪو ٻڌ جا ٽڪر ويجهو هئڻ ڪري ۽ درياءَ سنڌ تي آباد هئڻ ڪري ۽ آغا خان جو ايران کان پڇي هت رهڻ ڪري قائداعظم جي جاءِ پيدائش هئڻ ڪري ۽ هڪ وڏو ٽي بي سينٽوريم هئڻ ڪري هي وڏي اهميت وارو شهر هو. انگريزن جڏهن سنڌ فتح ڪئي ۾ سنڌ ۾ ٽي ڪليڪٽوريٽ ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور ٺاهيا. ڪراچي ڪليڪٽوريٽ ۾ وري ڇهہ ضلعا ٺاهيا ان ۾ هڪ جهرڪ بہ شامل هو. *(ڊسو پري ميونٽي رڪارڊرس)*

جهرڪ نيشنل هاءِ وي تي نہ پر ان کان ميل کن پري هو، اهو وچ وارو هڪ ميل کن رستو گهٽو پوءِ شهيد پٽو دؤر ۾ پڪو ٿيو. شهيد پٽي دؤر ۾ سڄي سنڌ ترقي ڪئي اُت جهرڪ شهر بہ ڪافي ترقي ڪئي، جنهن ۾ اهو پڪو رستو، بئنڪ، فون، واٽر سپلائي، هاءِ اسڪول ۽ اسپتال ٺهيا. الائي چو مون کي جهرڪ ۾ سن سان ڏاڍي اُنسيِ هوندي آهي. اسان جي بس پري کان نظر اچي رهي آهي ۽ آئون ڏاڍو خوش ٿي رهيو آهيان. چوندا آهن تہ نندي ٻار ۽ جانور کي لڏپلاڻ ۾ مزو ايندو آهي. سو آئون بہ بس ڏسي خوش ٿي رهيو آهيان. بس تيز اچي رهي آهي. ڪجھ ماڻهو بس مٿان بہ ويٺل نظر اچي رهيا آهن. بس هوٽلن اڳيان هلي پريان ڦري واپس هوٽلن اڳيان اچي بيٺي، سواءِ ڪنهن انتظار جي ماڻهو بس مان لهي بہ رهيا آهن تہ چڙهي بہ رهيا آهن. تنهن ڪري هروڀرو رش محسوس ٿي رهي آهي. آسان بہ سوڙها سنگهڙا وڃي بس ۾ ويٺاسين. اڄڪلهہ بسن ۾ عورتون اڳيان ۽ مرد پٺيان ويهن پر اڳ ۾ ائين نہ هو، خاص خاص مسافر اڳيان ۽ ٻيا سڀ مسافر پٺيان ويهندا هئا. جنهن ۾ عورتون بہ شامل هونديون هيون ۽ اڳيان ويهڻ وارن کان ٿورو ڀاڙو زياده وٺندا هئا. بس ڊرائيور ۽ ڪنڊيڪٽر بس مان لهي وڃي هوٽل پيڙا ٿيا ۽ سڄي بس جا مسافر سندن انتظار ڪري رهيا آهن. اڄڪلهہ هاءِ وي تي هلندڙ بسن کي هڪ دروازو آهي پر ان وقت نيشنل هاءِ وي تي هلندڙ بسن کي ٽي دروازا هوندا هئا. يعني ڊرائيور لاءِ جُدا، اڳين مسافرن لاءِ جدا ۽ پٺيان ويهڻ وارن مسافرن لاءِ جدا گيٽ هوندا هئا. ان زماني ۾ هن روٽ تي صرف گورنمينٽ جون بسون هلنديون هيون جن جو ڳاڙهو رنگ هوندو هو. پهرين انهن تي گورنمينٽ روڊ ٽرانسپورٽ لکيل هوندو هو. پر ون يونٽ ٽٽڻ کان پوءِ سنڌ روڊ ٽرانسپورٽ لکيل هوندو هو، جيڪو شايد اڄ بہ لکيل آهي. ڊرائيور ۽ ڪنڊيڪٽر بس ۾ چڙهيا تہ بس بہ هلڻ لڳي ۽ ڪنڊيڪٽر هڪ هڪ کان ڀاڙو وٺندو اڳتي وڃي رهيو آهي. ان زماني ۾ ٺٽي کان حيدرآباد هڪ روپيو ٻارهن آنا ڀاڙو هوندو هو ۽ جهرڪن کان حيدرآباد چوڏهن آنا ڀاڙو هوندو هو. منهنجي نندي عمر هئڻ ڪري منهنجو ڀاڙو چوڏهن آنن جو اَڌ يعني ست آنا هوندو هو. ڀُٽي دؤر ۾ اُهو ڀاڙو سيني شاگرن لاءِ مقرر ڪيو ويو بس نيشنل هاءِ وي تي چڙهي حيدرآباد ڏانهن هلڻ لڳي. آئون جبل تي ٿوهرن جي وڻن ۽ ٻين جابلو وڻن کي غور سان ڏسي رهيو آهيان ۽ بابا کان هر هر سوال پُڇي رهيو آهيان ۽ بابا سائين مون کي نہ رڳو سوال جو جواب ڏئي رهيو آهي پر هر سوال بابت چڱي نموني سان سمجهاڻي بہ ڏئي رهيو آهي. بابا ٻڌايو تہ سنڌ ۾ انگريزن جي اچڻ کان پوءِ انگريزن پهريون پڪو روڊ ڪراچيءَ کان ڪوٽڙي تائين ٺهرايو چو تہ اجان ڪوٽڙي واري پُل ڪانہ ٺهي هئي ۽ اهو پڪو روڊ پهريون سڄو پڪو ڪونہ هوندو هو پر صرف ٻن ٻن فوٽن جون پڪيون پٽيون ٺهيل هونديون هيون. (تہ جيئن گاڏين جي فيٽن کي هلڻ ۾ سهولت ٿئي.) جن مٿان ٽرئفڪ هلندي هئي ۽ ان روڊ کي ڪي ڪي (K K) روڊ يعني ڪراچي ڪوٽڙي روڊ چئبو هو. پوءِ جيئن ٽرئفڪ وڌندي وئي تئين روڊ ويو وڌو ٿيندو. اڄڪلهہ ڪراچي کان حيدرآباد وارو روڊ سنڌ حڪومت وٽ نہ پر مرڪزي حڪومت جي اداري نيشنل هاءِ وي اٿارٽي وٽ آهي. جن هن روڊ کي ڪراچيءَ کان گهگهر ڦاٽڪ تائين ڊبل روڊ ڪري ڇڏيو آهي. چو تہ اتان اسٽيل مل ۽ قاسم پورٽ جي ٽرئفڪ درساٽي چني کان ڦري سپر هاءِ وي وڃي، جنهن کان پوءِ سنڌ ۽ پنجاب ڏانهن وڃي. اڄڪلهہ سنڌ مان پنجاب ڏانهن تمام گهٽي ٽرئفڪ وڃي ٿي تنهن ڪري مجبورن ڪين سنڌ جي رستي کي ٺاهٺو پيو. اهڙي نموني سان پنجاب جو گندو پاڻي هاڻي سڄي سنڌ لتاڙي اچي گهاري وٺان سمنڊ ۾ ڪرندو آهي، ان گندي پاڻيءَ جي نيڪال ڪري سنڌ ۾ ڪيڏي نہ ماحولياتي گدلاڻ پکڙجندي، ان جي سيني کي خبر آهي. پر پنجاب ڪنهن جي چو تہ ٻُڌي.

بس جهرڪن کان رواني ٿي پوءِ جهرڪ سائيٽ، ٻيرن جي ڳوٺن اونگر، ٻوتو مڪان ۽ پڻ ٻين ڪيترن ڳوٺن وٽ ماڻهن کي لاهيندي ۽ چاڙهيندي نئي ٻارڻ جي پُل ڪراس ڪري ريلوي پٽڙيءَ سان گڏوگڏ هلندي هلندي، پوءِ ٻولهاڙيءَ ۾ بيهندي اچي ڪوٽڙي شهر جي ٻاهران بيٺي جت ڪجھ ماڻهو بس مان لٿا. پوءِ ڪوٽڙيءَ جي سڄي لوهہ سان ٺهيل پُل ڪراس ڪري گدو بندر شهر اندران ٿيندي حيدرآباد شهر جي وڏي روڊ جنهن کي ٽڏي سڙڪ چون جت چرين جي اسپتال، ڪمشنر آفيس ۽ ڊي آءِ جي آفيس ۽ ٻيون بہ ڪيتريون سرڪاري آفيسون هيون. نيٺ چاڙهي چڙهي حيدرآباد جيم خانہ سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس، حڪيم شمس جي دواخاني ۽ فردوس سئنيما کان اڳيان چوڪ تان ڦرندي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۽ هڪ تمام وڏي پارڪ (جت اڄ گول بلڊنگ ٺهيل آهي.) پرسان اچي بيٺي ۽ اسان پنهنجو سامان کڻي بس مان هيٺ لٿاسين. هيٺ ڪيترا ٽانگا لائين ۾

بيٺا آهن. اسان ٻه هڪ ٽانگي ۾ چڙهي پياسين. آئون هن کان اڳ ٻه هڪ ڀيرو ننڍپڻ ۾ حيدرآباد آيو هوس جڏهن مون کي پيٽ ۾ شديد سور پيو هو ۽ ٻني جي ڊاڪٽر جي علاج سان ٺيڪ نه ٿيس ته بابا مون کي حيدرآباد وٺي آيو هو. سٽي ٽاٽي پٽيان ڊاڪٽر صمد ۽ حڪيم شمس الدين منهنجو علاج ڪيو. مون برف کٽي کيسي ۾ وڌي ۽ بابا کي چيم ته ڪيترا نه ٽانگا آهن. ڪيترن سالن کان پوءِ اچ ٻيو ڀيرو حيدرآباد پڙهڻ لاءِ وري آيس. اسان جو ٽانگو حيدرآباد شهر جي گهٽين مان هلندو تلڪ چاڙهي چڙهندو مارڪيٽ ۽ پوءِ هيرآباد ڏانهن وڃي رهيو آهي. حيدرآباد جو شهر سنڌ جي قديم شهرن مان هڪ آهي. جيڪو ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي گاديءَ جو هنڌ ٿي رهيو پر انگريزن جڏهن سنڌ فتح ڪئي ته انهن حيدرآباد جي جڳهه تي ڪراچيءَ کي پنهنجي گاديءَ جو هنڌ بڻايو. چون ٿا ته حيدرآباد جو نالو پهرئين پٽالا هو پوءِ نيرون ڪوٽ ٿيو پوءِ حيدرآباد ٿيو. جنت السنڌ جو لکندڙ مولائي شيدائي ڪتاب جي صفحي 40 تي لکي ٿو ته:

"سڪندر جهل مان جهاز ٺهرائي سنڌونديءَ رستي ملتان پهچي ويو هتي جي مالي راجه کي شڪست ڏئي اُچ (سڪلنده) جو شهر تعمير ڪرائي سنڌونديءَ رستي پٽالا (نيرون ڪوٽ) پهتو."

پر پٽالا جو نيرون ڪوٽ هئڻ کي جنرل هيگ پنهنجي ڪتاب "سنڌ جو چوڙ وارو علائقو" ۾ رد ٿو ڪري. هو ڪتاب جي صفحي 9 تي لکي ٿو ته:

"حيدرآبادکان وٺي سمنڊ تائين ساري پرڳڻي کي لاڙ چوندا آهن. جنهن جوءِ جو اوڙڪ ۾ احوال اوريو ويو آهي، سو سنڌ جو چوڙ وارو اهو تاريخي علائقو آهي جنهن تي سڪندر جي حملي دوران ان جي مؤرخن جون پهريون نظرون پيون هيون. ان بابت سندس اتهاسن ۾ وستار سان ڳالهيون ٻه ڳائجڻ لڳيون هيون. تنهن سمي هن چوڙ واري علائقي جو اوڙڪ متيون پاسو پٽالا هو جتان سنڌو ٻه درياهن ۾ ونڊجي ويندو هو. سندس هڪ چاڙهه ڏکڻ اوڀر ڏس تي ۽ ٻي ڏکڻ اولهه پاسي لڙي ويندي هئي. هر هڪ چاڙهه کي سنڌو سڏيو ويندو هو. هاڻي مامرو اهڙو مُنجهي ويو آهي جو پٽالا جي سڃاڻپ جا امڪان موجود ڪونه آهن مان انهن مؤرخن سان ڪڏهن ٻه سهمت ڪونه آهيان جيڪي هن ٽاڪ کي حيدرآباد يا ان جي ڀرپاسي ۾ سمجهن ٿا ۽ انهن سان ٻه اختلاف راءِ آهي جيڪي ٺٽي کي پٽالا سمجهندا آهن."

ان کان ٻه وڌيڪ دلچسپ احوال چچ نامي جي صفحي 401 ۾ ڇاٽايل آهي ته:

"محمد بن قاسم ديبل جي فتح بعد نيرون ڪوٽ ڏانهن ڪوچ ڪيو ۽ ڇهن ڏينهن جي پنڌ بعد ستين ڏينهن اچي نيرون ڪوٽ وٽ پهتو جو ديبل کان پنجويهن فرسنگن جي مفاصلي تي هو. نيرون لڳ (بروړ) جي جوءِ هئي جتي چراگاهه هئا مگر مهراڻ جو پاڻي اجا اتي ڪونه آيو هو. هن بيان مان ظاهر آهي ته ديبل کان نيرون ڪوٽ ڏانهن ايندي محمد بن قاسم سنڌو درياءَ ڪونه ٽپيو هو. جنهن جي معنيٰ ته نيرون ڪوٽ مهراڻ جي اولهه ۾ هو."

ديبل کان نيرون ڪوٽ پنجويهه فرسنگ يعني پنجهتر ميل پري هو. جيڪڏهن ڀنڀور جا کنڊرات ديبل جا آهن جيئن اسان متي بحث ڪري آيا آهيون ته ڀنڀور کان حيدرآباد تقريباً پنجهتر ميلن جي مفاصلي تي آهي. محمد بن قاسم چورانوي 94هه ۽ 711ع ۾ نيرون ڪوٽ آيو هو يعني ان وقت درياءِ سنڌ حيدرآباد کان متي پري وهندو هو. ان جي تصديق حيدرآباد ۽ ٽالپرن تي پي ايچ ڊي جو مقالو لکندڙ ليکڪا ڊاڪٽر قمر جهان مرزا پنهنجي ڪتاب "حيدرآباد شهر" جي صفحي 28 تي هئين بيان ڪيو آهي ته:

"سن 59-1758ع ۾ سالن جي بيتابيءَ بعد سنڌو درياءَ هالن ۽ نصرپور کان ويندي هيٺ تائين ميلن جا ميل پنهنجو اصلوڪو رُخ ڇڏي هالن کان سڌو ڏکڻ طرف رُخ رکي نيرون ڪوٽ جي الهندي کان وهڻ لڳو جتان اڄ ڏينهن تائين وهندو رهي ٿو."

تحفته الڪرام جو ليکڪ علي شير قانع لکي ٿو ته:

"1182هه يعني 1768ع جي ذوالقعد مهيني ۾ نيرون ڪوٽ جي سرزمين تي هڪ مضبوط جبل آهي جنهن کي تختگاهه بنائڻ جي تجويز ٿي چڪي هئي."

نيرون ڪوٽ هن ملڪ جو جهونو ۽ مشهور قلعو آهي سو گهڻي وقت کان ڊهي ويو هو ۽ سندس شهرت وڃي هڪ ڳوٺڙي جيتري بيٺي هئي.

سنه 1768ع ۾ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي هن جاءِ کي پنهنجي خاص رهڻ لاءِ پسند فرمائي مضبوط قلعي ۽ شاندار شهر جو بنياد رکيو. قلعو انهيءَ سال تيار ٿي راس ٿيو ۽ قلعي جي دروازي ٻاهرن هي قرآني آيت لکي وئي.

يعني: ”اي رب هن شهر کي امن وارو ڪر.“ ان قرآني آيت مان به هن قلعي جي ٺهڻ واري سال جي خبر پوي ٿي.

حيدرآباد جي آڳاٽي آدمشماريءَ جا انگ اکر

| سال | آبادي | گهر |
|---|---|---|
| 1808ع | 15000 | 5000 |
| 1818ع | 20000 | |
| 1843ع | 20000 | |

حيدرآباد پڻ، هندن ۽ مسلمان دؤر حڪومتن ۾ سنڌ جو هڪ اهم شهر هو، جت سڪندر اعظم محمد بن قاسم ۽ نيپئر سڀ اچي هن شهر مٿان ڪڙڪيا اڄ به حيدرآباد سنڌ جو هڪ اهم واپاري، ادبي سماجي ۽ مرڪزي شهر آهي. هتي:

1- ڪوٽڙي بئراج
2- سنڌ ريجمينٽ جو هيڊڪوارٽر

چار يونيورسٽيون

1- سنڌ يونيورسٽي
2- لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز
3- مهراڻ يونيورسٽي
4- اسرا يونيورسٽي

ڪراچيءَ کان پوءِ سنڌ جو ٻيو نمبر وڏو شهر جتي سنڌ جي ماضيءَ ۽ حال جا وڏا ثقافتي مرڪز موجود آهن. مثلاً،

1- شهيد هوشو شيديءَ جي مزار
2- حيدرآباد جو پڪو ۽ ڪچو قلعو
3- ڪلهوڙن ۽ ميرن حاڪمن جا مقبرا
4- سنڌالاجي
5- سنڌي لئنگوينج اٿارٽي
6- سنڌ ميوزم
7- سنڌي ادبي بورڊ

حيدرآباد چاڙهين، پڙن ۽ ٿنڌن جو شهر پڻ آهي.

چاڙهيون:

1- تلڪ چاڙهي
2- ڏتل شاهه جي چاڙهي
3- هيمونءَ جي چاڙهي
4- ٺوڙهي جي چاڙهي
5- چٽيل چاڙهي
6- سخي پير جي چاڙهي
7- ڪاري موريءَ جي چاڙهي
8- سرفراز چاڙهي

9- قدم گاھ واري چاڙھي
10- ھوم اسٽيڊ واري چاڙھي
11- پائي خان جي چاڙھي
12- پڪي پير جي چاڙھي
13- بلال جي چاڙھي
14- پو چالو شاھ جي چاڙھي
15- چوٽڪي چاڙھي
16- عيدگاھ چاڙھي

حيدرآباد جا پڙ:

1- فقير جو پڙ
2- جمن شاھ جو پڙ
3- ميرمحمد خان جو پڙ
4- ناھين جو پڙ
5- سانول شاھ جو پڙ
6- امير شاھ جو پڙ
7- گنج بخش پڙ
8- واڍن جو پڙ
9- دادن شاھ جو پڙ

حيدرآباد شھر ۾ ٽنڊا:

1- گدوءَ جو ٽنڊو (جنھن کي ھاڻ بندر تو سڏجي)
2- ٽنڊو جھانيان
3- ٽنڊو طيب
4- ٽنڊو يوسف
5- ٽنڊو ميرمحمد
6- ٽنڊو آغا
7- ٽنڊو اسماعيل شاھ
8- ٽنڊو ٺوڙھو
9- ٽنڊو مير غلام حسين شاھ
10- ٽنڊو مير نورمحمد
11- ٽنڊو ولي محمد

حيدرآباد شھر جون اھم شخصيتون جن ۾ ڪجھ ھت ڄاوا پر ڪجھ ڄاوا تہ ٻي ھنڌ پر سندن سڄي زندگي حيدرآباد ۾ گذري:

1- علامہ آءِ آءِ قاضي
2- مرزا ٻديل بيگ
3- حافظ عبدالله بسمل
4- بلاول پرديسي
5- ڪاڪو پيرو مل مهر چند آڏواڻي
6- پرمانند ميوارام
7- آغا تاج محمد
8- مير نصير خان جعفري
9- مظفر حسين جوش
10- حافظ حيات شاهہ
11- حافظ حامد ميمڻ ٽڪڙائي
12- حسن علي آفندي
13- مير حسين علي حسين
14- ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي
15- مير شهزاد خان حيدري
16- ديوان ليلا رام خاڪي
17- لڇي رام خفتي
18- ڊاڪٽر ابراهيم شيخ خليل
19- عبدالله خواب
20- درويش مومن حيدرآبادي
21- مرزا دوست محمد دوست
22- سردار علي شاهہ ذاڪر
23- رشيد احمد لاشاري
24- ساڌو ٽي- ايل- آڏواڻي
25- مير عبدالحسين سانگي
26- ميان سرفراز ڪلهوڙو
27- سلطان علي خان ٽالپر
28- مير صوبيدار خان
29- آخوند فقير محمد عاجز
30- خواجہ عبدالرحمان مجدو ٽڪڙائي
31- محمد عثمان ڏيپلائي
32- غلام محمد پرگڙي

33- فاضل شاھ فاضل
34- ديوان سوڀراج فاني
35- مراز قاسم علي بيگ
36- مرزا قليچ بيگ
37- پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي
38- ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي
39- آخوند لطف الله
40- لال چند امر ڏنو مل جڳتياڻي
41- مولانا غلام محمد گرامي
42- خان بهادر محمد صديق ميمڻ
43- ممتاز مرزا
44- فقير نواب ولي محمد لغاري
45- جنرل هوش محمد شيدي
46- ميران محمد شاھ
47- آخوند الھ بچايو ايڊووڪيٽ
48- آخوند آفتاب ايڊووڪيٽ
49- محمد ميمڻ ايڊووڪيٽ
50- غلام نبي ميمڻ
51- قاضي عبدالمجيد عابد
52- قاضي محمد اڪبر
53- غلام محمد شاهواڻي
54- شيخ عبدالمجيد سنڌي
55- شوڪت حسين شورو
56- مشتاق شورو
57- حميد سنڌي
58- نور محمد وڪيل
59- ڊاڪٽر غلام علي الانا
60- محمد ابراهيم جويو
61- لال ڪشن آڏواڻي
62- جهمٽ مل ايڊووڪيٽ
63- نياز همايوني
64- امداد حسيني

65- ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ
66- سيد نجف علي شاھ ڪمتر نقوي
67- سيد منظور نقوي
68- رسول بخش پليجو
69- زرينا بلوچ
70- قادر مگسي
71- ديبا سحر
72- صنم ماروي.

۽ ٻيا ڪيترائي حيدرآباد ۾ مشهور عالم، اديب، شاعر ۽ دانشور هوندا پر مونکي اهي ئي ياد آهن.

اسان جو ٽانگو هيرآباد جي جيل روڊ تان هلندو اچي سيٺ ٽِيون مل جي بنگلي جي دروازي تي بيٺو، جيڪو ان وقت مغربي پاڪستان اسيمبليءَ جو ميمبر هو. بنگلي جي ٻاهرين دروازي مٿان لڪشمي بلڊنگ لکيل هو. بنگلي جو رنگ ڳاڙهو پر ٻاهرين ڪاٺ جي دروازي جو رنگ هلڪو سائو هو. سيٺ ٽِيون مل بابا جو دوست هو جيڪو ڪيترائي دفعا بابا سائينءَ وٽ ٻني ۾ فيملي ساڻ به اچي چڪو هو. بابا ٽانگي واري کي ڀاڙو چار آنا ڏنا ۽ اسان جو سامان سنڌ جي مشهور راڳي علڻ فقير ڪٽي وڃي مٿي ماڙيءَ تي پهچايو. علڻ فقير ان وقت سيٺ ٽِيون مل جي بنگلي تي ڪم ڪندو هو. ان وقت علڻ فقير جي عمر مون کان ٿوري وڌي هوندي.

بابا بنگلي اندر ڊرائينگ روم ۾ بيگم سيٺ ٽِيون مل سان ڪجھ ڳالهايو پوءِ آئون ۽ بابا مٿي ماڙيءَ ڏانهن هليا وياسين. جت هڪ وڏو ڪمرو، پر سان ٻيو ڪمرو، اوپر طرف وهنجڻ خانو ۽ ليٽرين جدا جدا ۽ هڪ ٻيو ڪمرو جنهن ۾ سيٺ ٽئون مل جو مئنيجر آڏواڻي رهندو هو. اسان وڏي ڪمري ۾ رهياسين. بابا حيدرآباد ۾ گهٽو ڪري سيٺ ٽِيون مل ۽ ڪڏهن ڪڏهن سيد نجف علي شاھ ڪمتر نقوي وٽ رهندو هو. جنهن شاھ جي رسالي جي لغت ٻاروچي ٻولي نالي ڪتاب لکيو. پاڻ تمام وڏو عالم ۽ مدبر انسان هو. پاڻ پنهنجي اوطاق تي سنڌ جي غريب ڇوڪرن کي رهائيندو هو جيڪي پڙهي پوءِ وڃي نوڪرين سان لڳندا هئا. جيڪي پوءِ وڏا وڏا آفيسر ٿيا، جن جا هاڻ نالا ڪونہ ٿا لکون.

سيد نجف علي شاھ کان سواءِ بابا سائين قاضي غلام رسول پلي ڊوري ناري واري جي بنگلي تي بہ رهندو هو. جيڪو وزير ايڪسري واري کان ٿورو اڳيان هوندو هو. يا ڪٽي ائين چئجي تہ سيلاٽن جي پاڙي پويان هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن هوٽل ۾ بہ رهندو هو، پر اهو تڏهن جڏهن ساڻس ڪو ٻيو ماڻهو گڏ هوندو هو. اسان ٻنپهرن جي ماني کائي آرام ڪري شام جو هاري ڪميٽي جي آفيس ۾ آياسين جت بابا هاري ڪميٽيءَ جي ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيو ۽ مون کي بہ پهريون ڀيرو سڄي سنڌ جي هاري اڳواڻن کي هڪ وقت ڏسڻ جو موقعو مليو. ان وقت ملڪ ۾ جمهوريت هئي. اڃان ايوب خان ملڪ تي مارشل لال ڪونہ هنئي هئي. پريس آزاد هئي ۽ هاري ڪميٽيءَ جي سڄي سنڌ ۾ تمام گهڻي مقبوليت هئي. هيءَ واحد پارٽي هئي جيڪا ٻهراڙين ۾ هارين ۽ سنڌ جي عوام جي خدمت ڪري رهي هئي. باقي مسلم ليگ ۽ خاڪسار پارٽيءَ جو اثر رسوخ هاڻ ختم ٿي چڪو هو. هاري ڪميٽي هر روز ويئي عوام ۾ مقبول ٿيندي. هاري ڪميٽيءَ جي هن ميٽنگ ۾ مون پهريون ڀيرو حيدر بخش جتوئي، قاضي فيض محمد، غلام محمد لغاري، نظير حيدري، ڪامريڊ عبدالقادر، غلام حسين سومرو ۽ ٻيا پڻ ڪيترا هاري ليڊر ڏٺا جن ڏاڍيون ٿي سٺيون تقريرون ڪيون. وڏا مدبر انسان هئا. رات جو دير سان سيٺ ٽِيون مل جي گهر پهتاسين جت ماني کائي سمهي پياسين. صبح سوير ناشتو ڪري نورمحمد هاءِ اسڪول پهتاسين جت بابا مون کي چوٿين درجي انگريزيءَ ۾ داخل ڪرايو. ان وقت اسڪول فِي اڍائي روپيا هئي. اسڪول ۾ داخلا وٺي بابا اريگيشن آفيس سول لائين صدر آيو جت پاڻ انجنيئر ۽ سپرنٽينڊنگ انجنيئر سان مليو. اُت مون کي ڪجھ دڙي ٻنوري جا ماڻهو بہ ڏسڻ ۾ آيا اُتان اسان واپس هيرآباد سيٺ ٽِيون مل جي گهر آياسين. سيٺ ٽِيون مل صوفي سنت ۽ نيڪ انسان هوندو هو. سندس زال مسلمان هئي. جنهن جو نالو زرينہ هو پر کيس بالي ڪري سڏيو ويندو هو. جنهن مان کيس ٽي پٽ ۽ ہِ نياڻيون هيون. گهر جو ماحول واڻڪو ڪونہ هوندو هو. مون ڪنهن بہ گهر جي ڀاتيءَ کي پوڃا پاٺ ڪندي ڪونہ ڏٺو. سيٺ ٽِيون مل جي سڄي فيملي سيٺ ٽِيون مل کان سواءِ آمريڪا هلي وئي ۽ ٽِيون مل هت ديهانت ڪيو ۽ بالي آمريڪا ۾ سندس اولاد وٽ وفات ڪئي. سندن اولاد آمريڪا ۾ هاڻ ڪٿي آباد آهي سا خبر خدا کي.

سيٺ ٽِيون مل جا دوست اڪثر ڪري سڀ مسلمان هوندا هئا. پاڻ مسلمانن درويش جي درگاهن تي ڏاڍي شوق سان ويندو هو. جيستائين جيئرو هو تيستائين مون ڏٺو ته سواءِ نالي جي هن ۾ ٻي ڪابه واڌڪي ڳالهه ڪانه هئي. هو ڪشادي دل ۽ رحمدل انسان هو. باليءَ کان اڳ به ڪيس ٻي هندو زال هئي پر اها مون ڪانه ڏٺي هئي. شايد وفات ڪري ويئي هئي يا سندس اصلوڪي ڳوٺ ۾ رهندي هئي. انگريزيءَ ۾ چوڻي آهي ته: "Man known from his company which he keeps" بابا سائين جا جيڪي به مون دوست ڏٺا سي سڀ علم دوست، ادب دوست، انسان دوست ۽ عظيم انسان هئا. چا نه ماڻهو هئا. سچ پچ ته باقي زندگيءَ ۾ اهڙا شفيق انسان مون ڪونه ڏٺا. بابا هر ڪم مقرر وقت تي ڪرڻ جو عادي هو. مثال: ماني وقت تي کائيندو هو. چانهه وقت تي، ڪتاب پرهڻ وقت تي، ماڻهن سان ملڻ وقت تي، سمهڻ وقت تي. بابا ٻنپهرن جي ماني کائي ٿوري دير آرام ڪري پوءِ پڙهڻ شروع ڪندو هو. سو بابا ماني کائي آرام ڪيو ۽ آئون ٻاهر گئلري ۾ ويهي هر ايندڙ ويندڙ کي ڏسڻ لڳس.

سيٺ ٽِيون مل وارن جي ڪار گهر کان ٻاهر بيٺي هئي ڪارو رنگ هو. ڪار مٿان پوش چڙهيو پيو هو. تمام ٿورڙي ٽرئفڪ آهي، ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ ڪار يا بس هلي رهي هئي. نه ته گهڻو ڪري رُڳا ٽانگا ئي ٽانگا هئا. رستو ان وقت به ون وي يعني جيل روڊ تي ٽرئفڪ جيل طرف وڃي رهي هئي. جيڪو نيشنل هاءِ وي تي هو ۽ اتان ٽرئفڪ جيل طرف وڃي رهي هئي جيڪو نيشنل هاءِ تي تي هو ۽ اتان ٽرئفڪ بنگلي جي پٺيان پرڳڙي هائوس کان ٿيندي شهر طرف اچي رهي هئي. هيرآباد جو علائقو هندو عاملن جي رهائش جو علائقو هو. جيڪو ورهاڱي ڪري عاملن جي هندستان وڃڻ ڪري هاڻ هندستان مان آيل مهاجرن اچي آباد ڪيو هو. سڄي عامل ڪالونيءَ ۾ سنڌين جا ٿورڙي تعداد ۾ گهر هئا. پر سڄي علائقي ۾ اثر رسوخ انهن چند سنڌين جو هو ۽ حيدرآباد شهر جي سڄي سياست به سنڌين وٽ هئي. تعداد ۾ ته مهاجر گهڻا هئا پر اڃان پنهنجي سياسي حيثيت ٺاهي نه سگهيا هئا. چو ته ورهاڱي کي اڃان مس ٻارهن سال ٿيا هئا گهڻو پوءِ حيدرآباد ۾ پهريون مهاجر ليڊر حافظ مبارڪ ۽ پوءِ نواب مظفر موجوده مسلم ليگي آڳواڻ ۽ حيدرآباد ضلعي حڪومت جو ڊپٽي ڪنوينر نواب راشد جو پيءُ مهاجرن جا ليڊر ٿي سامهون آيا. چو ته اڃان ڪين سنڌين جي حيدرآباد ريلوي اسٽيشن تي ڪارايل ماني هضم ڪانه ٿي هئي. ورهاڱي وقت سنڌي مسلمان هندستان کان آيل مهاجرن لاءِ ڪاڏي جون ديگيون پريو اچيو ريلوي اسٽيشن تي کين کارائيندا هئا. اهو سلسلو ڪيترو وقت سنڌن هندستان مان اچڻ تائين هلندو رهيو پوءِ جيڪي مهاجرن حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ سنڌين سان ويڌن ڪيا ان جو احوال اڳتي لکندس. هينئر پاڻ حيدرآباد ٿا گهمون.

بالڪونيءَ مان مسلم هاسٽل سڄي نظر اچي رهي آهي. جنهن ۾ آئون چند روزن ۾ وڃي رهندس. سڄي هاسٽل غور سان ٿو ڏسان هاسٽل ۾ چند شاگرد ۽ اسٽاف نظر اچن ٿا. بابا به اچي گئلريءَ ۾ ويٺو. مون کي چيائين ته فلم ڏسندين مون چيو ته ها ۽ اسان تيار ٿي پنڌ ئي پنڌ فلم ڏسڻ لاءِ روانا ٿياسين. ايلائٽ سئنيما سيٺ جي بنگلي کان چند منٽن جي پنڌ تي هئي.

مون اڳي ٻني ۾ ٿيٽر ڏٺا هئا پر فلم ڪڏهن به ڪانه ڏٺي هئي. سو فلم ڏسڻ جو ڏاڍو شوق هو. پاڪستان ۾ 1965 ع جي جنگ کان پوءِ هندستاني فلمن تي بندش پئي نه ته اڳ ۾ سڄي ملڪ ۾ عام جام هندستاني فلمون هلنديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن پاڪستاني فلم جو بورڊ به شهر ۾ ڏسڻ ۾ ايندو هو. نه ته گهڻو ڪري هندستاني فلمون سئنيمائن ۾ هلنديون هيون. ٽنگيل بورڊن کان سواءِ جمعي جي ڏينهن سڄي شهر ۾ ٽانگن تي بورڊ هڻي سڄو ڏينهن پيا نئين فلمن جا لائوڊ تي اعلان ڪندا هئا. ته اڄ فلاڻي فلم سئنيما ۾ لڳندي. سئنيمائن ۾ ٽڪيٽ تي به ڏاڍي رش ٿيندي هئي. هڪ ڏينهن ۾ ٽي چار شو فلم جا ٿيندا هئا. وري ڪڏهن ڪڏهن اسپيشل ليڊيز شو به سئنيمائن ۾ ڏيکاريندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن مشهور هندستاني فلم کي ڏسڻ لاءِ صبح جو سوير ٽڪيٽ لاءِ لائينون لڳي وينديون هيون جيڪي پري پري وڃيو دنگ ڪنديون هيون. سٺ جي ڏهاڪي ۾ جڏهن پاڪستان ۾ هندستاني فلمن تي بندش هئي تڏهن هندستاني فلم مغل اعظم جي ڏسڻ لاءِ هندستان حڪومت پاڪستانين کي پندرهن ڏينهن جي اسپيشل ويزا ڏني ۽ ڪيترائي ماڻهو اها فلم ڏسڻ لاءِ هندستان ويا. جيئن اڄڪلهه ڪرڪيٽ ڏسڻ لاءِ پاڪستان ۽ هندستان جي ماڻهن کي اسپيشل ويزا ملندي آهي ۽ ماڻهو اسپيشل ٽرينن ۾ چڙهي ڪرڪيٽ ڏسڻ هندستان وڃن ٿا.

سئنيما مٿان فلم جا وڏا وڏا بورڊ لڳا پيا هوندا هئا. ٻن ماڻهن جي هٿن ۾ تلوارون جيڪي هڪ ٻي جي سامهون وڙهڻ لاءِ تيار، سندن مُنهن تي ڪاوڙ وارو انداز ٻن پاسن کان حسين عورتن جا فوٽو هڪ نقاب ۾ ته ٻي نچندي، گهوڙي جو پوئين ٽنگن تي بيٺل فوٽو، انهن وڏين تصويرن هيٺان ننڍيون تصويرون وڏن اکرن ۾ لکيل فلم جو نالو ياسمين هو. ائڪٽرن جا نالا، هيروئن وجنتي مالا ۽ هيرو سريش، فلم ڊائريڪٽر اي آر ڪاردار ۽ ميوزڪ ڊائريڪٽر اڄڪلهه جي مشهور ميوزڪ ڊائريڪٽر جان نثار اختر جو پيءُ نثار اختر ۽ ٻيا نالا تمام ننڍڙن اکرن ۾ لکيل هئا. چؤطرف ڪاڏي پيتي وارن جا هوڪرا، آئون هن سڄي ميلي کي

خاموشي سان ڏسي ۽ ٻڌي رهيو آهيان. هر ماڻهوءَ ۽ هر شيءِ کي غور سان ڏسان ٿو. هي سڀ ڪجهه مون لاءِ بلڪل نئون آهي ۽ فلم ڏسڻ وارن مردن سان گڏ عورتون به آهن. پر گهڻو ڪري بُرقعي ۾ آهن. اسان ٽڪيٽ وٺي مٿي گئلري ۾ وڃي ويٺاسين، مٿي به ڪافي رش آهي. پهريون ڀيرو ڪنهن سئنيما اندر داخل ٿيڻ جو اتفاق ٿيو. هال اندر گهڻن ماڻهن هئڻ ڪري هڪ عجيب بوءِ محسوس ٿي رهي آهي. فلم اڃان شروع ڪانه ٿي آهي. آئون بابا کان پُڇان ٿو ته فلم ڪيئن هلندي. پاڻ مون کي هر ڳالهه مختصر پر سهڻي نموني سمجهائي ٿو. ٿوري ئي وقت ۾ لائيٽون بند ٿين ٿيون پردي تي فلم جو نالو هندي ۽ اردو ۾ لکيل آهي. اڄڪلهه هندستاني فلمن ۾ فلم جو ٽائيٽل صرف انگريزيءَ ۽ هنديءَ ۾ لکن- فلم ڏسڻ وقت دل ۾ عجيب سوال ٿا اُڀرن پر آئون ڪوبه سوال جواب ڪونه ٿو ڪريان ۽ چپ چاپ ٿي فلم ڏسندو ٿو رهان. مون کي ان وقت ڏاڍو مزو ٿو اچي. جڏهن فلم ۾ هيروئن هيرو جي ڪڇ ۾ سرو ٿي رکي يا هيرو هيروئن گانا ٿا ڳائين جن ۾ پيار ۽ محبت جا ٻول ۽ وچن آهن. مونکي اڄ به اهي گيت ياد آهن. فلم ۾ ڏهه ٻارهن کن گانا هئا پر آئون انهن مان چئن گيتن جا ٻول توهان کي ٿو ٻڌايان. جان نثار اختر کهڙا نه سٺا گيت لکيا هئا.

بے چین نظر بے تاب جگر، یہ دل ہے کسی کا دیوانا۔
کب شام ہو اور شمع *جلے*، اڑ کر پنچھی پروانا۔
دل ان کو ڈونڈتا ہے، ہم دل کو ڈونڈتے ہیں۔
بھٹکے ہوئے *مسافر*، *منزل* کو *ڈھونڈتے ہیں*۔
ہنس ہنس کے *حسینوں* سے، نظر *چار* کیئے جا۔
جو بھی کرے *پیار*، اسے *پیار* کیئے جا۔

مطلب ته فلم ڏسي ڏاڍو مزو آيو پوءِ ته فلمن جي اهڙي عادت پئي جو ڪڏهن ڪڏهن هڪ ڏينهن ۾ ٽي ٽي فلمون به اسڪول يا ڪاليج جي زماني ۾ ڏٺيم ۽ اها فلم ڏسڻ جي عادت مون مان اڃان به ڪانه ويئي آهي. اڄ به انگريزي فلم ٽرائي ڏٺيم. پر هاڻ فلم سئنيما ۾ نه پر گهر ۾ ڏسندو آهيان. اڳ ۾ هڪ سئنيما هوندي هئي ۽ هڪ فلم هوندي هئي پر هينئر ڪيبل جي مهربانيءَ سان گهر اندر ۽ هڪ ٽي وي اسڪرين اندر پنجاهه سئنيمائون ۽ پنجاهه فلمون توهان چوويهه ڪلاڪ ويٺا ڏسو، ڏهن ڏهن ملڪن جا ماڻهو ٽي وي تي هڪ وقت هڪ ئي اسڪرين تي ڏسو ۽ انهن سان ان وقت سوال جواب ڪريو ۽ بروقت توهان کي جواب ملي ڪيڏي نه ترقي ڪئي آهي سائنس پنجاهه سالن ۾ جيڪا گذريل لکن سالن ۾ به نه ٿي هئي. اڳيان ته الائي جي ڇا ٿيندو. خوش نصيب آهن اهي قومون ۽ ماڻهو جيڪي انهيءَ مان لطف اندوز ٿيندا پر ماڻهو جيڪو سوچي ٿو اهو ئي ٿئي ٿو. هي قدرت جا راز انسان جي سمجهه کان ٻاهر آهن. هي اسان جو پنهنجي شمسي نظام جنهن کان اسان باخبر آهيون سو ئي انسان کي حيران ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي.

## ڪجهہ ذڪر حيدرآبادہ اسڪول واري زندگي ۽ فلم بينيءَ جو

اسان فلم ڏسي واپس سيٽ ٽِيون مل جي گهر پيا وڃون، پر منهنجي دماغ ۾ رڳو فلم ئي فلم سمائي پئي آهي. فلم ٺهڻ جو بہ هڪ وڏو داستان آهي. ڪو دؤر هو جو صرف خاموش فلمون ٺهنديون هيون پوءِ آواز بہ فلم ۾ شامل ٿيو پوءِ رنگين فلمن جو دؤر آيو. هاڻ تہ ٽيڪنالاجيءَ جي زور تي سواءِ ڪنهن وڏي پورهئي جي، پئسي ڪمپيوٽر ۽ ٽيڪنڪ سان گهر ويٺي اسٽوڊيو ۾ سڄي فلم ٿوري وقت ۾ تيار ٿيو وڃي. اڳي اهو بہ زمانو هو جو جڳ مشهور ڪلوپترا فلم ٺاهڻ وقت فلم جي هيروئن ايلزبيٿ ٽيلز کي فلم ۾ نيچرلٽي پيدا ڪرڻ لاءِ ايلزبيٿ ٽيلر کي هڪ سال لاءِ ڪنهن محل ۾ راڻي ڪلوپترا وانگر ئي رهايو ويو. جيئن فلم ۾ سندس ڪردار اصلي ۽ حقيقي روپ ۾ نظر اچي.

مون آمريڪا جو مشهور يونيورسل اسٽوڊيو گهمي ڏٺو آهي. جت بيشمار فلمون ٺهن، انهيءَ ڪان سواءِ مون هالي ووڊ بہ سڄو گهمي ڏٺو جنهن جو ذڪر مون پنهنجي سفرنامن ۾ ڪيو آهي.

اڄڪلهہ تہ هالي ووڊ جي فلمن سان گڏوگڏ هندستاني فلمن جو بہ وڏو چرچو آهي. جيڪي هاڻ گهٽو ڪري سڄي دنيا ۾ ڏيکاريون وڃن. هندستاني ائڪٽرن جا مجسمہ توهان کي هاڻ لنڊن جي مادام تساد ميوزم ۾ بہ نظر ايندا. انهن ۾ اميتاب بچن، ايشوريا راءِ، شاهہ رخ خانُ ۽ سلمان خان شامل آهن. هندستاني فلمن ۾ مرد ائڪٽرن ۾ دليپ ڪمار، راجڪپور، گُرودت اميتاب بچن ۽ شاهہ رخ خان وڏو نالو ماڻيو. وري عورت اداڪارائن ۾ مينا ڪماري، نرگس، وجنتي مالا، ريکا، ماڌوري ۽ ايشوريا راءِ وڏي شهرت ماڻي، هندستاني فلمون وي سي آر، وي سي پي، سي ڊي ۽ ڪيبل ذريعي ٻني ڪان نيويارڪ تائين شهرت جي بلندين تي پهچي ويون آهن. ان ڪري پهاڙين جي هوٽلن ۾ پوليس وارن جو هڪ نئون ڌنڌو شروع ٿي ويو.

هندستان جون آرٽ فلمون تہ ڏاڍيون لاجواب آهن جنهن جو شيخ اياز بہ پنهنجي لکٽين ۾ ذڪر ڪيو آهي. آرٽ موويز ۾ پرهار، اجازت، زبيدہ، ناچي ميوري، مرچ مصالحا ۽ درو ڪال لاجواب فلمون هيون. هندستان ۾ بہ اڄڪلهہ آرٽ فلمون گهٽ پيون ٺهن ۽ ڪمرشل فلمن ۾ بہ ساحر لڌيانوي جي اهڙن سٺن شعرن:

میں پل دو پل کا شاعر ہوں،
پل دو پل میری کہانی ہے۔

جي جاءِ تي اڄڪلهہ هي ٻي سرا گانا پيا ڳائين.

ٹم ٹم ٹم ٹم تارا
چلتے ہے نو سو دو گیارہ

هندستاني فلم انڊسٽري ته پنهنجي جاءِ تي پر انگريزي فلمن جي ڳالهه ئي ٻي آهي، ڇا ته ٿو پيسو خرچ ٿئي ۽ ڇا ته ٿيون فلمون پئسو ڪمائين. ان دولت وسيلي آمريڪي فلمن جا ائڪٽر آمريڪا جا صدر ۽ رياستن جا گورنر ٿي ويا. انهن ۾ آمريڪي صدر ريگن ۽ آرنلڊ شيوازنگر قابل ذڪر آهن. آئون جڏهن آمريڪا ويس ته مون کي شوق ٿيو ته مائيڪل جيڪسن ۽ مئڊونا سان ملان. اها ڳالهه مون اسان جي ميزبان نظام الدين جتوئي سان ڪئي. جنهن چيو ته سائين آئون آمريڪا ۾ ڪيترن سالن کان رهيو پيو آهيان پر ساڻن ملڻ ته ٺهيو پر ڪين ڏسي به ڪونه سگهيو آهيان. سو توهان ڪيئن ٿا ٿوري وقت ۾ ساڻن ملي سگهو. آئون پاڪستان ۽ هندستان ۾ ڪافي فلم ائڪٽرن سان ائيرپورٽ تي نوڪريءَ دوران ۽ هندستان ۾ سنڌي فلمسازن سان ملي چڪو آهيان، پر مون هالي ووڊ جو ڪوبه مشهور ائڪٽر ڪونه ڏٺو هو. محمد علي ڪلي کي مون هانگ ڪانگ ائيرپورٽ تي ڏٺو هو سنڌس زندگيءَ تي ڪنئين فلمون ٺهي چڪيون آهن ۽ ڪيس صديءَ جو وڏي ۾ وڏو رانڌيگر جو اعزاز به ملي چڪو آهي. پر پاڻ رانڌيگر آهي، نه ائڪٽر.

سيٺ ٽيون مل جي بنگلي تي پهچي ماني کائي واندا ٿياسين ته مٽي ماڙيءَ تي سيٺ ٽِيون مل به آيو بابا سائين سان ڏاڍي حُب ۽ اُڪير سان مليو. ڪافي وقت مون کان خبرون چارون پڇندو رهيو پاڻ مون کي خرچي به ڏنائين. پوءِ آئون سمهي پيس پر بابا ۽ پاڻ ڪچهري ڪندا رهيا.

صبح جو سوير اُٿي هاسٽل وياسين جت هاسٽل پراڪٽر کي بابا ٻڌايو ته اسان هاسٽل سپرنٽينڊنٽ سان داخلا جي ڳالهه ڪئي آهي ۽ پاڻ اسان کي توهان سان ملڻ لاءِ چيو اٿس. پاڻ اسان کان پڇيائين ته توهان جي اسڪول ۾ داخلا ٿي وئي آهي. بابا کيس ٻڌايو ته ها، ۽ پوءِ پاڻ رجسٽر ۾ منهنجو نالو لکي بابا کي فيءَ لاءِ چيائين، جيڪا ان وقت پنجويهه روپيا هئي جنهن ۾ رهائش، ٽي وقت ماني ۽ ڌوٻيءَ جي سهولت هئي. ان کان سواءِ ڪابه ائڊوانس يا سيڪيورٽي وغيره ڪونه ورتائون. بابا کيس پنجويهه روپيا ڏنا جنهنجي بروقت رسيد ڪيدي ڏنائون ۽ اسان کي چيائين ته ٽيبل ڪرسي چوڪري کي ملندي، ڪٽون هاسٽل ۾ اسان شاگردن کي اڳئي ڏيئي چڪا آهيون تنهن ڪري ڪٽ توهان کي وٺي پوندي. باقي هند بسترو ته توهان گوٺان آندو هوندو. پراڪٽر بابا کي اهو به چيو ته هاسٽل اڄ کان ۽ اسڪول سڀاڻي کان شروع ٿيندو. هاسٽل ٻاهران ڪتابن جي دُڪان تان چوڪري کي ڪتاب ۽ ٻيو ضروري سامان وٺي ڏيو. 2007ع ۽ 2009ع ۾ ائين وري مون پنهنجي پٽن کي انگلينڊ جي (Warwick) وارڪ ۽ سينٽ اينڊريوز بزنس اسڪولس ۾ داخلا ڪرائي پوءِ اهڙو ئي سامان ۽ ڪتاب وٺي ڏنا.

بابا مون کي ان وقت ڪتابن جي دُڪان تي وٺي آيو. جيڪو پرگڙي روڊ تي هو. دُڪان جو نالو فتح برادرس هو. جيڪو دُڪان شايد اڃان موجود آهي. اهو ڪتابن جو دڪان سنڌين جو هو جنهن دڪان تان پوءِ اڪثر ڪتاب پين، مس وٺندا رهندا هئاسين.

دُڪان سامهون ايراني هوٽل هئي جنهن ته پوءِ نَوَ سال چانهه پيئندا رهندا هئاسين. آئون هاسٽل ۽ اسڪول ۾ مئي اُڻونجاهه ۾ داخل ٿيو هوس. ۽ 1967ع ۾ بي اي جو امتحان ڏيئي هاسٽل ڇڏي هليو ويو هوس. پهرئين هاسٽل ۾ صرف اسڪول جا ٻار رهندا هئا. ڪاليج ٺهڻ کان پوءِ هت ڪاليج جا شاگرد به رهڻ لڳا.

بابا مون کي ڪتاب ۽ ٻيو ضروري سامان وٺي ڏنو پاڻ مون کي هاسٽل جي ڪمري ۾ ڇڏي ٽيون مل جي گهر هليو ويو ۽ پاڻ مون کي چيائين ته دل لڳائي پڙهه، آئون به تنهنجي عمر ۾ ڪراچيءَ ۾ پڙهڻ ويو هوس، ۽ هاسٽل ۾ رهيس. بابا مون کان موڪلائي هليو ويو ۽ پاڻ مون کي چيائين ته آئون پندرهن ڏينهن کان پوءِ اينديس ۽ گرمين جي ويڪيشن تي توکي ڳوٺ وٺي هلندس. بابا مون کان موڪلائي هليو ويو. منهنجو زندگيءَ ۾ اڪيلو رهڻ جو هي پهريون تجربو هو. پر مون کي اڪيلي رهڻ جو ڪوبه احساس ڪونه ٿيو. شايد حيدرآباد شهر جي شوق ۽ نئين ماحول ۾ مون ۾ وڌيڪ اعتماد ۽ تجسس پيدا ٿيو . هڪ جيڏن هاسٽل جي ٻارن سان آئون گهڻو دير کان پوءِ رلي ملي ويس هاسٽل جي چوگرد وڏي ديوار ڏنل هئي. جنهن اندر به وڏا ڊبل اسٽوري هاسٽل بلاڪ به ڊائيننگ هال، هاسٽل بلاڪن جي پويان ليٽرين ۽ وهنجڻ خانا، ڌوٻين ۽ ملازمن لاءِ ڪوارٽر ۽ هڪ تمام وڏو رڌڻو هو. وڏو بنگلو هاسٽل سپرنٽينڊنٽ لاءِ ۽ هڪ ننڍو ڪوارٽر هاسٽل پراڪٽر لاءِ هو. وڏي جامع مسجد جنهن ۾ باقاعدگيءَ سان شاگرد پنج وقت نماز ۽ شام جو قرآن شريف پڙهندا هئا. مسجد شريف ۾ باقاعدگي سان شاگردن جي حاضري ورتي ويندي هئي. نالي پڪارڻ کان پوءِ جواب ۾ هر شاگرد لبيڪ چوندو هو. اهو حاضري رجسٽر هر روز ڊائيننگ هال ۾ ويندو هو. جيڪو نماز کان غيرحاضر هوندو هو تنهن کي هڪ ويلو ماني ڪانه ملندي هئي. هاسٽل جي باني مرحوم نورمحمد جي قبر مسجد ٻاهرن ننڍڙي چوديواري ۾ ٺهيل هوندي هئي. جنهن کي ايندي ويندي شاگرد ٻُڪ ڪٽي دعا ڪندا هئا. انهن سيني عمارتن جي چوگرد وڏو

ڪوٽ ۽ ڪوٽ کي لوهي دروازو جنهن تي چوويهه ڪلاڪ پٺاڻ چوڪيدار ڏنڊو ڪٽيو ويٺا هوندا هئا.

مون پنهنجي ڪمري ۾ ڪپڙا ڪيٽ ۾ رکي ڪتاب ٽيبل تي رکيا. ڪٽ تي هنڌ وڇائي ليٽي پيس ته وچئين جي نماز جو گهنڊ وڳو هاسٽل ۾ اڳ رهندڙ شاگردن ٻڌايو ته نماز جو گهنڊ وڃي چڪو آهي. هلو ته نماز تي هلون. فجر جي نماز تي مسجد جو پيش امام سڀني شاگردن کي ننڊ مان جاڳائيندو هو. پهرئين مون سان ڪمري ۾ ڪير رهندو هو اهو مون کي ياد ڪونهي. پر پوءِ رجب ميمڻ (وائيس چانسلر زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام) عبدالحميد هاليپوٽو، محمد افضل راجپوت، مرحوم نجم الدين ميمڻ (چيئرمين دڙو ٽائون ڪاميٽي) مراد جوٽيجو ۽ ٻيا به ڪنئين دوست، ڪيترن جاناﻻ لڳن جيڪي مون سان گڏ هاسٽل ۾ رهيا. وچيئن جي نماز پڙهي، مسجد ۽ ڊائننگ هال وچ ۾ پارڪ ۾ ويهي رهياسين. ڪي شاگرد اڪيلائي اڪيلا ته ڪي وري هڪ ٻئي سان گڏ حال احوال ونڊڻ ۾ لڳي ويا. مثلا: توهان جو نالو، توهان جي پيءُ جو نالو، ڇا ڪندا آهيو، ڪٿان آيا آهيو. هاسٽل ۾ سڄي سنڌ جا شاگرد رهندا هئا. جيڪب آباد جا ڪوسا، لاڙڪاڻي جا جلباڻي، سانگهڙ جا مَري، ڪراچيءَ جا سيد، دادوءَ جا ڀڳهيا، ٺٽي جا سيد، ميمڻ ۽ پليجا، بدين جا ساريجا، حيدرآباد، ميرپورخاص ۽ نوابشاهه جا شاگرد زياده هئا. جو ته اهي ضلعا حيدرآباد کي نزديڪ هئا. وچئين ڪان پوءِ وري سانجهي ٻانگ ملي ۽ اسان سانجهي نماز پڙهڻ لاءِ وڃي مسجد پيڙا ٿياسين. نماز پڙهي هاسٽل تي آياسين ۽ اچي پڙهائي کي شروع ٿياسين. هاسٽل ۾ هر روز جو پروگرام ۽ دستور هوندو هو ته صبح سوير تيار ٿي ناشتو ڪري اچي ڊائننگ هال ٻاهران ٻيهبو هو ۽ لائين ڪري مانيٽر جي نگرانيءَ ۾ اسڪول وڃبو هو. اسڪول ختم ٿيڻ ڪان پوءِ واپس هاسٽل وڃبو هو. لنچ ڪائي ٿورو آرام ڪري راند جي ميدان ۾ اچبو هو. جت ڪرڪيٽ، والي بال ۽ فٽ بال رانديون ڪيڏبيون هيون. جنهن لاءِ وسيع ميدان هوندو هو. راند ڪان پوءِ نماز، ماني ۽ پڙهائي وڃي رات جا ڏهه ٿيندا هئا. آخر ۾ لائيٽ آف ٿيڻ جو بيل وڄندو هو ۽ سڀ شاگرد وڃي پنهنجن ڪمرن تي آرامي ٿيندا هئا. هاسٽل سپرينٽنڊنٽ ڪي، جي شڪ پيو ته ڪو شاگرد هاسٽل مان غيرحاضر آهي ۽ لڪي فلم ڏسڻ ويو آهي، ته رات جو هڪ بجي تائين هو ان شاگرد جي انتظار ۾ ويٺو رهندو هو. جيسين وڃي اهو شاگرد هاسٽل پهچي. اهو شاگرد گيٽ ڪان آيو يا پٽ ٽپي پر بچي ڪونه سگهندو هو. ڪيس هاسٽل سپرنٽنڊنٽ سزا ڏئي يا ٻڌائي پوءِ وڃي بنگلي تي آرامي ٿيندو هو. اهو دستور گهڻو وقت هليو. مسلم هاسٽل ۾ چوڪرن لاءِ ايڏي ته سختي هوندي هئي جيڪا اڄڪلهه چوڪرين جي هاسٽلن ۾ به ڪانهي. رات جي ماني جو گهنڊ وڳو ته مانيٽر ٻڌن چوڪرن کي سڏيو جن پنهنجن پنهنجن سيٽن تان اُٿي وڌيل ماني ڪٽي اچي چوڪرن اڳيان رکي، پوءِ پاڻ ماني کاڌائون. هاسٽل لاءِ هڪ بورچي ۽ سنڌس مدد لاءِ ٻه ٽي ٻيا پگهاردار هوندا هئا. بورچيءَ جو نالو سونهارو هو جيڪو آخر تائين هاسٽل جو بورچي هو. پاڻ پنجابي هو، باقي ٻيو سنڌس سچو اسٽاف سنڌي هو. رات جي مانيءَ ۾ دال چانور ڏنائون جنهن جو ذائقو مون کي اجان تائين ڪونه ٿو وسري. ڪاڏي ۾ نيرن تي اُڦراٽو ۽ چانهه، منجهند جو گوشت جو ٻوڙ ۽ ماني ۽ رات جو دال ۽ چانور ملندا هئا. پوءِ جڏهن فرسٽ ايئر ۾ آياسين ته ٻه ميسون ٿي ويون. هڪ ڪاليج شاگردن لاءِ ۽ ٻي اسڪول شاگردن لاءِ. ڪاليج شاگردن جي ميس جي في ڪجهه وڌيڪ هئي. انهيءَ کي فرسٽ ڪلاس ميس سڏيندا هئا. ڪاليج ۾ داخلا ڪان پوءِ مون ان ميس ۾ ماني کائڻ شرو ع ڪئي. اسان جي اسڪول جو پهريون مانيٽر شفيق ڪوسو هو جيڪو پوءِ حيدرآباد ڊويزن جو ڪمشنر ٿيو. اهي پاڻ ۾ چار جيڪب آباد جا ٻائر ۽ سؤٽ هوندا هئا. جن مان ٻه دريا خان ڪوسي جا پٽ هوندا هئا جن جا نالا فدا حسين ۽ ميرحسين هوندا هئا. باقي نثار احمد ۽ شفيق احمد شايد سنڌن سؤٽ هئا. نثار ڪافي ٿلهو هوندو هو. اسان رات جي ماني کائي وڃي ڪمرن تي آرامي ٿياسين. زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو گهر کان اڪيلو اڪيلو رهڻ جو اتفاق ٿيو. پر خاص اڪيلائي محسوس ڪانه ٿي. ننڊ اچڻ ۾ مون کي دير ئي ڪانه لڳي. مسلم هاسٽل ۽ نورمحمد هاءِ اسڪول مرحوم نورمحمد جي ڪوشش جو نيتجو هو. مرحوم نورمحمد جڏهن علي ڳڙهه مان پڙهي اچي حيدرآباد ۾ وڪالت شروع ڪئي تڏهن ان حيدرآباد ۾ مسلمانن لاءِ هڪ جدا اسڪول ۽ هاسٽل جي ضرورت محسوس ڪئي اُن لاءِ پاڻ پهرئين مسلم ايديوڪيشنل سوسائٽي قائم ڪيائين. جنهن پهرئين 1930ع ۾ صرف مسلم هاسٽل جو بنياد وڌو ۽ پوءِ حيدرآباد هاءِ اسڪول جي شروعات ڪئي. جنهن جو نالو سندس وفات ڪان پوءِ نورمحمد هاءِ اسڪول رکيو ويو. سندس ارادو هن اداري کي يونيورسٽي بنائڻ جو هو. پر پاڻ جلد وفات ڪري ويو. سندس وفات ڪان پوءِ ڪنئين هيڊماسٽر آيا پر جڏهن سائين الهه بخش نظاماڻي هاءِ اسڪول جو هيڊماسٽر ۽ مسلم ايڊيوڪيشن سوسائٽي جو سيڪريٽري مقرر ٿيو ته پاڻ هن اداري ۾ وري نئون روح ڦوڪيو ۽ هن اداري کي وڏي ترقي وٺرائي، جنهن جو احوال اڳيان ايندو.

اسان صبح سوير تيار ٿي ناشتو ڪري ڪتاب هٿن ۾ جهلي ڊائيننگ هال ٻاهران اچي بيناسين. ٿوريءَ دير ۾ هاسٽل مانيٽر اسان سڀني شاگردن کي قطار ۾ ڪري اسڪول ڏانهن هلڻ لڳو. هاسٽل ۽ اسڪول وچ ۾ سول اسپتال ۽ ميڊيڪل اسڪول هوندو هو جيڪو پوءِ ميڊيڪل ڪاليج ٿيو ۽ ڄامشوري شفٽ ٿي ويو. جيڪا هاڻ ميڊيڪل يونيورسٽي (L.U.M.H.S) نالي

سان آهي. اسان جو اسڪول جيل روڊ واري پاسي کان نہ پر اسپتال جي الهندي طرف کان، جت هاڻ اسپتال جي او پي ڊي آهي، اهو سڄو علائقو آباد ٿي ويو آهي. پر ان وقت اهو سڄو علائقو خالي ميدان ۽ سُنسان لڳو پيو هوندو هو. نورمحمد هاءِ اسڪول جي الهندي طرف جت اڄڪلهہ لبرٽي مارڪيٽ ۽ فليٽ آهن. اُت هڪ وڏو پراڻو بنگلو هوندو هو. اسان هاسٽل کان اسڪول پهتاسين، جت پهرئين اسيمبلي ٿي، جنهن ۾ قرآن شريف جي تلاوت ۽ ترجمو ٿيو پوءِ قومي ترانو ڳائي، پنهنجي پنهنجي ڪلاسن ۾ داخل ٿياسين. اسان جي چوٿين ڪلاس جو ڪلاس ٽيچر سائين غلام حسين بالادي هو جيڪو استاد گهٽ پوليس وارو زياده لڳندو هو. سيني چوڪرن کان نالو، پيءُ جو نالو ۽ ذات پُڇي پوءِ نصاب جي باري ۾ سوال ڪيائين ۽ پوءِ شاگردن جي ذهانت جي بنياد تي شاگردن کي اڳيان پٺيان ڪري ويهاريائين. وچيئن بئنچن تي وچٿل شاگردن کي ڳئو ماتا ۽ بلڪل آخري بئنچن تي ويٺل شاگردن کي ڳئو شالا ڪري سڏيندو هو. اهو سندس تڪيو ڪلام آخر تائين قائم رهيو، جيسين وچي اسان امتحان پاس ڪري ٻي ڪلاس ۾ پهتاسين. پاڻ بدن ۾ پريل هوندو هو ۽ ڪلاس ۾ گهٽو ڪري فل سوٽ پائي ايندو هو. هميشہ حاضري رجسٽر سان گڏ ٽيبل تي رول رکيو هوندو هيس. ٻني ۾ سواءِ انگريزي جي سبجيڪٽ جي ٻيا سڀ سبجيڪٽ هڪ ئي استاد پڙهائيندو هو. پر هت هر سبجيڪٽ جدا جدا استاد پڙهائيندو هو، ڪلاس ٽيچر رڳو اضافي حاضري وٺندو هو ۽ اسڪول مان موڪل بہ ان استاد کان وٺڻي پوندي هئي. اسڪول ۾ ان وقت ٻيا هيٺيان استاد هوندا هئا.

| | |
|---|---|
| 1- سائين الهہ بخش نظاماڻي | هيڊماستر |
| 2- سائين غلام حسين سومرو | هيڊماستر |
| 3- سائين ڌرمداس ورياڻي | مئٽرڪ جو ڪلاس ٽيچر |
| 4- سائين غلام حسين بالادي | چوٿين جو ڪلاس ٽيچر |
| 5- سائين محمد حسن بوزدار | |
| 6- سائين محمد علي شيخ | سنڌيءَ جو استاد |
| 7- سائين غلام محمد پنهور | هسٽريءَ جو استاد |
| 8- سائين سليم الدين | جاگرافيءَ جو استاد |
| 9- سائين K.A.N آئر | سائنس جو استاد |
| 10- سائين فيروز شاهي | عربي ۽ پارسيءَ جو استاد |
| 11- سائين ڏٿي بخش ساند | جنرل مئٿس جو استاد |
| 12- سائين احمد شاهہ | سنڌيءَ جو استاد |
| 13- سائين الهڏنو | |
| 14- سائين ضياءُالدين | انگريزيءَ جو استاد |
| 15- سائين محمد جمن ٽالپر | |

نورمحمد هاءِ اسڪول ۾ پهرين صرف مسلمان شاگرد پڙهندا هئا. پر ورهاڱي کان پوءِ صورتحال تبديل ٿي وئي ۽ ٻهراڙيءَ جا هندو مسلمان سڀ شاگرد هت پڙهڻ ۽ رهڻ لڳا. ان وقت شهرن ۾ ٻهراڙيءَ جي زميندارن، ٺيڪيدارن ۽ واپاري طبقي جا ايڪڙ ٻيڪڙ گهر هوندا هئا. تنهن ڪري وڏي تعداد ۾ ٻهراڙيءَ جا شاگرد هاسٽل ۾ رهندا هئا. اهي ٻار جيڪي پنهنجي گهرن ۾ رهندا هئا ۽ اسڪول مان واپس هاسٽل نہ پر گهر هليا ويندا هئا، هاسٽل جي ٻارن جي هنن سان گهٽ اُٿ ويهہ هوندي هئي. پر حفيظ شاهہ ۽ پرڪاش سان منهنجو سٺو واسطو هو. اسڪول جي ٻاهران رسيس ۾ ڪچورين، چٽن، پڪوڙن، بن ڪباب، شربت، آئسڪريم، ڪلفي ۽ گول ڳنڊين وارا هوڪرا ڏيندا رهندا هئا. سڀ شاگرد رسيس ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور خريد ڪندا هئا. جڏهن تہ اهو رواج ٻني اسڪول ۾ ڪونہ هو. ٻني بازار مان آئسڪريم ۽ گول ڳنڊي کان سواءِ ٻيون سڀ شيون ملنديون هيون.

جيڪي محمد رحيم خاصخيلي ۽ محمد سومرو ٺاهيندا هئا. سندن پڪوڙن ۽ ڪُرملين جو سواد اڃان ڪونہ ٿو وسري. آئون اڄ بہ ڪڏهن ڪڏهن محمد رحيم خاصخيلي جي پٽ مرتضيٰ کان پڪوڙا، سموسہ ۽ ڪُرمليا ٺهرائيندو آهيان. بن ڪباب کي اڄڪلهہ برگر جو نالو ڏئي وڏي شان ۽ مان وارو رتبو ڏئي ڇڏيو آهي. جيڪي آمريڪن ڪمپنيون مڪڊونلڊ، مسٽربرگر، ڊنڪن ڊونلڊ وارا سڄي دنيا ۾ وڪرو ڪن ۽ ماڻهو انهن جي دڪانن تي وڏي چاهہ سان وڃي اهي بن ڪباب برگر جي معتبر نالي ۾ کائين ۽ ڪارن ۾ وڻي وڻي ٻڌرائي وڃي پنهنجن ٻارن کي کارائين. انهن ڪمپنين کان اڳ بہ پاڻ وٽ بن جي اندر ڪباب يا ڪچوري وجهي کائبو هو ۽ جنهن کي بن ڪباب چئبو هو. جيڪي سئنيمائن ۽ اسڪولن اڳيان وڪرو ٿيندا هئا. پر هاڻ تہ برگر ۽ سئنڊوچ جي نالي پوڻ ڪري وڏي شان ۽ مان وارو کاڌو ٿي پيو آهي. رسيس دوران ڀهرين اهي گاڏن وارا اسڪول ٻاهران دروازي تي بيهندا هئا. پر پوءِ جيئن جيئن سندن تعداد وڌندو ويو تہ ڪين گيٽ کان ٻاهر بيهڻ لاءِ چيائون ۽ پوءِ ٻاهر ئي بيهندا هئا. اسان بہ پوءِ دروازي کان ٻاهر نڪري وڃي انهن کان کانہ ڪا کاڌي جي شيءِ خريد ڪندا هئاسين. مهينن ۽ سالن پڇاڻا تہ اسان انهن جي نالن کان بہ واقف ٿي وياسين ۽ هو بہ ڪن ڪن شاگردن کي سڃاڻي ويا هئا. دروازي کان ٿورو پريرو ڪيفي شيزان نالي هڪ صاف سُٿري ايرانين جي هوٽل هوندي هئي. پوءِ اُت بہ وڃي ڪي ڪي سرنديءَ پڇنديءَ وارن جا ٻار ويهندا هئا. آئون ۽ مرحوم سيد محمد حفيظ شاهہ (سيد پور وارو جيڪو سيد ذوالفقار شاهہ جو والد هو ) بہ وڃي اُن ايراني هوٽل تي آئسڪريم ۽ سوڊا ڏاڍي شوق سان پيئندا هئاسين. اسان اسڪول مان موڪل کان پوءِ واپس هاسٽل آياسين، ماني کائي نماز پڙهي وڃي ڪمري تي آرامي ٿياسين. اُن زماني ۾ جيتوڻيڪ ون يونٽ چئني صوبن تي مڙهجي چڪو هو. پر تڏهن بہ اڃان اسڪول ۽ ڪاليجن جي شاگردن ۾ سياسي بيداري ڪانہ پيدا ٿي هئي. ٻهراڙيءَ مان شهرن ۾ سنڌي شاگرد اڃان ايڏي وڏي تعداد ۾ پڙهڻ لاءِ ڪونہ آيا هئا ۽ سياسي دؤر پوءِ ايوب جي آخري ڏينهن ۾ شروع ٿيو. جنهن وقت سنڌي شاگرد شهر جي تعليمي ادارن ۾ وڏي تعداد ۾ اچي چُڪا هئا. تنهن کان پوءِ چار مارچ جهڙن واقعن سڄي سنڌ کي لوڏي ڇڏيو. نيٺ حاڪمن کي ون يونٽ ٽوڙڻو پيو. 1958ع جي اوائل ۾ سنڌ بلڪل سانت هئي، ون يونٽ ٺهڻ وقت ڪراچيءَ جي چند سنڌي شاگردن ۽ چند سنڌي ليڊرن جن جو سرواڻ سائين جي ايم سيد هو، سنڌي قوم کي گهڻو ئي پڪاريو پر عوامي سطح تي ڪابہ چرپر اُڀري مٿي ڪانہ وڌي. سائين جي ايم سيد مغربي پاڪستان اسيمبلي ۾ ون يونٽ ٽوڙائڻ وارو بل اسيمبليءَ ۾ پاس ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. پر جنرل ايوب مارشل لا هڻي سياست ۽ سياستدانن کي گهڻي عرصي تائين قيد ۾ بند ڪري فوج جي زور تي پاڻ حاڪم ٿي ويهي رهيو ۽ جيسين وڃي ڪيس دل جو دورو پيو ۽ اڌ رنگ ٿيو، تہ وري ٻيو جنرل يحيٰ خان اچي حاڪم ٿي ويهي رهيو. اهو سلسلو اڄا تائين جاري آهي. اهو سڄو احوال ڪيترن ئي ڪتابن ۾ ڇپيو آهي. قدرت الله شهاب، شهاب نامہ جنرل ايوب فرينڊس ناٽ ماسٽرس (Friends not Mastres) اصغر خان جنرلس اِن پالٽڪس نالي پنهنجي ڪتاب ۾ تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي.

ٻن ٽن هفتن جي پڙهائي کان پوءِ اسڪول ۾ گرمين جون موڪلون شروع ٿيون ۽ آئون بابا سان گڏ واپس ٻني هليو ويس. حيدرآباد کان واپس ٻني ايندي هينئر اسان جهرڪن کان نہ پر ڏاڏوري پٽڻ کان آياسين. صبح سوير گورنمينٽ بس ۾ ڳوٺ لاءِ روانا ٿياسين. بس اسان کي جهرڪن کان ست اٺ ميل اڳيان ڏاڏوري بس اسٽاف کان هڪ ڪلوميٽر اوريان آڻي لاٿو. نيشنل هاءِ وي کان سنڌو درياءَ تائين تقريباً هڪ ميل پنڌ ٿيندو. حيدرآباد کان ڏاڏوري پتڻ تائين سڄو جابلو علائقو آهي ۽ ڏاڏوري پتڻ پڻ ننڍين ننڍين خوبصورت ٽڪرين جي وچ ۾ آهي. انهن ٽڪرين جي هيٺان درياءَ پنهنجو رُخ بدلائي پوءِ اولهہ طرف ڏانهن وهڻ شروع ڪري ٿو. انهيءَ سندس رُخ بدلائڻ ڪري درياءَ جو وهڪرو ڏاڍو خوبصورت ٿو لڳي. اهڙو سندس انداز سڄي وهڪري ۾ صرف چند جڳهين تي آهي. سيوهڻ کان ڏاڏوري پتڻ تائين درياءَ اهڙو موڙ وري ملاڪاتيار وٽ ڪري ٿو نہ تہ سڌو ئي سڌو وهندو اچي. پر ملاڪاتيار واري موڙ وٽ درياءَ کي ٻنهي پاسن کان خوبصورت ٽڪريون ڪونہ آهن. ڏاڏوريءَ وٽ انهن ٽڪرين مٿان سنڌو سڌو وهندي ڏسڻ ۾ سندس سونهن هڪ جادوئي اثر ٿي ڪري، اُن کان اڳتي سمنڊ جي ڇوڙ تائين درياءَ سان ڪٿ بہ جبل ڪونہ ٿو ملي. سپر هاءِ وي ٺهڻ کان اڳ جڏهن صرف نيشنل هاءِ وي هوندو هو تڏهن انهيءَ جڳهہ تي ڪراچيءَ جي سرمائيدارن پنجاهہ جي ڏهاڪي ۾ پنهنجا خوبصورت بنگلا ٺهرائڻ شروع ڪيا. جنهن ۾ باواني سيٺين جو بنگلو اڃان بہ ٺهيو پيو آهي. پر ڏاڍي خراب حالت اٿس، سپر هاءِ وي ٺهڻ ۽ سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال خراب هئڻ ڪري پوءِ اها صورتحال تبديل ٿي وئي. هاڻ اهڙا فارم هائوس توهان کي سَوَن جي تعداد ۾ سپر هاءِ وي تي نظر ايندا. ڏاڏوري واري علائقي جي صورتحال ويتر اڳوڻي کان بہ خراب آهي. اُتي هڪ بلوچ جو خوبصورت باغ آهي ان باغ جي مالڪ کي بہ ڌاڙيل اغوا ڪري ويا هئا. اُتان هاڻ ٻني جي ماڻهن جي اچ وڃ بہ ختم ٿي چڪي آهي، جي امن امان جي صورتحال ائين خراب نہ ٿئي ها تہ اهو علائقو وڏي پئماني تي ترقي ڪري ها. جو تہ ٺٽي ۾

جڏهن ابڙو ڊپٽي ڪمشنر هو تڏهن به حڪومت سوندن وٽ هڪ تمام وڏو پبلڪ اسڪول ٺاهڻ جو پلان ڪيو هو پر اهو به امن امان جي صورتحال جي نذر ٿي ويو. ڏاڏاوري وٽ اهي جبل ته مٿاڻ تي هوندا هئا. جڏهن انهن جبلن تي ويهي پنهنجي ڏانهن نظر ڪبي هئي ته پنهنجي جا سڀ وڏا وڻ صاف نظر ايندا هئا. بابا سائين مون کي وڏن وڻن ڏانهن اشارو ڪري ٻڌائيندو هو ته هي وڏو نم پنهنجي اوطاق وارو آهي هي ٻير ٽڪاٽي جو آهي، هي آمري پاٽين جي آهي، هي وڏا گهٽي تعداد وارا وڻ پنهنجي بنگلي وارا آهن. هماليه جي چوٽيءَ مان شينهن جي وات مان نڪرندڙ هي درياءَ جنهن کي اُتي جا لداخي شير درياءَ چوندا آهن، ساوڻ ۾ هٿ به شينهن جيان گجگوڙ ڪري وهندو هو. منجهس هلندڙ وڏيون وڏيون ٻيڙيون ڪاغذن جي ٻيڙين جيان لڳنديون هيون. نندي هوندي جا ڏٺل هي حسين نظارا اڄ به جڏهن ياد ٿا پون ته يادگيريون سمنڊ جيان شرير ۾ چولِيون ٿيون هڻن هن علائقي جو پٿر پڻ تمام قيمتي آهي اهو ٺٽي جي مشهور مغل بادشاهي مسجد ۾ به استعمال ٿيل آهي. وڏا وڏا ٺيڪيدار ڪراچي ۾ ٺيڪيداري ڪمن ۾ پنهنجن گهرن ۾ استعمال لاءِ هي پٿر ڪٽي وڃي مشين ۾ گهڙي ٺاهي پوءِ عمارتن ۾ استعمال ڪندا آهن. مون به بابا سائينءَ جي قبر جو پٿر ڏاڏوري مان ٺهرائي پوءِ اڇي قبر تي رکيو. هت تازو ڏاڏوري جبلن تي برسات پئي آهي ۽ مالوند ماڻهو مال چاري رهيا آهن، جنهن ۾ ڳئون، ٻڪرين ۽ رڍن جو وڏو تعداد نظر اچي رهيو آهي. جبل جا مالوند ماڻهو مينهون ڪونه پالين، چو ته ماهي مال کي پاڻي جام گهرجي ۽ جبل ۾ پاڻيءَ جي کوٽ ٿئي. پر جڏهن برسات جام پوي ته جبل کان ٻاهريان ماڻهو به پنهنجو مال ڪاهي جبل وڃن. ان موسم کي مالوند ماڻهو وَس چون، وَس جو لفظ شاهه سائين پنهنجن بيتن ۾ به استعمال ڪيو آهي. جبل جا ماڻهو ڏاڍا سادا ۽ سڀاجها ٿين، انهن ۾ به مال چاريندڙ ڌراڙ ته وڌيڪ سادا ٿين. ظاهر آهي ته انهن کان ٻيو ڪم ڪونه ٿو ٿئي، تنهن ڪري ئي هنن کي مال حوالي ڪيو ويو آهي. هو مال جا ڌڻن جا ڌڻ جنهن ۾ سوين رڍون، ٻڪريون ۽ ڳئون ٿين، سي سڀ حفاظت سان چاريو اچيو شام جو وٿاڻن تي پهچائين. هڪ ڀيرو مون هڪ ڌراڙ کان سوال ڪيو ته تون ڪيئن هنن سڀني جانورن جو حساب رکين؟ پاڻ چيائين ته سچو حساب آئون منهنجي آڱرين تي ڪريان ۽ ڪڏهن به مون کان هڪ به ٻڪري وئي ڪانهي. هونئن به انهيءَ زماني ۾ جابلو علائقي ۾ چوري ڪانه ٿيندي هئي. جبل جي ماڻهن جو ڌنڌو جيئن ته صرف مال چارڻ آهي. تنهن ڪري هو واندا ڏاڍا هوندا آهن ۽ انهيءَ واندڪائي جي پورائي لاءِ هر رات جو ڪچهريون ڪن. جنهن ۾ گجهارتون، ڏور، ٽڙيبيت ۽ مورا ڳائي سڄي رات پوري ڪن. بيماري ۽ خاص ڪري مال جي بيماريءَ جو علاج به هو رڳو گيهه جي ڏُڪن ۽ جابلو ٽوٽڪن تي ڪن. اڄڪلهه ته اُن جابلو مورن جي سرن تي ڪئين گيت ٺهي پيا آهن، جيڪي ڏاڍا مشهور ٿيا آهن. جبل جي ماڻهن جو مزاج به ٽر جي ماڻهن جيان ٿئي. ڪاڏي پيٽي جي شين کي اهڙي نموني محفوظ ڪري رکن جو ڪيتري وقت تائين اهي شيون خراب ئي ڪونه ٿين. جنهن ۾ گوشت به شامل آهي. جبل جا ماڻهو گوشت کي سنڀالي رکن ۽ کائڻ جا ڏاڍا شوقين آهن. شايد اُن ڪري سندن صحت به ڏاڍي سُٺي ٿئي. اصل جاٺا جوان لڳا پيا هوندا آهن ۽ اهي ڏاڍا سخت جان به هوندا آهن. جابلو ماڻهو توهان کي ڪڏهن به ڪمزور يا ڏٻرو يا ٿُلهو ۽ پيٽ وڌيل ڪونه ملندو. سندن عمر به تمام وڏي ٿئي. ماهر ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته جبلن ۾ رهڻ وارا ماڻهو، ياڇيون ۽ روازنا اسپرين جي گوري کائيندڙ ماڻهن جي صحت سُٺي ۽ عمر وڏي ٿيندي آهي. شاهه صاحب سسئي ۽ جبل کي ڳائي چڻ ته جبل کي ڏک جي علامت ڪري چڏيو آهي. جبل معنيٰ ئي ڏک ۽ ڏوراپو ٿي پيو آهي.

پر اڄڪلهه يورپ، هندستان ۽ پاڪستان ۾ هل اسٽيشنون ته سيروتفريح جي علامت ٿي پيون آهن. شملا، ڪوه مري، گلگت، ناراڻ ڪاغان سڀ پهاڙن تي ته آهن. پر سنڌ جا جبل سواءِ مينهن، برساتن جي گرم موسم ۾ تپيو ٽاندو ٿيو پون ۽ انهن گرمين جي مهينن ۾ جبلن ۾ اهڙيون ته لُڪون لڳن جو ماڻهن لاءِ اُت رهڻ ئي ڏکيو ٿيو پوي ۽ سياري ۾ وري جام سردي ٿئي ۽ ان گرمين ۽ سردين ۾ جابلو ماڻهن پيرن ۾ نوڙين جو ٺهيل چمپل پائين جنهن کي هو چال چون ۽ پاڻ ئي نظريي ضرورت موجب ٺاهين. جبل جا ماڻهو مرٽي تي مٽي تي ڪارو پٽڪو ٻڌي ڏک جو اظهار ڪن. ٿر ۾ ٿريءَ اُت تي عورت اڳيان ويهاري تي معنيٰ سندس پيڻ آهي ۽ جي عورت پويان ويٺل آهي ته معنيٰ سندس زال آهي. جيئن ته ٿر جي ماڻهن جو گذران سندن مال تي آهي. تيئن ئي جابلو ماڻهن جو گذران به مال تي ٿئي. تنهن ڪري هو پاڻ کان به مال جو خيال وڌيڪ رکن ۽ پنهنجي سهولت کان به مال جي سهولت کي وڌيڪ ترجيح ڏين. جت مال خوش اُت سندن رهائش ڪن. تنهن ڪري هو هڪ هنڌ گهر ڪري ڪونه ويهن ۽ خانه بدوشن جيان هڪ هنڌ کان ٻي هنڌ رُلندا وتن. هي سڀ هڪ هنڌ گڏ ٿي ڳوٺ ٻڌي ڪونه رهن، پر گهر گهر جدا هڪ ٻئي کان ڪوهين ڏور ٿي ويهن.

مون سائين جي ايم سيد واري اليڪشن، جنهن ۾ پاڻ ۽ ملڪ سڪندر هڪ ٻئي جي سامهون هئا، دادو ضلعي جو ڪوهستان وارو سڄو علائقو ڏٺو، جنهن ۾ سري، ٿاڻو بولاخان، ٿاڻو احمد خان، مول ڪرچات وغيره. اُن اليڪشن ۾ بابا سائين پنهنجي مان پنجاهه کن ماڻهو موڪليا هئا ۽ پاڻ سائين جي ايم سيد جو چيف اليڪشن ايجنٽ هو. سائين جي ايم سيد، بابا سائين ۽ آئون

مول ۾ وڃي وڏيري ملهه پالاريءَ جا مهمان ٿياسين. خبرن چارن کان پوءِ سڄي رات ڪچهري هلي، ڪچهريءَ ۾ پرپاسي جي راڄن جا ڪنئين ماڻهو شامل هئا. وڏيري ملهه ٻه وڏا ڇيلا ذبح ڪرايا، جنهن ۾ ڪنئين طعا م تيار ٿيا. انهن طعامن جو سواد ۽ اها ڪوهستاني ڪچهري مون کي اڄ به ياد آهن. پاڻ سائين جي ايم سيد ۽ بابا کان ٻه ٽي ڀيرا حال احوال ورتا. صبح جو مکڻ، ماکي، ماني ۽ ڏڌ کائي پوءِ جبلن جي ڳوٺن ۾ اليڪشن ورڪ ڪندا وڃي سن پهتاسين.

ٻني جو شهر جابلو ۽ سرسبز علائقي جي وچ ۾ درياءَ ۽ ٻيلن جي ٻنڌين تي آباد هئڻ ڪري هميشه سرسبز ۽ خوشحال رهيو آهي. ٻنوري تعلقي جي ٻڪڪ موريءَ کان ڇوريا جاگير تائين وارو خطو ٻي سڄي لاڙ جي علائقي کان مختلف آهي. هتي جون زمينون سم ۽ ڪلر کان پاڪ ۽ تمام زرخيز آهن. وڏي ڳالهه ته جَرَ جو پاڻي به مٺو ٿئي. اُن خطي ۾ رهندڙ ماڻهن صدين کان ڪڏهن ڏکيو ڏينهن ڪونه ڏٺو. پر هينئر 2000ع کان 2004ع تائين واري عرصي ۾ درياءَ ۽ ٻئراجن ۾ پاڻيءَ جي کوٽ جي ڪري ماڻهن کي اڃڻ وارا ڏينهن ڏکيا پيا نظر اچن. ٻني جي پرسان پراڻي پيچاري ۾ منهنجي سڄي ڄمار ۾ صرف انهن سالن ۾ پاڻي ڪونه چڙهيو. انهيءَ آبادين ڪري جبلن کان ڪيترائي قبيلا لڏي اچي هت آباد ٿيا ۽ هميشه لاءِ هتي جا ٿي ويا. جن ۾ چانگ، گدا، برفت، جاکرا شامل آهن. جيڪي هاڻ هت پنهنجن گهرن ۽ ڏنڌي ڏاڙين وارا ٿي ويا آهن. ان جبلن جي سرسبز ۽ شاداب ساوڪن تي چرندڙ مال کي ڏسندا اچي ڏاڏوري پتڻ تي پهتاسين. هت سنڌوءَ جو پاڻي موج سان وهي رهيو آهي. اسان ڪانڌيري پاتڻيءَ جي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي اچي درياءَ جي ٻي پر پهتاسين.

جَتَ اسان کي ڏسي پنهنجي اُٺ جو ڳوڏي ماڻ رسو ڪوليو ته اُٺ به اٿي بيهي رهيو. شايد ڪافي وقت کان سندس ڳوڏو رسي سان ٻڌل هو. اهو اُٺ کي هڪ هنڌ ويهارڻ جو نُسخو آهي. ائين نه ڪرڻ سان اُٺ اُٿي هڪ ٻئي سان وڙهندا هئا يا هيڏانهن هوڏانهن ڀڄي ويندا هئا. ڏاڏوري پتڻ کان ٻنون پنج ميل ڪن ٿيندو. اهو رستو جهرڪ کان اڌ پنڌ جيترو ٿيندو. جهرڪ کان ٻني لاءِ صرف ٻيڙيءَ رستي اچڻ جي سهولت هئي پر ڏاڏوريءَ کان ٻني پهچڻ لاءِ ٻيڙي ۽ اُٺ ٻئي سهولتون هيون. پر ڪڏهن ڪڏهن جي ٻيڙي، اُٺ نه مليا ته پنڌ به هليو اچبو هو. نوان ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن ٻيلي ۾ گس ڀُلجي ڪٽان جو وِڃي ڪٽان نڪرندا هئا. ائين هڪ ڀيرو مون سان به ٿيو هو. رستو ڀُلجي وڃي وڏيري علي محمد ڳڳي جي ڳوٺ پهتس. پوءِ وري اُتان ٻچاءُ بند کان پيٽو پنڌ ڪري ٻني اچڻو پيو ۽ گهر پهچڻ شرط بخار شروع ٿي ويو. اهو سهڻو سفر مون کي زندگيءَ ڀر ڪونه وسرندو.

اسان اُٺ تي ٻني ڏانهن روانا ٿياسين، جتان پنجاهه فوٽو، سؤ فوٽو شيديءَ جي پٽ ۽ قيدين وارا ڪامان لتاڙيندا ٻني پيا وڃون. رستي ۾ برساتن تي پيرون، پُسيون، ڏونئرا، گولاڙا، ڳرگالون، دودڦلا، ڳانگيون، مُنگها، ڇيڙ ڪنيون ۽ چانهيون کائيندا ۽ ڪٽندا اڳيان پيا اچون. اُن دؤر ۾ ٻني مان شاگرد پڙهڻ لاءِ حيدرآباد ۽ ڪراچي پهچي تعليم پرائي وڏن وڏن عهدن تي پهتا. اڄ جي حالتن ۾ هتي جا ٻيلا ڌاڙيلن لاءِ هڪ محفوظ جڳهه ٿي پئي آهي، جت نه رڳو اغوا، ڌاڙن ۽ ڦرن جو خدشو آهي پر ٻين هنڌن کان به ڌاڙيل مغوين کي ڪٺي اچي ڪڏي ويران ٻيلي ۾ قيد ڪندا آهن جنهن جو مثال سنڌ جو مشهور سرجن ڊاڪٽر محمد حسين لغاري آهي، جنهن کي ڌاڙيل حيدرآباد جي علائقي گلستان سجاد مان اغوا ڪري اچي ٻني ويجهو ڪڏي ٻيلي ۾ رکيو. حاصل مطلب ته ڌاڙيلن لاءِ هي علائقو وڏيڪ محفوظ آهي. هتي جي پوليس کان ڪين ڪوبه خطو ٿو محسوس ٿئي. ڏاڏوري پتڻ کان ٻني تائين اُٺ جو ڀاڙو سوا روپيو هوندو هو. اُٺ تقريباً ڪلاڪ وٺندو هو.

اُٺ اسان کي آڻي اُنن جي ڪوڙي تي لاٿو. جتان اسان گهر پهتاسين، جيجي وڏي ڀاڪر پائي چميو ۽ ٻين گهر ڀاتين به بيحد پيار ڪيو. شام جو والي بال تي ويس ۽ رات جو شهر. پر ڪجهه ڏينهن ۾ مون کي گهڻو بازار وڃڻ سٺو ڪونه لڳو ۽ هاڻ آئون بازار گهٽ وڃڻ لڳس ۽ گهڻو وقت اوطاق تي ويهڻ لڳس، ته دوست يار به اوطاق تي اچڻ لڳا. مون ٿوري وقت ۾ محسوس ڪيو ته شهر جي ماڻهن جو رويو به مون سان هاڻ هڪ نئڌي ٻار وارو نه پر هڪ شهر ۾ پڙهندڙ شاگرد وارو محسوس ٿيو. جنهن ۾ هنن مون کان هاءِ اسڪول، هاسٽل، حيدرآباد اچڻ ۽ وڃڻ، هاسٽل ۾ کاڌي پيتي جا احوال پڇيا. مثال شهر ۽ ٻهراڙيءَ جو تفاوت ۽ ٻني جي پڙهائي ۽ حيدرآباد جي پڙهائي، استادن جا نالا، پڙهائي تي خرچ گهڻو ٿو اچي، سال ۾ گهڻا ڀيرا ڳوٺ ڇڏيندا. ٺٽي ضلعي جا ٻيا گهڻا شاگرد آهن ۽ ٻيا به ڪنئين سوال پڇيا. اُنهن سوالن ڪري مون ۾ هڪ قسم جو اعتماد پيدا ٿيو ته منهنجي به ڪا اهميت آهي، جو ڳوٺ جا ماڻهو مون سان ملڻ ٿا اچن ۽ هيترا سوال ٿا پُڇن! اعتماد سان گڏ هڪ ذميواريءَ جو احساس به ٿيڻ لڳو، جنهن ۾ پاڻ کي وڏو محسوس ڪرڻ ۽ هر ڳالهه جو جواب سوچي سمجهي ۽ ذميواري سان ڏيڻ شامل هو. ذميوار انسان جي جسم ۽ ذهن ۾ جڏهن تبديلي اچڻ شروع ٿئي ٿي. تڏهن ماڻهوءَ جي روين ۾ به تبديلي هڪ فطري عمل آهي. جنهن جا اثرات انسان کي ڪنهن به طرف وٺي وڃي سگهن ٿا. اهو عمل انسان کي بلوغت جي شروعاتي دؤر ۾ منجهائي ڇڏيندو آهي. ٻار جي صحيح تربيت، مائٽن جي روين ۽ گهريلو ماحول منجهان ئي ماڻهو پاڻ لاءِ ڪو رستو ڳولهي لهندو آهي، جنهن تي پوءِ ماڻهو سڄي زندگي هلندو رهندو آهي.

ماڻهن جي روين سبب مون ۾ به تبديلي آئي. اُن ۾ بازار گهٽ وڃڻ، روز ڪپڙا بدلائڻ، وڏن جي ڪچهريءَ ۾ ويهڻ، ريڊيو تان خبرون ٻڌڻ، اخبار پڙهڻ ۽ ٻيون به ڪنئين تبديليون آيون. بابا مون کي پاڻ سان گڏ شادين ۽ ميلن ملاکڙن تي به وٺي وڃڻ لڳو.

اسان ٻچل گگي جي ڳوٺ شايد سندس پٽن جي شاديءَ تي وياسين، جت ڪيترن راڄن جي ماڻهن سان ملاقات ٿي. ٻني جي ڀرپاسي ۾ هونئن ته ڪنئين وڏا قبيلا ۽ ذاتيون آباد آهن پر انهن ۾ ڇهه وڏا راڄ جيڪي ميربحر، لاشاري، مگسي، سومرا، پليجا ۽ گگا آهن. ڀهراڙيءَ ۾ اهي ذاتيون پاڻ ۾ مٽي مائٽي ڪونه ڪن. پر اهي ساڳيون ذاتيون ۽ قومون شهرن ۾ هڪ ٻئي سان مٽي مائٽي جي رشتي ۾ ڳنڍجي ويون آهن. جنهن جا پاڻ وٽ ڪنئين مثال آهن. جو سومرن پليجن مان، پليجن سومرن مان، پليجن ميمڻ مان، ميمڻن پليجن مان، پليجا ٻروچن سان به مٽيون مائٽيون ڪري هڪ ٿي ويا آهن. اهو عمل ۽ سوچ به حيران ڪن آهي ته جيڪو عمل اسان کي شهرن ۾ سٺو ٿو لڳي سو عمل اسان لاءِ ڀهراڙين ۾ ناممڪن آهي ۽ اهڙن روين ڪري اسان وچون پٽتي پوندا ۽ هڪ ٻئي کان ڌار ٿيندا. انهن وڏين ذاتين کان سواءِ ٻيون به ڪنئين ننڍيون ننڍيون ذاتيون هت آباد آهن. ڪيترن جا نالا لکجن. ٻني ۽ ڀرپاسي ۾ ڪنئين درگاهون آهن جن ۾:

1- شاهه فتح محمد

2- مورو فقير

3- شاهه ولي (هت مور ۽ ڍيلون جام هوندا هئا پر هاڻ ڪونهن)

4- شاهه پير ڏنو

5- مائي نياڻي

6- شاهه اسماعيل (دَڙِ ۾)

7- احمد شاهه (راهوٽ پرسان) شامل آهن.

ٻني جي قبرستان ۾ 1919ع ۾ پليگ کان اڳ صرف ننڍن ٻارن کي دفن ڪيو ويندو هو ۽ سندس نالو ئي "معصومن جو مقام" هو. پر 1919ع واري پليگ ۾ ايڏي ته وڏي تعداد ۾ ماڻهو فوت ٿيا جو ٻئي هنڌ کڻي وڃڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو هو. تنهن ڪري ننڍن سان گڏ وڏن کي به اُت دفن ڪرڻ لڳا، جيڪو اڄ تائين جاري آهي. اُن کان اڳ ۾ اسان جي خاندان جو قبرستان لاکي پير تي هوندو هو. منهنجي ڏاڏي ارباب عبدالحئي جو پيءُ ارباب نورمحمد ۽ اسان جا ٻيا مٽ مائٽ اُت مدفون آهن. جن مٿان چٽسالي ٿيل پٿرن جون راڪون ٺهيل آهن. اُن پليجن جي قبرستان جو ڪيترن ليکڪن پنهنجي لکڻين ۾ ذڪر ڪيو آهي. ٻني جي ڀرپاسي ۾ ڪيترائي ڳوٺ آباد آهن پر انهن سڀني ۾ راهوٽ وڏيڪ تاريخي ۽ قديم شهر آهي. جيڪو خود ٻني کان گهڻو آڳاٽو آهي اهو راهوٽ جي شهرين جي رسم رواج مان ظاهر آهي. راهوٽ جو ذڪر مير علي شير قانع جي تاريخي ڪتاب تحفة الڪرام ۾ به آهي. پر ٻني يا ٻنوري تعلقي جي ڪنهن به ٻئي شهر جو ذڪر ڪونهي. ٻني جي ڀرپاسي ۾ ڪيترائي شهر ته بلڪل هينئر ٺهيا آهن. جن ۾ ڊيو پليجو موري، موالي موري، قادر ڏنو شاهه موري قابل ذڪر آهن. ٻني شهر مان ٻي عالمي جنگ ۾ محمد حسن خاصخيلي جنهن کي شهر جا ماڻهو محمد حسن مخول جي نالي سان ياد ڪندا آهن، فوج ۾ ڀرتي ٿي جنگ ۾ حصو ورتو ۽ پاڻ انگريزن جي فوج سان گڏ برما ۾ ڪجهه سال رهيو. پوءِ جڏهن جنگ ختم ٿي ته پاڻ واپس ٻني آيو، اچڻ شرط سندس ماءُ سان اردوءَ ۾ ڳالهايائين ته سندس ماءُ روئي وڌو ۽ پاڙي وارن کي ٻڌايو ته منهنجو پٽ چريو ٿي ويو آهي. خبرناهي ته ڇا پيو چوي. آئون ته سندس ٻولي سمجهان ئي ڪانه ٿي. مرڻ گهڙيءَ تائين اها سندس پراڻي وردي اڪثر پائي شهر ۾ چڪر ڏيندو رهندو هو ۽ پاڻ جنگ جا احوال هر هڪ کي ٻڌائيندو رهندو هو. سندس پيءُ عمر مخول به ڏاڍو دلچسپ ماڻهو هوندو هو. 1970ع واري بنگال جي جنگ ۾ ٻني مان پنهون ميربحر بنگال ويو ڪيترا سال هندستان ۾ جنگي قيدي ٿي پوءِ واپس ٻني آيو. اُن به بنگال ۽ هندستان جي قيدين جا ڪنئين قصا ٻڌايا. ان کان سواءِ سمنڊ ۾ مڇي ماريندي ٻني جا ٽي ميربحر هندستان نيوي گرفتار ڪري هندستان جي سابرمتي جيل ۾ قيد ڪري رکيا. سابرمتي اهو شهر آهي جت گانڌي پيدا ٿيو، اهي ميربحر به سالن کان پوءِ هندستان جيل مان آزاد ٿي ٻني آيا، سندن نالا هي آهن:

1ـ نور محمد ملاح

2ـ يار محمد ملاح

3۔ عثمان ملاح
4۔ غلام مصطفيٰ ملاح
ٻني شهر مان مختلف سياسي تحريڪن دوران هي شهري جيل ڪاٽي آيا.
1- ارباب نورمحمد پليجو (منهنجو والد)
2- مولوي محمد يوسف قاضي
3- عبدالحئي پليجو
4- مير نصير پليجو (منهنجو ننڍو ڀاءُ)
5- ڊاڪٽر سيلمان پليجو (منهنجو ڀاڻيجو)
6- محمد موسيٰ سومرو
7- عبدالغفور قاضي
8- رياض احمد پليجو
9- ڊاڪٽر عبدالعزيز سومرو
10- انجنيئر عبدالعزيز سومرو
11- آچار ڪنڀار
12- اڱاريو مڱڻهار
13- عبدالغني پليجو
14- حاجي ٻچو، شامل هئا.
ٻني ۽ ڀرپاسي ۾ هي فنڪار سگهڙ ۽ پلهوان هئا.
فنڪار (راڳي):
1- استاد حاجي شيدي
2- استاد بلو شيدي
3- استاد گلشير خاصخيلي
4- استاد الهڏنو سومرو
5- غلام مرتضيٰ پليجو

سارندا:
1- يعقوب ميربحر سرندي نواز
2- راڻو ميربحر دنبوري نواز
3- ملهار لاشاري نڙ وارو
4- بهادر منگڻهار باسري نواز
5- فقير وسايو عرف وسو منگڻهار شرنائي وارو
6- محمد جمن منگڻهار شرنائي وارو
7- اعجاز خاصخيلي ڍولڪ نواز

ٻني شهر ۽ ڀرپاسي ۾ ڀرت جو ڪم ڏاڍو لاجواب ٿيندو آهي جنهن ۾ زري، مُڪو، هرمنج ۽ آر شامل آهن. ان ڪان سواءِ ڪرڙين جو ڪم ٻه ڪنهن زماني ۾ ڏاڍو سٺو ٿيندو هو پر هاڻ اهو ڪم ڪور واهه طرف ٿيندو آهي.

ٻني ۾ زريءَ جو ڪم ته ڪنئين قومون ڪنديون آهن پر جيڪو ڪم سومريون عورتون ڪن ٿيون، ان جو جواب ڪونهي. صفائي، سُنائي ته ڪو انهن ڪان سکي، خاص ڪري مٿي تي ڀهرڻ لاءِ وڏيون گنديون (چنريون) ڏاڍيون سُٺيون ٺهنديون آهن. جيڪي ڀري ڀري جا وڏا وڏا ماڻهو هتان ٺهرائيندا آهن. ڪن گندين تي ته ڏهه ڏهه هزارن تائين ٻه خرچ اچي ويندو آهي.

مون پنهنجي ٻن مهينن جي موڪلن ۾ خوب گهميو ڦريو ۽ ميلا ملاڪڙا ڏٺا ۽ شادين ۾ شريڪ ٿيس، وئڪيشن دوران 28 جون 1958ع تي عيد ٿي جنهن ۾ اگوٺي ڪان ٻه وڏيڪ مٽن مائٽن ۽ بابا جي دوستن خرچيون ڏنيون. بابا عيد جي ڏينهن ڳوٺ جي معززين جي دعوت ڪئي ان ۾ آئون ٻه شريڪ ٿيس. دعوت ۾ شريڪ ماڻهو بابا سان گڏ مون سان ٻه ملندا رهيا ۽ حيدرآباد ۾ تعليم جا حال احوال وٺندا رهيا ۽ اُن زماني ۾ عام ماڻهن جو حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ گهٽ اچڻ وڃڻ ٿيندو هو.

وئڪيشن ختم ٿيڻ شرط آئون وچي حيدرآباد پهتس، هاسٽل ۾ اڳئي داخلا ٿي چڪي هئي. صبح سوير اسڪول وياسين جت سائين بالاديءَ سيني چوڪرن کي ٻڌايو ته هاڻ باقائدي پڙهائي ٿيندي، سو رهيل ڪتاب وٺو ۽ سياڻي ڪان اسڪول ۾ يونيفارم پائي اچبو، جن چوڪرن جو يونيفارم ٺهيل يا ورتل ناهي سي پنهنجو يونيفارم درزيءَ ڪان ٺهرائين يا شاهي بازار مان وٺن. اسڪول ۾ ٻن ٽن استادن ٻه اسان کي اهڙي قسم جون هدايتون ڏنيون ۽ ان ڏينهن شام جو اسان رهيل ڪتاب ۽ پنهنجا يونيفارم خريد ڪيا. آئون ٻي ڏينهن زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو پتلون پائي اسڪول روانو ٿيس. پاڻ کي ڪجهه مختلف محسوس ڪيم ائين اسان جي اسڪول ۾ باقاعدي پڙهائي شروع ٿي وئي. پهرين ڪجهه محنت ڪرڻي پئي پر پوءِ ڪا خاص تڪليف يا نئون ماحول محسوس ڪونه ٿيو. اُن جو هڪ سبب هي ٻه هو جو هاسٽل ۾ سڀ شاگرد اسان جيان ٻهراڙين ڪان آيا هئا ۽ اسان سيني لاءِ تقريباً هڪ جهڙو ماحول هو، تنهن ڪري اسان سڀ هڪ ٻئي سان يڪدم رلي ملي وياسين.

اسڪول جي پڙهائي دوران سيد حفيظ شاهه مرحوم سيدپور وارو، عبدالحميد ميرپور ٻٺوري وارو ۽ فدا ڪوسو دريا خان ڪوسي جو ڀٽ جيڪب آباد وارو، نجم ميمڻ دڙي وارو ۽ موري منگر جو هڪ شاگرد جنهن جو مون کي نالو ياد ڪونه ٿو اچي. انهن سان منهنجي ويجهڙائپ ٿي. 1958ع ۾ اجان حيدرآباد بورڊ شروع ڪونه ٿيو هو ۽ اسڪولن، ڪاليجن جا امتحان سنڌ يونيورسٽي وٺندي هئي ۽ سنڌ يونيورسٽي ۾ ٻه بمبئي يونيورسٽي جو ڪورس پڙهائبو هو، تنهن ڪري ان وقت تعليم جو معيار تمام اُچو هوندو هو ۽ سخت محنت ڪرڻي پوندي هئي. پر لائق، هوشيار ۽ باصلاحيت استادن جي ڪري پڙهڻ ۾ ڪابه تڪليف محسوس ڪانه ٿيندي هئي. اسان جي دؤر جا شاگرد محنت ڪرڻ ڪري وڏن وڏن عهدن تي وڃي پهتا تن ۾ ڪن ته تمام وڏو نالو پيدا ڪيو. انهيءَ وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر علامه آءِ آءِ قاضي هو.

انگريزن کان اڳ سڄي هندستان جيان سنڌ ۾ ٻه مغلن ڪان وٺي ميرن تائين حڪومت جو سڄو ڪاروهنوار فارسي زبان ۾ هلندو هو. مدرسن ۾ ٻه شاگردن کي قرآن شريف سان گڏ فارسيءَ ۾ تعليم ڏني ويندي هئي. اهو مشهور هو ته: ”فارسي گهوڙي چاڙهه سي.“

ان فارسي تعليم لاءِ سيوهڻ، ٺٽو، کهڙا، مٽياري، ولهاري ۽ حيدرآباد ۾ وڏا مدرسا هوندا هئا. اهو سلسلو انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ ڪان پوءِ ٻه ڏهه سال، يعني 1853ع تائين هلندو رهيو. جيسين وچي سنڌي لپي تيار ٿي، نه ته ان ڪان اڳ شاهه، سچل جا رسالا ٻه ابوالحسن جي سنڌيءَ ۾ لکيل آهن جيڪي مون وٽ ٻه آهن.

1853ع ۾ انگريزن سنڌ ۾ سنڌيءَ زبان کي رائج ڪيو. ۽ شهرن ۽ سنڌي اسڪولن ۾ سنڌي نصاب جي شروعات ٿي، جيڪو پنهنجي جڳهه تي هڪ ڏاڍو دلچسپ داستان آهي. اسڪول، استادن ۽ ڪتابن ڪان سواءِ هلي ڪونه سگهندا اُن لاءِ پهرين فارسي، عربيءَ ۽ گجراتيءَ مان ڏهه ڪتاب ترجمون ڪري اسڪولن کي ڏنائون پر مڪمل تعليم لاءِ سيني سبجيڪٽن لاءِ گهڻن ڪتابن جي ضرورت هئي. اُن وقت سنڌ جي صوبائي حيثيت ختم ڪري کيس بمبئي پرڳڻي سان ملايو ويو هو. هاڻ سڄي لک پڙهه بمبئي پرڳڻي سان ٿيڻي هئي. سنڌيءَ جي انهن درسي ڪتابن کي قائدي قانون پٽاندڙ جوڙڻ ۽ شايع ڪرڻ لاءِ بمبئي سرڪار بمبئي صوبي جي ماهر تعليم ۽ ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن مسٽر ڪاورنٽن (Covernton) کي اهو ڏکيو ڪم سونپيو. خوش قسمتيءَ سان اهو پاڻ ٻه سٺي سنڌي ڄاڻندو هو. سندس هيڊڪوارٽر پوني ۾ ٺاهيو ويو. سندس مدد لاءِ ڪمشنر سنڌ پهرين مرزا قليج بيگ کي مقرر ڪيو پر اُن جي انڪار ڪان پوءِ ديوان پريم چند کي پوني موڪليو ويو. حڪومت گهڻو سيليبس ٻين ٻولين مان ترجمو ڪرايو هو پر ڪجهه ڪتاب ترجمي ڪان سواءِ ٻه لکيا ويا. اُن نصاب جي ڪم ۾ :

1- مرزا قليچ بيگ

2- پيرو مل آڏواڻي

3- پرمانند ميوارام

4- ديوان ڪوڙو مل

5- ديوان خانچند ۽ ڪجهه ٻين مکيه ڪردار ادا ڪيو.

هنن لائق انسانن سالن جا سال وڏي محنت سان اُن ڪم کي مڪمل ڪيو. شاباس هجي انهن اسان جي تعليم جي ماهرن کي جن رات ڏينهن هڪ ڪري اسان کي ڪوڙ سارا درسي ڪتاب ڏنا. جنهن جي بنياد تي اسان جا اسڪول کُليا ۽ هليا. اسان جا ٻار پڙهيا ۽ اسان بہ برصغير جي پڙهيل قومن ۾ ليکجڻ لڳاسين، انگريزن هندستان جي ٻين صوبن ۾ اهو نظام اڳ ئي رائج ڪري ڇڏيو هو. سنڌ ۾ بہ پهرين اهي اسڪول صرف شهرن ۾ شروع ٿيا جت سنڌي مسلمان اٽي ۾ لوڻ برابر هئا. پر هندو وڏي تعداد ۾ آباد هئا ان مان انهن خوب فائدو ورتو تعليم ۾ هو اسان کان گهڻو اڳتي نڪري ويا ۽ اسان پٺيان رهجي وياسين، جيڪو اسان اڃان ڀيا لوڙهيون. جيتوڻيڪ خلافت تحريڪ، بمبئيءَ کان سنڌ جي جدائيءَ واري تحريڪ ۽ ورهاڱي کان پوءِ ون يونٽ خلاف تحريڪ ۽ ايم آر ڊي تحريڪ ۾ سنڌي مسلمانن تمام گهڻو حصو ورتو. ان ڪري هو سياسي سوچ ۾ هميشہ اڳيان رهيا آهن پر ورهاڱي کان اڳ تعليم ۾ پٺتي هئڻ ڪري اسان جو ڪافي نقصان ٿيو.

انهن اوائلي درسي ڪتابن مان ڪجهہ سبقن جون ڪي سٽون توهان کي بہ ٿو ٻڌايا جيڪي هن ريت آهن:

اُج لڳي آهي پاڻي ڏي
هن دلي ۾ تڏو پاڻي آهي
اک پت، انب ڏس
انب جي وڻ تي پکي ڏس
اتي ڏڪر ڪٽي اچ
*
ڪوڏڻ کي مکڻ ماني ڏي
سُکن ٻيرن کي ڪوڪلا چنبو آهي
هن گاڏيءَ جا ڦيٿا ٻگل آهن.

مون کي ڪنهن ٿي کير پياريو، پيار منجهان ٿي گود ويهاريو.
آءُ نہ ڪڏهن ڪوڙو ٿيندس- ساهہ سدائين سچ تي ڏيندس
مٿيان ٻہ نظم تہ موجوده ڪورس ۾ بہ موجود آهن. نصاب ۾ گهٽي ۾ گهٽا سبق:

1- پرمانند

2- مرزا قليچ بيگ ۽

3- ڪوڙي مل

لکيا، اهو علم جو پورهيو ڪرڻ وارن پهرين سمجهيو تہ ڪين ڪوبہ اُجورو يا عيوضو ڪونہ ملندو ۽ اهو صرف پنهنجي قوم ۽ ٻوليءَ جي خدمت ڪري رهيا آهن پر حڪومت انهيءَ وقت سندن پورهئي عيوض ڪين اُجوري جو مُلهہ هن ريت ڏنو.

هڪ سبق لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ روپيا ۽ وڌ ۾ وڌ پنج روپيا ۽ بيتن تي بہ اهڙي طُرح سان ڪين رقم ملي. مسٽر پرمانند ايترا تہ سبق ۽ بيت لکيا جو انهيءَ جي عيوض مليل پئسن مان هن هيٺ مٿي جڳهہ ٺهرائي. اُهو هو جذبو ۽ محنت، جنهن مان ماڻهن حق حلال جي ڪمائي مان پنهنجا گهر ٺهرايا. انهن سبقن لکڻ لاءِ حڪومت جيڪي هدايتون جاري ڪيون اُهي بہ ڏاڍيون دلچسپ هيون انهن مان ٻہ هدايتون توهان کي بہ ٻڌيان ٿو.

1- ڪنهن بہ سبق ۾ الله،خدا، ايشور، پرميشور ۽ ڀڳوان بدران ڏٽيءَ جو لفظ ڪم آڻبو، ڇو تہ اُهو لفظ هندو توري مسلمان

استعمال ڪن ٿا.

2- پهرئين کان چوٿين درجي جي سبقن لاءِ ٻه سؤ لفظ ۽ اُن کان مٿي درجي جي سبقن لاءِ اڍائي سؤ کان ٽي سؤ لفظ مقرر ڪيا ويا هئا. هر سبق کي ٽي چار پيرا پڙهبو هو ته جئين هندو توڙي مسلمانن جي دل آزاري نه ٿئي. انهن سيني ڪتابن جي ڇپائي جو ٺيڪو لنڊن جي هڪ ڪمپني مئڪملن کي ڏنو ويو هو. جيئن اڄڪلهه سنڌ جا ڪتاب لاهور ۾ پيا ڇپجن ۽ سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين هڪ غير سنڌي به ٿيو هو جنهن جو اصل ڳوٺ لڪي مروت سرحد صوبي ۾ آهي.

سنڌي ڪتابن جي ڇپائي کان پوءِ وري انگريزي ڪتابن ۽ انگريزي تعليمي ادارن جي کولڻ جو دؤر آيو ان ۾ به هندو مسلمانن کان گهڻو اڳتي نڪري ويا. هندن جي اسڪولن ۾ مسلمانن جي ٻارن کي تعليم ڪانه ڏني ويندي هئي. ان جو ذڪر جمال ابڙي پنهنجي آتم ڪٿا ۾ تفصيل سان ڪيو آهي.

سنڌ ۾ مسلمانن جو پهريون باقائدي انگريزي هاءِ اسڪول سنڌ مدرسو حسن علي آفنديءَ ڪراچي ۾ کوليو. جنهن ۾ پاڪستان جو باني محمد علي جناح ٽي پيرا سڪول ۾ داخل ٿيو ۽ ساڍا پنج سال اسڪول ۾ پڙهيو ۽ پوءِ اسڪول ڇڏڻ جي سبب ۾ لکيل آهي ته شاديءَ سانگي ڪڇ هليو ويو.

*(ڏسو ڪتاب سنڌ مدرسو صفحو 54)*

سنڌ مدرسي کان سواءِ حيدرآباد ۾ نورمحمد لاڪير وڪيل ڊيري ۾ الهندي شاهه ۽ ٽنڊي باگي ۾ مير غلام محمد ٽالپر ۽ سنڌ جي ٻين مسلمانن به هاءِ اسڪول کوليا پر ابتدائي طرح سان جيڪو تعليمي ڏڪ مسلمانن کي رسيو اُن سنڌي مسلمانن کي ڏاڍو نقصان رسايو. اهو عمل اڄ به جاري آهي. جو ته (C. B. M_ IBA Szabist) آغا خان ميڊيڪل يونيورسٽي، گرامر اسڪول، آمريڪن اسڪول ۽ ٻيا سڀئي اسڪول صرف ڪراچيءَ ۾ ۽ ۽ تمام گهڻا مهنگا آهن. جنهن ۾ سنڌين جي امير طبقي جا به چند ٻار پڙهندا آهن باقي عام ماڻهوءَ جا ٻار ته اهڙن ادارن ۾ پهچي ئي نٿا سگهن.

لِپيءَ، اسڪول ۽ هاءِ اسڪولن جو مسئلو حل ٿيو ته وري ڪاليج جو مسئلو پيدا ٿيو، جو ته ڪراچيءَ ۾ هڪ به ڪاليج ڪونه هو جت مقامي شاگرد پڙهن. انهيءَ لاءِ بمبئيءَ وڃڻو پوندو هو. جت عام ماڻهن جا ٻار ته پڙهي ڪونه ٿي سگهيا. امير ماڻهن کي به ڪافي ڏوڪڙ خرچ ڪرڻا ٿي پيا ۽ اها هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه ڪانه هئي. انهيءَ لاءِ به وري هندن ئي ڏاڍي محنت ڪئي ان مهم جو اڳواڻ ديوان ڏيارام گدو مل هو، جنهن اُن مهم لاءِ ڏاڍي ڪوشش ڪئي. ديوان ڏيارام گدومل اهو ماڻهو هو جنهن اوائلي دور ۾ مرزا قليچ بيگ جا سَؤ کن ڪتاب ڇپريا، ديوان صاحب هڪ عظيم انسان هو. انهيءَ عظمت جي هڪ خفيه قرباني ڪري پاڻ پوءِ سنڌ ڇڏي وڃي بمبئي ۾ گمناميءَ جي زندگي گذاريائين.

سنڌ ۾ ڪاليج به ديوان ڏيارام گدومل جي ڪوشش سان قائم ٿيو. هن هڪ آرگنائيزيشن ٺاهي سڄي سنڌ جو دورو ڪري ماڻهن کان چندو ورتو. جنهن ۾ سنڌ جا عامل پيش پيش هئا. ان وقت جي اخبارن سنڌ ٽائيمس ۽ سنڌ سڌارا وڏا وڏا ليک ۽ ايڊيٽوريل لکيا ۽ انهيءَ خير جي ڪم لاءِ سنڌ جي ماڻهن کي اپيلون ڪيون. ان وقت ممبي جو گورنر لارڊ ري هڪ تعليمي ماهر ۽ علم دوست انسان هو. سنڌس اها جستجو هوندي هئي ته سڄي صوبي ۾ تعليم عام ڪريان. ان وقت جي ڪمشنر کي چيف ڪمشنر جا اختيار مليل هئا جنهن ڪافي مدد ڪئي. ديوان ڏيارام گدومل ممبئي حڪومت، سنڌ سرڪار، ميونسپالٽين ۽ ضلعي لوڪل بوردن سان گڏ پنهنجي ذاتي دوستن کي به اُن ڪاليج جي چندي لاءِ ذاتي طور ساڻن ملي ڪين عرض ۽ مجبور ڪيو ته هو گهڻي ۾ گهڻو چندو ڏين.

ان ڪم ۾ جن ماڻهن سندس گهڻي ۾ گهڻي مدد ڪئي انهن ۾:

ڏيا رام اُڏارام

ڏيا رام چيئمل

اُڏارام مولچند

اي جي رستم

۽ ايدل جي ڊنشا

خاص قابل ذڪر هئا ٿوري عرصي ۾ ديوان ڏيارام گدومل اسي هزار روپين جو چندو گڏ ڪري ويو ۽ ايتري ئي رقم هن کي ممبئي سرڪار به ڏني. ڏسندي ڏسندي ٿوري عرصي ۾ ڪاليج ٺهي تيار ٿي ويو. جنهن جو نالو سنڌ آرٽس ڪاليج رکيو ويو. ”ڏيا رام چيٺ مل“ جي مرڻ کان پوءِ وڏي رقم جي عيوض هن ڪاليج جو نالو ڏيارام چيٺمل آرٽس ڪاليج رکيو ويو. جنهن جو مخفف ٿيو

اهو ڪاليج اڄ بہ سنڌ لا ڪاليج جي سامهون اُچي ڳاٽ سان قائم آهي. جنهن جي پروقار ۽ شانائتي بلڊنگ (D.J Arts Collage). اڄ بہ ڪراچيءَ جي مکيہ بلڊنگن مان هڪ آهي. ڪاليج ٺهڻ کان پوءِ ممبئي سرڪار جي گورنر لارڊري کي افتتاح لاءِ عرض ڪيو ويو هن پنهنجي پهرين مصروفيت ۾ هن ڪاليج جو افتتاح ڪيو. ممبئي جي گورنر لارڊ ري جو هي سنڌ جو پهريون دورو هو. اهڙي طرح سان ديوان ڏيا رام گدومل جي مهربانين ۽ ڪوشش سان سنڌ ڌرتيءَ تي پهريون آرٽس ڪاليج ٺهي راس ٿيو ۽ سنڌ جي ماڻهن جي ممبئي پڙهڻ لاءِ گهڻي خرچن کان جان ڇُٽي ۽ هاڻ اميرن سان گڏ سنڌ جا غريب ماڻهو بہ ڪراچيءَ ۾ تعليم وٺي تي سگهيا. اهو هو جذبو جنهن اسان ۾ ايڏي تعليمي سجاڳي آندي.

هيترن سالن گذرڻ کان پوءِ اڄ تائين صرف ٽن سنڌي سرنديءَ وارن مسلمانن حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ صرف ٽي اهڙا اعليٰ پائي جا دارا کوليا آهن. يعني حيدرآباد ۾ مرحوم نورمحمد لاکير جي ڪوشش سان:

1- مسلم ڪاليج

2- نور محمد هاءِ اسڪول

3- مسلم هاسٽل (جيڪو اڳ ٽريننگ ڪاليج هو)

4- نور محمد مڊل اسڪول

5- مسلم پرائمري اسڪول

۽ مرحوم حسن علي آفندي جي ڪوشش سان

1- سنڌ مدرسو

2- سنڌ لا ڪاليج

۽ هاڻ محترم بينظير ڀٽو جي ڪوششن سان .

1- شهيد ذوالفقار علي ڀٽو انسٽيٽوٽ آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي ڪراچي- لاڙڪاڻو- اسلام آباد- دبئي.

۽ لنڊن لا ڪاليج ائٽ ڪراچي کوليا آهن.وڏن شهرن ۾ جت سنڌ جا سنڌي مسلمان اڄ بہ پڙهائي لاءِ هزارن جي تعداد ۾ اچن ٿا ۽ سنڌي بہ هاڻ ڪافي تعداد ۾ سيمينٽ فيڪٽرين, شگرملن ۽ ٽيڪسٽائل ملن جا مالڪ ٿي ويا آهن. پر اسان جي اُن سرندي واري ڪلاس مان ڪنهن هڪ بہ ان طرف ڌيان ڪونہ ڏنو آهي. جڏهن تہ ٻين قومن جي سرنديءَ وارن پنهنجا ڪنئين ادارا ٺاهي ڇڏيا آهن. اسان جو رڳو اخبارن ۾ فوٽو ۽ بيان ڇپرائڻ تي زور آهي ان پهلوءَ تي اسان ڪڏهن بہ ڪونہ سوچيو آهي.

اسڪول جي پڙهائي دوران ڏهن ٻارهن ڏينهن تائين اسڪول ۽ هاسٽل ۾ داخلا لاءِ سڄي سنڌ مان شاگرد ايندا رهيا جن مان ابڙال وارو حاجي عثمان ٻانهپوٽي جو پٽ محمد حسين ۽ دڙي مان بہ ٻہ ٽي شاگرد هاسٽل ۾ آيا, پر پوءِ اهو سلسلو بند ٿي ويو ۽ باقاعدي سان ڪورس جي پڙهائي شروع ٿي وئي. روزاني پڙهائي سان گڏوگڏ هوم ورڪ بہ ڪافي ملندو هو. پر محنت ۽ شوق سان هوم ورڪ وقت تي ٿي ويندو هو.

پهرين ٻہ چار ڏينهن نئين ماحول ۾ سوچيندو هوس تہ شهر ۾ اسڪول ۾ ڏاڍي تڪليف ٿيندي پر پنهنجي محنت ۽ استادن ۽ مائٽن جي توجہ ۽ همت افزائي ڪري ڪڏهن بہ ڪا دقت محسوس ڪانہ ڪيم. ڪڏهن ڪڏهن سائين بالادي مڙئي ڪاوڙ ۾ اچي دڙڪا ڏيندو هو پر پوءِ جيئن جيئن ويو وقت گذرندو, تيئن تيئن وئي آساني پيدا ٿيندي.

سال ۾ هڪ ٻہ ڀيرا ٻين اسڪولن جا شاگرد هاسٽل جي شاگردن سان ڪرڪيٽ ۽ والي بال کيڏڻ آيا. ٻہ ڀيرا ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو جا شاگرد بہ نورمحمد هاءِ اسڪول جي شاگردن سان ڪرڪيٽ مئچ کيڏڻ آيا, ڪين ڏاڍيون سُنيون ڊريسون پاتل هيون. منجهن ڊسيپلين ڏسي آئون بہ ڏاڍو متاثر ٿيس ۽ دل ۾ سوچيم تہ ڪاش! آئون بہ ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ پڙهندو هجان ها. اُن شوق جي ڇڪاڻي مون هينئن ڪئي جو پنهنجي پٽن نورمحمد ۽ فرخ کي ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ داخلا وٺي ڏنم ۽ محبوب بہ اُتي ٽيسٽ ڏني ۽ رٽن ٽيسٽ ۾ پاس ٿيو ۽ سُٺي انٽرويو ڏيڻ جي باوجود بہ ڪيس پيٽارو ۾ داخلا ڪانہ ملي اُن جو سچو احوال ڏيئي آئون هڪ اداري کي بدنام ڪرڻ نٿو چاهيان.

هاسٽل ۾ پهرئين سال جي پڙهائيءَ دوران هڪ ڀيرو ڊرامو بہ ٿيو هو پر مون اُن ۾ حصو ڪونہ ورتو. جيئن جيئن وقت گذرندو ويو تيئن تيئن شاگردن جي هڪ ٻي سان گهرائپ وڌندي ويئي ۽ تيئن تيئن ڳوٺ جي سڪ وئي گهٽجندي. اسڪول, هاسٽل ۽ ان جي ماحول ۾ دلچسپي وئي وڌندي. نيٺ اهو بہ وقت آيو جو مهينن جا مهيناڳوٺ وڃڻ ڪونہ ٿيندو هو. هڪ ڀيرو تہ عيد تي بہ

ڳوٺ ڪونہ ويس ۽ جيجي وڏيءَ مون کي ڏاڍو ياد ڪيو. جنهن جو اڄ بہ ڏاڍو افسوس اٿم ۽ نيٺ بابا سائين مون کي وٺڻ آيو ۽ اُن سان گڏجي ڳوٺ ويس. هاسٽل ۽ اسڪول ۾ وقت گذرڻ سان نوان دوست بہ ٺهندا ويا جن ۾ محمد بچل، محمد صديق ۽ ولي محمد سمون شامل هئا. وقت گذرڻ سان گڏوگڏ ڪٽ ۾ منگهڻ بہ وڌندا ويا. انهن سان بہ پهرين دوستي ۽ پوءِ دشمني شروع ٿي وئي. جو تہ هاڻ هنن کي مارڻ روز جو دستور ٿي ويو. جيسين وچي هنن مان جان ڇُٽي. مون زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو منگهڻ هاسٽل جي کٽن ۾ ڏٺا، نہ تہ اڳ مون کي خبر بہ ڪانہ هئي تہ منگهڻ ڇاکي چئبو آهي.

هاسٽل جو بورچي سونهارو ۽ ڌوٻي ڏرگو هاسٽل جي زندگيءَ جا ٻہ منفرد ڪردار هئا جن سان ڳالهائڻ ۽ ملڻ ۾ مزو ايندو هو. هاسٽل جو اهو دستور هوندو هو تہ اچڻ شرط سونهاري کي ٻڌائبو هو تہ آئون ڳوٺان اچي ويو آهيان. جيئن ماني کائيندڙن ۾ منهنجو بہ نالو شامل ٿئي. ان جي جواب ۾ سونهارو اسان جي روبرو سندس نائب کي آرڊر ڪندو هو تہ ٻوڙ ۾ هڪ گلاس وڌيڪ پاڻي جو شامل ڪري ڇڏ. جيئن ٻوڙ زياده ٿئي. ڏرگو رات جو ٽري پيئڻ کان پوءِ صفا ٽُن ٿي ويندو هو تيسين گهروارن سان جهيڙو جاري رکيو ايندو هو جيسين وچي ڪٽ پيڙو ٿيئي. ڏرگو رات جو هڪ تہ ڏينهن جو ٻيو هوندو هو. ڏرگي کان ڏينهن جو رات واريون ڳالهيون صفا وسري ويندڍيون هيون يا گول ڪري ويندو هو سا خبر خدا کي. آخر ۾ صفا پوڙهو ٿي ويو هو پاڻ ٻارن سان هاسٽل ۾ رهندو هو سندس وڏو پٽ ۽ ٻيو اولاد ڏاڍا سُٺا ماڻهو هئا. آئون هاسٽل ڇڏڻ کان پوءِ بہ جڏهن هاسٽل ويندو هوس تہ ڪوشش ڪري کين ملندو هوس، ويچارا ڏاڍي عزت ڪندا هئا.

اسڪول ۾ سائين علي محمد شيخ هڪ دفعو واڙ يا لوڙهي جي معنيٰ وٺ ٻڌائي تہ مون ڪيس ڪريڪٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ پاڻ منهنجي ڳالهہ غور سان ٻڌي ناراض تہ ڪونہ ٿيو ٻيٹو منهنجي همت افزائي ڪيائين. اسڪول جي ڪُنڊ ۾ هاءِ اسڪول جي بهترين لائبريري هوندي هئي. جنهن ۾ ڪنئين ڪتاب ڪاٺ جي ڪٻٽن ۾ رکيا هوندا هئا. اسڪول ٻاهران وڏا وڏا وڻ اسڪول بلڊنگ کي وڌيڪ سهڻو ۽ پروقار بنائيندا هئا. اسڪول جي اترئين طرف ميٺارام نالي هڪ تمام سُٺي بلڊنگ هندن جي دؤر جي ٺهيل هوندي هئي. جيڪا نورمحمد اسڪول جي چوديواري اندر اسڪول جو حصو لڳندي هئي. پر اها بلڊنگ مسلم ايڊيوڪيشن سوسائٽيءَ جي ملڪيت ڪانہ هئي. ورهاڱي کان پوءِ اها وفاقي حڪومت جي ملڪيت ٿي، جنهن لاءِ مسلم ايڊيوڪيشن سوسائٽيءَ تمام گهڻي لکپڙهہ ڪئي پر ڪو ڪرٽيل ڪونہ نڪتو. پر مسلم ايڊيوڪيشن سوسائٽي بہ اُن مسئلي کي هميشہ هر اسٽيج تي کنيو ۽ نيٺ تمام گهڻي ڪوشش کان پوءِ اهو هال جيڪو ان وقت لکن جي ملڪيت هو سو نورمحمد هاءِ اسڪول کي مليو تہ اسڪول جا ڊراما فنڪشن ۽ سڀ ثقافتي سرگرميون اُن هال ۾ ٿيڻ لڳيون. جيئن جيئن ويا ڏينهن گذرندا ٿيئن ٿيئن هاسٽل ۽ اسڪول سان ياري وئي وڌندي وقت سان گڏ فلم ڏسڻ جو شوق بہ ويو وڌندو. هڪ يا ٻي آچر تي فلم ضرور ڏسبي هئي. آچر جي ڏينهن مانيءَ کان اڳ جيترو بہ ٿي سگهبو هو اوترو شهر جو سير ڪبو هو.

حيدرآباد شهر اُن وقت ايڏو وڏو ڪونہ هو جيڏو اڄ آهي، قاسم آباد جيڪو اڄ لکن جي آباديءَ وارو علائقو آهي. اُن جو تہ ڪو وجود ئي ڪونہ هو. مسلم هاسٽل پٺيان سينٽرل جيل اڳيان چؤطرف جيڪي وسنديون ۽ ڪالونيون آهن انهن جو نالو نشان بہ ڪونہ هو. سبزيءَ منڊيءَ کان اڳيان بہ ڪا شيءِ ڪانہ هئي. لطيف آباد بہ اڄ جيان ڪانہ هئي. گورنمينٽ ڪاليج ڦليلي ۽ شهر جي وچ وارو سڄو علائقو ميدان لڳو پيو هو. نورمحمد هاءِ اسڪول کان چوٽڪي گهٽي تائين هڪ بہ دڪان ڪونہ هو. اُت هڪ طرف پگٽ ميموريل اسڪول جي ديوار تہ ٻي طرف ٽريننگ ڪاليج ۽ چرچ جون ديوارون هونديون هيون. خود تلڪ چاڙهيءَ تي ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ دڪان هوندا هئا. حيدرآباد شهر جون رونقون صرف شيش محل هوٽل جي علائقي ۾ هونديون هيون. رات جو هٽ چڙ تہ ميلو متو پيو هوندو هو چو تہ اُن هوٽل پٺيان وئشيائن ۽ ڳائيڻين جا ڪوٺا هوندا هئا. ائڊون بار ۽ ونڊسر بار مان ماڻهو ڪائي پي اچي هٽ گانا ٻڌندا هئا. جت رات دير تائين راڳ رنگ ۽ رقص جون محفلون هلنديون رهنديون هيون. ڪي شوقين اتي ئي ڪوٺن تي سمهي پوندا هئا. تہ ڪي وري پنهنجي گاڏين ۾ انهن وئشيائن کي کڻي هليا ويندا هئا تہ ڪي وري پنهنجون حسرتون ۽ آنهون پنهنجو پاڻ سان کڻي روانا ٿي ويندا هئا.

چون ٿا تہ ورهاڱي کان اڳ اُن بازار ۾ اجا بہ وڌيڪ رونقون هونديون هيون. وڏا وڏا معزز ماڻهو بہ هن بازار ۾ ايندا رهندا هئا. ۽ ڪن هن بازار مان شاديون بہ ڪيون ۽ انهن مان کين اولاد بہ ٿيا، جيڪي پوءِ امير، سفير ۽ وزير ٿيا. اُن دؤر جي پراڻن ماڻهن کي اڃان تائين اهي داستان ياد آهن. اُن حسن جي بازار ۾ سڄي هندستان ۽ پنجاب مان ڪنئين حسينائون هٽ حيدرآباد ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ بہ ايندون رهنديون هيون. جن ۾ هزهائينس مير علي نواز خان ناز جي معشوقہ بالي بہ شامل آهي. جيڪا پوءِ سڄي سنڌ ۾ مشهور ٿي ۽ مٿس ڊراما بہ ٺهيا. چون ٿا تہ سنڌ جي ڪلهوڙي بادشاهہ غلام شاهہ جي ماءُ بہ ماريچياٽي وئشيا هئي. جنهن جو نالو گلان هو. حيدرآباد جي اُن حسن بازار ۾ مارواڙ کان ايندڙ انهن ماريچياٽي عورتن جو پنهنجي حسن جي ادائن ۽ وفاداريءَ ڪري

ڏاڍو نالو هو. خاص ڪري اميرن ڪي ريجهائڻ جون رمزون ۽ فن ته ڪو هنن کان سکي. سندن اکين ۾ ته اصل جادو هوندو هو، جنهن سان هر ڪو موهجي پوندو هو ۽ سندن گلي جي سونهن جو آواز ٻڌندڙن کي مست ڪري ڇڏيندو هو. بازار حسن جو ماحول ۽ ثقافت به عجيب آهي، بازار ٻاهران گهٽين ۾ ويٺل گلن وارا، پئسا ڪُلا ڪرڻ وارا، پانن وارا توهان کي هر هنڌ نظر ايندا.

محرم جي مهيني ۾ بازار حسن ۾ راڳ، ناچ بلڪل بند هوندو آهي ۽ سڄي بازار حسن ۾ توهان کي عورتن سان گڏ مرد به ڪارن ڪپڙن ۾ نظر ايندا ۽ محرم وارن ڏينهن ۾ بازار حسن جون سڀ حسينائون  ماتمي جلوس اڳيان اڳيان هلنديون وڃي مئجسٽڪ سئنيما واري چوراهي تي ماتم ڪنديون هيون. جن کي ڏسڻ لاءِ سڄي حيدرآباد جا جوان اچي هٽ گڏ ٿيندا هئا. تيستائين اُتي بيٺا هوندا هئا، جيسين وڃي اهي حيسنائون واپس ٿين. بازار حسن ۾ اهي حسينائون ڪوبه ڪم ڪار ڪونه ڪنديون آهن. گهر جو سڄو ڪم هنن جا مرد ڪندا آهن. گهر جون حاڪم عورتون هونديون آهن. هر حڪم انهن جو ئي هلندو آهي. بازار حسن جي گهرن ۾ ڇوڪري پيدا ٿئي ته مٺايون ورهايون وينديون آهن ۽ جي ڇوڪرو ڄائو خوشيءَ جو اظهار ڪونه ٿيندو آهي.

راڳ سان گڏ ساز وڄائيندڙ ميراثيءَ کي هٽ استاد ڪري سڏبو آهي ۽ انهن جي هٽ وڏي عزت ڪئي ويندي آهي. بازار حسن متعلق ڪريم بخش نظاماڻي ۽ لوڪرام ڏوڏيجا پنهي آتم ڪهاڻين ۾ ڏاڍو دلچسپ احوال بيان ڪيو آهي، تنهن کان سواءِ ڊاڪٽر مبارڪ پنهنجي ڪتاب شاهي محل ۾ بازار حسن تي ڏيڍ صفحو کن لکيو آهي. پر اُن موضوع تي لوڪ ورثا جي ڊپٽي ڊائريڪٽر فوزيه سعيد نالي هڪ عورت جيڪا آمريڪا مان پي ايچ ڊي ڪري آئي آهي ڏاڍو دلچسپ ڪتاب لکيو آهي.

ڪتاب جو نالو "ڪلنڪ" آهي.

## (ہیرا کی درپردہ ثقافت)

هندستان ۾ باقاعده بازار حسن جو رواج پهريان لکنؤ ۽ دهليءَ ۾ پيو. تنهن کان پوءِ اها بازار لاهور ۾ به شروع ٿي پوءِ سڄي هندستان ۾ وڏي پئماني تي عورتن جي ناچ گانن جون اهي بازارون ۽ منڊيون قائم ٿيون، جتي عورتن ۽ سندن جسمن جو باقاعده واپار شروع ٿيو. جيڪو ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ اڄ به جاري آهي. جيتوڻيڪ جنرل ضياءالحق 1979ع ۾ حدود آرڊيننس جاري ڪري راڳ ۽ ناچ کي جائز قرار ڏئي اُن تي ڪابه بندش ڪانه وڌي پر صرف عورت جي جسم فروشي کي غيرقانوني قرار ڏئي اُن جي سزا سنگسار مقرر ڪئي. اُن سان ٿيو ائين جو اها بُرائي جيڪا هڪ هنڌ محدود هئي سا چؤطرف ڦهلجي وئي اُن جي مقابلي ۾ گهٽو ڪري سڄي دنيا ۾ انهيءَ ڌنڌي کي قانوني شڪل ڏئي هڪ هنڌ تائين محدود ڪيو ويو آهي.

هالينڊ جي گاديءَ واري شهر ائمسٽرڊئم ۾ ته هنن وئشيائن جون پنهنجون تنظيمون آهن جيڪي حڪومت وٽ رجسٽرڊ ٿيل آهن ۽ اُن معرفت هو حڪومت کي ٽيڪس ڏين ۽ قرض وٺن. مزيدار ڳالهه ته هو ڪڏهن ڪڏهن اسٽرائيڪ به ڪن ۽ حڪومت کين پرچائي وري اُن ڌنڌي تي آڻي. جيئن ملڪ ۾ اچڻ وارا سياح اُن برڪت کان محروم نه ٿي وڃن ۽ سندن سياحت جي صنعت متاثر نه ٿئي.

هٿيارن جي واپار جو اڄ به دنيا ۾ وڏي ۾ وڏو واپاري روس آهي. پر سندس معيشت اُت وڃي پهتي آهي جو پاڪستان جهڙي ملڪ به کيس ڪڻڪ امداد طور ڏني. انگلينڊ، آمريڪا ۽ سڄي مغربي يورپ جي هوٽلن ۽ پبلڪ فون گهرن ۾ توهان کي ڪال گرلس جا رکيل ڪتاب ۽ پمفليٽ ملندا جن ۾ سندن سون هزارن جي تعداد ۾ فون نمبر لکيل هوندا آهن. توهان فون ڪري کين گهرائي پنهنجون جنسي خوشيون ۽ خواهشون پوريون ڪري سگهو ٿا يا فون ڪري گهرائڻ جي باوجود توهان کين پسند نه ڪريو ته هيلو هليو ڪندي هليون وينديون پر توهان تي ڪڏهن به اکيون ڪونه ڪڍنديون. چون ٿا ته جهانگير جي حرم ۾ اهڙين حسينائن جو تعداد ڇهه هزار هوندو هو. *(ڏسو صفحو 9 ڪتاب ڪِلِنڪ)*

قدرت الله شهاب پنهنجي ڪتاب "شهاب نامه" ۾ لکيو ته:

> "شولاپور جي انگريز ڊپٽي ڪمشنر ميڊوز ٽيلر جي سرڪاري بنگلي ۾ وٽس ٻاهٺ حسينائون سريت طور هونديون هيون. جن ۾ هڪ پندرهن سالن جي مرهٽي ڇوڪري به هوندي هئي. جنهن جون اکيون اکين سان ملائڻ جو انداز صاحب بهادر کي ڏاڍو وڻندو هو. اسان جي معاشري ۾ سدا سهاڳڻين يا انهن جي سازندن کي جنهن کي ميراثي چوندا آهن. شاهه لطيف به پنهنجي بيتن ۾ سندن ذڪر ڪيو آهي، نه صرف ذڪر ڪيو آهي پر سندن وڏي مڃتا ۽ واکاڻ ڪئي آهي. مثال : انهن وحشيائن لاءِ پاڻ هنيئن ذڪر ڪيو اٿس:

لنـــڊيون لـــڪ لهـــن، جـــي ڏين ڏهاڙي ڏيهه ڪي
ستيون ڪوهه ڪجن، جي پنهنجو رکن پاڻ سان
(شاهه)

۽ اهڙي طرح ميراثين کي بہ پاڻ هنئين ياد ڪيو آهي.

جـــي ميــــراثي مــــڱڻا، آئون پڻ منـــجهان تـــــن
ڪي ڪهه منهنجي ڪن، ارٿ منجهاران ان جي
(شاهه )

تدانن، ڪامورن ۽ امير طبقي والاري آهي. لاهور جي هيرامنديءَ جي لکيل ڪتاب جي ليکڪ چئي ٿي تہ جڏهن رات جو هڪ بجي عام ڳائڻ بند ٿيندو آهي تہ اُن کان پوءِ هٽ وڏا وڏا سياستدان ڪامورا ۽ امير طبقي جا ماڻهو ايندا آهن. پوليس يا تہ انهن جي اڳيان مجبور آهي يا خود انهن سان مليل آهي. اهو مشاهدو خود هوءِ پاڻ ڪندي سچو سربستو احوال سندس ڪتاب ۾ لکيو آهي.

واقعي هن بازار مان مزو وٺڻ وارا وڏي مرتبي وارا آهن ۽ انهن کي ڪوبہ روڪڻ وارو ڪونهي ۽ هنن لاءِ ڪوبہ ٽائيم مقرر ڪونهي. پنهنجي مرضيءَ جا مالڪ آهن، جيڏي مهل اچن ۽ وڃن. نفسيات جي ماهرن جون چوڻ آهي تہ ماڻهو زوري، نفس جي خواهش کي پوري ڪرڻ لاءِ نہ پر پاور جي جنون ۾ اچي ٿو ڪري.

لاهور جي بازار حسن هيرامنديءَ تي نالو راڻا رنجيت سنگهه جي وزير هيرا جي نالي پٺيان پيو ۽ ڪراچيءَ جي بازار حسن تي اهو نالو سنڌ تي حملو ڪندڙ انگريز جنرل سرچارلس نيپيئر جي نالي پٺيان ”نيپيئر روڊ“ پيو. اهو بہ هڪ عجيب اتفاق يا انتقام چئجي. حيدرآباد جي بازار حسن جون رونقون ون يونٽ ٽٽڻ ۽ ڪراچي گادي ٿيڻ کان پوءِ ختم ٿي ويون چو تہ پوءِ ڪامورن، اميرن ۽ سياستدانن جو مرڪز ڪراچي ٿي ويو ۽ انهن اوڏانهن رُخ ڪيو. حيدرآباد جي بازار حسن اندر داخل ٿيڻ لاءِ اڳيان پويان پنج دروازا هوندا هئا. جنهن مان ڪار بہ هلي ويندي هئي. پر شوقين گهٽو ڪري ڪار پريان روڊ تي ڇڏي پوءِ اندر داخل ٿيندا هئا. رات جي وقت ڪوٺي تي ڳائڻ، سازندن گهنگرن ۽ طبلن جو ايڏو تہ آواز هوندو هو جو پري پري تائين اهو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو. جنهن ڪوٺي اندر محفل نہ هوندي هئي تہ اُن ڪوٺي جون مهجبينون بالڪونيءَ ۾ ٻاهر اچي بيهي رهنديون هيون ۽ اهي پنهنجو پاڻ ۾ رؤنشي خاطر ڪل پوڳ ڪري تماشائين کي متوجهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديون رهنديون هيون. ڪي ڪوٺا چار چار ماڙ جا بہ هوندا هئا. جن جي هيٺ مٿي بالڪونين اندر انهن وئشيائن جا ٺهڪڙا پري پري تائين ٻڌڻ ۾ ايندا هئا. اهو ڪنهن کي متوجهه ڪرڻ جو دلچسپ انداز آهي انهن ڪوٺن مان ڪن ڪن جي دروازن تي نفيس پردا، بہ ٽنگيل هوندا هئا. جن اندر روشنين ڪري سڀ ڪجهہ نظر ايندو رهندو هو. ڏينهن جي وقت گهٽين ۾ انهن حسينائن جا ٻار گهمندا ڦرندا، راند روند ڪندا رهندا هئا، پر رات جي وقت اهي نظر ڪونہ ايندا هئا.

سماج ۾ جيئن شادي جي پاڪ ۽ مقدس رشتي ۾ عورت ۽ مرد ملي هڪ نئين زندگيءَ جي شروعات ڪندا آهن، تيئن هن بازار حسن ۾ رهندڙ عورت جي ”نٿ لاهڻ“ کي عورت جي شاديءَ برابر سمجهيو ويندو آهي.

نٿ لاهڻ يا بولي لاهڻ واري رات هٽ گهر کي چراغان ڪري دعوت جو اهتمام ڪيو ويندو آهي. جپان ۾ گيشا گرل وارو رواج بہ ڪي قدر پنهنجي هن بازار حسن جي هن تصور سان ملي ٿو.

مثال: پاڻ وٽ بہ ڪئين ماڻهو انهن بازارن ۾ يا پي ڪنهن هنڌ فليٽ يا گهر وٺي اهڙين حسينائن کي سريت ڪري ويهاريندا آهن. پوءِ ڪي سالن نڪاح ڪري ڇڏيندا آهن ڪي وري ان سلسلي کي ڪجهہ وقت کان پوءِ ختم ڪري ڇڏيندا آهن. پاڻ اهڙي رشتي وارين عورتن کي ويهاريل يا رکيل چئون ۽ جپان ۾ اهڙين عورتن کي گيشاگرل چون. اهو صدين جو رواج اڄ بہ جپان ۾ جيئن جو تيئن هلندو اچي. يورپ ۾ ٽيوب اندر ۽ سنسان جڳهن تي توهان کي اهڙيون عورتون جام ملنديون. فيڊرل ڪاسترو اقوام متحده ۾ تقرير ڪندي اهو انڪشاف ڪيو تہ صرف ٿائيلنڊ ملڪ ۾ اهڙين عورتن جو تعداد پنجاهہ لکن کان بہ مٿي آهي. جنهن ۾ ان ڌنڌي اندر ٽيهہ لک عورتن جي عمر تہ ويهن سالن کان بہ گهٽ آهي. ۽ ان ڌنڌي لاءِ ڪئين مرد بہ پنهنجو سيڪس تبديل ڪري وڏي تعداد ۾ عورتون ٿي رهيا آهن. سنڌ جي اڳوڻي گورنر جهانزيب پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ مغربي پاڪستان جي اڳوڻي گورنر ملڪ امير محمد خان کي ڪنهن ٻڌايو تہ تنهنجي ڪئبنيٽ جو وزير قانون جڏهن حيدرآباد ويندو آهي تہ حيدرآباد ڇڪلي ۾ جهنڊي لڳل گاڏي ۾ ويندو آهي. ملڪ امير محمد کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي سو ڪيس پاڻ وٽ گهرائي ڪانئس ان الزام

جي وضاحت پڇي ته پاڻ ملڪ امير محمد کي ٻڌائين ته سائين منهنجو گهر ئي حيدرآباد چڪلي ۾ آهي. چون ٿا ته ملڪ امير محمد اهو ٻڌي ڪيس بروقت وزارت مان ڊسمس ڪري ڇڏيو.

هن بازار مان هندستان ۽ پاڪستان جي ڪيترن ئي شهزادن ۽ راجائن جون راڻيون بڻيون، ته وري هندستان ۽ پاڪستان جي چوٽيءَ جون فلمي اداڪارائون به هن بازار ۾ پيدا ٿيون جن ۾:

- ملڪه ترنم نورجهان
- ملڪه پکراج
- مينا ڪماري
- ريما
- شميم آرا
- بابرا شريف
- زيبا

انجمن خاص قابل ذڪر آهن.

هندستان ۽ پاڪستان ۾ بازار حسن ۽ طوائفن جي موضوع تي ڪنئين فلمون ٺهيل آهن، جن ۾:

- امراءَ جان ادا
- پاڪيزه
- پياسا وغيره

جهڙيون لاجواب فلمون به شامل آهن. اڄڪلهه ته ڪراچي ۽ لاهور جي بازار حسن ۾ اهو ڌنڌو ڪندڙ عورتن ايتري ته دولت ڪمائي آهي جو هو هاڻ ڊفينس، ڪلفٽن ۽ ٻين پوش علائقن ۾ رهن ٿيون. صرف رات جو چند ڪلاڪن لاءِ انهن بازارن ۾ وڃن ۽ انهن کي به پنهنجي زبان عام ۾ آفيس ۽ آفيس ٽائيم چون.

اسڪول ۾ ٻتن ڏينهن جي موڪل تي ته ڪافي چوڪرا پنهنجي پنهنجي ڳوٺن ۽ شهرن لاءِ روانا ٿي ويا. پر پري رهندڙ شاگرد اُتي ئي رهي پيا ۽ آئون پڻ اجان ڪو فيصلو نه ڪري سگهيو آهيان ته انهن ٻتن ڏينهن ۾ ڳوٺ وڃان يا هاسٽل ۾ رهان. تيسين شام جو بابا سائين اچي ويو ۽ آئون انهيءَ رات ساٽس گڏ سيٺ ٽيون مل جي بنگلي تي وڃي رهيس ۽ صبح جو سوير آئون ۽ بابا سائين سيٺ ٽيون مل جي جيپ ۾ چڙهي اڏيري لال جي درگاهه ڏانهن روانا ٿياسين.

حيدرآباد کان اڳتي وڃڻ جو هي منهنجو پهريون دفعو هو ۽ هي ملڪ مون کي اسان جي لاڙ واري علائقي کان وڌيڪ آباد ۽ سرسبز لڳو. هت جي سڀ زمين آباد نظر آئي ۽ اهڙا فصل به ڏسڻ جو موقعو مليو جيڪي هن کان اڳ مون ڪڏهن به ڪونه ڏٺا هئا. مثلاً: ڦٽيون، ڪيلو، سبزيون وغيره هت گهڻو ڪري سڀ گهر پڪا ۽ خوبصورت نظر آيا. اسان جي علائقي ۾ ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ جيپ يا ڪار نظر ايندي هئي.پر هت وڏيون شيورليٽ ڪارون ۽ جيپون ڪافي نظر آيون. ان زماني ۾ صرف آمريڪن ڪارون ۽ جيپون روڊن تي هلنديون هيون ۽ جپاني ڪارن ۽ جيپن جو ملڪ ۾ اجان نالو نشان ئي ڪونه هو.

اسان مٽياري ۽ ٻين ننڍن ڳوٺن کي ڏسندا ٽنڊي آدم واري روڊ طرف مُڙندا اچي اڏيري لال جي درگاهه تي پهتاسين. ات اسان ڪنهن وڏيري جي اوطاق تي ترسياسين. اڏيري لال جي درگاهه تي وتائي فقير جي درگاهه جيان هندو ۽ مسلمان جدا جدا ميلو لڳائين، اڏيري لال جي درگاهه تي هندن جو وڏو ميلو لڳندو آهي. جتي سڄي سنڌ ۽ هاڻ هندستان مان به زائرين هت اچن.

هندن وارو اڏيرو لال هن کان سواءِ ڪوٽڙي، الله رکيو، نصرپور ۽ ڪراچي ۾ پڻ آهي. جنهن تي به هندو ميلو يا "چيٽي چنڊ" نالي ڏيهاڙا وڏي ڌام ڌوم سان ملهائن. صرف دهلي شهر ۾ ان ڏينهن تي ٻه ٽي مليا لڳن. ڪراچيءَ وارو اڏيري لال جو ميلو نيٽي جيٽي تي وڻ ديوتا جي مندر وٽ ملهايو ويندو هو.

ڪلفٽن جي هڪ ٽڪري کي هندو "رام جهروڪا" ڪري سڏيندا هئا. جنهن کي هاڻ "آسترراڪ" يا "آسترويو" ڪري سڏيو وڃي ٿو. (اسان به اُت رهندا آهيون.) ان جڳهه لاءِ هندن جو عقيدو آهي ته شري رام لڪشمڻ ۽ سيتا هنگلاج ويندي هت ڪجهه وقت لاءِ رهي آرام ڪيو هو. ان پنيان ئي ورهاڱي کان اڳ ڪراچي جي وڏي باغيچي کي "رام باغ" ڪري سڏيندا هئا. نصرپور ۾ به اڏيري لال يا امر لال جو ميلو لڳندو هو. جنهن کي هندو ورڻ ديوتا جو اُتار ڪري سڏيندا آهن. سڄي سنڌ جا ٺڪر يا ٺاڪر هن جا پوئلڳ آهن. ٺٽي جي ويجهو ڪوٽڙي الهه رکئي پرسان به اڏيري لال جي درگاهه هوندي هئي، جت اوائلي دؤر ۾ وڏي

ڏام ڏوم سان چيٽي چنڊ جو ميلو لڳندو هو. درگاهہ پرسان هڪ تنبو بہ لڳل هو جنهن ۾ راڳ جي محفل ٿي، اسان صبح سوير جيپ ۾ چڙهي پهرين مخدوم نوح رحہ جي درگاهہ تي آياسين. درگاهہ جي زيارت کان پوءِ اسان غلام حيدر اگهيم وٽ ماني کاڌي، اهو ان وقت هالن ۾ پوليس پراسيڪيوٽر هو پوءِ پاڻ ترقي ڪري ايس پي ۽ اي آءِ جي ٿيو. شام ڌاري اسان هالن کان روانا ٿي پٽ شاهہ آياسين، جت شاهہ سائين رحہ جو سلام پري پوءِ حيدرآباد ڏانهن روانا ٿياسين.

انگريزن کان اڳ سنڌ جا مرشد، پير ۽ گادي نشين صرف درگاهن ۽ مريدن تائين محدود هئا پر پوءِ انگريز دؤر حڪومت ۾ گورنرن وزيراعليٰ ۽ وزيرن جا ٽٽ ڏسي پير مُرشدن، درگاهہ نشينن ۽ سجاد نشِنن سياست ڏانهن رُخ ڪيو ۽ ڏسندي ڏسندي صرف هڪ صديءَ ۾ سڄي سنڌ جي درگاهن سان گڏ سنڌ جا حاڪم ۽ ليڊر ٿي ويا. نہ تہ سياست ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ۾ انگريزن سان ملڻ وقت سيدن، پيرن ۽ مرشدن کي پڻ جُتي لاهرائي پيرن اگهاڙو انگريزن اڳيان حاضر ڪيو ويندو هو.

جڏهن هي پير مرشد، سجاده نشين ۽ گادي نشين سنڌ جي سياست ۽ حڪومت جا مالڪ ٿي وزير، اسپيڪر، سفير ۽ امير ٿي ويا تہ ڏسندي ڏسندي سنڌ جي شگرملن، ٽيڪسٽائل ملن، ڪاٽن فيڪٽرين ۽ بين پڻ ڪيترين ئي ملن جي مالڪيءَ سان گڏ سنڌ جي بيوروڪريسيءَ تي بہ اچي قابض ٿيا ۽ سنڌ جي اڌ ضلعن جا ناظم سيد، پير ۽ مخدوم ٿيا. آئون سمجهان ٿو تہ پيري مريديءَ کان وڏيڪ هنن سياست مان موجون ڪيون هونديون.

# سنڌ ۾ انگريزن جي آمد ۽ ريل

اسان سانجهيءَ مهل حيدرآباد پهتاسين، ڪجهه دير آرام ڪري پوءِ آئون ۽ بابا ٽنڊي جهانيان وياسين. جت بابا سنڌ جي پِنِ انمول اديب پائرن منظور نقوي ۽ ڪمتر نقوي سان گهڻي دير تائين ڪچهري ڪئي. جت پوءِ ٻيا به ڪنئين عالم ۽ اديب پڻ آيا. جن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ ابراهيم جويو به شامل هئا. اسان رات جي ماني به اُتِ ڪاڌي، رات جو دير سان واپس اچي سيٺ جي بنگلي تي آرامي ٿياسين. صبح سوير بابا ۽ آئون ڪوٽڙي پهچي سن لاءِ روانا ٿياسين. اُن زماني ۾ حيدرآباد کان سن وڃڻ لاءِ شايد پڪو رستو به نهيل ڪونه هو. ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ بس اَن روڊ تي هلندي هئي نه ته سن، سيوهڻ، دادو ۽ لاڙڪاڻي طرف ماڻهو ريل ذريعي سفر ڪندا هئا ۽ ريلون به ٿوريون هلنديون هيون. اسان ڪوٽڙي مان سن ڏانهن روانا ٿياسين. منهنجو زندگي ۾ ريل چڙهڻ جو هي پهريون اتفاق ۽ سفر هو. ڏاڍو عجيب لڳو. ماڻهو هلندڙ ريل ۾ پيا هلن ۽ جت ريل بيهي ته وڏي تعداد ۾ ماڻهو ريل ۾ چڙهن ۽ لهن. ريل جي سيٽيءَ جو آواز ڪيڏو نه رُعبدار ۽ گونجدار ٿيندو آهي، جيڪو پري پري تائين ٻڌڻ ۾ اچي. ريل ڪيڏي مهل شهرن مان ته ڪيڏي مهل جبلن ۽ ٻيلن مان تيز تيز هلندي وڃي. ٻاهر ڏسڻ سان چڻ وڏا وڏا جبل ۽ وڻ ريل سان گڏ هلي رهيا آهن. جبلن تي پري پري وڏا وڏا واچوڙا ڏسي مزو به اچي رهيو آهي ته عجب به لڳي رهيو آهي.

ريل ۾ ڪي ماڻهو ڪچهريون ڪري رهيا آهن ته ڪي اخبارون ۽ مئگزين پڙهي رهيا آهن ته ڪي ڪجهه کائي رهيا آهن. هڪ به عورت اسان جي دٻي ۾ ڪانهي شايد عورتن لاءِ جدا گاڏو آهي. رضا علي عابديءَ بي بي سي واري پنهنجي ڪتاب "ريل ڪهاني" ۾ لکيو آهي ته: "دنيا ۾ پهرين ريل 1825ع ۾ انگلينڊ ۾ شروع ٿي تنهن کان پوءِ فرانس، آمريڪا، جرمني، روس، اٽلي اسپين ۽ ميڪسيڪو ۾ ريل جي شروعات ٿي.

هندستان ۾ پهرين ريل گاڏي 16 اپريل 1853ع ۾ هلي ان ڏينهن بمبئي ۾ عام موڪل جو اعلان ڪيو ويو. ريل ٿي لڳي پنجويهه منٽن تي بمبئي کان ٿاڻي تائين وئي. منجهس چار سؤ مسافر هئا. گاڏيءَ کي هلڻ مهل ايڪيهن (21) توبن جي سلامي ڏني وئي. ريل گاڏي ۾ چوڏهن گاڏا ۽ ٽي انجڻيون هيون. هر هڪ انجڻ جو نالو سنڌ، سلطان ۽ صاحب هو. سنڌ ۾ ريل جي پٽڙي وڇائڻ ۽ ريل هلائڻ جو سهرو ريلوي انجنيئر جان برٽن جي سر تي آهي. جنهن ڏاڍي ڪوشش سان سنڌ ۾ ڪراچي کان ڪوٽڙيءَ تائين ريل هلائي.

انگريزن 1843ع ۾ سنڌ فتح ڪئي ۽ 1858ع ۾ ريل گاڏي جي پٽڙي وڇائڻ جي شروعات ڪئي. پٽڙي وڇائڻ جو ٺيڪو هڪ انگريز ٺيڪيدار بِري" کي مليل هو. پر هو هلندڙ ڪم ڇڏي ٻارهن سؤ مزدورن جا پئسا کائي ڀڄي ويو پوءِ سنڌ ريلوي جي وڃائي جو ڪم به ريلوي جي چيف انجنيئر جان مارٽ ڪيو. ريل جي افتتاح وقت ريل جي انجڻ ته هئي پر دٻو ڪونه هو. تنهن ڪري ريل انجڻ اندر ئي ڪاٽ جي بئنچ رکي سنڌ جي ڪمشنر فريئر ۽ سندس زال کي ويهاري سنڌ ريل گاڏيءَ جو افتتاح ڪيو ويو چو ته ٻي ڏيهاڙي فريئر سنڌ مان بدلي ٿي وڃي رهيو هو. ريل جي افتتاح وقت ستر هزار ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا. عام ماڻهن جو خيال هو ته هن کي شيطان هلائي رهيو آهي.

ريل گاڏي جان برٽن پاڻ هلائي جڏهن ريل باقاعده هلي ته پهرين ٿرڊ ڪلاس دٻي ۾ بئنچون ڪونه پيل هونديون هيون ماڻهو بسترا وڇائي ان تي ويهي يا سمهي رهندا هئا. عورتن لاءِ عليحده گاڏو هوندو هو. جنهن ۾ عورتن ۽ ٻارن جي گوڙ ڪري پري تائين آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو. ائين پوءِ ڏسندي ڏسندي سڄي سنڌ ۾ ريل شروع ٿي وئي. ان وقت اُن کي "سنڌ ريلوي" چيو ويندو هو.

هتي ريل جي شروعات 1858ع ۾ ٿي ۽ اڄ اسان 1958ع ۾ يعني پوري سؤ سالن کان پوءِ ريل ۾ چڙهي ڪوٽڙي کان سن وڃي رهيا آهون. ريل جي سِيٽين، ٻارن جي ڪلن ۽ عورتن جي آوازن کي ٻڌندي ٻڌندي اچي اسان جي ريل سن ريلوي اسٽيشن تي بيٺي ته اسان پنهنجو مختصر سامان کڻي، اسٽيشن کان ٻاهر نڪري هڪڙي ٽانگي ۾ چڙهي، سن شهر ڏانهن روانا ٿياسين. سن جو شهر حيدرآباد کان ايترو پري آهي جيترو ٻنون منهنجو ڳوٺ يعني پنجاهه ميل سن ۽ ٻنون درياءَ جي ڪپ تي آباد آهن ۽ ٻنهي شهرن ۾ پليجا وڏي تعداد ۾ آباد آهن. ٻني جي اردگرد ته ٻيا به پليجن جا ڪيترائي ڳوٺ آباد آهن. خبر ڪانهي ته پليجا سن ۾ ڪڏهن اچي ۽ ڪيئن اچي آباد ٿيا. سن ريلوي اسٽيشن سن شهر کان ٻن ٽن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي هوندي. ريلوي کان سن ويندي ڄامشورو کان سيوهڻ رستو به گذري ٿو. جيڪو هاڻ سن تائين پڪو رستو ٺهيل آهي. پر ان وقت سن ويندڙ رستو پڪو ڪونه هو. اسان اڌ ڪلاڪ اندر اچي سن پهتاسين. جتان پوءِ سڌا سائين جي ايم سيد جي بنگلي ڏانهن وياسين. سن شهر جو نقشو جيڪو اڄ آهي سو 1958ع ۾ بلڪل نه هو. سن بلڪل هڪ ننڍو ڳوٺڙو هو، جنهن ۾ چند دڪان ۽ ٿي سرڪاري جڳهيون، سيدن ۽ ميمڻن جا چند پڪا گهر جڏهن ته ٻيو سڄو شهر ڪچن گهرن تي قائم هو. پر تڏهن به جي ايم سيد جو ڳوٺ هجڻ ڪري سندس اهميت ان وقت به هئي ۽ اڄ به آهي، جيئن سنڌ ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جي ڪري ڳڙهي خدا بخش جي اهميت آهي. سنڌ جا صرف اهي ٻه اهڙا ڳوٺ آهن جت سنڌ جا هزارين ماڻهو سڄي سنڌ مان ڪهي اچي، جي ايم سيد ۽ شهيد ڀٽي جي ورسيءَ تي گڏ ٿيندا آهن. اسان سائين سان ملياسين، بابا ۽ سائين ڪافي رات ڪچهري ڪئي، مون هن کان اڳ به سائين کي ٻني ۾ ڏٺو هو، جنهن جو ذڪر مون اڳ به ڪيو آهي. بابا ۽ سائينءَ جو واسطو بابا جي ننڍپڻ کان وفات تائين سڄي زندگي قائم رهيو ۽ اهو واسطو سائينءَ جو سندس وفات تائين مون سان به رهيو. بابا جي وفات کان پوءِ به سائين جڏهن به ٺٽي ضلعي ۾ ايندو هو ته ٻني ۾ مون وٽ اچي رهندو هو پوءِ اڳيان ٽنڊو محمد خان، ماتلي، بدين يا حيدرآباد ويندو هو. بابا جي ڪري مون کي به پنهنجي اولاد جيان ڀئي ڀائيندو هو. بابا جي وفات کان پوءِ سائين سان ملڻ وقت مون کي پنهنجي ڪنهن بزرگ سان ملڻ جو احساس ٿيندو هو. بابا به سائينءَ سان سڄي زندگي نڀائي آيو. بابا، سائين جا ڪيترائي ڪتاب ڇپايا جن ۾ ”جيئن ڏٺو آهه مون“ به شامل هو. ان ڪتاب ڪري سائينءَ سان گڏ بابا تي به ڪفر جي فتويٰ نڪتي ۽ ڪيترو وقت مقامي ۽ جنهاڻ جا ملان اُن ڪتاب کي بنياد بنائي اسان تي ڪُر ڪندا رهندا هئا. جڏهن 1969ع ۾ مَلڪ سڪندر ۽ سائين جي ايم سيد جي اليڪشن ٿي ته بابا، سائينءَ جو چيف اليڪشن ايجنٽ هو ۽ پاڻ ٻني مان پنجاهه کن ماڻهو سائينءَ جي اليڪشن ورڪ لاءِ وٺي ويو هو. جنرل ايوب جي مارشل لا ۾ سائين تي سخت پهرو هوندو هو ۽ گهر ڀاتين کان سواءِ ساڻس ڪنهن سان به ملڻ نه ڏيندا هئا. پر بابا اُن دؤر ۾ به ڪنهن نه ڪنهن بهاني سان سائينءَ سان ملي وٺندو هو. هڪ دفعو مون کي ياد آهي ته اسان سن وياسين ته سائين جي جڳهه تي مزورن ڪم پئي ڪيو ۽ بابا هڪڙي مزور جا ڪپڙا پائي مٽي تي تغاري رکي اندر وڃي سائين سان ملي آيو ۽ ڪنهن به ڊيوٽي عملدار کي خبر ئي ڪانه پئي، اها هئي سيد سان محبت جي انتها، نه ته ارباب نورمحمد جي به سنڌ ۾ پنهنجي هڪ سڃاڻپ ۽ عزت هئي. جڏهن سائين بزم صوفياء سنڌ ٺاهي، سڄي سنڌ ۾ ڏؤرا شروع ڪيا ته بابا به سڄي سنڌ ۾ ساڻس گڏ هوندو هو جهرڪن ۽ ميرپور بٺوري ۾ ته بزم صوفياء سنڌ جون ٻئي ڪانفرنسون بابا جي ڪوشش سان ٿيون ۽ انهن ڪانفرنس جا ڪارڊ منهنجي نالي ڇپيا ۽ سپاسنامون بابا پڙهيو. جڏهن مسلم ڪاليج ۾ سائين مٿان بم اڇلايو ويو ته ان وقت به بابا سائين ۽ منهنجا ٻه يائر مرحوم مير نصير ۽ شمشير سائين سان گڏ هئا. اڄ به تقريباً سؤ کن خط سائينءَ جا بابا ڏانهن لکيل آهن. سائين سنڌ جو اهو پهريون ماڻهو ۽ سياستدان هو ۽ آهي جنهن سنڌ جي حقن جي نه پر آزاديءَ جي ڳالهه ڪئي.

مون ڏٺو آهي ته سنڌ جا سيد گهڻو ڪري پنهنجن پٽن ۽ پوٽن کي به سڏ ڪرڻ مهل سائين ڪري سڏيندا آهن. جيئن ٻيا ماڻهو به کين سائين ڪري مخاطب ٿين. اهو هڪ طرح سان ٻين کي ٻڌائيندا آهن ته اسان کي سائين سائين ڪري سڏيو پر سائين ڪڏهن به پنهنجن پٽن کي سائين ڪري ڪونه سڏيو. کين هميشه ڏاڍي قرب ۽ پيار سان امير، امداد ڪري سڏيندو هو. اسان به پنهنجن نوڪرن کي به ادا ڪري سڏيندا آهيون. مثلا: ادا سومار شيدي ادا علو ميربحر.

سائين جي ايم سيد جهڙا ماڻهو صدين کان پوءِ پيدا ٿيندا آهن. سائين جڏهن بابا جي وفات تي ٻني آيو ته مون کا پڇيائين ته گهڻو اولاد اٿئي. مون چيس ته هڪ پٽ آهي پاڻ چيائين ته نالو ڇا اٿس مون کيس ٻڌايو ته رُخسار حسنين نالو اٿس پاڻ ان وقت منهنجي پٽ کي گهرائي اسان جي خانداني مرشد سائين گُلي شاهه کي سڏي (اهو به اسان وٽ آيل هو) کيس چيائين ته ٻانگ ڏئي هن جو نالو نورمحمد رک ۽ ائين منهنجي پٽ جو نالو رُخسار حسنين مان نورمحمد ٿي ويو. پر اسان گهرياتي ۽ سڄي دنيا کيس ”بوبي“ نالي

سان سڏيندا آهيون. شيڪسپيئر جو قول آهي ته: ”ڪي ماڻهو پيدائش کان عظيم هوندا آهن. ڪي پنهنجي محنت سان عظيم ٿيندا آهن ته ڪن تي عظمت رکي ويندي آهي.“

سو واقعي سائين جي ايم سيد جهڙا ماڻهو صدين پُڄاڻا پيدا ٿيندا آهن. واقعي الله پاڪ قرآن شريف ۾ فرمايو آهي ته : ”آئون هر هڪ کي روزي ڏيندس.“ پر ”عزت جنهن کي چاهيان تنهن کي ڏيندس.“

اسان ٻيو ڏينهن به سائينءَ وٽ رهياسين ۽ بابا مون کي اُت پليجن سان به ملايو جيڪي سن شهر ۾ رهندا آهن. ٻنون ۽ سن ٻئي ڳوٺ درياءَ جي ڪپن تي ۽ ٻيلن جي ٻندين تي قائم آهن. ٻئي بلڪل ٻهراڙي لڳندا آهن ۽ ٻهراڙي نيچر جي وڏيڪ ويجهو لڳندي آهي. شهرن ۾ ڪافي مصنوعيت هوندي آهي. هٽرادا پارڪ ۽ وڻ هڪ ٻئي سان ملڻ به مصنوعيت، چپن تي ڪوڙي ۽ هٽرادي مرڪ، هڪ ٻئي جي هرويرو تعريف ۽ هر ڳالهه ۾ مطلب ۽ مفاد، پر اندر ڪير نه ڪنهن جو ڪونهي.

اسان سن ۾ ٻه راتيون هڪ ڏينهن رهي واپس ريل رستي ڪوٽڙيءَ ۽ پوءِ حيدرآباد پهتاسين. بابا مون کي هاسٽل ڇڏي پاڻ موڪلائي ڳوٺ هليو ويو ۽ آئون وري پنهنجي پڙهائي کي لڳي ويس. ٻني ۽ حيدرآباد جي اسڪول جي ماحول ۾ وڏو فرق هوندو هو. وري اهڙي ئي طريقي گهر ۽ هاسٽل جي رهڻ ۾ به.

گهر ۾ جيڏي مهل مرضي پوي تيڏي مهل ماڻهو ماني کائي پر خبرناهي ته ڪهڙو پوڙ آهي پر هاسٽل ۾ هر ويلي تي ماني جي اڳواٽ خبر هوندي هئي. ته اڄ ڪهڙو پوڙ آهي. گهر ۾ تڏي، منجي يا کٽ تي ويهي ماني کائبي هئي. پر هاسٽل ۾ پوري وقت تي ڊائيننگ ٽيبل ۽ ڪرسين تي ويهي ماني کائبي هئي ۽ ماني کائڻ وقت ماني کائڻ جي آداب کي به ذهن ۾ رکڻو پوندو هو.

ٻني ۾ اڪيلو اسڪول وڃبو هو، پر هت هاسٽل کان لائين ۾ وڃبو هو. ڇڻ ته ٻڪرين کي ڏنار چارڻ لاءِ وٺيو پيو وڃي. ٻني ۾ استاد شلوار قميص پائي اسڪول ايندا هئا. پر هت استاد هڪ ٻڻ کان سواءِ سپ سوٽ پائي اسڪول ايندا هئا. ٻني ۾ پريڊ سسٽم ۽ رسيس ڪونه ٿيندا هئا. پر هت ائين ٿيندو هو ۽ رسيس جو ڏاڍو انتظار هوندو هو. هت هر ڪلاڪ ۾ نئون استاد مقرر سبجيڪٽ پڙهائيندو هو. پر ٻني ۾ سڄو سال هڪ استاد ڪلاس کي مڪمل ڪورس پڙهائيندو هو. اسڪول ۽ ڪاليج ۾ آئون عام شاگرد هوندو هوس. مون کي حساب ۽ گرامر صفا ڪونه ايندا هئا. منهنجي سنڌيءَ جي صورتخطي صفا بيڪار هوندي هئي ۽ آهي پر منهنجي ننڍي هوندي کان اڄ تائين اها عادت آهي ته هر ننڍي وڏي ڳالهه تي تمام گهڻو سوچيندو آهيان. نه صرف پنهنجي مسئلن تي پر ٻين جي مسئلن ۽ ڏکن سکن تي به تمام گهڻو سوچيندو آهيان. اها عادت هاڻ منهنجي زندگيءَ جو حصو بڻجي چڪي آهي.

## ڪجھ ذڪر مارشلائن جو

هڪ ڏينهن آئون حيدرآباد کان پنهنجي ڳوٺ اچڻ لاءِ ٽئي واري بس ۾ چڙهي اخبار وٺي پڙهڻ لڳس ته اخبار ۾ وڏي سرخي ۾ لکيل هو ته ملڪ ۾ مارشل لا لڳايو ويو آهي ۽ سينئي سياسي ليڊرن کي گرفتار ڪري ڪن کي گهرن ۾ ته ڪن کي جيلن ڏانهن موڪليو ويو آهي. ملڪ جو چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر ايوب خان کي مقرر ڪيو ويو آهي ۽ ٻه مارشل لا ائڊمنسٽريٽر مقرر ڪيا هڪ ائيرمارشل اصغر خان ۽ ٻيو................ خبر سان گڏ جنرل ايوب جو هڪ ننڍڙو فوٽو ٻه اخبار ۾ شايع ٿيو هو. شايد ڪنهن گروپ فوٽو مان ڪٽي پوءِ شايع ڪيو ويو هو بس ۾ ويٺل ماڻهو پاڻ ۾ مارشل لال تي ٽيڪا ٽپڻي ڪري رهيا هئا ته مارشل لا ڪهڙي بلا آهي ۽ نيٺ آهستي آهستي ماڻهن جي دماغ ۾ ڳالھ ويٺي ته مارشل لا بلا آهي. يعني مارشل لا معنيٰ جنگل جو قانون– ۽ ائين 1958ع واري مارشل لا کان پوءِ وردي وارن کي اهڙو ته مزو آيو جو اڃا تائين انهن کان پاڪستان جي عوام جي جان ڪانه ٿي ڇُٽي.

خاص ڪري سنڌين جو ته انهيءَ آمرانه راڄ ڪري حڪومت مان عمل دخل ئي ختم ٿي ويو چو ته فورس ۾ سنڌي آهن ئي ڪونه. ايوب خان پنهنجي ڪتاب ”فرينڊس ناٽ ماسٽرس“ ۾ لکيو آهي ته ”مارشل لا اسان صرف ون يونٽ کي قائم رکڻ لاءِ لڳايو هو، نه ته مغربي پاڪستان اسيمبلي ون يونٽ ختم ڪرڻ جو ريزوليشن پاس ڪري چڪي هئي ۽ مرڪز ۾ ننڍا صوبا بنگالين جي مدد سان آسانيءَ سان ون يونٽ ٽوڙڻ وارو ريزوليشن پاس ڪرائي وڃن ها.

ورهاڱي بعد پهرين ڪراچيءَ کي سنڌ کان جدا ڪيو ويو پوءِ ننڍن صوبن کي پنجاب سان ملائي ون يونٽ ٺاهيو ويو. جڏهن سنڌ بمبئي سان گڏ هئي ته سرڪاري ڪم ڪارين لاءِ بمبئي وڃڻو پوندو هو ۽ هاڻ لاهور وڃڻو ٿي پيو. مارشل لا سنڌ ۾ ڊارين کي آباد ڪرڻ، سنڌ جي زمينن کي ٻين صوبن جي ماڻهن ۾ مفت ورهائڻ، سنڌي زبان کي تعليمي ادارن مان ختم ڪرائڻ لاءِ لڳو. جنرل ايوب جي وقت ۾ سڄي سنڌ ۾ سرڪاري ملازم گهڻو ڪري غير سنڌي مقرر ڪيا ويا. يعني آءِ جي کان سپاهيءَ ۽ چيف سيڪريٽري کان پٽيوالي تائين ڪوبه سنڌي آفيسر سنڌ ۾ توهان کي نظر ڪونه ايندو هو. وري مارشل لا واري ڏينهن کي ”Revolation Day“ ۽ ون يونٽ مڙهڻ واري ڏينهن کي ”One Unit Day “ ڪوٺي سرڪاري طرح وڏي شان ۽ سان ملهائڻ لاءِ انهن ٻنهي ڏينهن تي سڄي ملڪ ۾ عام موڪل ڪئي ويندي هئي. غلام رباني آگري پنهنجي ڪتاب ”جهڙا گل گلاب جا“ جي ياڳي ڀڃي جي صفحي 448 تي لکيو آهي ته: ”جڏهن آئون انهيءَ دؤر ۾ بورڊ ۾ نوڪري ڪندو هوس ته اسان کي اسلام آباد مان سرڪاروٽان ليٽر آيو ته لفافي يا ڪارڊ تي جيڪو به ماڻهو سنڌ لفظ لکندو سو قانوني طرح سزا جو مستحق هوندو ان دؤر ۾ شيخ اياز هي بيت لکيو:

سنڌڙي تنهنجو نانءُ وتو چڻ ڪاريھر تي پير پيو.

رباني ان ڪتاب جي صفحي 391 تي لکي ٿو ته انهيءَ جي خلاف اسان سنڌي اديبن، دانشورن، صحافين، سياستدانن ۽ شاگردن کان صحيح ڪرائي هڪ ميمورينڊم حڪومت کي موڪلي پر ان ياداشت نامي تي پيرپاڳاري ۽ قاضي اڪبر صحيح ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. الطاف گوهر پنهنجي ڪتاب ”ايوب خان ڪي فوجي راج ڪي دس سال“ جي صفحي 189 تي لکيو آهي ته پير علي محمد راشديءَ صدر ايوب کي صلاح ڏني ته تون صدر نه پر بادشاهه ٿي. توجهڙو لائق ماڻهو قوم کي وري ڪونه ملندو.“ ان

ڪتاب جي صفحي 198 تي پاڻ لکي ٿو تہ آمريڪا جي وزارت خارجہ جي ليٽر نمبر (21,8_2151/790D00) ۾ آگسٽ 1957 ع ۾ لکيو آهي تہ علي محمد راشدي اهڙو ماڻهو آهي جو اقتدار خاطر پنهنجي پاءُ جو گلو ڪٽيندي بہ دير ڪونہ ڪندو.“ ون يونٽ ۽ ايوب جي مارشل لا ۾ سنڌ ۽ سنڌين سان ڇا ٿيو ان تي ڪنئين ڪتاب لکيل آهن. جنهن ۾ سنڌ جي سورن جو تفصيلي احوال ڏنل آهي. خاص ڪري سائين جي ايم سيد اُن موضوع تي ڪنئين ڪتاب لکيا. ملڪ ۾ ايوب جو مارشل لا 27 آڪٽوبر 1958 ع تي لڳو.

آئون ڳوٺ آيس تہ ڪجھ ڏينهن بعد بابا جي طبيعت ٺيڪ ڪانہ ٿي. کيس پهرئين ٿورو پوءِ گهڻو (Chest Pain) ڇاتيءَ ۾ سور ٿيو ۽ 28 نومبر تي سور وڌي ويو، تہ ٿي ڏيهاڙي ٽيڪسي ڪري پاڻ ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ لاءِ حيدرآباد ويو. جت پاڻ ڊاڪٽر ابراهيم کي ڏيکاري، (E C G) اليڪٽرڪ ڪارڊيو گرام ڪرائي دوائون وٺي چار ڊسمبر تي واپس ٽيڪسي ۾ پني آيو. ان زماني ۾ حيدرآباد کان پني ڪار ۾ اچڻ لاءِ سيريءَ کان مٿان پيچاريءَ جو ساڄو ڪپ وٺي قادر ڏنو شاهہ ريگيوليٽر پهچبو هو ۽ اُتان پراڻي گنج بحر کان بند تي پهچبو هو پوءِ بند تان هلي اچي پني پهچبو هو. اُن زماني ۾ بئراج جي انسپيڪشن پاٿس يا بند مٿان ٺهيل رستن تي عام طرح سان ڪارن، جيپن ۽ جانورن کي هلڻ جي اجازت ڪانہ هئي ڪن ڪن هنڌن تي اُت لوهي پائيپن سان گيٽ ٺهيل هوندا هئا ۽ انهن کي ڪلف لڳل هوندا هئا جن جون چاٻيون مقدمي وٽ هونديون هيون. جيڪو اُتي ئي ٺهيل ڪوارٽرن ۾ رهندو هو. پوءِ مقدمي جي مرضي تہ اڳيان وڃڻ لاءِ دروازو کولي يا اُتان ئي سواري کي واپس ڪري ڇڏي. بئراج ۽ بندن جي انهن رستن تي روز صفائي ۽ ڇٽڪار ٿيندي هئي. آر ڊي ۽ ميلن تي پٿر لڳل هوندا هئا. جيڪي سفيد چُن جي پالش هڻڻ ڪري پري پري کان نظر ايندا هئا. بندن تي ٿوري ٿوري پنڌ تي بيلدارن جون لانديون هونديون هيون. آبڪلاٽيءَ جي وقت تہ بندن تي ميڙا متا پيا هوندا هئا. ان زماني جي داروغي جي حيثيت هينئر جي اسٽنٽ انجينئر جي برابر هوندي هئي. پيچاريءَ کان اڳ سڀ واهہ درياهہ مان نڪرندا هئا. سنڌن موريون بندن منجهہ ٺهيل هونديون هيون پني جي اردگرد هيٺيان واهہ درياهہ مان نڪرندا هئا.

ايمہ ايس بند يعني مولچند سجاول بند.

بند جي 0/0 ميل وٽان مولچند واهہ.

بند جي 2/0 ميل وٽان شڪار واهہ.

بند جي 3/3 ميل وٽان گنج بحر واهہ.

بند جي 4/7 ميل وٽان علي بحر واهہ (جنهن مان اڳتي هلي چؤگزو واهہ نڪتو).

5/7 ميل وٽان ڇهہ گزو واهہ (جنهن کي پني جا ماڻهو لُنبو واهہ سڏيندا هئا.) هي سڀ واهہ پني شهر جي اوپر کان درياءَ مان نڪرندا هئا ۽ پني جي اولهہ مان وري هي واهہ نڪرندا هئا جيڪي وڃي دڙي جو دنگ ڪندا هئا.

0/6 ميل وٽان لائقپور واهہ.

محمد علي شاهہ جي ڳوٺ وٽان اوچتو واهہ، دڙو لڳ اتر اوپر طرف شيخا واهہ، دڙي جي ڏکڻ طرف کان محمود واهہ اُن کان پوءِ نيچل برانچ جنهن کي هاڻ دڙو برانچ سڏجي ٿو، ان کان سواءِ پيچاري ڦاٽ سان لڳ ساڄي ڪپ کان ٻارهن گزو واهہ ۽ شهر لاءِ بہ هڪڙو ننڍو واهہ نڪرندو هو جيڪو پني شهر جي چؤطرف ڏنل بند اندر زمينن کي آباد ڪندو هو. بچاءُ بند اندر انهن واهن جا نشان اڄ بہ ڪٿ ڪٿ نظر اچن ٿا پر بچاءُ بند کان ٻاهر هينئر انهن واهن جو نالو نشان بہ ڪونهي.

بابا هڪ مهينو کن پني ۾ رهي آرام ڪيو ۽ دوائون کاڌيون پر هڪ مهيني گذرڻ کان پوءِ کيس وري بہ تڪليف ٿي. بابا هينئر ڏاڏوري پٽڻ رستي 25 ڊسمبر تي ڪراچي ويو. اُت پاڻ بندر روڊ تي پارڪ هوٽل ۾ رهيو ۽ کيس اُن وقت ملڪ جي مشهور ڊاڪٽر عبدالرحيم پراچہ هوٽل ۾ ئي چيڪ اپ ڪيو ۽ ڊاڪٽر ٽپاسڻ کان پوءِ کيس يڪدم سول اسپتال ۾ داخل ٿيڻ لاءِ صلاح ڏني ۽ بابا سول اسپتال جي پرائيوٽ وارڊ جي ميڊيڪل ون ۾ شفٽ ٿي ويو. جت کيس آڪسيجن ڏني وئي. آئون ان دوران پني کان حيدرآباد پڙهائي لاءِ هليو ويو هوس پر بابا جي طبيعت جي خبر جو ٻڌي ريل ذريعي ڪراچيءَ هليو ويس. اهو منهنجو زندگيءَ ۾ پهريون پيرو ڪراچي وڃڻ جو اتفاق هو. ان زماني ۾ سپر هاءِ وي اڃان ڪونہ ٺهيو هو. نيشنل هاءِ وي تي ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ بس هلندي هئي. سابہ تمام گهڻو ٽائيم وٺندي هئي ۽ ريل جو سفر سستو ۽ جلد پهچڻ جو واحد ذريعو هو. آئون ڪراچي ريلوي اسٽيشن تي پهچي ٽانگو ڪري سول اسپتال پهتس، پر مون کي اسپتال جي پٽيوالن اندر وڃڻ کان روڪي ڇڏيو. ڏاڍو پريشان

ٿيس اُت بيٺل ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي پٽ دادن جتوئي مونکي سڃاتو ۽ مون کي پاڻ سان گڏ وٺي اندر هليو ۽ ائين آئون اسپتال اندر داخل ٿي ويس ۽ سواءِ ڪنهن پُڇ پڇان جي بابا جي ڪمري تائين پهچي ويس. انهيءَ وقت جي سول اسپتال ڪراچي، اڄ وانگر اندر سوڙهي، ڳتيل ۽ بدبودار ڪانہ هئي پر ويڪري وڏن گهاٽن وڻن سان ڍڪيل هڪ صاف سٿري اسپتال هئي. جنهن ۾ ماڻهن جي رش يا گوڙ ڪونہ هو. اسان پرائيوٽ وارڊ جي ٻي فلور تي بابا جي ڪمري ۾ داخل ٿياسين. بابا کي ڪجهہ ٺيڪ ڏسي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ اهڙي خوشي جيڪا زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ٿيندي آهي. بابا مون کي ويجهو ڪري ڳل سان لڳائي چميو تہ چڻ منهنجي روح کي راحت اچي ويئي. هونءَ بہ آئون ڪوشش ڪري پنهنجي روح کي مرجهائڻ ڪونہ ڏيندو آهيان. پيار جو هر رشتو (Reciprocally) يعني هنيان گهر تہ گهرين جي اصول تي قائم آهي. جنهن کي جيترو چاهيندو ۽ پائيندو ۽ عزت ڏيندو، تہ ٻيو بہ ڪيس دل ۾ ضرور عزت ڏيندو پوءِ اهو پلي ڪير بہ هجي، پر مون پنهنجي سڄي ٻاهٺ سالن جي زندگيءَ ۾ هي نتيجو اخذ ڪيو آهي تہ پنهنجي اولاد ۽ والدين کان سواءِ ٻيا رشتا گهڻو جٽاءُ ڪونہ ٿا ڪن. پوءِ بہ دنيا ۾ ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو پيا آهن. جن جي دل ۾ هر ماڻهوءَ لاءِ گهڻو پيار ۽ قرب هوندو آهي. پر هاڻ اهڙن ماڻهن جو تعداد بہ وڃي گهٽجندو. بابا مون کي حيدرآباد کان ڪراچيءَ پهچڻ جو احوال ۽ پڙهائي جو پُڇيو ۽ پاڻ مون کي سندس طبيعت جي باري ۾ ٻڌايو تہ ڊاڪٽر عبدالرحيم پراچا جي علاج هيٺ منهنجي طبيعت هاڻ آهستي آهستي ٺيڪ ٿي رهي آهي. ڪمري ۾ ٻہ پلنگ پيا هئا ۽ ٻہ ڪرسيون رکيون هيون ۽ ڪمري سان گڏ واش روم بہ هو.

بابا جي پلنگ جي پٺيان پلنگ کان بہ ڊگهي ٽيبل تي دوائون فروٽ ۽ گل رکيا هئا. سندس وهاڻي جي پرسان اخبار ۽ رسالا رکيا هئا. آئون چار پنج ڏينهن کن بابا وٽ رهيس. آئون پرواري پلنگ تي ۽ هيٺ پٽ تي بابا جي ڪم ڪار ۽ خدمت گذاريءَ لاءِ آيل پرو شيدي رهندو هو. بابا سان ملڻ لاءِ سندس ڪافي دوست ايندا هئا، جن ۾ ڪامريڊ عبدالقادر لاڙڪاڻي وارو، ڪامريڊ قادر بخش نظاماڻي، جمال ابڙو، تاج محمد ابڙو، غلام مصطفيٰ شاهہ ۽ ٻيا بہ ڪيترائي سندس دوست ايندا هئا. بابا جي پرواري ڪمري ۾ پير صاحب آف مڪڊ شريف اسپتال ۾ داخل هو ۽ اهو بہ اڪثر بابا سان ملڻ لاءِ ايندو هو. بابا کان عمر ۾ ٿورو وڏو هو. بابا جي اسپتال مان نڪرڻ کانپوءِ بہ بابا جي ساڻس خط و ڪتابت ۽ هڪ ٻئي ڏانهن تحفا تحائف موڪلڻ وارو رستو ڪافي وقت تائين هلندو رهيو. پاڻ اڪثر مڪڊ شريف مان بابا لاءِ کاديءَ جا ڪپڙا موڪليندو هو ۽ جڏهن پاڻ مڪڊ شريف مان ڪراچي ايندو هو تہ اڳواٽ بابا کي خط لکندو هو ۽ اڪثر ڪري بابا انهيءَ سندس پروگرام تي ڪراچي ويندو هو. ٻيا ڪافي بابا جا ويجها دوست مارشل لا لڳڻ ڪري يا تہ روپوش ٿي ويا هئا يا گرفتار ٿي چُڪا هئا. جن ۾ سائين جي ايم سيد، حيدر بخش جتوئي ۽ ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي شامل هئا.

❊

## بابا کي پھريون هارٽ اٽيڪ، ڪراچيءَ کان واقفيت

بابا کي پھريون هارٽ اٽيڪ ٽيتاليھن سالن جي عمر ۾ ٿيو ۽ مون کي پنجيتاليھن سالن جي عمر ۾ ٿيو. دل جي تڪليف کان پوءِ بہ بابا ايڪيھہ سال صحتمند، چُست ۽ ڀرپور زندگي گذاري، 25 مئي 1979ع ۾ وفات ڪئي.

رب سائين ڪيس چئن جوان پٽن جي هٿن ۾ هلندي هلايو. نہ اُٻ ڪنھن جي محتاجي قبول ڪيائين ۽ نہ آخري وقت ۾ ڪيس انھيءَ عارضي کان سواءِ ٻي ڪابہ بيماري سڄي زندگي ڪانہ ٿي. پاڻ هارٽ اٽيڪ جي عارضي کان اڳ باقاعدگي سان ورزش ڪندو هو. پر ان کان پوءِ ڊاڪٽرن ڪيس ڪنھن بہ جسماني پورهئي ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو هو. پٽن ڏينھن گذرڻ کان پوءِ مون کي بابا پنھنجن دوستن سان گڏ ڇڏيندو هو. جيڪي مون کي پنھنجي گھر وٺي وڃڻ سان گڏ شھر جو بہ سير ڪرائي، پوءِ شام جو واپس بابا وٽ اسپتال ۾ ڇڏي ويندا هئا ۽ ائين ڪڏهن آئون اڪيلو بہ گھمڻ ڦرڻ لاءِ هليو ويندو هوس. هڪ ڀيرو شام جو بابا بہ ٿوري دير لاءِ مون سان گڏجي ٻاهر گھمڻ لاءِ هليو. ڪراچيءَ ۾ ان وقت اڄ وانگر وڏيون پنج ستاري (Five Star) هوٽلون ڪونہ هيون ۽ ڪراچي شھر بہ ان وقت صرف سورنھن لک آدمشماري وارو شھر هوندو هو. ۽ نہ ڪي اڄ وانگر هڪ ڪروڙ چاليھہ لک آدم شماريءَ وارو شھر، ڪراچي ۾ ان وقت اڃان صرف سنڌي ۽ هندستان کان آيل مھاجر آباد هئا ۽ ڪنئين قدر سيڪريٽريٽ، فوج نيوي ۽ ايئرفورس ۾ شامل پنجابي بہ آباد هئا ڇو تہ ان وقت ڪراچي پاڪستان جي گاديءَ وارو شھر پڻ هو. پر بلوچستان، افغانستان، سرحد صوبي، بنگلاديش، برما ۽ ٻھار جا سٺ لک پٺاڻ افغانين، برمي، بھاري ۽ بنگالين جو ڪراچي ۾ اڄ وانگر ڪو وجود ئي ڪونہ هو. اهو ڌارين ماڻھن جو سمنڊ جنرل ايوب جي مارشل لا ۽ افغان جنگ ۾ جنرل ضياءَ الحق جي غلط شرڪت جي فيصلي ڪري ممڪن ٿيو. جنرل ايوب پنھنجي دؤر حڪومت ۾ پٺاڻن ۽ ضياءَالحق پٺاڻن افغانين ۽ سنڌ ۾ ايندڙ سمورن غير سنڌين لاءِ سنڌ جا دروازا کولي ڇڏيا. ڀٽي دشمنيءَ ۾ هو سنڌين جو بہ دشمن ٿي ويھي رهيو ۽ ڏسندي ڏسندي ڌارين جون ريلن جون ريلون سنڌ اندر داخل ٿيڻ لڳيون ۽ هاڻ اهو سلسلو بند ئي ڪونہ ٿو ٿئي. ڪراچيءَ کان سواءِ باقي سنڌ ۾ اهو سلسلو بند ٿي ويو. نہ تہ ان کان اڳ ڀھراڙين ۾ بہ ڌارين جا ڪٽڪن تي ڪٽڪ زمينون خريد ڪري آباد ٿي رهيا هئا. پر ڌاڙيل فيڪٽر ۽ ڀاڙيءَ جي ڪوٽ سبب هاڻ اهو سلسلو بند ٿي ويو آهي. جنرل مشرف جي حڪومت هاڻ انھن سيني غيرملڪين کي شناختي ڪارڊ، ڊوميسائيل ۽ پاسپورٽ جاري ڪرڻ جو آرڊر ڪيو آهي تہ انھن ماڻھن کي سندس گھر جي اڳيان اهي سڀ سھولتون مھيا ڪري ڏنيون وڃن ۽ هاڻ ڪراچي ڪنھن هڪ قوم جو شھر نہ پر آئون سمجھان ٿو تہ پاڪستان جي چئن قومن يعني بلوچن، پٺاڻن، پنجابين ۽ سنڌين سان گڏ مھاجرن، بنگالين ۽ ٻھارين جو منجھس برابر جو حصو هوندو. آئون سمجھان ٿو تہ ڪراچي دنيا جو واحد تيزيءَ سان وڌندڙ آدم شماريءَ وارو شھر آهي، جنھن جي آدم شماري هڪ صديءَ ۾ هزارن کان ڪروڙن تائين وڃي پھتي آهي. ڪراچي جي آدم شماري 1958ع ۾ آئون سمجھان ٿو تہ سورهن لک جي لڳ ڀڳ ٿيندي. ڇو تہ سنڌ جي آدم شماري جي چارٽ ۾ 1951ع ۾ ڪراچيءَ جي آدم شماري ڏهہ لک ڇاهٺ هزار ۽ اوڻيھہ سؤ ايڪھٺ (1961ع) ۾ اوڻيھن لک ٻارهن هزار ڇاٽايل آهي. ان حساب سان منھنجي نظر ۾ 1958ع جي آخر ۾ اها آدم شماري هئڻ گھرجي. يعني اڄ 2008ع جي هڪ ڪروڙ چاليھہ لک، ڇا تہ اڄ ۽ ان وقت جي ڪراچيءَ ۾ تفاوت هوندو هو.

دنيا جي شھرن ۾ ڪراچي جي سندس پنھنجي واڌ ۽ وجود جي ڪھاڻي بہ ڏاڍي دلچسپ ۽ سنسني خيز آهي. ان سڄي ڪھاڻي جو سربستو احوال توهان کي ڪراچي تي لکيل ڪتابن ۽ مضمونن مان ملندو جنھن ۾:

1- ڪراچی کی کهانی ۾ جلد

2- Kurrachee Past Present and Future_ Alixander F. Baillie
3- ڪلاچيءَ جي ڪُن کان ڪراچي تائين، ليکڪ احسان حليم، سنڌيڪار زاهد علي مگسي
4- نائون مل جون يادگيريون
5- ڪراچي- ايم- بي پٽاوالا
6- ڪراچي- ياسمين مزاري
7- سنڌ بلوچستان- رچرڊ برٽن
تنهن کان سواءِ مختلف گزيٽيئر ۽ ٻين ليکڪن جي ڪتابن ۽ مضمونن ۾ ذڪر جو ته ڪو ڇيهه ئي ڪونهي جنهن ۾:
1- برٽن
2- هيگ
3- مير علي شير قانع
4- جيمس برنس
5- ايسٽ وِڪ
6- پونسٽن
7- آيڊرن ڊا ورٽ
8- ۽ سورلي
جا نالا خاص قابل ذڪر آهن.
آثار قديم جي ماهر ڊاڪٽر ايف خان جي تحقيق مطابق ملير ڊملوٽي روڊ تي هڪ ڳوٺ حاجي الهڏني کان هڪ ميل جي پنڌ تي نئين بازار جي ڪاپي ڪپ تي هڪ قديم آباديءَ جو پتو پيو آهي. جيڪا سندس تحقيق مطابق موهن جي دڙي ۽ هڙاپا جي دؤر جي آهي. اها آبادي 200 کان 300 چورس والن تي پکڙيل آهي. *(ڪلاچيءَ جي ڪن کان ڪراچيءَ تائين صفحو 20)*
ڊاڪٽر ايچ ٽي سورلي پنهنجي ڪتاب ”شاهه عبداللطيف آف ڀٽ“ ۾ لکيو آهي ته ڪراچيءَ جو وڏڻ ارڙهين صديءَ جي پيداوار آهي. پر ڪياماڙي ڪي سڪندراعظم جي نالي سان ڳنڍيو ۽ ياد ڪيو وڃي ٿو. سڪندر اعظم جو مشهور جنرل نيرڪوس جڏهن سنڌو درياءَ مان ٿيندو سمنڊ ۾ داخل ٿيو ته پنهنجا ٻيڙا هتي اچي لنگر انداز ڪيا هئائين. اهو واقعو سال 325 ق- م جو آهي.
1720 ع ۾ سيٺ پوچو مل ڪراچيءَ تي قبضو ڪيو ۽ ٿوري ئي وقت کان پوءِ وري خان قلات ڪراچيءَ تي قبضو ڪيو.
1795 ع ۾ ٽالپر حاڪمن ڪراچيءَ تي قبضو ڪري ڪيس سنڌ سان ملايو.
1839 ع ۾ انگريزن ڪراچيءَ تي قبضو ڪري ڪيس برطانوي هند سان شامل ڪيو.
1947 ع ۾ ڪراچي، برطانوي هند مان آزاد ٿي پاڪستان ۾ شامل ٿي ۽ پاڪستان جي گادي جو هنڌ ٿي.
پهرين ڪلاچي يا ڪراچي صرف ويهن پنجويهن مهاڻن جي گهرن تي مشتمل هڪ ننڍڙو ڪکائن گهرن جو ڳوٺڙو هو. جت موڙو ٻه پنهنجن پاڻن ۽ امڙ سان گڏ رهندو هو. پوءِ اُت مقامي هندو واپارين پنهنجي ۽پنهنجن ٻچن جي پناهه لاءِ ۽ سامونڊي ڌاڙيلن کان تحفظ لاءِ ٽيهن ايڪڙن تي هڪ قلعو تعمير ڪرايو.
چون ٿا ته انگريزن جڏهن ڪراچيءَ تي قبضو ڪيو تڏهن ڪراچيءَ جي آدم شماري اٺ هزار هئي. پوءِ جڏهن هنن ڪراچي کان پوءِ فيبروري 1843 ع ۾ سنڌ فتح ڪئي ته هنن ڪي حيدرآباد جي گرم هوا راس ڪانه آئي ۽ هنن هميشه لاءِ حيدرآباد بدران 1844 ع ۾ ڪراچيءَ کي گاديءَ جو هنڌ مقرر ڪيو ۽ سنڌ کي ٽن ڪلڪٽوريٽس ۾ ورهايو ويو. يعني ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور ان وقت ڪراچي ڪليڪٽوريٽ ۾ هيٺيان ضلعا هوندا هئا.
1- ڪراچي

2- گهوڙا ٻاري
3- جهرڪ
4- سيوهڻ
انهن ضلعن جا وري ڪنئين پرڳڻا هئا.
انگريز ڪراچي کي باقاعدي سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ بڻائي اُتان ويهي حڪومت ڪرڻ لڳا. ابتدائي طور حڪومت هلائڻ لاءِ هي کاتا قائم ڪيا ويا.

| | |
|---|---|
| 1- پبلڪ گارڊنس | (سربراه ميجر بلينڪنس) |
| 2- ڪينال ۽ پيلا | (سربراه ميجر اسڪاٽ) |
| 3- سول جج ۽ ائڊوڪيٽ جنرل | (ڪئپٽن ينگ) |
| 4- پوليس ۽ جيل | (سربراهه ليفٽيننٽ مارسٽن) |
| 5- ڪسٽم | (ڪليڪٽر مئڪليوڊ) |
| 6- پبلڪ ورڪس | (سربراهه ميجر پيٽ) |
| 7- ٽريزر | |
| 8- انڊس فلو ٽيلا ۽ بوٽ | (Boat) |
| 9- سمنڊ فشريز ۽ لوڻ. | |

اليگزينڊر بيلي پنهنجي ڪتاب ”ڪراچي“ جي صفحي ڇهين تي لکي ٿو ته: ”هڪ پيرو جڏهن وائسراءِ هند ڪراچيءَ جي دوري تي آيو ته کيس چيو ويو ته ڪراچي کي سڄي گڏيل هندستان جي گاديءَ جو هنڌ مقرر ڪريو ڇو ته ان وقت هندستان جي گاديءَ جو هنڌ ڪلڪتو هو. جيڪو انگلينڊ کان تمام گهڻو پري هو، پوءِ اهو ڪراچي کي گڏيل هندستان جي گاديءَ وارو هنڌ مقرر ڪرڻ ڪيترو وقت وائسراءِ جي دماغ ۾ ڊوڙندو رهيو. پر نيٺ فيصلو اهو ٿيو ته دهلي کي گڏيل هندستان جي گاديءَ جو هنڌ مقرر ڪجي.
ڪراچي جي اڏاوت ۾ انگريزن پهرين فوجي سپاهين جي رهائش لاءِ بيرڪون ٺاهيون جنهن کي نيپئر بيرڪس جو نالو ڏنو. ان کان پوءِ سامونڊي بندر، ريلوي رستو، چرچ ۽ اسڪول ٺهرايا ويا. ان کان پوءِ پين ڪمن ڏانهن ڌيان ڏنائون. سنڌ ۽ پنجاب مان ڪراچي پورٽ ذريعي انگلش ڪمپنين، انگلينڊ ڏانهن اناج موڪلڻ جي ڏنڌي ۾ ايڏي ته ترقي ڪئي جو ڪراچيءَ جي گاديءَ ٽيڻ جي سورهن سالن کان پوءِ 1860 ع ۾ انهن ڪراچي چيمبر آف ڪامرس قائم ڪيو ۽ ان جي ميمبرن ۾ انگريزن سان گڏ ٻه هندستاني ڪمپنيون به ان جون ميمبر ٿيون. جيڪي هر هڪ: ايس طيب جي ائنڊ ڪمپني ۽ ارد شير ائنڊ ڪمپني هيون. انگلينڊ مال موڪلڻ واري وڏي ۾ وڏي اسٽيم نيوي گيشن ڪمپنيءَ جو نالو ”سنڌيا“ رکيو ويو. *(کراچی کی کهانی صفحو 167)*
جڏهن سنڌ جو واپار وڌيو ته ممبئي جي ڪمشنر جي ليٽر نمبر 561 تاريخ 1855 ع ڊسمبر جي حڪم مطابق ”بئنڪ آف بمبئي“ جي ڪراچيءَ ۾ برانچ قائم ڪئي وئي. ائين سنڌ ڌرتيءَ تي پهرين باقاعدي بئنڪ ڪم شروع ڪري ڏنو. *(Contents of the Pre mutiny Records page 31)*
ڪراچيءَ مان پهريون پيرو ”ڪراچي ائڊور ٽائيز“ نالي انگريزي اخبار شروع ڪئي وئي. جيڪا هفتي ۾ ٻه پيرا شايع ٿيندي هئي. ان کان پوءِ سنڌ ٽائميس ۽ سنڌ سڌار اخبارون شايع ٿيون. انگريزن جت جديد طرز جا پنهنجي فوجين لاءِ بيرڪون ۽ بنگلا ٺهرائڻ شروع ڪيا ته ات شهر جي ترقي، صفائي ۽ ضرورتن لاءِ ڪمشنر ڪراچي، فريئر، ميونسپالٽي به قائم ڪئي ۽ پوءِ جلد ئي ڏسندي ڏسندي ڪراچي شهر ۾ ڪنئين بلڊنگون اوچو ڳاٽ ڪري تيار ٿي اٿي ٻيهي رهيون، جنهن ۾ مکيه بلڊنگون هي هيون.
1- فريئر هال
2- انڊريو چرچ
3- گرامر اسڪول بلڊنگ

4- ڪراچي پورٽ ٽرسٽ بلڊنگ
5- ميري ويدر ٽاور
6- ٽرينٽي چرچ
7- بولٽن مارڪيٽ
8- ڪراچي ميونسپل جي بلڊنگ
9- ڪلفٽن تي ڪوٽاري پريڊ

انهن بلڊنگس ۽ نون رستن ڪراچيءَ جي رونق ۽ سونهن کي چار چنڊ هٽي ڇڏيا ۽ هاڻ ڪراچي ايشيا جي سهڻن شهرن ۾ ڳڻجڻ لڳي. ڪراچي ۽ بمبيءَ وچ ۾ برٽش انديا اسٽيم نيويگيشن وارن پاٽيءَ جو جهاز بہ هلائڻ شروع ڪيو جنهن جي (Deck) عرشيءَ جي مسافرن جو ياڙو پنج روپيا هوندو هو پر وري جڏهن انهيءَ روٽ تي حاجي قاسم اسٽيم ڪمپنيءَ وارن پنهنجو جهاز شروع ڪيو تہ انهن پنهنجو ياڙو پنجن روپين مان گهٽائي ادائي روپيا ڪيو ۽ مسافرن کي تحفي ۾ هڪ ريشمي رومال بہ ڏيندا هئا.

ڪراچيءَ ۾ ٽرام جي شروعات 1885ع ۾ ٿي. پهرين ٽرام ڪوئلي تي هلندي هئي پر تمام گهٽي دونهون ڪيڻ ڪري ڪيس ۾ گهوڙن تي هلايو ويو. جيڪي گهوڙا هر ۾ ميلن تي تبديل ڪيا ويندا هئا. گهوڙن کي ڪاڙهي (اُس) کان بچائڻ لاءِ مٿائن سولا هيٽ هٽي ڪين چاڻءَ ڪري ڏني ويندي هئي. پوءِ گهوڙن کي ختم ڪري ٽرام ڊيزل مشين تي هلايون ويون. ٽرام سولجر بازار کان ڪياماڙي تائين هلندي هئي. يعني پنج ميل جو مفاصلو ۽ سندس ياڙو صرف هڪ آنو هوندو هو. اسان بہ ان ٽرام ۾ سفر ڪيو. آئون سمجهان ٿو تہ سٺ جي ڏهاڪي ۾ ٽرام ڪراچي مان بند ٿي وئي. ڪراچيءَ ۾ جڏهن حڪومت هوائي اڏي کولڻ جو پروگرام ٺاهيو تہ پهرين حڪومت جو خيال هو تہ اهو هوائي اڏو ملير ۾ کولجي ان اميد تي تہ ملير ۾ سستي زمين خريد ڪري، حڪومت کي مهانگي اگهہ ۾ زمين وڪرو ڪجي. انهيءَ آسري تي ڪراچيءَ جي ڪيترن ئي مالدارن اُت زمين خريد ڪئي ۽ ائين ملير جي ماڻهن جي تقدير کُلي پئي. پر حڪومت چپ چاپ ۾ ملير ۾ نہ پر ڊرگ روڊ تي زمين خريد ڪري هوائي اڏو کولي ڇڏيو. هوائي اڏو ٺهي تيار ٿيو تہ ڪراچيءَ ۾ (R 101) هوائي جهاز جي هت آٽڻ جو بندوبست ڪيو ويو ۽ انهيءَ لاءِ هڪ هئينگر بہ ٺاهيو ويو. جهاز کي ڏسڻ لاءِ هزارين ماڻهو اچي ايئرپورٽ تي گڏ ٿيا. سڄي ڏينهن جي انتظار ڪرڻ کان پوءِ رات جو خبر پئي تہ اهو ڪراچيءَ اچڻ وارو جهاز فرانس ۾ ڪري تباهہ ٿي ويو ۽ منجهس سواريءَ ڪندڙ سڀ مسافر بہ مري ويا. ڪراچيءَ ۾ پهرين هوٽل پالز هوٽل (Pauls Hotel) جي نالي ۾ هڪ روسي شهريءَ کولي جيڪا ڪئنٽونمينٽ ريلوي اسٽيشن جي سامهون هوندي هئي. جنهن جو نالو پوءِ تبديل ڪري "ڪارلٽن هوٽل" رکيو ويو. هن هوٽل جي کولڻ کان پوءِ ڪجهہ سالن بعد هڪ ٻئي هوٽل مارڊر نالي ڪنهن يورپين عورت کولي، پر ان ۾ صرف اهي يورپين اچي رهندا هئا جيڪي فرمن ۾ ڪم ڪندا هئا يا فرمن لاءِ آرڊر وٺڻ لاءِ انگلينڊ کان هت مختصر وقت لاءِ ايندا هئا. اها هوٽل هڪ قسم جي فيملي هوٽل هئي. جنهن اسٽائل جون هوٽلون اڄ بہ انگلينڊ ۾ جام آهن. جن ۾ رهندڙ مسافرن کي پيئنگ گيسٽ (Paying gest) چيو ويندو آهي.

انگريزن سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ ڪنئين ڪم سرانجام ڏنا ۽ ڪنئين سرڪيولر جاري ڪيا پر انهن مان مکيہ نوٽيفڪيشن هي هئا. سرڪيولر ليٽر نمبر (1825 of the 6 sept 1851) ڪمشنر سنڌ طرفان جاري ڪيل سيني سول ملازمن جي سربراهن کي حڪم ڪيو تہ سڀ سرڪاري ملازم سنڌي ٻوليءَ جو لازمي امتحان پاس ڪن.

ٻيو آفيس ليٽر نمبر 433 تاريخ (25 May 1857) ڪمشنر سنڌ طرفان حڪم جاري ڪري سنڌ جي سيني ڪليڪٽرن کي حڪم ڪيل آهي. تہ اڄ کان سنڌي ٻولي کي سيني کاتن ۾ سواءِ جاگيرن جي کاتي جي سڀ لکپڙهہ صرف سنڌي ٻوليءَ ۾ ئي ڪئي وڃي ۽ سنڌي اڄ کان سنڌ جي لئنگويج آف رڪارڊ مقرر ڪجي ٿي. (ڏسو صفحو 63 ڪئٽلاگ آف پري ميونٽي رڪارڊس) ۽ ائين انهيءَ حڪم جاري ٿيڻ سان سڄي سنڌ جي سرڪاري ۽ اسڪولي زبان صرف ۽ صرف سنڌي ٿي وئي ۽ سندس اها حيثيت پاڪستان ٺهڻ تائين قائم هئي. پوءِ اردو جو هندستان مان هت اچڻ ۽ انگريزن جي جڳهہ تي پهرين مهاجر ۽ پوءِ پنجابين جو ملڪ تي حاڪم ٿيڻ سان سنڌ ۽ سنڌي ٻولي جي اها حيثيت ختم ڪئي ويئي. ان ڪتاب جي صفحي 361 تي ڪمشنر

سنڌ جو پگهار لکپل آهي. جيڪو ان وقت يعني 1848ع ۾ پاونجاھ هزار روپيا ساليانو مقرر ڪيو ويو هو ۽ ٽوئر دوران ڪيس روزاني جي حساب سان ڏھ روپيا ملندا هئا.

جيئن جيئن بابا جي طبيعت ٺيڪ ٿيندي وئي تيئن تيئن بابا تان ڊاڪٽرن جا قانون گهٽجندا ويا. بابا هاڻ اخبارن سان گڏ رسالا بہ پڙهڻ لڳو. بابا اخبارن ۾ ڊان ۽ هڪ سنڌي اخبار پڙهندو هو ۽ رسالن ۾ مهراڻ ۽ نئين زندگي، پوءِ سهڻي ۽ روح رهاڻ بہ وٺندو هو. انگريزي رسالن ۾ ٽائيم، ريڊرس ڊائجيسٽ ۽ لائيف مئگزين پاڻ سچي زندگي باقاعدگي سان آخر تائين پڙهندو هو.

ڊاڪٽر عبدالرحيم پراچا بابا کي هر روز ڏسڻ ايندو هو. ان وقت ڊاڪٽرن وٽ جديد علاج ۽ دل جي بيماريءَ بابت ايتري ڄاڻ ڪانہ هئي، جيتري اڄ آهي. اڄڪلھ تہ ڪي وارن جا هر مرض تي جدا جدا ڇپيل ڪتاب وٺي پڙهي مرض بابت وڌيڪ معلومات حاصل ڪري گهڻن خطرن کان پاڻ کي بچائي سگهجي ٿو. جيڪي توهان کي ڪراچي جي سيني مکيہ انگريزي ڪتاب گهرن تي ملندا. هاڻ تہ ڪتابن سان گڏ هر مرض بابت انٽرنيٽ تي مڪمل معلومات ۽ پل پل جي نئين تحقيق دستياب آهي پر ڳالھ آهي پڙهڻ ۽ پروڙڻ جي جنهن کان اسان بلڪل پري آهيون.

ماڻهو سيڪس جون دوائون کائڻ لاءِ تہ تيار آهي پر ان تي بہ ماڻهو ڪتاب پڙهي معلومات حاصل ڪري لطف اندوز ٿيڻ لاءِ يا ان کي سچي زندگي برقرار رکڻ لاءِ تيار ناهي.

انگريزي ۾ چوڻي آهي تہ "هر ماڻهو بهشت ۾ وڃڻ لاءِ تيار آهي پر مرڻ لاءِ ڪير بہ تيار ڪونهي، مطلب تہ بهشت ۾ ماڻهو مرڻ کان پوءِ ئي ويندو. اڄڪلھ جي جديد ميڊيڪل سائنس جو چوڻ آهي تہ دل جي بيماريءَ جا ننڍا ننڍا تہ ڪنئين سبب آهن پر مکيہ سبب صرف هي آهن يعني:

1- هاءِ بلڊپريشر

2- هاءِ شگر

3- هاءِ ڪوليسٽرول

4- هاءِ ڊرنڪنگ

5- هاءِ اوبيسٽي يعني (گهڻي ٿولھ)

6- سگريٽ جو استعمال

انهيءَ سان گڏ ننڍا ننڍا سبب بہ ڪنئين آهن پر مکيہ سبب اهي آهن. مون کي منهنجي ڊاڪٽر ائين ٻڌايو آهي، باقي موروثي بيماريون سي تہ ماڻهوءَ جي پنهنجي وس ۾ بہ ڪونهي. ان سبب لاءِ ڊاڪٽر يا ڪوبہ ماڻهو ڇا ٿو ڪري سگهي. چون ٿا تہ اڳتي هلي ائين ٿيندو جو ماڻهو جي (Seman) مان موروثي بيماريءَ جا جزا ختم ڪري پوءِ ٻار پيدا ڪيا ويندا. خبر ناهي تہ اهو پنهنجي زندگي ۾ ممڪن ٿيندو بہ يا نہ. سائنسدان چون ٿا تہ ڌرتيءَ کي ويجهي ۾ ويجهي ستاري تائين پهچڻ لاءِ اجان اسان کي گهٽ ۾ گهٽ پنجاسي هزار سال لڳندا. پر سائنسدانن جا سائنسي ايجادن جي باري ۾ خود سندن تجربا بہ ڏاڍا دلچسپ آهن. مثال 1878ع ۾ پئرس جي هڪ عالمي سائنسي نمائش ۾ هڪ برطانوي پروفيسر لائيٽ جي بلب کي پهريون دفعو ٻرندي ڏسي ٺٺس مسخري ڪندي چيو تہ هن نمائش ختم ٿيڻ کان پوءِ هن بلب ۾ ٻرندڙ روشني بہ هميشہ لاءِ ختم ٿي ويندي، يا جڏهن ٽيليفون ايجاد ٿيڻ لاءِ ڪوششون ٿي رهيون هيون تہ ڪن سائنسدانن جو خيال هو تہ تارن ذريعي آواز هڪ جڳھ کان ٻي جڳھ پهچائڻ ناممڪن آهي.

1897ع ۾ هڪ برطانوي سائنسدان چيو تہ دنيا ۾ ريڊيي جو ڪوبہ مستقبل ڪونهي. ويهين صديءَ جي شروعات ۾ آمريڪا جي سائنسي ايجادات جي ڪمشنر ايچ ڊوئيل آمريڪن صدر مڪنلي کي ليٽر لکي چيو تہ جيڪي بہ ايجادون ٿيڻيون هيون سي ٿي چڪيون هاڻ هن آفيس کولڻ جو ڪو ضرور ڪونهي. پر صرف آمريڪا ۾ 1899ع کان پوءِ اڄ تائين آمريڪا حڪومت ڇئين لکن کان بہ وڌيڪ پيٽنٽ جي منظوري ڏئي چڪي آهي.

(ڏسو اڳوڻي آمريڪي صدر نڪسن جو ڪتاب Victory without war). سرسلطان محمد آغا خان پنهنجي آتم ڪهاڻي ۾ لکيو تہ دنيا جي مشهور سائنسدانن مون کي چيو تہ هوائي جهاز جو ايجاد ٿيڻ ناممڪن آهي. پر اڄ مون وٽ بہ پنهنجو ذاتي هوائي جهاز آهي.

بابا مون کي سندس ملڻ وارن دوستن ۽ سندن ٻارن سان گڏ ڇڏيندو هو ته کين چوندو هو ته عبدالحئي کي ڪراچي گهمائي اچو. سول اسپتال ته بندر روڊ تي آهي ۽ صدر به بند روڊ جي ويجهو آهي. ان ڪري ان وقت جي ڪراچي جا ويجها علائقا ئي گهمبا هئا. ڪي اهڙيون جڳهيون به هيون جن جو اڄ وجود ئي ڪونهي. يا ڪي اهڙيون جڳهيون ۽ ماڳ مڪان آهن. جيڪي گهٽو پوءِ ٿيا. مثلا: اڄ جيڪو سول اسپتال جو نقشو آهي اهو 1958 ع ۾ ان کان بلڪل مختلف هو. اهڙيءَ طرح بندر روڊ تي ان وقت ٽرام هلندي هئي جيڪا اڄ ڪانهي، بندر روڊ جي ڪيترين پراڻين جڳهين تي اڄڪلهه ڏهه ڏهه ماڙ وڏيون وڏيون جڳهيون ٺهي ويون آهن. جن جو ان وقت وجود ئي ڪونه هو. شهر جا سٺا سٺا سئنيما گهر ان وقت بندر روڊ تي هوندا هئا ۽ 1965 ع جي جنگ کان اڳ هندستاني فلمن جي نمائش تي پاڪستان ۾ ڪابه بندش ڪانه هوندي هئي. تنهن ڪري هندستاني فلمون پاڪستان ۾ هر وڏي ننڍي شهر جي سئنيمائن ۾ ڏيکاريون وينديون هيون ان ڪري ڏاڍي رش هوندي هئي. پر سئنيمائن تي اڄ نه آهن اهي فلمون ۽ نه آهن اهي بندر روڊ تي سئنيمائون. بندر روڊ تي هن وقت جي مقابلي ۾ ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ بس هلندي هئي، نه ته سڄو بندر روڊ بسن جي دونهين ۽ ماڻهن جي رش کان سواءِ صاف سٿرو ۽ وڻندڙ لڳندو هو. هينئر ته رش دوران بندر روڊ ڪراس ڪندي ئي موت جو منظر ياد اچيو وڃي. صدر وارو سڄو علائقو ڪراچيءَ جو مرڪز هوندو هو. جت ڊسڪو ڪلبون، بارون، سئنيمائون، بهترين هوٽلون، سهڻا سپر اسٽور، ڪتابن جا دڪان، ٻاهرين ملڪن جي سامان جا دُڪان، جنهن ۾ ڪپڙو واچون ۽ هار سينگار جو سامان رکيل هوندو هو. جڏهن ولي عهد اردن ۽ ثروت جي شادي ٿي ته اردن جي بادشاهه شاهه حسين ۽ سندس فيمليءَ صدر مان شاديءَ جي خريداري ڪئي، نه لنڊن يا آمريڪا مان. اها هئي ان وقت ڪراچي، شهر جا معززين غيرملڪي سفارتڪار ۽ ملڪ ملڪ جا سياح هزارن جي تعداد ۾ صدر ۾ توهان کي شاپنگ ڪندي نظر ايندا هئا.

سنڌ جو مفڪر ۽ محقق پير حسام الدين راشدي هر روز شام ٽائي صدر گهمڻ ايندو هو. شيخ اياز جڏهن به ڪراچيءَ ايندو هو ته صدر ۾ هوٽل جبيس ۾ رهندو هو ۽ شام جو دوستن سان گڏ صدر جو سير ڪندو هو ۽ ائين نسيم کرل به صدر ۾ اچي رهندو هو. بابا ۽ آئون جڏهن به ڪراچي ايندا هئاسين ته صدر گهمي پوءِ وڃي شام جي چانهه گهڻو ڪري صدر ۾ ڪيفي جبيس يا پوءِ انٽرڪانٽيننٽل هوٽل ۾ پيئندا هئاسين. بابا جڏهن به ڪراچيءَ ايندو هو ته سائين جي ايم سيد جي بنگلي حيدر منزل تي رهندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن هوٽل ۾ به رهندو هو. انٽرڪانٽيننٽل ٺهڻ کان پوءِ ان ۾ رهندو هو ۽ آئون به ان ۾ بابا سان گڏ ڪئين ڀيرا رهيس.

صدر ۾ نَوَ کن شراب خانا هوندا هئا پر انهن ۾ "يو بار" ۽ "ونرز بار" عوامي نوعيت جا شراب خانا هوندا هئا ڪراچي جي ٻين بارن جا نالا هن ريت هئا.

1- دي هٽ بار سائس گڏ ڊسڪو

2- پئرس بار ۽ بلئيرڊ روم

3- اڪسيليسر بار ۽ نائيٽ ڪلب

4- ميرينا بار ۽ ڪلب

5- ريڪس بار

6- سما بار ۽ ڊسڪو

7- لي گورمينٽ Le gourment ۽ بار

8- لدو بار ۽ نائيٽ ڪلب

9- روما شبانا بار ۽ نائيٽ ڪلب

صدر جي انهن بارن، ڊسڪو ۽ نائيٽ ڪلبن ۾ سڄي رات جام پي جام چلي دور پي دور چلي، هلندو رهندو هو. رات جي وقت انهن بارن ۽ نائيٽ ڪلبن ۾ ايڏي ته رش ٿيندي هئي جو ڪيتري دير بيهي انتظار ڪرڻ کان پوءِ ويهڻ جي جڳهه ملندي هئي. اهو سلسلو سڄي رات جاري رهندو هو.

آئون ۽ خليل بچاڻي جڏهن به ڪراچيءَ ايندا هئاسين ته انهن بارن ۽ نائيٽ ڪلبن ۾ ضرور ويندا هئاسين ۽ اهڙي طرح وري لنڊن پئرس ۽ آمريڪا جي بارن ۽ نائيٽ ڪلبن ۾ آئون ۽ حمزو خان گڏ هوندا هئاسين. ڪراچيءَ جي انهن نائيٽ ڪلبن ۾ بلڪل آخري ڊانس جو پروگرام گهڻو ڪري ڊانسر ڇوريون ڪپڙن کان آجيون ڊانس ڪنديون هيون. تنهن ڪري اُن آخري

پروگرام جي انتظار ۾ شوقين آخر تائين ويٺا هوندا هئا ۽ پوءِ اهو پروگرام ڏسي بندر روڊ تي بندوخان جي هوٽل تي تڪا، ڪباب، پوريون ۽ حلوو کائڻ لاءِ وڃبو هو. جت فلم ڊائريڪٽر ﭘﺎﺋﻲ جان جي معرفت فيض احمد فيض سان به ڪنئين ڪچهريون ٿيون ۽ سندس واتان سندس ڪلام ٻڌڻ جو اتفاق ٿيو. فيض جي شخصيت ڏاڍي وڻندڙ پياري ۽ پاڻ ڏاڍهن چڪيندڙ هوندي هئي. منهنجي زندگيءَ جي رنگين دؤر جو گهڻو حصو پهرين خليل بچاڻي ۽ پوءِ حمزو خان سان گڏ گذريو. سچ پچ ته جڏهن اهي ڏينهن ٿا ياد پون ته وريو جوان ٿيو پوان ۽ ڪنئين ڏينهن اُنهن يادن کي ياد ڪندي زندگي وڏيو وڃي. ڪراچي جي صدر جا گوٽن هال، ايسٽر هال ۽ ڪٽرڪ هال سڄي ڪراچي جي ثقافتي تقريبن جا مرڪز هوندا هئا. اسان ڪنئين دفعا اُت سائين جي ايم سيد جي سالگرهه جا جشن ملهايا ۽ ٻيون به تقريبون ملهايون. شام جي وقت صدر جي فليٽن ۾ رهندڙ ڪرسچن ڇوريون جڏهن پينٽ شرٽ پائي صدر جي رستن تي هلنديون هيون ته صدر جون رونقون اجانڻ وڌيڪ رنگين ٿي وينديون هيون. پر اڄڪلهه ڪراچيءَ جي انهن سيني بارن، نائيٽ ڪلبن ۽ سئنيما هائوسن جي جڳهين تي وڏيون وڏيون بلڊنگون ۽ پلازه تيار ٿي ويا آهن. صدر جي مشهور ڪيفي ڊي خان جي جڳهه تي هاڻ محبوب ڪلاٿ مارڪيٽ ٺهي وئي آهي ۽ هاڻ صدر جي جڳهه ڪلفٽن ۽ طارق روڊ والاري آهي. آئون به بابا جي طبيعت ٺيڪ ٿيڻ کان پوءِ اڪثر بابا جي دوستن سان گڏ ان دور جي صدر ڏسڻ ويندو هوس جيڪا مون کي اڄ به ياد آهي. جت پهريون ڀيرو زندگيءَ ۾ چانهين، سردن پپيتي ۽ ڪيلن جي ٽڪرن کي گڏي مٿان مرچ ۽ گرم مصالحو هٽي کائڻ جو اتفاق ٿيو جنهن کي انهن چاٽ ٿي چيو. پهريون ڀيرو کير ۾ پاڻي (يعني برف) وجهي ٿڌو ڪري پيتم. ان وقت ڪراچيءَ جي روڊن رستن تي جپاني گاڏين ڪرولا، مزدا، سني، مرگلا ڪلٽس ۽ سوڪ جي جڳهه تي آمريڪن گاڏيون ڪئڊلڪ، شيورليٽ بيوڪ ۽ اٽلين گاڏيون مورس، فيئٽ ۽ اوپل، جرمن گاڏيون مرسيڊيز ۽ فاڪس ويگن هلنديون هيون.

ان دؤر ۾ سول اسپتال جي هڪ ٽريني نرس ... سلامتي سان منهنجو نينهن جڙيو جيڪو سلسلو ڏهه سال هليو ۽ پوءِ مس سلامتيءَ جي ڪري ڪراچي سان به اهڙو ته نينهن جو ناتو جُڙيو جيڪو اڄ تائين هلندو اچي ۽ انهيءَ دؤر جي سندس لکيل خطن تي هڪ جملو مون کي اجا تائين ياد آهي جيڪو جملو (Fly Postman Fly) آهي. بابا مون کي هڪ هفتي کان پوءِ واپس حيدرآباد روانو ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ به ٽي هفتا اسپتال ۾ رهيو. تقريباً مهيني کن جي علاج کان پوءِ ڊاڪٽرن جي اجازت سان واپس ڳوٺ هليو ويو.

آئون ڪراچيءَ کان واپس اچي پڙهائي کي لڳي ويس ۽ پنهنجي مقرر وقت تي ساليانو امتحان ٿيو ۽ هي منهنجي ٻني کان ٻاهر پهريون امتحان هو. آئون امتحان ۾ پاس ٿيس، پر خبرناهي ته ڇو مون کي پنجين انگريزي ڪلاس پڙهڻ لاءِ نورمحمد هاءِ اسڪول جي برانچ جيڪا ان وقت ريشمي گليءَ ۾ هوندي هئي ۽ هينئر اهو اسڪول بند پيو آهي مون کي اوڏانهن موڪلي ڇڏيائون، منهنجي نئين اسڪول ۾ به اڪثريت سنڌي استادن ۽ شاگردن جي هوندي هئي پر هت گهڻو حيدرآباد شهر جا ٻار پڙهندا هئا. منهنجو ڪلاس ٽيچر سائين حسين پٺو منهنجي سنڌ يونيورسٽيءَ جي استاد سائين حسن پٺي جو ننڍو ڀاءُ هو. (سائين حسن پٺو پوءِ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو چيئرمين ٿيو.) نورمحمد هاءِ اسڪول ۾ گهڻا ڇوڪرا پڙهندا هئا. ان جي مقابلي ۾ هي ننڍو اسڪول هو. پر پڙهائي هت به نورمحمد هاءِ اسڪول جهڙي هوندي هئي. هت پڙهڻ سان اهو فائدو ٿيو جو هاسٽل کان اسڪول ايندي ويندي اڌ شهر جو خود به خود سير ٿي ويندو هو. منهنجي اسڪول اچڻ جو روٽ هن ريت هوندو هو. هاسٽل کان نورمحمد هاءِ اسڪول، نورمحمد هاءِ اسڪول کان تلڪ چاڙهي ۽ پوءِ سينٽ بونا وينچر ڪانوينٽ هاءِ اسڪول پٺيان اندر گهٽين مان ٿيندو وڃي اسڪول پهچبو هو ۽ واپسي ۾ ڪڏهن ڪڏهن ريشمي گلي ۽ تلڪ چاڙهيءَ جو چڪر به لڳي ويندو هو. پر جيئن ته ٻنپهرن جي مانيءَ جو وقت ساڳيو هو ۽ منهنجو اسڪول هاڻ ڪافي پنڌ تي هو. تنهن ڪري ڪوشش ڪري هاسٽل وقت تي پهچڻو پوندو هو جيئن ڊائننگ هال بند نه ٿي وڃي ۽ ماني ختم نه ٿي وڃي. تنهن ڪري ڪوشش ڪري لنچ ٽائيم تي پهچبو هو. ماني ختم ٿيڻ کان پوءِ به سونهارو بورچي ڪڏهن ڪڏهن جي ماني بچندي هئي ته ماني ڏيندو هو. پر جي ماني نه بچي ته سونهارو ويچارو ڇا ڪندو؟ هاسٽل ۾ رهڻ واري سموري وقت ۾ ائين ڪونه ٿيو جو ماني نه ملي ۽ بُک ڪاٽجي. پر تڏهن به خيال ڪرڻو ٿي پيو. هاسٽل ۾ شاگردن سان گڏ استاد به حيدرآباد شهر کان ٻاهر جا هئا. تنهن ڪري استاد ۽ شاگرد هڪ ٻئي جو خيال ڪندا هئا.

مون کي هت حيدرآباد ۾ آئي پورو هڪ سال گذري ويو هو ۽ وري ٻن مهينن جي وئڪيشن تي ۽ آئون ڳوٺ هليو ويس جت پورا ٻه مهينا گذارڻا هئا. ٻن مهينن جي موڪل ڪري سڄي هاسٽل مڪمل خالي ٿي ويندي هئي ۽ انهيءَ دوران ڪوشش ڪري اسڪول، هاسٽل ۽ اسڪول برانچ هلائڻ وارو مسلم ايڊيوڪيشن بورڊ اُنهن ٽنهي ادارن جو رنگ روغن ۽ مرمت ڪرائيندو هو. شاگرد به گهڻو ڪري پنهنجو سمورو سامان ڪٺي هاسٽل مان هليا ويندا هئا. جنهن ۾ بسترو به شامل هوندو هو پر آئون پنهنجو فالتو سامان سيٺ ٽِيون مل جي بنگلي تي رکي ڳوٺ هليو ويندو هوس. وري جڏهن ڳوٺان موٽندو هوس ته پهرين اهو سامان کڻي

پوءِ هاسٽل ويندو هوس. اهو سلسلو تيستائين جاري رهيو جيستائين اسان پنهنجو حيدرآباد ۾ فليٽ مسواڙ تي ورتو. سو هينئر بہ بسترو ۽ فالتو سامان سيٽ ٿيون مل جي گهر ڇڏي صرف هڪ بئگ کڻي ٽانگي ۾ چڙهي گورنمينٽ بس اسٽينڊ تان گورنمينٽ جي بس ۾ چڙهي جهرڪن ۽ سونڊن جي وچ ۾ ڏاڏوري پتڻ تي هلي ٿورو پنڌ ڪري پتڻ تي پهچي ٻني وڃڻ واري ٻيڙيءَ ۾ چڙهي درياءَ بادشاهہ جي موج مستي ڏسندا اچي ٻني وٽ شاهہ پير ڏني واري مُقام پرسان جت بند مٿي مچي پلي جي مياڻ هوندي هئي ات اچي اسين ٻيڙيءَ مان لهندا هئاسين، اتان ڪان منهنجو گهر صرف پنجن منٽن جي پنڌ تي آهي سو گهر پهچڻ ۾ دير ڪانہ لڳي.

جيجي وڏيءَ ۽ بابا سائين کي پيرن تي هٿ رکي مليس ۽ پاڻ مون کي گلي لڳائي چميون ڏنيون تہ جڻ روح کي راحت اچي وئي. بابا جي طبيعت هاڻ بلڪل ٺيڪ ٺاڪ تي ويٺي هئي. پاڻ تمام گهڻي پرهيز ڪندو هو ۽ وقت تي دوا، ماني ۽ آرام ڪندو هو. بابا مون کان اڳ ڪراچيءَ مان آيو هو پر تڏهن بہ بابا کي پڇڻ ۽ ملڻ لاءِ ترجا ۽ پري پري جا هر روز ڪيترائي ماڻهو ايندا هئا. جن ۾ پنهنجائپ وارن جون عورتون ۽ ڪيترائي غريب مسڪين عورتون ۽ مرد بہ ايندا هئا. ۽ مٿي آسمان ڏانهن هٿ کڻي بابا کي دعائون ڏيندا هئا.

اسان جي اوطاق اسان جي تر ۾ سيني لاءِ سماجي، ثقافتي ۽ سياسي مرڪز طور استعمال ٿيندي رهندي هئي. راڄداري طور سندس استعمال اسان جي راڄ يعني پليجا ۽ ٻين بہ ڪيترن ئي راڄن جا ماڻهو ڪمن ڪارين ۽ فيصلن لاءِ هميشہ ايندا رهندا هئا ۽ ٻيو تہ بابا کي راڳ رنگ جو تمام گهڻو شوق هوندو هو تنهن ڪري عيد براد ۽ ڏينهن ڏهاڙي هت راڳ رنگ جون محفلون ٿينديون رهنديون هيون ۽ بابا جي سياست ۾ هئڻ ڪري هت سياسي ميڙ ميٽنگون بہ ٿينديون رهنديون هيون. ٻيو تہ ٻنون صفا هڪ ڪُنڊ ۾ هئڻ ڪري اڪثر روپوش سياسي ورڪر بہ هتي اچي ڪجهہ وقت لاءِ ٽانيڪا ٿيندا هئا ۽ حالتن بهتر ٿيڻ بعد هتان هليا ويندا هئا. شهر جا ڪيترائي ماڻهو سندن شاديون،طهر ۽ ٻيون ثقافتي سرگرميون اسان جي اوطاق ۾ ڪندا هئا. پوءِ ظاهر آهي تہ هيترين سارين سرگرمين جو هت هئڻ ڪري اسان جي اوطاق تي هميشہ رونقون لڳيون پيون هونديون هيون. بابا سائين جي طبيعت ۾ خدا تعاليٰ اهڙي تہ مٺاڻ ۽ محبت رکي هئي جو هر ماڻهو بابا جي نالي چوندو هو تہ ارباب نورمحمد پليجو مون کي ڏاڍو پيائيندو هو. اها بہ قدرت جي ڪرم نوازي آهي. نہ تہ سچي زندگي ۾ ماڻهو رڳو هڪ ماڻهو کي بہ راضي نٿو رکي سگهي. هن دور ۾ تہ ماڻهو، ماڻهوءَ کان تہ ٺهيو پر خدا مان بہ راضي ڪونهي. وئڪيشن دوران بابا پنهنجن ويجهن مائٽن ۽ دوستن کي گهرائي پنهنجو هي فيصلو ٻڌايو تہ منهنجي راءِ آهي تہ آئون پنهنجي جيئري ئي پنهنجي خاندان ۽ راڄ جي پڳ پنهنجي وڏي پٽ عبدالحئي کي ٻڌايان تہ سواءِ ڪنهن بحث ۽ اختلاف جي سيني هاڪار ڪري ڪيس مبارڪون ڏنيون. انئين تاريخ بہ اُتي جو اُتي مقرر ڪئي وئي ۽ سيني کي ڪم ڪار ورهائي ڏنائون. مهيني کن جي جاکوڙ کان پوءِ ٻني جي عيدگاهہ ۾ مون کي پڳ ٻڌرائڻ واري پروقار تقريب ٿي جنهن ۾ پر پاسي جي معززين ۽ راڄن کان سواءِ پري پري جي بابا سائينءَ جي واسطيدار ۽ دوست شخصيتن بہ شرڪت ڪري مون کي پڳ ٻڌرائي. ان تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن مان مون کي اڄ بہ ڪن ماڻهن جا نالا اچا تائين ياد آهن جن ۾:

1- رئيس محمد يوسف چانڊيو
2- خان بهادر خيربخش خان لغاري
3- پير حيدر شاهہ (گادي نشين درگاهہ بلڙي شريف)
4- ارشاد عباس صوفي (گادي نشين درگاهہ جهوڪ شريف)
5- قاضي غلام رسول پلي (ڊوري ناري وارو)
6- مرحوم سيد قادر ڏنو شاهہ شيرازي
7- پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهہ ڊائريڪٽر ايجوڪيشن پوءِ (وفاقي وزير تعليم)
8- ملڪ غلام حسين ملڪاڻي راڄ ملڪ وارو
9- وڏيرو ساجن سومرو
10- وڏيرو علي محمد گگو
11- فقير خواجہ محمد عيسيٰ

12- سيٺ محب علي خواجہ
13- سيد نجف علي شاھہ (جھانيان پوٽو) حيدرآباد وارو
14- سيٺ ٽِيون مل
15- ارباب جان محمد دل (سال مڪان وارو)
16- سيد گُلي شاھہ (اسان جو مرشد)
17- رئيس مصري خان جاڪرو (سوندڻ وارو)
18- وڏيرو ملهہ پالاري (سريءَ وارو)
19- سيد قاسم شاھہ (جھرڪن وارو)
20- خليفو لالا غلام قادر (مغلبين وارو) جاتي

۽ سچي سنڌ جا پليجا ۽ پرپاسي جا راڄ تقريب ۾ شريڪ ٿيا ۽ مون کي پڳ ٻڌرايائون. مون کي پڳ جو پھريون وَرُ اسان جي مرشد سائين گلي شاھہ ڏنو (۽ پوءِ جنھن ٻانگ ڏئي منھنجي پٽ تي نورمحمد نالو رکيو) اھا تقريب 1959ع جي جولاءِ مهيني ۾ ٿي. ان رات اسان جي اوطاق تي راڳ جي وڏي محفل بہ ٿي هئي. جنھن ۾ بابا جا ڪيترائي دوست بہ شامل هئا. راڳين ۾ ماستر محمد ابراهيم، مراد فقير ۽ مائي ڀاڳي شامل هئي.
سنڌ جي پراڻي تاريخ تي نظر ڊوڙائبي تہ اسان وٽ سرداري نظام يا ڪاروڪاريءَ جي رسم اسان کي گهٽ بہ نظر ڪانہ ٿي اچي. مثلاً: راڻو جڏهن ڪاڪ ۾ مومل سان ملڻ ويو تہ ڪيس مومل سان گڏ ٻيو مرد سُتل نظر آيو. (جيڪا سندس غلط فهمي هئي.) تہ پاڻ ان کي مارڻ بدران واپس ٿيو يا مارئي جڏهن عمر جي قيد ۾ قيد رهي واپس پنهنجي مائٽن ۾ آئي تڏهن بہ ڪيس ڪاري ڪري ڪونہ ماريو ويو. اهڙي نموني سان اسان کي اسان جي پراڻي سنڌي سماج ۾ ڪٿ بہ ڪارو ڪاري ڪري ماڻهن کي مارڻ جو رواج نظر ڪونہ ٿو اچي. اهو سڀ ڪجهہ گهڻو پوءِ جڏهن سنڌ ۾ ميرن جي حڪومت قائم ٿي ۽ انهيءَ دوران وڏي تعداد ۾ سنڌ اندر ٻروچ اچي آباد ٿيا ۽ اهي رسمون انهن کان پوءِ نظر اچڻ ٿيون.
اڳ ۾ بہ قبيلائي رسمن مطابق پڳون ٻڌرائبيون هيون پر هاڻ تہ سياسي ليڊر جنهن ۾ ترقي پسند ۽ روشن خيال سياستدان بہ شامل آهن سي بہ پنهنجي پيءُ ليڊر جي وفات تي وڏيون دعوتون ڪري پاڻ کي پڳون ٻڌرائن.
بهرحال مون بابا سائين جي وفات کان پوءِ آهستي آهستي اهي سڀ رسمون ختم ڪري ڇڏيون جنهن ۾:

1- شادي جا ڏينهن مقرر ڪرڻ
2- گهوٽ کي پڳ ٻڌائڻ
3- ارباب جي گهر ڪوڙي موڪلڻ (جنهن ۾ روڪ پيسا، گوشت، گيهہ ۽ چانور هوندا هئا.)
4- ڪرڻئي لاءِ سڳو پڙهي ڏيڻ
5- شاديءَ جي گهور مان هڪ حصو ارباب کي ملڻ
6- فيصلي کان پوءِ ڏرين تي ڏنڊ وجهڻ ۽ ارباب طرفان راڄ ۾ گهور بہ ڏيڻ جو رواج ۽ ٻيون بہ ڪيتريون ئي ننڍيون وڏيون رسمون شامل هيون. بهرحال مون صدين کان هلندڙ اهي سڀ جون سڀ رسمون آهستي آهستي ختم ڪر ي ڇڏيون.

آخر اهي مدي خارج رسمون اسان جي سماج مان ڪير تہ ختم ڪندو. ڪڏهن تہ ختم ٿينديون شايد سچي سنڌ ۾ واحد آئون اهڙو هڪڙو ماڻهو آهيان جنهن ائين ڪيو آهي. حيدرآباد پڙهڻ کان پوءِ آئون هاڻ گهڻو ڪري هر روز اخبار پڙهڻ لڳس ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ سنڌي رسالن ۽ اخبارن کي خط بہ لکڻ شروع ڪيم. جنهن ۾ محمد عثمان ڏيپلائي جو رسالو عبرت بہ شامل هو. (عبرت پوءِ قاضي اڪبر خريد ڪئي ۽ پوءِ رسالي مان روزانہ اخبار شايع ٿيڻ لڳي.) ۽ جڏهن منهنجا اهي خط شايع ٿيڻ لڳا تہ وڌيڪ شوق پيدا ٿيو ۽ وڌيڪ رسالن ۽ اخبارن کي خط لکڻ شروع ڪيم. اها هئي منهنجي لکڻ ۽ پڙهڻ جي شروعات جنهن اڳتي هلي مون ۾ وڌيڪ لکڻ پڙهڻ جو شوق پيدا ڪيو، جيڪو اڄ تائين باقاعدگي سان جاري آهي. رب جي مهرباني جو پوءِ

منهنجي گهرواري ۽ منهنجي ٻارن ۾ به اهو ساڳيو شوق پيدا ٿيو ۽ پرهه ته "پرهه منهنجي پاڻڌ ۾" ڪتاب سان گڏ ٻيا به ڪيترا ڪتاب لکيا ۽ مون کي به لکڻ ۾ مدد ڪندي آهي ۽ نورمحمد به ڪيترا مضمون لکيا جيڪي ڪيترين اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيا ۽ فرخ به ڪيتري ساري شاعري ڪئي ۽ سندس ڪنئين شعر ماهوار سوجهرو سان گڏ ڪيترن رسالن ۾ شايع ٿيا ۽ پاڻ تمام ننڍي عمر ۾ ڪنئين ورلڊ هسٽريون ۽ دنيا جي مشهور ليکڪن جا مشهور ڪتاب ۽ آٽو بائيوگرافيون پڙهيون آهن. اهو سلسلو سندن نوڪرين جي مصروفيتن باوجود اڄ به جاري آهي. سندن خريد ڪيل ڪتابن جي به هڪ ننڍڙي لائبريري قائم ٿي چڪي آهي. نورمحمد جو مطالعو ته مون کان به وڌيڪ آهي. پره ۽ محبوب جو مطالعو شايد برابر هجي، ٻيا ٻار به ڪجهه نه ڪجهه پڙهندا رهندا آهن.

وئڪيشن ۾ ساوڻ جي مُند هئي ۽ درياءَ پنهنجي جوڀن تي هو، تنهن ڪري اسان هڪ جيڏا گڏجي شام جو درياءَ جي سير تي ويندا هئاسين. درياءَ جي سير دوران درياءَ ۾ وهجندا ۽ ترندا به هئاسين. هڪ ٻئي سان ترڻ جا مقابلا به ڪندا هئاسين ۽ پاٽي جون رانديون به ڪندا رهندا هئاسين. ٻيڙيءَ اندر تريل پلا، آنيون ۽ پَلي جا پت کائيندا هئاسين. چانڊوڪيون هونديون هيون ته رات جو تمام دير کان پوءِ واپس گهر اچڻ ٿيندو هو پر جي اونداهيون راتيون هونديون هيون ته جلد گهر موٽبو هو. رات جو دستور مطابق اوطاق تي ڪچهريون ٿينديون هيون، جنهن ۾ شهر وارن سان گڏ پرپاسي وارا به بابا جا يار دوست ايندا رهندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ٻنون انسپيڪشن بنگلي ڏانهن به وڃبو هو. اهو سلسلو تيستائين جاري رهيو جيستائين وڃي منهنجي ٻن مهينن واري وئڪيشن پوري ٿي ۽ آئون پنهنجو سامان کڻي ٻيڙيءَ ۾چڙهي نيشنل هاءِ وي تي بس ۾ چڙهي وڃي حيدرآباد پهتس، ته سڄن سارن ٻن مهينن گذرڻ جو احساس ئي ڪونه ٿيو. هاسٽل ۾ رات جي مانيءَ تي گهٽو ڪري سڀ ٻاهر جا شاگرد پهچي ويندا هئا. ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ شاگرد بيماريءَ يا ڪنهن انتهائي مجبوري جي ڪري ڪونه پهچندو هو ۽ ائين صبح جو ناشتي کان پوءِ سڀ شاگرد لائين ۾ اسڪول لاءِ روانا ٿي ويندا هئا. آهستي آهستي گوٺ جون يادون وسري وينديون هيون ۽ هاسٽل، اسڪول، پڙهائي ۽ راند روند ۾ ماڻهو مصروف ٿي ويندو هو. ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ڇوڪرا وئڪيشن کان پوءِ اسڪول ۽ هاسٽل ۾ اچي داخلا وٺندا هئا. يا ڪي وري اسڪول ۽ هاسٽل ڇڏي هليا ويندا هئا.

اسان پنهنجا رهيل ڪتاب خريد ڪري پڙهائي شروع ڪئي سين. ان زماني ۾ اڃان شاگردن کي ٽيوشن ڏيڻ جو رواج وڏي پئماني تي شروع ڪونه ٿيو هو. ايڪڙ ٻيڪڙ ٻار ٽيوشن وٺندا هئا ۽ گهڻا ڇوڪرا پاڻ محنت ڪري هوم ورڪ ۽ ڪورس پورو ڪندا هئا.

منهنجو اسڪول نورمحمد هاءِ اسڪول جي هڪ برانچ هو جيڪو ريشمي گليءَ ۾ هو، جنهن جو آئون اڳ به ذڪر ڪري چڪو آهيان. هاڻ آئون اسڪول، استادن ۽ شاگردن سان ڪافي مانوس ٿي چڪو هوس ۽ اسان جي پڙهائي آهستي آهستي اڳتي وڌي رهي هئي. استاد اسان کي هوم ورڪ ۽ ليڪچر ڏيئي پنهنجي ڪورس کي اڳتي وڌائي رهيا هئا. اسڪول سان گڏ هاسٽل ۾ به باقاعدگي سان پڙهائي ۽ هوم ورڪ ڪيو ويندو هو. اهو ناممڪن هو جو هوم ورڪ جو هڪ سوال ۽ سِٽ به رهجي وڃي. اهو استادن ۽ شاگردن جي ذهن ۾ ئي ڪونه هوندو هو ته ڪونه پڙهبو. آچر جي ڏينهن يا ڪنهن موڪل واري ڏينهن سلامتيءَ کي خط لکندو هوس. جيڪا خط ملڻ شرط جواب ڏيندي هئي ۽ اها به لکندي هئي ته هت به پڙهائي ۽ ڊيوٽيءَ ڪري فالتو ٽائيم ئي ڪونه ٿو ملي. جيڪڏهن واندڪائي جو وقت مليو ته توکي خط لکنديس ۽ پوءِ تون ڪراچي اچجين. اهو هڪٻئي کي خطن لکڻ جو سلسلو هلندو رهندو هو ۽ سندس لکيل خط سڀ مون وٽ محفوظ هوندا هئا. ۽ ڪڏهن واندڪائي ۾ خط پڙهي پيو دل وندرائيندو هوس پر پنهنجي پڙهائي ۾ ڪابه ڪوتاهي ڪانه ڪبي هئي. اهو سلسلو هلندو رهيو ته هڪ ڏينهن پاڻ لکيائين ته آچر سان گڏ ڪاپي موڪل به آهي ۽ آئون ٻن ڏينهن لاءِ فري آهيان. تون ڪراچي اچين ته ڀلي اچ. ان ٻن ڏينهن واري وچ واري رات جي به مون موڪل وٺي ڇڏي آهي. ان ڏينهن اسڪول ۾ ته موڪل هئي پر هاسٽل مان هائوس ٽيچر کي درخواست ڏيئي موڪل منظور ڪرائي صبح سوير ڪراچي ايڪسپريس ۾ چڙهي ڪراچيءَ روانو ٿي ويس. جيڪا ان وقت حيدرآباد مان صبح جو ساڍي ستين بجي نڪرندي هئي ۽ ساڍي ڏهين بجي ڪراچي ڪينٽ اسٽيشن تي پهچندي هئي. ان وقت ريلوي جو نظام اڄ جي ريلوي نظام کان وڌيڪ بهتر هوندو هو ۽ جنرل ايوب خان ملڪ ۾ تازي فوجي آمريت قائم ڪئي هئي. تنهن جو به سول ڪامورن تي وڏو ڌهڪاءُ ۽ دٻپ هو، نه ته سول ڪامورا به ڪنهن ننڍي فرعون کان گهٽ ڪين آهن. حيدرآباد ريلوي اسٽيشن تي تمام گهڻي صفائي لڳي پئي هئي. پليٽ فارم جي ٻاهران ۽ پليٽ فارم اندر ڪاغذ جو ٽڪرو يا ماچيس جي تيلي به نظر ڪانه ٿي آئي. ريلوي جي لائينن تي به صفائي ٿيل نظر آئي. مسافرن کان سواءِ فالتو ماڻهو پليٽ فارم تي نظر ڪونه ٿي آيو. اڄ ته ريلوي اسٽيشن تي سؤ پيرا اچو ۽ وڃو توهان کان ڪوبه پليٽ فارم تي ٽڪيٽ پڇڻ وارو ڪونهي. ريلوي اسٽاف کي

اڄڪلهه اِسٽيشن ٻاهران بيهندڙ سون جي تعداد ۾ ٽيڪسين مان ملندڙ منٿليءَ مان ئي هزارين رپيا آمدني ٿيندي آهي. اها ڳالهه توهان کي اُت ويٺل هر هڪ ٽئڪسي ڊرائيور بنان ڊپ جي ٻڌائيندو ته اسان کي پنهنجون ٽيڪسيون هٽ بيهارڻ جي عيوض ريلوي وارا اسان کان هيترا پئسا وٺندا آهن. آئون پنهنجي ٽڪيٽ وٺي چانهه جو هڪ ڪوپ پئي ريل اندر سيٽ تي اچي ويٺس. ريل اندر به بهترين صفائي نظر آئي. ريل پنهنجي صحيح وقت تي رواني ٿي. ٿوري ئي پنڌ هلڻ کان پوءِ اچي ڪوٽڙي اسٽيشن تي بيٺي. جت تقريباً اڌ ڪلاڪ بيهڻ بعد ڪراچيءَ لاءِ رواني ٿي ۽ پوءِ اڍائي ڪلاڪن جي مسافريءَ بعد اچي ڪراچيءَ پهتي. مون وٽ ڪوبه سامان ڪونه هو سو يڪدم ٻگهي ڪري، جيڪي ان وقت ڪراچيءَ ۾ وڏي تعداد ۾ هلنديون هيون، اچي سول اسپتال پهتس جنهن کان پوءِ آئون نرسنگ ٽريني هاسٽل پهتس. دروازي تي ويٺل نوڪرياڻي کي سلامتي لاءِ مئسيج ڪيم ته سلامتي ڊوڙندي اچي مون سان ملي ۽ پاڻ چيائين ته توهان ٿورو انتظار ڪيو ته آئون اچان ٿي پوءِ پاڻ گڏ ٻاهر ٿا هلون. منهنجي لاءِ اهي منٽ انتظار ڪرڻ ڪيئي سال ٿي ويا ۽ جيئن ئي سلامتي آئي ته اسان سول اسپتال جي ٿورو پريان بندر روڊ جي ڀر پاسي پارڪ هوٽل ۾ ڪمرو وٺي اچي رهياسين. سلامتي به ڇئن مهينن کان هت هاسٽل ۾ رهيل هئي ۽ نرسنگ جو ڪورس ڪري رهي هئي ۽ ڪراچيءَ جي بلڪل اڻ واقف هئي ڇو ته سندس تعلق پنجاب جي شهر گجرات سان هو پر آئون اڳ به ڪراچي گهمي ڦري چڪو هوس. اسان ڪمري ۾ داخل ٿيڻ شرط هڪ ٻئي سان ڇنبڙي وياسين ۽ هڪ ٻئي سان پيار ونڊيندي اسان کي ٻنپهرن جي ماني ۽ شام جي چانهه جي ياد به ڪانه پئي. تان جو وچي رات اونده ٿي. اسان رات جي ماني به ڪمري ۾ ڪاڌي ۽ پڻ سڄي رات هڪ ٻئي سان روح رچنديون ڪندا رهياسين. چوندا آهن ته گناهه کي صرف اڪيلائي گهرجي سو اسان وٽ ته فقط اڪيلائي ۽ اڪيلائي هئي. اسان ٻنهي جون عمريون ان وقت چوڏهن سال کن هونديون. چوندا آهن ته مرد جي عمر اها آهي جيڪا هو خود محسوس ڪري ۽ عورت جي عمر اها آهي جيڪو ٻيو محسوس ڪري. پر اسان ٻنهي تي ان عمر ۾ اها چوٽي پوري ٿي لٿي ۽ ائين به چيو ويندو آهي ته مرد طاقتور تڏهن هوندو آهي. جڏهن هو ڪنهن حسين عورت جي ٻانهن ۾ هوندو آهي. صبح جو دير سان اک کلي ته ٻاهر نه وڃڻ چاهيندي به تيار ٿي پهرين. سمند ڪناري وياسين، جت اڄ واري گهماگهمي ڪانه هئي صرف جهانگير ڪوٺاري پريڊ ۽ ان کان اڳيان سهڻي پٿرن سان ٺهيل چاڙهي جيڪا اڳيان وڃي هڪ ٻئي تفريح جڳهه تي ختم ٿيندي هئي. هاڻ انهن ٻنهي پراڻين تفريح گاهن تي توهان کي هر وقت هيروئني سگريٽن جا سوٽا هڻندي نظر ايندا. جيڪي زنده لاشن جيان هر ڳالهه کان بي پرواهه توهان کي نظر ايندا. ڪين ڏسندي ڊپ پيو ٿيندو آهي. جهانگير ڪوٺاري پاڻ خود به هڪ وڏو سياح هو، جنهن سڄي دنيا گهمي ڦري ڏٺي هئي. اڄ جت جهانگير ڪوٺاري نالي يادگار ٺهيل آهي، اهو پهرين سندس رهائشگاهه جو بنگلو هو. ڪلفٽن پل به هن پارسي امير زادي ٺهرائي نه ته هن کان اڳ اُت ڪاٺ جي پل ٺهيل هئي. اسان بندر روڊ تان (جنهن کي هاڻ ايم اي جناح روڊ چيو وڃي ٿو.) بس ۾ چڙهي ڪلفٽن ڏانهن روانا ٿياسين. ان وقت جي روڊن رستن جا نالا هاڻ تقريباً سڀ تبديل ٿي چڪا آهن. آئون مثال طور اوهان کي ٻن ٽن رستن جا پراڻا ۽ نوان نالا ٻڌايان ٿو.

| | پراڻا نالا | نوان نالا |
|---|---|---|
| 1- | وڪٽوريا روڊ | عبدالله هارون روڊ |
| 2- | ايلفنسٽن اسٽريٽ | زيب النساءِ اسٽريٽ |
| 3- | گارڊن روڊ | آغا خان روڊ |
| 4- | سمرسيٽ اسٽريٽ | غضنفر علي اسٽريٽ |
| 5- | ڪلارڪ اسٽريٽ | شاهراهه عراق |
| 6- | هيوو لاڪ روڊ | ايوان صدر روڊ |
| 7- | ڊيپارٽ روڊ | سرور شهيد روڊ |
| 8- | ڪچهري روڊ | ڊاڪٽر ضياءُالدين روڊ |
| 9- | فريئر روڊ | شاهراه لياقت |
| 10- | بندر روڊ | ايم اي جناح روڊ |
| | | آءِ آ چندريگر روڊ |

## 11- ميڪلوڊ روڊ

مطلب تہ نون حاڪمن ڪراچيءَ جي روڊن تان انگريزن جا نالا لاهي پنهنجا نالا رکي ڇڏيا ۽ اسان هاڻ انهن تازو مسلمان ٿيل روڊن رستن تان ڊوڙندا ڪلفٽن تفريح گاهہ ڏانهن وڃي رهيا آهيون ۽ ايڪڙ ٻيڪڙ جڳهين کان سواءِ سڀ جڳهيون گهڻو ڪري انگريزن جون ٺهرايل آهن ۽ ڏاڍيون پروقار لڳي رهيون آهن. اسان جي بس ڪلفٽن جي بس اسٽينڊ تي بيٺي، جت ڪا بہ رش ڪانہ هئي. ڇو تہ ان وقت ڪراچيءَ جي آدم شماري تمام گهٽ هئي. ڪراچيءَ جي آدم شماريءَ جا ڪجهہ انگ اکر توهان جي معلومات لاءِ هت ڏجن ٿا.

| آدمشماري | سال |
| --- | --- |
| سٺ هزار | 1892 |
| هڪ لک سترهن هزار | 1901 |
| ٻہ لک سترهن هزار | 1921 |
| ٽي لک ستاسي هزار | 1941 |
| اوڻيهہ لک سترهن هزار | 1961 |

مٿيان انگ اکر ڊاڪٽر مهتاب ڪريم جي ڪتاب (The Challenge of Urban Growth) تان ورتل آهن.

اڄ جي ڪراچيءَ جي آدم شماري هڪ ڪروڙ پنجٽيهہ لک، 1961ع واري آدمشماري کان اٽڪل هڪ ڪروڙ سورهن لک وڌيڪ آدمشماري! ڪيڏو نہ تيزيءَ سان ڪراچي جي آدمشماري وڌي آهي!! ظاهر آهي تہ ماڻهو گهٽ هئڻ ڪري بسون، ويگنون، ڪارون، موٽرون ۽ ٻي هر قسم جي ٽريفڪ گهٽ هئي. شهر ۾ دونهون ۽ ٻي ماحولياتي آلودگي بہ گهٽ هئي پر اڄ جهڙا ڪلفٽن تي پارڪ، ڦوهارا، وڏيون سرچ لائيٽيون ۽ مڪڊونلڊ ۽ ڪي ايف سي، پيزاهٽ جهڙيون هوٽلون انهن جون روشنيون ۽ رونقون ڪونہ هيون. سمنڊ ۽ ڪوٺاري پارڪ جي وچ ۾ هڪ بازار هوندي هئي، جنهن جي چؤطرف سوين گاڏن ۽ پڙين وارا ڪوڏين جا رانديڪا ۽ ڪاٺ پيٺ جا سامان وڪڻندا هئا، جن تي ٻارن ۽ عورتن جي رش لڳي پئي هوندو هئي. ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ صاف سُٿري هوٽل بہ هوندي هئي. اسان بہ اهڙن دڪانن تان گهمندا ڦرندا وڃي سمنڊ ڪناري پهتاسين. مون سلامتي کان پڇيو تہ تون ڪڏهن پهرين هت سمنڊ گهمڻ آئي آهين، پاڻ چيائين تہ هت اچڻ تہ پري ٿيو پر آئون زندگي ۾ پهريون دفعو سمنڊ ڏسي رهي آهيان. منهنجي لاءِ هي هڪ عجيب نہ وسرڻ جهڙو نظارو آهي. حدنظر تائين رڳو پاڻي ئي پاڻي، جنهن تي ڪنئين جهاز پيا ترن. سمنڊ ۾ هزارن قسمن جون مڇيون پر ان جو پاڻي ڪنهن بہ ڪم جو ڪونهي. يعني نہ تہ ان سان ڪا ٻہ پوکي ڪري سگهجي ٿي ۽ نہ ئي وري اهو پي سگهجي ٿو. اها عجيب ڳالهہ آهي! اسان ڪافي وقت سمنڊ تي گذاري پوءِ صدر ۾ آياسين، جت هڪ ايراني هوٽل تي ماني کائي پوءِ مئٽني شو فلم ڏسڻ وياسين. فلم ڏسي پوءِ مون کيس آٽي هاسٽل تائين پهچايو. پاڻ مون کان پڇيائين تہ وري ڪڏهن ڪراچيءَ اچبو. مون چيو تہ ڪا خبر نہ آهي. اسان ڪافي وقت هڪ ٻئي کي ڏسندا رهياسين. اسان پنهنجي ڳوڙهن کي اکين ۾ لڪائي هڪ ٻئي کان موڪلائي روانا ٿي وياسين. جيستائين آئون نظر کان اوجهل ٿيس تيستائين پاڻ مون کي ڏسندي رهي. آئون ٻاهر نڪري ڪينٽ اسٽيشن ڏانهن ويندڙ بس ۾ چڙهي اسٽيشن ڏانهن روانو ٿي ويس. جتان ان وقت رات جو نوين وڳي خيبرميل نڪرندي هئي. تقريباً ٻاهرين بجي رات جو حيدرآباد اسٽيشن پهتس، اتان ٽانگي ۾ چڙهي هاسٽل پهتس. جيئن تہ منهنجي هاسٽل جي موڪل ورتل هئي ۽ هائوس ماستر طرفان مون وٽ ٻن ڏينهن جي موڪل جي پاس هئي. تنهن ڪري مون کي ڪوبہ ڊپ ڪونہ هو ۽ آئون هاسٽل پهچي چوڪيدار کي پاس ڏيکاري اچي پنهنجي ڪمري تي آرامي ٿيس، صبح سوير تيار ٿي ناشتو ڪري ڪتاب کڻي شاگردن جي لائين ۾ لڳي نورمحمد اسڪول کان پوءِ اڪيلو اڪيلو اسان جي اسڪول پهتس. اهو سلسلو تيستائين هلندو رهيو جيسين پنجين درجي جو امتحان ٿيو ۽ آئون ان ۾ پاس ٿيس تہ مون کي وري برانچ اسڪول مان، مين اسڪول ڏانهن ٽرانسفر ڪيو ويو ۽ ان اضافي پنڌ مان منهنجي جان ڇُٽي، يعني آئون هاڻ ڇهين درجي ۾ پهچي ويس.

اسان جي هاسٽل جي پرسان جت هينئر ڊاڪٽرن جون هاسٽلون آهن. ان زماني ۾ اهو گرائونڊ بلڪل خالي پيل هوندو هو. ڪنهن ڪنهن سال ماڻهو انهيءَ ميدان تي لڳندڙ نمائش کي ڏسڻ ۽ خريداري ڪرڻ لاءِ ايندا هئا. خاص ڪري رات جي وقت ان نمائش ۾ وڏي گهماگهمي ٿيندي هئي. رات جي وقت وڏي تعداد ۾ عورتون بہ خريداري ڪندي نظر اينديون هيون. ان ميدان ۾

شاميانا لڳي رهيا هئا ۽ پوليس بيٺل هئي. مونکي ڪنهن ٻڌايو ته سپاٽي هت مارشل لا لڳائيندڙ فوجي ڊڪٽيٽر ايوب خان ايندو ۽ هاسٽل جي شاگردن جي موڪل هوندي ۽ هو جلسو ڏسي سگهن ٿا. ان زماني ۾ حاڪم آمرن کي اڃان پنهنجي رعيت منجهان زندگيءَ جو ڪوبه خطرو ڪونه هو جيڪو هينئر آهي. اسان ٻئي ڏينهن هاسٽل جا شاگرد ان گرائونڊ تي آياسين. اسان کي ڪنهن به ماڻهوءَ اُت وڃڻ کان ڪونه روڪيو. اسان جنرل ايوب جو سچو جلسو ڏٺو. اُت مون ٺٽي جو ڪليڪٽر به ڏٺو جيڪو بابا وٽ ٻني ۾ اسان جي اوطاق تي ماني کائي ويو هو. شايد شاهجهان ايس ڪريم نالو هوس ۽ مون پيا به ڪنئين سنڌ جا مشهور ماڻهو پهريون ڀيرو اُت ڏٺا. پاڪستان ۾ جت لولي لنگڙي جمهوريت کي ختم ڪري فوجي آمريت قائم ڪئي وئي ۽ ملڪي فوج جو سربراه ڪوڙي ريفرينڊم ذريعي ملڪ جو صدر ٿي ويو هو. ان دؤر ۾ دنيا اندر ويهين صديءَ جا عظيم ليڊر پنهنجن پنهنجن ملڪن جا سربراه هئا، جا ته سڄي دنيا ۾ سندن شان، عزت ۽ وقار هو. اهي هئا:

| | |
|---|---|
| 1- جواهر لعل نهرو، | هندستان جو وزيراعظم |
| 2- مائوزيتنگ، | چين جو صدر |
| 3- سوئيڪارنو، | انڊونيشيا جو صدر |
| 4- خروسچوف، | روس جو پارٽي صدر |
| 5- جمال ناصر، | مصر جو صدر |
| 6- حافظ الاسد، | شام جو صدر |
| 7- ياسر عرفات، | فلسطين جي آزاديءَ جو رهبر |
| 8- فيڊرل ڪاسترو، | ڪيوبا جو صدر |
| 9- مارشل ٽيٽو، | يوگو سلاويا جو صدر |
| 10- بوما دين، | الجزائر جو صدر |
| 11- هوچي منه، | ويٽ نام جي آزاديءَ جو اڳواڻ ۽ صدر |

مطلب ته جت سڄي دنيا جون مظلوم قومون غلاميءَ مان نجات حاصل ڪري آزادي ماڻي رهيون هيون، اُت اسان جو ملڪ وري پنجابي مليٽري ڊڪٽيٽرشپ جي شڪنجي ۾ اچي ويو هو. جتان اڃا تائين بنگالين کان سواءِ ٻيا سندس مليٽري قيد ۾ بند آهن ۽ سنڌ بلوچستان جي سيني گذر جي وسيلن تي پاڻ قابض آهن ۽ سنڌي ۽ بلوچ، پنجاب جي وڏي مليٽري پاور اڳيان بيوس آهن.ايوب جي دؤر ۾ پاڪستان آمريڪا سان ڪئين فوجي معاهدا ڪيا ۽ پڻ پهريون ڀيرو آمريڪا سرحد صوبي ۾ پنهنجو فوجي اڏو قائم ڪيو، جنهن تان آمريڪا جا جاسوسي جهاز آڏامي روس ملڪ جي جاسوسي ڪندا هئا. ان وقت جو آمريڪي صدر آئزن هاور جڏهن پاڪستان جي دوري تي آيو ته ڪراچيءَ ۾ پاڪستاني ڪرڪيٽ مئچ جي بليزر پائي ڪرڪيٽ اسٽيڊيم آيو پر هاڻ آمريڪي صدر ايوان صدر کان ٻاهر ڪونه نڪرندو آهي پاڪستان ۾ اها مئچ پاڪستان ۽ آسٽريليا وچ ۾ ٿي رهي هئي.

نورمحمد هاءِ اسڪول جي برانچ اسڪول مان هت آيس ته صرف هاسٽل ۽ اسڪول تائين محدود ٿي ويس پر اڳ جڏهن اسڪول وڃبو هو ته واپسي ۾ حيدرآباد جي شاهي بازار جو چڪر لڳائي پوءِ هاسٽل اچبو هو. حيدرآباد جي شاهي بازار جيڪا پڪي قلعي جي دروازي کان شروع ٿي مارڪيٽ ٽاور وٽ ختم ٿئي ٿي. اُنهيءَ جو ان دؤر ۾ وڏو اوج هو، هينئر وانگر ٻي هنڌ وڏا واپاري مرڪز ڪونه هوندا هئا. جيئن هينئر لطيف آباد، قاسم آباد ۽ صدر ۾ آهن. سڄي شهر جو واپاري مرڪز شاهي بازار ۽ ان جي اردگرد مارڪيٽ، فقير جو پڙ ۽ سري گهاٽ هوندا هئا، جيڪي به شاهي بازار سان لڳ هئا.

ڪئنٽونمينٽ، بوري بازار، هيرآباد ۽ چڪلو انگريزن جي دؤر ۾ ٺهيا، نه ته اهو سڄو علائقو ويران ۽ غيرآباد هوندو هو. حيدرآباد سڄي لوئر سنڌ جي دل ۽ واپاري ۽ ثقافتي مرڪز هو. ان ۾ وري شاهي بازار جي وڏي اهميت هوندي هئي. هيٺ دڪان، مٿي گهر، بازار جي ٻنهي پاسن کان ننڍيون ننڍيون بيشمار گهٽيون جن ۾ سوَن جي تعداد ۾ پيادل ماڻهو سڄو ڏينهن پيا ايندا ويندا هئا.

ڪلهوڙن ۽ ميرن جي دؤر ۾ حاڪم ۽ سندن فوج قلعي اندر رهندا هئا ۽ شاهي بازار سچي واپار ۽ واپارين جي رهائش طور استعمال ٿيندي هئي. ورهاڱي کان پوءِ ٻارهن سالن بعد جڏهن آئون حيدرآباد پڙهڻ ويس تڏهن به شاهي بازار پنهنجي رونق ۽ واپار جي ڪري شهر جو مرڪز ۽ وڏي گهماگهمي ۽ رونق وارو علائقو هوندو هو. جت رات تائين وڏي رش لڳي پئي هوندي هئي. بابا جڏهن به ڳوٺان حيدرآباد ايندو هو ته اسان جو سنڌس ۽ گهر جو سامان شاهي بازار مان ئي وٺبو هو. پر هاڻ شاهي بازار پنهنجي اها حيثيت وڃائي چڪي آهي. هاڻ ڏينهن جو به شاهي بازار ۾ نالي ماتر واپار ٿيندو آهي ۽ شاهي بازار جي دڪانن جي سچي شهر ۾ گهٽ ۾ گهٽ قيمت ۽ مسواڙ آهي. شاهي بازار ۾ سؤ سيڪڙو دڪان مهاجرن جا آهن. ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ دڪان پنجابين جا به آهن، جيڪي سچو ڏينهن ويٺا پنهنجي حال جو روئڻو روئن.

حيدرآباد ۾ اڄڪلهه قاسم آباد ۽ صدر واپاري مرڪز آهن. ماڻهو سوچيندو ڇا آهي ۽ ٿيندو ڇا آهي! مهاجرن سنڌين سان حيدرآباد ۾ رڻ ٻاري ڏنو ته جيئن سنڌي حيدرآباد خالي ڪري وڃن، پر ان جي ابتڙ سنڌي وڏي تعداد ۾ ٻهراڙين مان لڏي اچي قاسم آباد رهڻ لڳا ته اڌ شهر ۽ شهر جو واپار مهاجرن کان کسجي سنڌين جي حوالي ٿي ويو. قاسم آباد تعلقو پوءِ سب ڊويزن ٿي ويو. هاڻ اتان هڪ سنڌي اسيمبلي ميمبر به چونڊجي سنڌين جي شهر ۾ واپاري ۽ سياسي طاقت هر روز وڃي وڌندي، سا مهاجرن جي هنگامن کان اڳ ڪجهه به ڪانه هئي. هاڻ توهان کي شهر اندر سنڌي مهاجر برابر نظر ايندا. جن جو تعداد روز وڃي وڌندو. مهاجرن ڇا سوچي سنڌين تي حملا ڪيا ۽ ٿي ڇا ويو! سنڌ جو هيڏو وڏو شهر جيڪو هميشه هندن جو شهر رهيو ان کان پوءِ اهو شهر مفت ۾ مهاجرن کي مليو. لياقت علي پنهنجي حڪومت دوران اهڙا ته سنڌ دشمن قاعدا ۽ قانون جوڙيا (۽ اهو سلسلو وري صدر مشرف جي حڪومت ۾ به جاري ڪيو ويو آهي.) جو هندن جي ڇڏي ويل ملڪيت مان ڏاڻو به سنڌي مسلمانن کي هٿ نه آيو. پر هينئر سڄي شهر ۾ توهان کي سنڌي اڪثريت ۾ ملندا. سو مون عرض ڪيو ته ماڻهو سوچي ڇا ٿو ۽ ٿئي ڇا ٿو. اهو ساڳيو حال سوشلزم قائم ۽ ختم ٿيڻ ۾ به ٿيو. ڪنئين ڪروڙ ماڻهو سوشلزم کي قائم ۽ ختم ڪرڻ دوران مئا پر اڄ ڪٿي آهي اها سوشلزم؟ اڄڪلهه ته ڪراچي ۾ به سنڌي تمام وڏي تعداد ۾ آباد ٿي ويا آهن ۽ ٿي رهيا آهن. جي ڪڏهن افغان جنگ نه لڳي ها ۽ ضياءالحق ڪراچي جا دروازا افغانين لاءِ کولي نه ڇڏي ها ته سنڌي اڃان به وڏي تعداد ۾ ڪراچيءَ ۾ اچي آباد ٿين ها. پر افغانين ڪري روزگار محدود ٿي ويو. تنهن ڪري سنڌين انهيءَ دؤر ۾ ڪراچي ڏانهن رُخ گهٽ ڪيو. ان ايوبي دؤر ۾ پاڪستان ۾ ڏهائي سڪو شروع ٿيو. جنرل ايوب پاڻ ئي صدارت چونڊ لاءِ ريفرينڊم ڪرايو ۽ پاڻ ئي پنهنجو پاڻ سان اليڪشن وڙهيو چو ته ريفرينڊم ۾ سندس سامهون ٻيو ڪوبه اميدوار ڪونه هو. ريفرينڊم کان پوءِ وري به پاڻ ئي پاڻ کي فيلڊ مارشل جي لقب سان نوازيائين. ان دؤر ۾ ئي منهنجي ننڍي ڀيڻ جي شادي ٿي، جنهن ۾ پهريون ڀيرو شادي جي ريتن رسمن کي ڏسڻ جو موقعو مليو. ان کان اڳ منهنجي وڏي ڀيڻ جي شادي ٿي هئي پر آئون ان وقت ننڍو هوس. پر هينئر مون کي انهن رسمن کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ جو صحيح طريقي سان موقعو مليو. هن وقت ته شهرن ۾ شادي جي هر رسم مصنوعي ۽ ڦڪي ڦڪي پئي لڳندي آهي. گهوٽ/گهوٽيتا به شادي هال ۾ ٻين وانگر مهمان پيا لڳندا آهن. شهري شادين ۾ پنهنجون سنڌي رسمون رواج بلڪل نظر ڪونه اچن. اها شادي نه پر صرف رسمي دعوت هوندي آهي. جنهن ۾ ڪنوار اسٽيج تي هڪ ڊيڪوريشن پيس وانگر نظر ايندي جيڪا ميڪ اپ جي تهن ۾ هڪ پوت لڳندي آهي. وڊيو ڪئميرا ۽ ڪئميرائن جي روشني ۾ ڪنوار جو ميڪ اپ لهندو ويندو آهي. جنهن کي سيني جي سامهون ٽشو پيپر سان پيا صفا ڪندا آهن. نه ڳيا نه سهرا، نه لانئون، نه سرگس نه دهل دمامو، صفا رُکي ۽ ڦِڪي تقريب، جيڪا ڪلاڪ اڌ ۾ ختم. اڳ ۾ ونواه جي ستن ڏينهن کان وٺي ويندي شاديءَ تائين گهوٽ جا مٽ مائٽ پيا مينديءَ ۽ ٻڪيءَ جون رسمون ڪندا ۽ راڄ جي مڱڻهاري سچو هفتو پئي ڪنوار کي پيٺيءَ جي مالش ڪندي ۽ ست ڏينهن سندس مُنهن اِڪئي ۾ ڍڪيو پيو هوندو. انهيءَ دوران ڪنوار جي رنگت ئي تبديل ٿي ويندي هئي. شاديءَ ۾ ڪنوار کي سڀ ڳهه پيل هوندا هئا. خاص ڪري ڪنوار نٿ پائيندي هئي.جيڪا سچي زندگي ڪيس پهريل هوندي، جيسين وڃي سندس مڙس وفات ڪري، ڪنوار کي گهر ۾ ڪنئار ٻائي جي نالي سان سڏبو هو جيسين وڃي ڪيس اولاد ٿئي، پر هينئر شهري شادي ۾ ڪنوار نٿ ڪانه پائي نه ته اڳ ۾ ٻولو، ٻينسر، ڦلي، ڪلي، ڪوڪو، لونگ، سري، مورائو، ويندبو نڪ جا زيور هئا، مطلب ته:

1- مڱڻي
2- شاديءَ جا ڏينهن ٻڌڻ
3- پڙي جا گيت
4- ونواهه

5- شادي جي رسم
6- نڪيتيءَ جي رسم
7- ۽ ستاڙي جي رسم
ڪنواريتا ۽ گھوٽيتا وڏي ڏام ڌوم سان ملهائيندا هئا ۽ هر تقريب ۾ سهرا، هيرا ۽ گيت ڳايا ويندا هئا. ڪي ڳيا ۽ ڳيچ ڏاڍا وڻندڙ ۽ دلچسپ هوندا هئا جيڪي مون کي اڃان تائين ياد آهن ۽ توهان کي به ٻڌايان.

*

موڙ ادل جا مان لاڙئون گھرايان
ڇهٽ جھلي آيو لاڏل بني تي
کهنبا ادل جا مان لاڙئون گھرايان
ڇهٽ جھلي آيو لاڏل بني تي
پيٽون لاڏل جون مان لاڙئون گھرايان
ڇهٽ جھلي آيو لاڏل بني تي

*

سهڻي دهري جوڙائي، ادل تنهنجيءَ شادي ۾ پايان
منهنجي ادل کي شوق، مور مومل ماڻي آيو
سيڻ سڄڻ سالا تنهنجا ڪاڄ ڪري آيو
منهنجي لاڏل کي شوق مور مومل ماڻي آيو
سهڻي نَٿ جوڙائي ادل تنهنجي شاديءَ ۾ پايان
منهنجي ادل کي شوق مور مومل ماڻي آيو

*

ڏند ادل جا ماڻڪ موتي
ڪجل جوڙ بنايو ادل جو ٽيو لايو سجايو

”هاڻ ته ڏند ادل جا ماڻڪ موتي نه پر پانن جي ڪاٿي ۽ چن جي راڳي سان سونهن پيا.“
مڱڻيءَ جي موقعي تي چاندي جي وٽي ۾ ڪير وجهي ان ۾ منڊي وجهي پوءِ مڱڻي جي رسم مهل اها منڊي ڪير وٽي مان ڪڍي ڪنوار کي پهرايو ته معنيٰ مڱڻي ٿي وئي. مڱڻيءَ کان پوءِ ونواهه جي رسم جنهن ۾ نياڻين جي ڪوٽ ڪري ڪُنئاريتا پنهنجي حيثيت مطابق ونواهه ڪندا. جنهن ۾ ڳيا سهرا، ڳيچ ڳايا ويندا ۽ ڪنئار کي ساٿ سوڻ ڪري وينديو ويڙهبو ۽ پوءِ ست ڇٽيون اهو ڪوليندين ۽ پوءِ اکيون ٻَڌِيون ۽ آخر ۾ ڪنوار کان پليٽ پڃرائي پوءِ مينڏيءَ جي رسم ٿيندي. جيڪي گھوٽ جون مائون، پيٽون ڪنديون. تنهن کان پوءِ شاديءَ جي رسم ٿيندي جنهن ۾ ڪنوار کي ڇپن تي مساڳ لڳل، هٿن پيرن تي ميهڙ جي مينڊي لڳل، اکين ۾ ڪجل پاتل نڪ ۾ سهاڳ جي نشاني نٿ پاتل ۽ ڊيل جهڙي ڳچيءَ ۾ ست سري ڏُهري پاتل، سينڌ ۾ چوٽي ڦل ڳچيءَ سان لڳل هار جنهن کي ڳل پٽا، چنبو ته بدن جي هر حصي ۾ ڪنئار کي زيور پهريل هوندا هئا. ان کان پوءِ رات جو دير سان پيچ پنيءَ مهل لائون لهڻ، ٽڪ ۾ هڪ ٻئي جو مُنهن ڏسڻ، گھوٽ طرفان ڪنوار جو هٿ ڪولڻ آخر ۾ ساليون گھوٽ جي نڪ ۾ جھليندين ۽ جوتو لڪائينديون ۽ پوءِ گھوٽ سالين کي پيسا ڏيندو ته نڪ مان هٿ نڪرندو ۽ جوتو به واپس ملندو. تنهن کان پوءِ گھوٽ ڪنئار ڪجهه وقت لاءِ هڪ تمام سهڻي نموني سينگاريل ڪمري ۾ ويهندا ۽ پوءِ گھوٽ هليو ويندو ۽ ڪنوار کي سندس سهيليون پيون ٺاهينديون جوڙينديون. اڄڪلهه شادي ختم ٿيڻ شرط گھوٽيتا ڪنئار وٺيو وڃن. پر اڳ ائين ڪونه هوندو هو، هينئر شادي جي ماني هڪ ويلو ٿئي پر اڳ ۾ شاديءَ ۾ ٽي وقت ماني ڪارائبي هئي. رات جي ماني صبح جو ناشتو ۽ ٻنپهرن جي ماني، تنهن کان پوءِ سج لٿي مهل گھوٽيتا، ڳين، سهرن، دهلن شرنائن سان ڪنوار کي وٺي ويندا هئا. اڳ ۾ ونواهه ڪنئاريتا ۽ شادي گھوٽيتا ڪندا هئا پر هينئر شهرن ۾ ونواهه، مينڏي ۽ شادي ڪنئاريتا ڪن ۽ گھوٽيتا صرف وليمون ڪن. اهي رسمون شهرن ۾ رهڻ ڪري اسان کي مليون. نه ته سنڌي مسلمانن ۾ اڳ ۾ ائين ڪونه هوندو هو. سنڌي مسلمانن

جون سڀ رسمون عربن ۽ مسلمانن جون رسمون آهن. جيڪي اڄ به عربن ۾ سواءِ ڪن تبديلين سان قائم آهن. اڄڪلھ شادي جو ڪاڄ ڪرڻ بلڪل آسان آهي، هر ڳالھ فون تي ٿئي مثلاً:

1- جيولري وارو
2- ڪپڙن وارو
3- ماني ۽ ڊيڪوريشن وارو
4- هال بڪنگ
5- اسٽيج ٺاهڻ
6- بيوٽي پالر وارو
7- فوٽوگرافر ۽ وڊيو وارو
8- ڪارڊن ڇپائڻ لاءِ ماڻھو کي رکو فون ڪري پنهنجي گهر گهرائڻ جي دير آهي.

اڄڪلھ ته ماڻھو وڏي تعداد ۾ دعوتون به فونن ۽ موبائيلن تي ڏين ۽ گهوٽيتا به شاديءَ کان اڌ ڪلاڪ اڳ هال ۾ پهچن. اڳي شادين جون تياريون مهينا اڳ شروع ٿينديون هيون ۽ ڪم ڪار ورهائي ڪٽبا هئا. ڪو ڪاڄ جي پٽ لاءِ ڪاٺين جو انچارج ته ڪو ڇنهي جو انچارج ڇنهون به اڳ پهريائين ٽلهيون ڪاٺيون ڪوڙي پوءِ مٽان ۽ پاسي کان لئين جي سنهين ڪاٺين سان ڍڪبو ۽ پاسا ٻڌبا هئا. پوءِ وچيئن دور ۾ ڇنهون ٽوئن ۽ پکن سان ٺاهبو هو پر هاڻ ته اهڙا شاميانہ ۽ تنبو ۽ فرنيچر وجهن جو ان ۾ گهڙڻ سان ائين پيو محسوس ٿيندو آهي جو ڄڻ ته ماڻھو ڪنهن فائيو اسٽار هوٽل ۾ داخل ٿي رهيو آهي. باقي خود فائيو اسٽار هوٽلن ۾ شادي ته عام ڳالھ آهي. نہ ته اڳ ۾ ڇنهون، ڪاٺيون، ديگيون راڇن مان گڏ ڪرڻ پاڻيءَ جو بندوبست ڪرڻ، ڦندرون، چيلا، ڪم ڪار لاءِ ڏيڳي گاڏيون، چرون، سيڌو خريد ڪرڻ ۽ راڇن تائين دعوتون پهچائڻ ۽ خود ڪنهن شاديءَ ۾ پهچڻ وڏو مسئلو هوندو هو. وڏين شادين ۾ ڳائڻ، گهوڙا ڊوڙائڻ ۽ ملاکڙو عام ڳالھ هوندي هئي.

منهنجي شادي فيبروري 1977 ع ۾ اليڪشن دوران ٿي انهيءَ شادي ۾ رئيس محمد يوسف چانڊئي عام جلسن جيان تقريرون ڪري ماڻهن کي ووٽ ڏيڻ لاءِ اپيل ڪئي. شاديءَ ۾ ڪاڏي پيتي لاءِ ڦيليون، مٽ، دلا، ڪرا، چليمچيون، چلون، ناديون راڄ جو ڪنيار ٺاهيندو هو. جيڪو ان سامان ٺاهڻ لاءِ هڪ پئسو به ڪونہ وٺندو هو. پر آخر ۾ گهوٽيتا ڪيس مينهن ڏيندا هئا. ائين ڏهرن مهل حجام کي به مينهن ڏني ويندي هئي. باقي مڱڻهارن جا تہ ونواهہ، ميندي، شادي، سرگس ۽ لائنئن تي هر وقت پيسا ئي پيسا لڳا پيا هوندا هئا. شادين ۾ وڏي سرندي وارا ماڻھو سنڌ کان ٻاهران بہ گويا ڳائڻا ۽ ڳائڻيون گهرائيندا هئا. لاهور واري بالي ڳائيندي ڳائيندي خيرپور رياست جي راڻي ٿي وئي.

آئون بمبئي ويس تہ دادا گوبند سان گڏجي ماسٽر چندر سان بہ ملڻ ويس. تمام گهٽي ڪچهريءَ کان پوءِ پڇيائين تہ توهان جي اوطاق ۾ جيڪو نم بيٺل هو اُهو اڃان بيٺو آهي يا نہ. مون کي ڏاڍو تعجب ٿيو تہ ڪٿ بمبئي، ڪٿ ٻنون ۽ ان ڳالھ کي بہ ڪنئين سال ٿي ويا، پر ڪيس ٻني جا ماڻھو تہ نهيو پر وڻ بہ ياد آهن. واقعي مٽيءَ جي محبت جهڙو ٻيو ڪوبہ رشتو ڪونهي. مون کي پوءِ پاڻ سربستو احوال ٻڌايائين تہ آئون ۽ بسنت لائقپور ۾ ڪنهن ديوان جي شاديءَ تي ڳائڻ لاءِ آيا هئاسين. پوءِ شاديءَ جي ٻي رات مون کي توهان جو والد صاحب ارباب نورمحمد ٻني وٺي آيو هو ۽ اسان توهان جي اوطاق ۾ نم هيٺيان سڄي رات راڳ رنگ جي محفل ڪئي هئي. پاڻ ٻڌايائين تہ اسان لائقپور کان ٻني ٻيڙيءَ ۾ آيا هئاسين. ٻني کان پوءِ هڪ وڏي ٻيڙي جنهن کي ڪٽار ٿي چيائون، ان ۾ چڙهي گدوبندر پهتاسين. ساڻوڻ درياءَ جي موج مستي ۽ درياءَ جي ٻنهي ڪپرن تي ٻيلن جي وڏن وڏن وڻن جا ديدار ڪندا، درياءَ ۾ ٻُلهڻين جا ٽينگ ٽپا ڏسندا اچي پنهنجي منزل تي پهتاسين. اهي درياءَ جون موجون ۽ گجگوڙون جڏهن ياد ٿيون پون تہ ويهي درياءَ شاھ جا بيت جهونگاريندو آهيان. سچي سنڌ ۾ شاديءَ جون رسمون گهڻو ڪري هڪ جهڙيون هونديون آهن. لاڙ اتر ۽ ڪوهستان جي شادين جي رسمن ۾ ٿورو فرق هوندو آهي. اسان جي سچي تر يعني ٻنون، لائقپور، دڙو ۽ بلڙي شاھ ڪريم جي شادين جي رسمن کان اسان جي ڳوٺ سان لڳو لڳ راهوٽ ڳوٺ جون رسمون ڪجھ مختلف آهن. ڇو تہ راهوٽ انهن سيني شهرن ۽ ڳوٺن کان تمام گهڻو قديم آهي. جنهن جو سنڌ جي ڪافي پراڻن ڪتابن ۽ تاريخن ۾ بہ احوال آهي. جنهن ۾ تحفة الڪرام بہ شامل آهي. اڄڪلھ امير ماڻهن جون شهرن ۾ ٿيندڙ شاديون اسان جي تهذيب، ثقافت ۽ ورثي کان بلڪل مختلف آهن.

جن شادين تي سنڌ کان وڌيڪ يوپي، سي پي ۽ دهليءَ جي ثقافت جو رنگ چڙهيل آهي. خاص ڪري ڪنئار شاديءَ جي ڪپڙن ۾ ته صفا هندستاني ڪنئار لڳندي آهي. سنڌ جي ڀهراڙين ۾ اڄ به اهي قديم رسمون ۽ رواج قائم ۽ دائم آهن.

مون ڏٺو آهي ته شهري ۽ امير سنڌي ماڻهو اسان جي ٻولي ۽ ثقافت کان پري ٿيندو وڃي. خاص ڪري ڪراچيءَ ۾ ان جي مقابلي ۾ ڀهراڙي ۽ ان ۾ رهندڙ ماڻهو اسان جي تهذيب ۽ ثقافت ۽ ٻوليءَ کي قائم رکيو اچن. ننديءَ ڀيڻ جي شاديءَ کان پوءِ واپس اسڪول موٽي وياسين. هڪ ڏينهن رسيس مهل ڏٺم ته ٽاور مارڪيٽ جي پرسان گهٽيءَ ۾ شاميانا لڳا پيا هئا. ڪنئين ڪرسيون رکيون هيون ۽ هڪ ننڍو اسٽيج به ٺهيل هو، جنهن تي لائوڊ اسپيڪر هڻي رهيا هئا. ات ماڻهن جي سُس پُس مان معلوم ٿيو ته ڪنهن بئنڪ برانچ جو افتتاح ڪرڻ لاءِ پاڪستان جو وفاقي وزير ذوالفقار علي ڀٽو اچي رهيو آهي. هي سڀ تياريون ان لاءِ ٿي رهيون آهن. سو آئون به ڀٽي کي ڏسڻ جي شوق ۾ بئنچن تي ويهي رهيس. ڀٽي کي مون ان کان اڳ به اسان جي ڳوٺ پرسان ٻگهي ڍنڍ تي ايوب جي شڪار دوران ڏٺو هو. پاڻ ٺٽي ضلعي جي معزز شخصيت ۽ بابا سائين جي دوست رئيس محمد يوسف چانڊئي جي شڪار تي صدر ايوب سان گڏ آيل هو. بابا ترقي پسند سوچ جو ماڻهو هو پر محمد يوسف جي ذاتي ۽ خانداني دوستيءَ جي ڪري هڪ ٻي وٽ ايندا ويندا هئا. رئيس محمد يوسف چانڊئي وٽ جڏهن به ملڪي ۽ غيرملڪي سربراهه مملڪت شڪار يا ٻئي ڪنهن موقعي تي ايندا هئا ته رئيس محمد يوسف چانڊيو بابا سائينءَ کي ضرور دعوت ڏيندو هو ۽ آئون جي ڳوٺ هوندو هوس ته بابا مون کي اهڙين تقريبن ۾ وٺي ويندو هو. ائين هن ڀيري به بابا مون کي اُت وٺي ويو، ته مونکي ڀٽي صاحب کي ويجهڙائي کان ڏسڻ جو موقعو مليو. پر ان وقت سندس اهميت صرف اها هئي ته پاڻ هڪ نوجوان ۽ سهڻو سنڌي وزير هو. جيڪو سر شاهنواز ڀٽي جو پٽ هو ۽ هارورڊ ۽ آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ جو پڙهيل لکيل نوجوان هو. هو پنهنجي شڪل شبيهه ۽ طور طريقي سان شهزادو ٿي لڳو. سندس شخصيت تمام پروقار ۽ شانائتي هئي ۽ پاڻ سيني ماڻهن کان مختلف ٿي لڳو، ڀٽو ٻگهي ڍنڍ تي صرف شڪار ڪرڻ لاءِ آيو هو پر حيدرآباد ۾ ڪيس تقرير به ڪرڻي هئي، پاڻ اچڻ شرط بئنڪ جو ربن ڪٽي افتتاح ڪيائين ۽ تقرير به ڪيائين، تنهن کان پوءِ چانهه پارٽي هئي جنهن ۾ پاڻ بلڪل صاف لاڙڪاڻي لهجي ۾ ماڻهن سان ٿي ڳالهايو. ڪيس فل سوٽ پهريل هو. اُت مون پهريون ڀيرو سنڌ جي ٻي هڪ قابل احترام شخصيت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ کي به ڏٺو، مخدوم صاحب جن به ڏاڍي سهڻي شخصيت جا مالڪ هئا.

ٻيون ڀيرو مون ڀٽي صاحب کي اسان جي مسلم ڪاليج جي نئين بلڊنگ جي افتتاح ڪرڻ وقت ڏٺو، تڏهن به فل سوٽ پهريل هوس ۽ سندس شرٽ جو آخري بيڙو کليل هو. جنهن ڪري سندس نيڪ ٽاءِ هيٺ ٿي لڳي پوءِ مون کي خبر پئي ته اها سندس عادت هئي. اسان جي ڪاليج جي پرنسپال نظاماڻي صاحب انگريزيءَ ۾سپاسنامو پڙهيو ۽ ڀٽي صاحب به انگريزيءَ ۾ تقرر ڪئي ۽ ان وقت پاڻ صرف انگريزيءَ ۾ تقرير ڪندو هو ۽ تمام گهڻو پوءِ پاڻ سنڌي ۽ اردوءَ ۾ تقرير ڪرڻ شروع ڪيائين پر سنڌي تمام صحيح ڳالهائيندو هو شايد ان جو سبب گهر ۾ سنڌي ڳالهائڻ هجي.

برصغير ۾ ڀٽي خاندان ۽ نهرو خاندان پنهنجي حيثيت پاڻ مڃرائي آهي ۽ دنيا آڏو اهو ثابت ڪيو آهي ته سندن هٿ عوام جي نبض تي آهي ۽ عوام جو هڪ تمام وڏو حصو ساڻن گڏ آهي. پاڪستان جو واحد ڀٽو ئي ليڊر آهي جنهن تي ملڪي ۽ غيرملڪي صحافين، ليکڪن ۽ سياستدانن گهڻي ۾ گهڻو لکيو آهي. غيرملڪي ليکڪن ۾ڀٽي تي لکندڙن ۾ ٻين سان گڏ اٽلين صحافڻ اوريانا فلاسي به آهي جنهن هڪ جڳهه اهو لکيو آهي ته جڏهن مون آمريڪا جي وزير خارجه ڊاڪٽر هينري ڪسنجر کان انٽرويو ورتو ته پاڻ مون کان هڪ سوال ڪيائين ته تو سڄي دنيا جي مکيه ماڻهن جا انٽرويو ورتا آهن انهن سڀني ليڊرن مان توکي وڌيڪ ذهين ڪير لڳو؟ اوريانا فلاسي چيو ته ذوالفقار علي ڀٽو، جنهن تي ڊاڪٽر ڪسنجر چيو واقعي ڀٽو دنيا جو ذهين ترين ليڊر آهي.

چون ٿا ته، جڏهن ڀٽو وزير خارجه هو ته آمريڪا جي دوري دوران تنهن وقت جي صدر ڪئينيڊي ڪائنس متاثر ٿي کيس چيو ته تون جيڪڏهن آمريڪي شهري هجين ها ته آئون توکي پنهنجو وزير خارجه ڪريان ها. جنهن تي ڀٽي کيس پر اعتماد انداز ۾ چيو ته جيڪڏهن آئون آمريڪا جو شهري هجان ها ته اڄ آمريڪا جو صدر تون نه پر آئون هجان ها ۽ توکي وزير خارجه طور ڪٽان ها. جنهن تي ڪئينيڊي ڏاڍو کليو. اسان جي ڪاليج جي افتتاح کان پوءِ ڀٽي صاحب لاءِ چانهه پارٽيءَ جو بندوبست ڪيل هو. اتي پاڻ اڌ ڪلاڪ شاگردن سان ڳالهايو ۽ اسان کي آڪسفورڊ جو هڪ واقعو ٻڌايائين ته هتي چوڪرا فرسٽ ڪلاس ۽ سئن گريڊن لاءِ گهڻو ٿا سوچين پر انگلينڊ ۾ ائين ڪونهي. پاڻ ٻڌايائين ته هڪ چوڪرو ٽيچر وٽ ويو ۽ چيو ته مون کي گڊ گريڊ ملڻ کپندو هو پر نه مليو آهي. جنهن تي پروفيسر سواءِ ڪنهن بحث جي کيس گريڊ وڌائي ڏنو. ٻيو اسان کي چيائين ته پاڻ وٽ امتحان به ٽي ڀيرا ملتوي ٿيندا آهن، جنهن ڪري سڄو تدريسي عمل پٺيان پئجي وڃي ٿو. جڏهن ته انگلينڊ ۾ سالن کان هڪ ئي تاريخ تي

امتحان ٿيندا آهن ۽ اڄ بہ ان تاريخ تي ٿين ٿا. ان وقت پٽو دنيا جو هڪ مجيل رهنما ڪونہ هو پر هڪ فوجي ڊڪٽيٽر جي ڪابينا جو رڪن هو پر پوءِ بہ سندس سوچ ترقي پسند هئي. سندس شخصيت پرڪشش ۽ ڳالهائڻ جو انداز متاثر ڪن هو. جهڙو هو سهڻو، تهڙائي ڪيس ڪپڙا سٺا پاتل هئا. پاڻ ڪجهہ وقت اسان سان گذاريائين، پر سيني شاگردن تي هڪ تاثر ڇڏي ويو، وري آئون ڪيس سندس وزارت دوران محمد يوسف چانڊيئي جي بنگلي تي لاڏين ۾ مليس جتي پاڻ شايد شهنشاهہ ايران سان گڏ شڪار تي آيل هو، پوءِ جيسين وزارت تان لٿو تيسين ساڻس ڪٽي بہ ملڻ ياد ڪونہ ٿو اچي. پاڻ جنرل ايوب جي حڪومت ۾ رهندي بہ پنهنجي سوچ ۽ دورانديشيءَ جي ڪري پاڪستان کي روس ۽ چين جي گهڻو ويجهو آندو، جنهن جي نتيجي ۾ چين سان ڪيترائي تجارتي معاهدا ڪيا ۽ روس سان پاڪستان ۾ تيل جي ڳولا ۽ اسٽيل مل ٺهڻ جو واپاري ٺاهہ ڪرايو.

1965ع ۾ جڏهن پاڪستان ۽ هندستان جي جنگ لڳي تہ ان وقت پاڪستان ۾ آمريڪا جو فوجي اڏو پشاور ويجهو بڊابير ۾ هو ۽ آمريڪا جو پاڪستان ۾ گهڻو اثر هو، پر تنهن هوندي بہ پاڪستان پنهنجي خارجہ پاليسيءَ جي ڪري (جنهن جو پٽو وزير هو) هندستان سان جنگ بنديءَ جو ٺاهہ سوويت يونين ۾ تاشقند ۾ ڪيو. قدرت الله شهاب پنهنجي ڪتاب شهاب نامہ ۾ لکيو تہ: تاشقند ۾ سربراهيءَ اجلاس هلندي جنرل ايوب ۽ پٽي ۾ تلخ ڪلامي ٿي. اهوئي سبب هو جو تاشقند کان پوءِ پٽو ۽ ايوب گڏ هلي نہ سگهيا ۽ پٽي پوءِ جلد ئي ايوب جي ڪابينا کان استعيفا ڏيئي ڇڏي ۽ ايوب جي خلاف ايتري تہ پرپور تحريڪ هلائي جو مجبوراً ايوب کي اقتدار ڇڏڻو پيو. ان دؤر ۾ ايوب ڪتا هاءِ هاءِ! اهڙو تہ نعرو هليو جو جهانداد خان پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ لکيو آهي تہ عمر جي آخري حصي ۾ ايوب خان اسلام آباد ۾ شاگردن کي ڏسي خودبخود ايوب ڪتا هاءِ هاءِ جا نعرا هڻندو هو. پاڪستان ۾ اڄا تائين ايتري وڏي تحريڪ نہ هلي آهي جيڪا ايوب کي هٽائڻ لاءِ هلائي وئي. پٽي صاحب استعيفا ڏيئي جڏهن ايوب خلاف سڄي ملڪ ۾ تحريڪ هلائي تہ ان وقت اسان يعني نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن وارن جنهن جو صدر يوسف لغاري نائب، صدر آئون ۽ جنرل سيڪريٽري ڄام ساقي هئا تن 70 ڪلفٽن ۾ ساڻس ملي کيس حيدرآباد ۾ شاگردن کي خطاب ڪرڻ جي دعوت ڏني جيڪا پاڻ قبول ڪيائين. اهو ڇاهٺ جو سال هو ۽ منهنجي عمر 21 سال هئي. پٽي صاحب سان ملاقات تہ اڳ ڪيترا دفعا ٿيل هئي. پر 70 ڪلفٽن ڏسڻ جو پهريون موقعو هو. جتي پاڻ اسان کي پنهنجي لائبريري ڏيکاريائين. جيڪا شايد منهنجي هينئر جي لائبريري جيتري هئي. پاڻ مقرر تاريخ تي حيدرآباد آيو ۽ ريلوي اسٽيشن تي اسان سندس شاندار استقبال ڪيو. اسان جو جلسو شام جو جامعہ عربيہ ڪاليج جي پٺيان، جتي هينئر نذرت ڪاليج جي بلڊنگ آهي. اتي تنهن وقت وڏو ميدان هو. اتي پاڻ انگريزيءَ ۾ شاگردن کي خطاب ڪيائين ۽ گهڻو ڪري فارين افيئرس تي ڳالهايو. ان دؤري دؤران انسٽيٽوٽ آف انٽرنيشنل افيئرس وارن کيس اندس هوٽل ۾ آجياڻو ڏنو. ان تحريڪ دؤران مير رسول بخش ٽالپر ۽ ٻين ڪيترن حيدرآباد جي سياسي اڳواڻن سندس دعوتون ڪيون. هڪ دفعي پاڻ مير رسول بخش جي بنگلي تي رهيل هو تہ آئون ڄام ساقي ۽ ڪجهہ ٻيا دوست ساڻس اتي ملڻ وياسين. ايترا پيرا ملڻ ڪري مون کي چڱي طرح سڃاڻائين ٿي ۽ مون کي ايتري ننڍي عمر ۾ ايترو سرگرم هجڻ جي خوشي ٿي، پر بابا سائين جو سائين جي ايم سيد سان گهڻو واسطو هو، سو جيئن جيئن سياسي عمل وڌندو ويو، تيئن اسان پيپلزپارٽيءَ کان پري ۽ متحده محاذ کي ويجها ٿيندا وياسين. پر پٽي جي جلسن ۾ وڃڻ ۽ کيس ٻڌڻ جو سلسلو جاري رهيو. شهيد پٽي جي انهيءَ سياسي طوفان ۾ ايوب استعيفا ڏئي اقتدار وري ٻي فوجيءَ حوالي ڪري ملڪ کي هڪڙي نئين بحران ۾ وجهي هليو ويو ۽ نئين صدر يحيٰ خان ايوب کي اسلام آباد ۾ رهڻ ڪونہ ڏنو ۽ کيس پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ نظربند ڪري رکيو. يحيٰ خان پاڪستان جي تاريخ ۾ واحد غيرجانبدار اليڪشن ڪرائي ۽ ون يونٽ کي ختم ڪيو، پر مستقل اقتدار جي حاصلات لاءِ ملڪ کي ٻہ ٽڪرا ڪري ڇڏيو. حالتن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت نہ هجڻ ڪري استعيفا ڏئي ملڪ جي اقتدار جون واڳون ان وقت جي قومي اسيمبليءَ ۾ اڪثريتي پارٽيءَ جي حوالي ڪري پاڻ وڃي نظربند ٿيو. ان وقت خزاني جي حالت بابت عبدالحفيظ پيرزادي ڪي ٿي اين کي پنهنجي انٽرويو ۾ ٻڌايو تہ جڏهن اقتدار پٽي حوالي ڪيو ويو تہ ملڪي خزاني ۾ هڪ ڪروڙ ڊالر موجود هئا. ان سان حڪومت جو ڪاروهنوار ڪئين هلائجي. پوءِ پٽي صاحب مون کي يعني عبدالحفيظ پيرزادي کي ۽ غلام مصطفيٰ جتوئيءَ کي ڪرنل قذافي، شهنشاهہ ايران، شاهہ فيصل ۽ شيخ زيد ڏانهن موڪليو تہ اسان جي مدد ڪريو، جن ان وقت جي حڪومت جي خاطر خواهہ مدد ڪئي ۽ ملڪ جوڳاڏو هلڻ لائق ٿيو. ذوالفقار علي پٽي شهيد صدارت جي حلف کڻڻ جي ڪجهہ ئي عرصي ۾ بين القوامي سامراجي ادارن کان عليحدگي اختيار ڪئي. جنهن ۾ دولت مشترڪہ، سيٽو ۽ سينٽو جهڙا ادار شامل آهن. پاڻ ڪيترن ملڪن جو دورو ڪيو. ڏسندي ئي ڏسندي هندستان کان جنگ هارايل ملڪ هڪ مضبوط ۽ مستحڪم ملڪ ٿي پيو ۽ ان جو ئي سبب هيو جو پاڻ جڏهن هندستان سان ڳالهيون ڪرڻ وڃي رهيو هو تہ سڄي قومي اسيمبليءَ کيس اعتماد جو

ووٽ ڏنو ۽ پاڻ وڏي اعتماد سان هندستان سان شملا تائين ڪري پاڪستان جا علائقا ۽ جنگي قيدي بنا ڪيس هلڻ جي ۽ بنا ڪجهه وڃائڻ جي واپس ورتا.

مون کي هندستان جي ٽوئر دوران هڪ ٽوئر گائيڊ ٻڌايو ته جڏهن شملا ۾ ڳالهيون هلي رهيون هيون ۽ ڳالهين مان اهو تاثر ملڻ لڳو ته شايد ڳالهيون ناڪام ٿي وڃن ته پاڻ اندرا گانڌيءَ کي فون ڪري چيائين ته تون اجنتا ۽ الورا جي ثقافت جي وارث آهين ۽ مان موهن جي دڙي جي تهذيب جو وارث آهيان ۽ جيڪڏهن ڳالهيون ڪامياب نه ٿيون يا اسان ڪنهن چڱي نتيجي تي نه پهتاسين ته اسان جا ايندڙ نسل اسان کي ڪڏهن به معاف نه ڪندا. ڀارت جا سياسي تجزيه نگار اڄ به جڏهن ٽي وي تي ان ڳالهه جو ذڪر ڪندا آهن ته هي چوندا آهن ته ڀٽو اندراگانڌيءَ کان هر ڳالهه بنا ڪجهه ڏيڻ جي مڃرائي ويو. جيتوڻيڪ حالات اهڙا هئا جو اندرا گانڌي پنهنجي هر ڳالهه مڃرائي پوءِ ڀٽي جون ڳالهيون مڃي ها. پر حقيقت اها آهي ته عظيم تهذيبن جا وارث وڏا ۽ ڏکيا فيصلا ڪندا آهن. ڀٽي حڪومت جون واڳون وٺڻ شرط بئنڪون، انشورنس ڪمپنيون، شپنگ ڪمپنيون ۽ وڏا ادارا سرمائيدارن کان کسي حڪومت حوالي ڪيا. اهڙوئي قدم جڏهن چين ۾ کنيو ويو ته ان سان غربت جي ڇيلهه ڇڃي ٿي، پر اسان وٽ هميشه کان غريبن جي ڇيلهه ڇڃي ڪرڻ جو رواج آهي. ڀٽي کان پوءِ حڪومتن ان کي هڪ انتهائي غلط قدم قرار ڏنو ۽ سواءِ نواز شريف جي اتفاق فائونڊري جي ٻيون سڀ صنعتون ۽ ادارا اصل مالڪن کي نه پر ٻين نون ماڻهن کي وڪرو ڪيا ويا ته جيئن ڪجهه پئسا حڪومت سان گڏ حڪومتي ڪارندا به ڪمائي سگهن ۽ ڍڪاري نالي ۾ اهو ڪم اڄ به جاري آهي. جيڪڏهن ڀٽي صاحب جو اهو قدم ايترو ئي غلط هو ته اهڙي قدم سان چين ترقي چو ڪئي ۽ صفا جيڪڏهن نه ته به اهي ڪارخانا پنهنجي اصل مالڪن کي ته واپس ٿيڻ کپن ها نه ڪي ڪنهن ٻي کي. ايوب خان جيڪو لينڊ رفارمس جو پروگرام شروع ڪيو هو. تنهن ۾ عام خلق کي ڪو فائدو ڪونه ٿيو پوءِ شهيد ڀٽي پنهنجي اقتدار جي دؤر ۾ اثرائتي نموني سان لينڊ رفارمس آندا جنهن سان غريب مارو ماڻهن مسڪينن ۽ هارين کي وڏو فائدو ٿيو. جنهن ۾ "Pre_emption" خاص قابل ذڪر هو. ضياءَ پنهنجي اقتدار دؤران ان کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ ان کي ختم ڪرڻ واري آرڊر ۾ ڄاڻايو ته اهو اسلام جي روح جي منافي آهي. ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت ۾ پاڪستان ۾ سڀني اسلامي ملڪن جي سربراهن جي ڪانفرنس لاهور ۾ ڪوٺائي وئي جنهن ۾ سڄي اسلامي دنيا جا سربراهه گڏ ٿيا. انهن سڀني اڳواڻن متفقه طورتي ڀٽي کي (O I C) جو سربراهه چونڊيو ۽ اهوئي وقت هو جڏهن وڏي عرصي کان پوءِ سڄي اسلامي دنيا هڪ آواز تي گڏ ٿي. اهڙو وقت به آيو جڏهن سڀني عرب ملڪن آمريڪا کي تيل بند ڪري ڇڏيو ۽ جيسين تقريباً قيمتون ٻيڻيون نه ٿيون تيسين تيل جي ترسيل بند رکي. ڀٽي شهيد پنهنجي ذاتي اثر رسوخ ۽ حڪمت عمليءَ سان فرانس سان ٻن ائٽمي ريئڪٽرن جو سودو ڪيو. جنهن مان هڪ ريئڪٽر پاڪستان آيو پر ٻيو ڀٽي جي حڪومت ختم ٿيڻ جي ڪري فرانس حڪومت اهو سودو ئي ختم ڪري ڇڏيو. پاڪستان جي ايٽمي فيلڊ ۾ ايتري ترقيءَ کي ڏسندي آمريڪا ڊاڪٽر هينري ڪسنجر کي پاڪستان موڪليو ته ڀٽي کي سمجهائي ته پنهنجي ايٽمي پروگرام تان هٿ ڪڍي نه ته اسان تنهنجو بُرو انجام ڪنداسين. پر پاڻ ايٽمي پروگرام جاري رکڻ جي ڳالهه ڪيائين ۽ ان کي ختم ڪرڻ کان صاف انڪار ڪيو. نيٺ آمريڪا پنهنجي ڌوڪڙن سان اهڙا حالات پيدا ڪيا جو ملڪ ۾ افراتفري پيدا ٿي ۽ ان لاءِ ڀٽي پاڻ قومي اسيمبليءَ ۾ چيو ته منهنجي خلاف هيءَ ڪا ديسي سازش ڪانهي پر هيءَ هڪ بين الاقوامي سازش آهي. نيٺ حڪومت کسي جنرل ضياءَ حوالي ڪئي وئي. ڀٽي کي شهيد ڪيو ويو ان ڪيس جي هڪ جج جسٽس صفدر شاهه بي بي سي کي انٽرويو ڏيندي چيو ته اهو قتل جو مقدمو نه پر مقدمي جو قتل آهي. PPC جي سڄي تاريخ ۾ اهو صرف هڪڙو ڪيس آهي، جنهن ۾ ججن جي ايتري مختلف راءِ هجڻ باوجود چيف جسٽس پنهنجي راءِ ڏئي ڀٽي کي سوريءَ تي چاڙهي ڇڏيو. FIR ۾ ڄاڻايل آهي ته ذوالفقار علي ڀٽي سندس سياسي مخالف احمد رضا قصوري خلاف هڪ سازش ڪري ڪيس مارائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ گولي ان کي لڳڻ بدران ان جي پيءُ کي لڳي جنهن جي خلاف ته ڪا سازش ئي ڪانه هئي ۽ جنهن خلاف سازش ٿي اهو اڄ به زنده آهي. مسئلو هو آمريڪا جي حڪم جي تعميل ڪرڻ جو ۽ آڻ مڃڻ جو پر ڀٽي شهادت قبول ڪئي، آڻ ڪانه مڃي بقول شيخ اياز،

آڻ مجين ها عيش ڪرين ها،
هيئن جوانيءَ ۾ نہ مرين ها.
جواب: تون چا ٿو چوين مان مرڻو ناهيان
ويس بدل سان ورڻو آهيان
تنهنجي منهنجي جنگ ازل کان
جاري آهي جاري رهندي.

۽ واقعي ڀٽي جي شهادت کي اڄ اٺاويهہ سال ٿيا آهن پر جيئي ڀٽو جو نعرو اڄ بہ سڄي پاڪستان ۾ ائين گونجي ٿو جيئن سندس حياتيءَ ۾ گونجندو هو. پاڻ ويس بدل سان ٻئي روپ ۾ بہ انهن طاقتن جي خلاف وڙهي رهيو آهي. جيڪي هن ملڪ تي حڪومت جو اڪيلو حق جتائين ٿيون. جنهن نسل نہ ڀٽي کي ڏٺو نہ ٻڌو، اهو نسل بہ اڄ جيئي ڀٽو جو نعرو هڻي ٿو. ان جو ڪو ٻيو سبب ڪونهي سواءِ ان جي تہ نئون نسل بہ ان حقيقت کان واقف آهي تہ عام غريب ماڻهوءَ جي زبان ذوالفقار علي ڀٽو جي وات ۾ هئي. پاڻ سپريم ڪورٽ ۾ پنهنجي بيان جي آخر ۾ چيو هئائين تہ:

اب آ پ مجھے بڑےشوق سے پھانسی پر چڑھا سکتے ہیں۔

۽ جنهن تي فيض چيو تہ:

لاو تہ قتل نامہ میرا میں بھی دیکھوں
کس کس کی مہر ہے سر محظر لگی ہوئی

دنيا جي تاريخ ۾ اهڙين قربانين جا گهٽ مثال ملن ٿا، جنهن ۾ پاڻ شهيد ٿئي ۽ سندس ٻہ پٽ پنهنجي جوانيءَ ۾ شهيد ٿين، هڪ نياڻيءَ کي طويل جلاوطني کان پوءِ ڏاڍي بيدردي سان قتل ڪيو وڃي ۽ جيڪا جلاوطن هجي صرف ان ڏوهہ ۾ تہ خدارا عوام ۽ عوام جي سچن پچن نمائندن کي اقتدار ڏنو وڃي. الله ڪري شل تہ ڀٽي خاندان سميت ٻين سيني شهيدن جون قربانيون رنگ لائين ۽ خلق خدا جو راڄ اچي.

شہیدوں کے مزاروں پہ لگیں گے ہر برس میلے
وطن پہ مٹنے والوں کا یہی انجام ہوتا ہے

جنرل ضياءَ ڀٽي جي حڪومت کي ختم ڪري کيس گرفتار ڪري مٿس خون جو ڪيس هلايو. پهرين پاڻ لاهور جي ڪوٽ لکپت جيل ۾ هو پوءِ کيس راولپنڊيءَ جي سينٽرل جيل ۾ سپريم ڪورٽ ۾ ڪيس هلائڻ لاءِ آندو ويو. جتي ڪرنل رفيع الدين ڀٽي مٿان ملٽري سيڪيورٽي آفيسر مقرر هو جنهن ضياءُ جي موت کان پوءِ انهيءَ سڄي احوال تي مشتمل هڪ ڪتاب ۾ ”ڀٽو جا آخري 323 ڏينهن“ نالي ڪتاب لکيو. جنهن ۾ هُن ڪنئين دلچسپ واقعا بيان ڪيا آهن، جيڪي پڙهڻ گهرجن. ڪتاب لکڻ دوران ڪرنل رفيع ڪرنلي تہ وساري ڇڏي پر پنهنجي پنجابي ذهنيت ڪانہ وساري آهي. ڀٽو شهيد جڏهن سنڌ جي ڳالهہ ڪندو هو تہ کيس ڪانہ وڻندي هئي. بهرحال پاڻ ڪتاب ۾ ڪنئين دلچسپ ۽ دردناڪ ڳالهيون لکيون آهن، جن ۾ ڀٽي جي پسند جا ڪاڏا، ڪپڙا ۽ پرفيوم سان گڏ اهو بہ لکيائين تہ ڀٽي کي ڦاسي چاڙهڻ وارن آخري ڏينهن ۾ جڏهن سندس استعمال ۾ اچڻ وارو سڀ سامان کسي ورتائون، وٽس صرف هڪ وڳو ڪپڙن جو هو، جيڪو ٽوال ٻڌي پاڻ ڌوئارئين پي جيڪو سندس اردليءَ کيس ڌوئي ڏنو. اردليءَ کيس ٻڌايو تہ حفيظ پيرزادو ساڻس ملڻ آيو آهي پوءِ پاڻ ٽڙ تڪڙ ۾ اڌ سُڪل ڪپڙا استري ڪرائي وڃي پيرزادي سان مليو. ڦاسيءَ کان ڏهہ ڏينهن اڳ پاڻ بک هڙتال تي هو ۽ پاڻ ڪجهہ بہ ڪونہ کاڌو هئائين. پر ڦاسيءَ جو آرڊر جيل سپرنٽينڊنٽ کان ٻڌڻ کان پوءِ پاڻ ڏاڍي اطمينان سان سمهي پيو ۽ جيل اسٽاف کي اچي ڊپ لڳو تہ هي چا ٿي ويو. سو سُتي ٿي دفعا سندس بلڊپريشر ۽ نبض چيڪ ڪيائون. جيڪي بلڪل معمول مطابق هئا ۽ ائين موهن جي دڙي جي مٽيءَ مان جنم وٺندڙ انسان پنجاب ۾ ڦاسي گهاٽ اندر اسان سيني سنڌين جو ڳاٽ اوچو ڪري ڇڏيو.

ڪرنل رفيع پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته مون کي مٿان اهو به حڪم مليو هو ته ڀٽي خلاف شاهدي ڏيندڙ شاهدن کي اهو دلاسو ڏيندا رهو ته توهان ڀٽي خلاف ٺوڪي شاهدي ڏيو. توهان کي آخر ۾ آزاد ڪيو ويندو ۽ پاڻ آخر ۾ اهو به لکيو آهي ته اسان کي فوجي حڪمرانن کان حڪم مليو هو ته جي سپريم ڪورٽ به ڀٽي کي آزاد ڪري ڇڏي پر توهان کي ڪيس آزاد ڪرڻو نه آهي.

ڪرنل رفيع پنهنجي سؤ صفحن جي هن ننڍڙي ڪتاب جي آخر ۾ ڏاڍو دلچسپ انڪشاف ڪيو ته اسان کي ضياءُالحق جو حڪم مليو ته ڦاسيءَ کان پوءِ ڀٽي جي مرداني عضوي جا فوٽا ۽ فلمون ڪڍي مون کي موڪليو ڇو ته سندس مرداڻو عضوو ڏسڻ چاهي ٿو. *(صفحو 93 ستٽ نمبر ست)*

"**ولادت سے شهادت تک**" ڪتاب جو ليکڪ سجاد بخاري پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته اهو ڪرنل رفيع ئي هو جنهن خالي پنن تي صحيح ڪرائڻ لاءِ شهيد ڀٽي تي تشدد ڪيو هو جنهن سبب سندس وفات ٿي هئي.

بينظير پنهنجي ڪتاب (Daughter of The East) ۾ لکي ٿي ته "بابا کي اهو يقين هو ته گرفتاري وقت ٽر برابر به ملٽريءَ کي موقعو ڏنو ته هو شيخ مجيب الرحمان وانگر پاڻ سيني کي قتل ڪري ڇڏيندا، تنهن ڪري هنن کي اهڙو ڪوبه موقعو نه ڏنو وڃي." بينظير ان ڪتاب ۾ ٻي هنڌ لکيو آهي ته هڪ دفعو مون کي ڪئپٽن افتخار چماٽ هڻڻ جي ڪوشش ڪئي، ٻيو ڀيرو مون کي فرش تان گهلي گاڏيءَ ۾ چاڙهيو ويو، جنهن ڪري منهنجا ڪپڙا ڦاٽي پيا ۽ ٽنگن تي رهندبون پئجي ويون.

پوءِ ان ساڳئي بينظير بابت آمريڪي صدر بل ڪلنٽن جي زال هيلري ڪلنٽن پنهنجي آتم ڪٿا ۾ انڪشاف ڪيو آهي ته جڏهن آئون ۽ چيلسي لنڊن ۾ هيونسين ته لنڊن جي انٽر هوٽل جي اڳيان ماڻهن جون قطارون لڳيون پيون هيون. مون کي خبر پئي ته پاڪستان جي وزيراعظم بينظير ڀٽو انهيءَ هوٽل ۾ رهيل آهي ۽ ماڻهو ان جي هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ اتي اچي گڏ ٿيا آهن ۽ آئون به ان کي ڏسڻ لاءِ لائين ۾ بيهي رهيس. پوءِ ٿوريءَ دير ۾ بينظير ان هوٽل مان نڪتي ته مون به لائين ۾ بيهي انتظار ڪري ڪيس ڏٺو ۽ دنيا جي هيءَ واحد ليڊر هئي جنهن کي مون لائين ۾ بيهي سندس ديدار ڪيو مون ۽ منهنجيءَ ڌيءَ چيلسيءَ ڪيس تمام ويجهڙائي کان ڏٺو، جڏهن هوءَ ليموزين ڪار مان لٿي تڏهن هوءَ ڏاڍي پروقار ۽ شان سان قدم کڻندي هوٽل لابي ۾ پهتي بينظِر کي ان وقت هيڊي رنگ جا ڪپڙا پهريل هئا جن ۾ هوءَ ڏاڍي سمارٽ لڳي رهي هئي. *(زنده تاريخ- هيلري ڪلنٽن صفحو 122)*

مسلم ليگ نواز جي رهنما جاويد هاشميءَ پنهنجي ڪتاب "هاں میں باغی ہوں" ۾ انڪشاف ڪيو آهي ته آئون مڪي شريف ۾ هوس ۽ دل ۾ اها تمنا هُيَم ته ڪعبي شريف کي اندران ڏسان پر مون دل ۾ سوچيو ته اهو ناممڪن آهي. ايتري ۾ وزير مذهبي امور نواب افتخار انصاريءَ مون کي هوٽل تي فون ڪري چيو ته جلدي حرم شريف پهچ ڪعبي شريف جو دروازو کلڻ وارو آهي ۽ آئون جلدي جلدي ڪعبي شريف پهتس، مون سان گڏ منهنجو سؤٽ ارشاد علي ۽ روزانا وفاق جو ايڊيٽر مصطفيٰ صادق به گڏ هئا. اسان جڏهن ڪعبة الله اندر داخل ٿياسين ته مصطفيٰ صادق مون کي هڪ جڳهه ڏانهن اشارو ڪندي ٻڌايو ته حضور ﷺ جن هن جڳهه تي نماز پڙهندا هئا. مصطفيٰ صادق ٻڌايو ڀٽو شهيد لاءِ جڏهن ڪعبي شريف جا دروازا کوليا ۽ کيس ٻڌايو ويو ته حضور ﷺ جن هت نماز پڙهندا هئا ته پاڻ يڪدم جواب ڏنائين ته جت نبي ڪريم ﷺ جن جا پير مبارڪ لڳا هوندا انهيءَ جڳهه تي منهنجي ڇا مجال آهي جو پير رکان. جاويد هاشمي چوي ٿو ته جڏهن مون اهو ٻڌو ته پوءِ منهنجي دل ۾ ڀٽو لاءِ جيڪو بغض هو اهو مون هميشه لاءِ دل مان ڌوئي ڇڏيو.

تازو ڀٽي ڪيس ۾ ڀٽي کي سزا ڏيڻ واري هڪ جج نسيم حسين شاهه هڪ ٽيليويزن پروگرام ۾ کلي عام چيو ته ڀٽي تي ڪيس هلائڻ مهل مون سميت اسان سيني جڄن ضياءَ جي سخت دٻاءَ هيٺ اهو فيصلو ڏنو هو. اهو هو ضياءَ جي مرڻ کانپوءِ انهيءَ بينچ جي هڪ جج جو تاثر.

ڀٽي جي شهادت وقت هيٺين پنهنجو پنهنجو رول ادا ڪيو.

| | |
|---|---|
| 1- آءِ جي جيل | چوڌري نظير اختر |
| 2- جيل سپرنٽينڊنٽ | چوڌري يار محمد |
| 3- آرمي سيڪيورٽي سپرنٽنڊنٽ | ڪرنل رفيع الدين |
| 4- جيل جو ڊاڪٽر | ڊاڪٽر اصغر علي شاهه |
| 5- اسسٽنٽ جيل سپرنٽنڊنٽ | مجيد قريشي |

6- مئجسٽريٽ بشير احمد خان

7- جلاد تارا مسيح هئا.

شهادت کان پوءِ ڪيس تڙ اتي جيل ۾ ئي مولوي محمد حيات نالي هڪ شخص ڏنو. ان وقت ڪيس بلو رنگ جا ڪپڙا پاتل هئا. مولوي محمد حيات چئي ٿو ته ڀٽو جو تابوت جيل جي مين گيٽ مان نه پر پُٺئين پٽ پيڇي ان مان ٻاهر ڪڍيو ويو هو. بي بي سيءَ جي نمائندي مارڪ ٽيليءَ جي چوڻ موجب سندس وات مان نڪتل آخري لفظ هي هئا.

"ياالله منهنجي مدد ڪر، آئون بيگناهه آهيان"

شهيد ڀٽي جي دفنائڻ جو سچو ڪم سندن خانداني ڪمدار نظر محمد ڪيو. بينظير پنهنجي ڪتاب ("Daughter of The East" جي صفحي 35 ۾ لائين نمبر نوَ کان سترهن) تي هڪ عجيب انڪشاف ڪندي لکيو آهي ته چاچا ممتاز ڀٽي مون سان سهالا ريسٽ هائوس مان فون تي تعزيت ڪندي چيو ته توهان ڀٽي شهيد جو لاش قبر مان ڪڍائي ان جو پوسٽ مارٽم ڪرايو ان سان پاڻ کي تمام گهڻو سياسي فائدو رسندو، سياسي فائدو؟

ان سان شهيد جيئرو ته ڪونه ٿي پوندو. هن کي شهادت کان اڳ به موت جي ڪوٺڙي ۾ آرام ڪرڻ ڪونه ڏنو ويو هو هاڻ ڪيس آرام ڪرڻ ڏيو. مون کيس جواب ڏنو. ڀٽو پاڪستان جو اهو واحد سياسي ليڊر هو، جنهن تي پاڪستان ۽ سڄي دنيا ۾ ڪتاب ۽ مضمون لکيا ويا جن ۾ مکيه ڪتاب هي آهن.

1_ 'Zulfi Bhutto of Pakistan' By: Stanely wolpert

2_ 'Bhutto Trial and Fxcution' By: Victoria

3_ 'Zulfi my Friend' By: Peelu Modi

| | |
|---|---|
| 4- ديده ور | کوثر نيازی |
| 5- ذوالفقار علی بھٹو بچپن سے تخت دار تک | سلمان تاثير |
| 6- بھٹو کی سیاسی پیش گوئیاں | حامد مير |
| 7- مرده بھٹو زنده بھٹو | ستار طاهر |
| 8- پرائم منسٹر هائوس میں بھٹو کی آخری رات | ادیب جادوانی |
| 9- بھٹو کے آخری 323 دن | کرنل رفيع الدین |
| 10- بھٹو صاحب | ضياء ساجد |
| 11- ميرا لهو | فرخ سہیل گوئندی |
| 12- کال کوٹھڑی سے بھٹو کی آخری تحریر | رشيد بھٹ |
| 13- جدوجهد کے پچیس سال | منير احمد |

ان کان سواءِ ٻيا ڪئين ننڍا وڏا ڪتاب شهيد جي زندگيءَ تي لکيا ويا، ڀٽي پاڻ به ست ڪتاب لکيا هئا:

1- مٿ آف انڊيپينڊنس

2- پوليٽيڪل سچوئيشن اِن پاڪستان

3- دي گريٽ ٽريجڊي

4- تیسری دنیا اتحاد کا تقاضا

5- اگر مجھے قتل کیا گیا

6- بينظير ڏانهن سندس لکيل خط

شهيد پٽي تي ٺهندڙ مقبرو آئون سمجهان ٿو ته جڏهن ٺهي تيار ٿيندو ته پاڪستان ۾ مزار قائداعظم کان پوءِ وڏي ۾ وڏو مقبرو هوندو.

بئنڪ جي افتتاح وقت پٽي روايتي قسم جي تقرير به ڪئي پر سندس انداز ۾ انگريزي ڏاڍا وٽندڙ هئا. آخر ته پاڻ هارورڊ ۾ آڪسفورڊ جو پڙهيل هو، هي فنڪشن ڏسي آئون پنهنجا ٻه پيرڊ مِس ڪري اسڪول بجاءِ سڌو هاسٽل ڏانهن هليو ويس.

*

# مئٽرڪ پاس ڪرڻ بعد ٽُوئر ۾ نئين زندگيءَ جي شروعات

هينئر مئٽرڪ تائين ڪُل ڏهه ڪلاس آهن، پر انهيءَ دؤر ۾ ست سنڌي پوءِ فائنل جو امتحان، فائنل پاس کي ماستري ٽيپيداري ۽ اهڙي قسم جون پيون هيئين گريڊ جون نوڪريون ملي ويندي هيون. ماڻهو ڳوٺ جو ڳوٺ ۾ پڙهي سرڪاري نوڪريءَ سان لڳي ويندا هئا ۽ جن کي ستين سنڌيءَ کان پوءِ وڌيڪ انگريزي پڙهڻ جو شوق هوندو هو يا جيڪي شهرن جي پڙهائي جو خرچ برداشت ڪري سگهندا هئا اهي پار وڌيڪ پڙهائي لاءِ وڏن شهرن ڏانهن هليا ويندا هئا. جو ته ان زماني ۾ فقط وڏن شهرن ۾ ئي هاءِ اسڪول هوندا هئا. ڪن ڳوٺن ۾ ستن سنڌي درجن سان گڏ ٽي درجا انگريزيءَ جا به پڙهايا ويندا هئا ۽ پوءِ چوٿين انگريزي درجي ۾ وچي هاءِ اسڪول ۾ داخلا وٺبي هئي ۽ وري انگريزيءَ جا به ست درجا هوندا هئا. هاءِ اسڪول ۾چوٿون، پنجون، ڇهون ۽ ستون انگريزي درجا پڙهي پوءِ ڪاليج ۾ داخلا وٺبي هئي. يعني اڄ مئٽرڪ تائين ڏهه سال ٿا لڳن ۽ انهيءَ وقت مئٽرڪ تائين يارهن سال لڳندا هئا.

آئون چوٿون درجو مين اسڪول ۾ پڙهيس، پنجون درجو ريشمي گليءَ واري نورمحمد هاءِ اسڪول برانچ ۾ پڙهيس وري ڇهون ۽ ستون درجو مين اسڪول ۾ پڙهيس، ڇهون درجو پاس ڪري جڏهن ستين درجي ۾ آياسين ته اسان کي ڏاڍي محنت ڪرڻي پيئي جو ته ان وقت ۾ اجان سيڪنڊري بورڊ مئٽرڪ جو امتحان ڪونه وٺندو هو. پر سنڌ يونيورسٽي ئي مئٽرڪ جو امتحان وٺندي هئي. جنهن جو مئٽرڪ جو ڪورس اجان تائين بمبئي يونيورسٽي وارو هو. سڀ سبجيڪٽ اهي هئا جيڪي بمبئي يونيورسٽي جي لاءِ مئٽرڪ ۾ مقرر ڪيل هئا. اهي سبجيڪٽ هن ريت هئا.

| Optional Subject | Alternati group | compulsory | Compulsory group |
|---|---|---|---|
| | A | B | English |
| | Persian or | Algebra | Sindhi or |
| | Arabic | Geometry | Urdu |
| | History | physics and | Arithmetic |
| | Geography | chamistry | |

يعني آرٽس گروپ ۾ به ارٿ ميٽڪ ڪمپلسري سبجيڪٽ هو ۽ حسابن سان منهنجي پئي ئي ڪانه. ان وقت نه ڪاپي ٽيندي هئي نه ئي وري بورڊ ۾ ڏنو پٽ چٽو وارو حساب هلندو هو. مئٽرڪ جو امتحان ٽيو سيني سبجيڪٽن ۾ پاس ٽيس سواءِ ارٿميٽڪ جي. بابا کي خبر هئي ته آئون ارٿميٽڪ ۾ ڪمزور آهيان پر اها خبر ڪانه هئس ته حسابن ۾ ڪو آئون اهڙو جڏو آهيان، جو امتحان به پاس ڪري ڪونه سگهندس.

سو منهنجي فيل ٿيڻ ڪري ڏاڍو ناراض ٿيو ۽ مون کي به فيل ٿيڻ تي ندامت ۽ افسوس ٿيو. هيستائين آئون ڪڏهن به ڪنهن به سبجيڪٽ ۾ فيل ڪونه ٿيو هوس نه وري ڪڏهن اڳتي به ڪنهن امتحان ۾ فيل ٿيو آهيان. پوءِ سڄو سال فقط حسابن جي سبجيڪٽ ۾ محنت ڪيم ۽ ٻئي سال ارٿميٽڪ جي سبجيڪٽ ۾ ٽيتيهه مارڪون کڻي مئٽرڪ جي امتحان ۾ پاس ٿي مسلم ڪاليج ۾ فرسٽ ائير ۾ داخلا وٺي اسڪول اسٽوڊنٽ مان ڦري ڪاليج اسٽوڊنٽ ٿي ويس. مسلم ڪاليج ساڳوٺي

مسلم ايديوڪيشن سوسائٽي جو ڪاليج هو ۽ نورمحمد هاءِ اسڪول جي چوديواري اندر ئي سنڌس بلڊنگ هئي ۽ هاسٽل ٻه ساڳئي هئي پر اسان اسڪول ونگ کان شفٽ ٿي ڪاليج ونگ هليا وياسين جتي هاڻ اسان تي هاسٽل جون سڀ پابنديون ختم ٿي ويون. پنهنجي مرضيءَ جا مالڪ. هاسٽل ۾ جيڏي مهل کپي تيڏي مهل اچون ۽ وڃون ڪوبه پڇڻ وارو ڪونه هو. ڪاليج شاگردن جي ميس به اسڪول شاگردن کان عليحده هئي ۽ اسڪول شاگردن کي فقط ٽائيم تي ماني ملندي هئي پر ڪاليج شاگردن کي ٽائيم کان پوءِ جي ماني هوندي هئي ته ملندي هئي پر جي ماني ختم ٿي وئي ته پوءِ ٿهيو ۽ ڊريس جي به پابندي ختم ٿي وئي. اهڙي طرح سان ڪاليج ۾ به وچ ۾ پيرڊ خالي هوندو هو ته ٻاهران گهمي ڦري پوءِ اچي پيرڊ اٽينڊ ڪبو هو. مطلب ته اسڪول لائيف ۽ ڪاليج لائيف ۾ وڏو فرق آهي. ڪاليج جو پرنسپال ساڳيو اسڪول وارو نظاماڻي صاحب هو. مرحوم کي الله جنت ۾ جايون ڏي ڏاڍو شريف انسان هوندو هو. ڪاليج ۾ آرٽس سان گڏ سائنس ۽ ڪامرس ڊپارٽمينٽ پڻ هوندا هئا. اسان ڪاليج ۾ آفيس سپرنٽنڊنٽ مسٽر محراب خان پيٽي کي ڪاغذ ۽ في ڏئي رسيد وٺي وڃي ڪاليج ۾ فرسٽ ايئر جي ڪلاس روم ۾ ويٺاسين. ڪاليج ۾ ڪافي ڇوڪرا پڙهندا هئا پر مون کي هينئر فقط هنن ڇوڪرن جا نالا ياد آهن.

مرحوم شبير شيخ جيڪو پوءِ ايس پي ٿيو، نظام الدين جتوئي جيڪو پوءِ سنڌ حڪومت جي ثقافت ۽ ڪلچر ڊپارٽمينٽ جو ڊائريڪٽر جنرل ٿيو. عبدالحميد شاهين جيڪو پوءِ هاءِ اسڪول هيڊماسٽر ٿيو. پرڪاش ۽ ربڊنو ساريجو جيڪي پوءِ ضلعي ڪائونسل جا ميمبر ٿيا اسان جا پروفيسر جن جا نالا مون کي ياد آهن. سي هيٺيان هئا:

ڪي اي اين آئير (KAN Iyer) جيڪو پوءِ ڪئناڊا هليو ويو، شفيق پراچا جيڪو پوءِ (P C S) پاس ڪري ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڪمشنر ٿيو. منظور قريشي ۽ ٻيا ڪيترا جن جا هينئر 46 سال گذرڻ ڪري نالا به وسري ويا آهن. ڪاليج طرفان هر سال مئگزين نڪرندي هئي. هينئر به ڪاليج طرفان مئگزين نڪرڻ جو آرڊر ٿيو ۽ مرحوم عبدالحميد شاهين جيڪو منهنجو دوست هو، تنهن کي سنڌي سيڪشن جو انچارج ڪيو ويو. جنهن چيو ته عبدالحئي مئگزين لاءِ ڪجهه لکي ڏي ۽ مون کيس هڪ ننڍي ڪهاڻي لکي ڏني جيڪا مئگزين ۾ شايع ٿي ۽ ائين منهنجي لکڻين جي شروعات ٿي. ان کان اڳ پرائمري اسڪول ۽ مڊل اسڪول واري زماني ۾ آئون پندرهن روزه عبرت رسالي کي خط لکندو هوس جيڪي ڪڏهن شايع ڪندا هئا ته ڪڏهن ڪونه ڪندا هئا ۽ ائين منهنجي لکڻين جي شروعات ٿي، جيڪا اڃا تائين جاري آهي. مون کي منهنجي لکڻين جي اوائلي دؤر ۾ غلام حسين رنگريز ۽ پوءِ پرهه، شمشير ۽ قادر ڏاڍي مدد ڪئي ۽ جيڪر اهي منهنجي مدد نه ڪن ها ته شايد آئون هيترا سارا ڪتاب لکي نه سگهان ها. اها هنن جي هيلپ مون سان جاري آهي. آئون تمام ٽڪڙو لکندو آهيان جن کي فيئر قادر ڪندو آهي اهي منهنجا ٽڪڙ ۾ لکيل اکر قادر پڙهي ويندو آهي پر آئون ڪونه پڙهي سگهندو آهيان. انهيءَ دوران نظاماڻي صاحب ڪاليج ۾ ٻه وڏا فنڪشن ڪيا. هڪ شاهه لطيف جي ورسي جنهن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ مهمان خاص هو ۽ ٻيو شهيد پيٽي کي ڪاليج ۾ گهرائي سنڌس مان ۾ دعوت ڪئي وئي. انهيءَ دوران ڪاليج کان ٻاهران تلڪ چاڙهي تي اسماعيلين پرنس ڪريم جي دعوت ڪئي. جتي مون کيس ڏٺو، ڏاڍي پروقار شخصيت هيس ان کان پوءِ ائيرپورٽ تي به کيس ڪئين دفعا ڏٺم ۽ ساڻس هٿ ملايم.

لطيف جي ورسي پيٽي جو فنڪشن ۽ مئگزين ۾ منهنجي ڪهاڻيءَ جو ڇپجڻ ۽ ڪاليج جي آزاد ۽ ڇڙواڳ زندگي، سٺا سٺا ڪپڙا پائڻ، سٺين هوٽلن ۾ وڃڻ ۽ هاڻ جلد جلد ڪراچيءَ وڃڻ ۽ سلامتيءَ سان ملڻ ۽ روح رچنديون ڪرڻ ۽ بابا جي وسڪيءَ جي بوتلن مان ڪڏهن ڪڏهن پئگ اڏ پيئڻ ۽ بابا منهنجي خرچي به وڌائي ڇڏي. انهن ڳالهين منهنجي سوچ، ذهن ۽ جسم ۾ ڏاڍي تبدلي آندي. آئون صفا ٻيو انسان ٿي ويس جيڪو هاڻ جهونگارڻ ۽ خواب ڏسڻ لڳو. ڪاليج وانگر هاسٽل ۾ به ڪيئن نوان ڇوڪرا آيا. مسلم ڪاليج کان سواءِ ٻين ڪاليج جي شاگردن کي به هاسٽل ۾ داخلا ملي جن ۾ ڪن جا نالا هي هئا.

1- خليل ٻچاڻي

2- نثار لنڊ (هاڻ نثار بلوچ PTV)

3- غلام نبي سومرو

4- انور پليجو

5- عبدالمجيد ٻگهيو

ان وقت فرسٽ ايئر لاءِ ڪمپلسري سبجيڪٽ هي هئا. هڪ انگلش ٻيو سليس اردو ۽ انٽر ۾ انگلش ۽ سنڌي ڪمپلسري سبجيڪٽ هئا. باقي آپشنل سبجيڪٽ توهان جي مرضي جيڪي به کڻو. مون هسٽري ۽ اسلاميات کنيا. ڪاليج جي پڙهائي کي اڃان ڪجهه ئي ڏينهن ٿيا هئا ته اسان جي ڪاليج جي فٽ بال ٽيم جي ڪئپٽن مون کي چيو ته پنهنجي ڪاليج جي فٽ بال ٽيم پشاور ۾ فٽ بال راند مقابلي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ وڃي رهي آهي ۽ مئچ ختم ٿيڻ کان پوءِ سڄي مغربي پاڪستان جو ٽوئر رکيل

آهي ۽ سڄي پروگرام ۾ ڪُل سترهن ڏينهن لڳندا جي تون هلين ته پنهنجي راءِ کان مون کي هفتي اندر آگاهه ڪر ۽ سٺ روپيا ٽوئر فِي به ڪاليج ۾ جمع ڪرائي جيڪي سڄي ٽوئر جو ڪُل خرچ آهي. جنهن ۾ ريل جو ڪرايو ۽ ماني شامل آهي. پشاور ۾ يوٿ (Youth) هاسٽل ۾ رهبو باقي سڄي ٽوئر ۾ ريل جي بوگيءَ ۾ رهبو. ماني به اُت ٺهندي، هاسٽل وارن هڪ بورچي به ڏنو آهي ۽ ڪاليج وارن کان هڪ پٽيوالو ورتو اٿئون. باقي بسترو سڀ ڪو پنهنجو کڻي هلندو. ان وقت مشرقي پاڪستان اڃان جدا ڪونه ٿيو هو ۽ مغربي پاڪستان ۾ پڻ ون يونٽ هو. مغربي پاڪستان ۾ ريلوي کي ويسٽرن ريلوي چئبو هو. مون ٻئي ڏينهن پئسا جمع ڪرايا ۽ ڪجهه نوان ڪپڙا خريد ڪيا ۽ ائين اسان مغربي پاڪستان جي ٽوئر تي روانا ٿي وياسين. اسان لاءِ ريل جي هڪ بوگي بُڪ هئي جيڪا سڄي ٽوئر ۾ اسان سان گڏ هئي. اسان جڏهن ڪنهن شهر ۾ گهمڻ لاءِ ٿي وياسين ته اسان جو بورچي ۽ پٽيوالو بوگيءَ ۾ اسان جي سامان جي حفاظت ڪندا هئا ان زماني ۾ وزيرن ۽ گورنرن جون به ريل ۾ بوگيون مخصوص هونديون هيون ۽ پاڻ ٽوئر ۾ ويندا هئا ته انهيءَ ريل گاڏيءَ ۾ ئي سفر ڪندا هئا. اها ٻي ڳالهه آهي ته اهي بوگيون ائيرڪنڊيشن ۽ تمام سنيگاريل هونديون هيون. اسان پنهنجي مقرر تاريخ تي سڀ شاگرد ريل رستي پشاور روانا ٿي وياسين. اسان جي بوگي اسان سيني شاگردن کي کڻي تيزرو ٽرين سان لڳي. پشاور ڏانهن رواني ٿي وئي. بوگيءَ ۾ هيٺ ٻئنچون ۽ مٿي سليپر هئا. جيڪي سڀ ڪاٺ جا هئا جن تي اسان پنهنجا بسترا وڇائي ويهي رهياسين. منهنجو هي مغربي پاڪستان جو پهريون سفر هو ۽ ان وقت منهنجي عمر ارڙهن سال هئي. ان ٽوئر ۾ اسان سان لالا قادر به گڏ هو جيڪو پوءِ قومپرست شاگرد رهنما ٿيو ۽ پاڻ آزاد ماروئڙا نالي شاگرد تنظيم ٺاهي، ۽ جلد ئي پاڻ ۽ سندس شاگرد تنظيم هميشه هميشه نظرن کان اوجهل ٿي ويا. ٽرين کي پهريائين سنڌ پوءِ سرائڪي پٽي پوءِ پنجاب مان گذري ۽ سرحد صوبي جو ڪافي حصو لتاڙي پوءِ پشاور پهچڻو هو. يعني اسان جي هن سفر ۾ بلوچستان کان سواءِ ٽيئي صوبا اچي ٿي ويا. مون پهريون ڀيرو هڪ ڇيڙي کان ٻي ڇيڙي تائين سنڌ ۽ پنجاب سرحد کي ڏٺو. سنڌ حيدرآباد کان ريتي تائين سڄو آباد لڳو پيو هو ۽ پنجاب اڌ آباد ۽ اڌ غيرآباد هو ۽ سرحد صوبو سڄو غيرآباد ۽ جبل ئي جبل لڳا پيا هئا. جت ڪنهن به زرعي آبادي جو پري پري تائين نالو نشان به ڪونه هو. هونئن به اُن دؤر ۾ سنڌ تمام خوشحال صوبو هو. باقي پنجاب ڪجهه ضلعن کان سواءِ سڄو غيرآباد ۽ غريب صوبو هو. جيتوڻيڪ ون يونٽ ٺاهي سنڌ جي نوڪرين ۽ زمينن تي پنجاب جي سول ۽ فوجي بيوروڪريسي قابض ٿي چڪي هئي ۽ ان وقت اها حالت هئي جو ڪو پنجاب ۾ رانديگر ڪوڏي ڪوڏي يا ملهه به کٽندو هو ته کيس سنڌ ۾ انعام طور زمين ڏني ويندي هئي. خود پنجاب ۾ اڃان منگلا، تربيلا ڊئم ۽ چشما جهلم لنڪ ڪئنال، ڪالاباغ بئراج، ٿل ڪئنال ۽ گريٽر ٿل ڪئنال ڪونه ٺهيا هيا ۽ تونسا ٺهڻ جي مرحلن ۾ هو، پنجاب اڄ وانگر آباد شاداب ۽ سرسبز ڪونه هو.

انگريزن جي وقت ۾ پنجاب حڪومت پنجاب صوبي اندر بئراج ۽ واهه کوٽائڻ لاءِ ڪئين اسڪيمون گڏيل هندستان جي مرڪزي حڪومت اڳيان رکيون پر مرڪزي حڪومت انهن اسڪيمن کي رد ڪري انڊيا ائڪٽ منظور ڪري اهو قانون ٺاهيو ته سيني صوبن جي رضامندي کان سواءِ ڪوبه نئون ڪئنال ٺٿو ٺاهي سگهجي. پنجاب صرف اُن ڪري سنڌ صوبي کي ختم ڪري ون يونٽ ٺاهي سڀ فيصلا پنهنجي مرضيءَ سان ڪري، پنجاب ۾ ڊئم ۽ بئراج ٺاهي سنڌ جون زمينون پنجابين ۾ ورهائي، پوءِ ون يونٽ ختم ڪري سنڌ کي رڻ پٽ بڻائي ۽ پنجاب کي سرسبز ڪري، پنهنجو مطلب حاصل ڪيو. ون يونٽ ٺهڻ وقت پنجاب صوبو مرڪز جو مقروض هو ۽ سنڌ جي خزاني ۾ ڪروڙين رپيا پيل هئا ۽ ائين ون يونٽ ٺهڻ ڪري اهي ڪروڙين رپيا خوبخود پنجاب حوالي ٿي ويا ۽ انهن مان پنجاب اندر بئراج ۽ ڊئم ٺاهيا ويا.

اسان جي ٽرين تقريباً پنجٽيهن ڪلاڪن جي سفر کان پوءِ پشاور جي ريلوي پليٽ فارم تي پهتي ته اسان پنهنجو سامان کڻي ريل جو ڊبو خالي ڪري ٽانگن ۾ چڙهي يوٿ هاسٽل روانا ٿي وياسين. اُن وقت سنڌ اندر پٺاڻ يا افغاني تمام گهٽ هوندا هئا. هينئر جيئن سڄي ڪراچي پٺاڻن ۽ افغانين سان ڀري پئي آهي سا پوءِ ايوب خان جي صدر ٿيڻ ڪري ۽ ضياءُالحق جي افغاني پاليسين جي ڪري ٿيو نه ته ڪراچي ۽ باقي سنڌ ۾ ٿوري تعداد ۾ پٺاڻ آباد هئا. سو هي جي هيترا سارا پٺاڻ ۽ هڪ مختلف ڪلچر جو ڏسڻ ٿيو ڏاڍو عجيب لڳو. عورتون تمام گهٽ سي به گهٽو ڪري پردي ۾. اسان ٽانگن ۾ چڙهي اچي پشاور يونيورسٽي اندر ٺهيل يوٿ هاسٽل ۾ پهتاسين. جت اسان کي هڪ هال ڏنو ويو جيڪو بلڪل صاف سٿرو ۽ تازو صفا ٿيل ٿي لڳو. هال اندر کٽون پيل هيون ۽ اسان انهن تي پنهنجا پنهنجا بسترا وڇائي هيڏي ساري مسافري جو ٿڪ لاهڻ لاءِ سمهي پياسين ۽ وڃي شام ڌاري اک کولي. هاسٽل جي ٻاهران چؤطرف نارنگين جا سَوَن جي تعداد ۾ وڏا وڻ هئا. جيڪي نارنگين جي وزن ڪري هيٺ پيا هئا. نارنگين جا هي ساوا وڻ رنگين ۽ پڪل نارنگين جي ڇُڳن ۾ ڏاڍا وڻندڙ ۽ دلڪش لڳي رهيا هئا. فٽ بال جون سڄي پاڪستان جي ڪاليجن مان ٻيون به ڪيتريون ئي ٽيمون پهچي چڪيون هيون. جيڪي پنهنجي پنهنجي هاسٽلن ۾ رهيل هيون. اسان جي فٽ بال ٽيم فٽ بال جي ڊريس پائي ڄاڻايل فٽ بال جي گرائونڊ تي پريڪٽس لاءِ رواني ٿي ۽ آئون پشاور شهر جي سير تي روانو ٿي ويس. مون کي فٽ بال راند سان ايتري دلچسپي هئي جيتري سنڌي زميندار کي پنهنجي اولاد جي تعليم لاءِ. سو آئون ڪافي دير هوندي به پشاور شهر

جي چڪر تي نڪري پيس. پوءِ اهو سلسلو ٻه ٽي ڏينهن هلندو رهيو. پشاور شهر پاڪستان جي سيني صوبائي گاديءَ وارن شهرن ڪان وڌيڪ قديم ۽ تاريخي پس منظر رکندڙ شهر آهي جنهن جي تاريخ ٻه ڏاڍي دلچسپ آهي. جرمنن لاءِ دنيا ۾ هي چوٽي مشهور آهي ته جرمن عورت ۽ جرمن گاڏي توهان کي ڪڏهن به دوکو ڪونه ڏيندا. تيئن وري انگريزن لاءِ هي چوٽي مشهور آهي ته توهان کنهن انگريز جو دماغ کولي ڏسندا ته منجهس بائيبل، شيڪسپيئر، اسڪاچ وسڪيءَ ۽ بيئر جون بوتلون، مڇي ڪافي ۽ سگريٽ جا ٽوٽا نظر ايندا. تئين پشاور شهر لاءِ به هنيئن چئي سگهون ٿا ته پشاور معنيٰ:

قهوا
چپلي ڪباب
نسوار
قلعو بالا حصار
پشاوري چپل
قصه خاني بازار ۽
اسلحه

بابر بادشاهه ”تزڪ بابري“ ۾ لکي ٿو ته، مون بگرام (پشاور) جي ويجهو علي مسجد جي احاطي ۾ پنهنجي ڪئمپ هنئي ۽ پنهنجو خيمون هڪ تمام وڏي چوٽي تي لڳرايو ۽ پوءِ جڏهن رات جي وقت بادشاهي ڪئمپ ۾ باهه ٻرندي هئي ته اهو منظر مون کي ڏاڍو وڻندو هو. پوءِ آئون شراب پيئندو هوس ۽ مست ٿي ويندو هوس ۽ پوءِ صبح جو معجون کائي روزو رکي سمهي پوندو هوس ۽ ٻي ڏينهن جڏهن صبح جو پشاور جي ويجهو باڙهه دريا پار ڪري جهنگل ۾ پهتاسين ته هڪ گينڊو نظر آيو. منهنجي پٽ همايون ۽ مون سان گڏ ٻين ماڻهن اڳ ڪڏهن به گينڊو ڪونه ڏٺو هو. تنهن ڪري ڏاڍو تماشو لڳي ويو پوءِ اسان ان کي ڊوڙائي ڊوڙائي تيرن سان ماريو. بابر چئي ٿو ته مون کي خيال آيو ته گينڊي ۽ هاٿيءَ جو مقابلو ڪرائجي سو هڪ ڏينهن ائين ڪرايوسون پهريائين ته گينڊي هاٿيءَ تي حملي لاءِ رومڙ ڪئي پر پوءِ پڇي ويو. منهنجو هي احوال لکڻ جو مطلب اهو هو ته پشاور جي اردگرد ايڏا وڏا جهنگل هوندا هئا، جن ۾ گينڊا به هوندا هئا جت وقت جا بادشاهه تفريح ۽ شڪار ڪرڻ ايندا هئا. پشاور هزارين سال پراڻو شهر، هميشه هن سرزمين جي گادي جو شهر ۽ تاريخي ۽ ثقافتي مرڪز رهيو آهي. سر زمين خيبر جو پهريون تمدني شهر هئڻ جي ناتي هن شهر جي سيني تي ڪيترن ئي حملہ آورن جي عروج ۽ زوال جو داستان لکيو پيو آهي. اُن ناتي هي شهر ڪيترين ئي تهذيبن ۽ ثقافتن جو مرڪز رهيو آهي. هت اڄ به گنڌارا تهذيب، ٻڌ مت، هندو ۽ مسلمان تهذيب جا بيشمار نشان موجود آهن. ان ڪري ئي هن شهر تي بيشمار نالا پيا. هيرو ڊوڊٽس جي تحقيق مطابق پشاور جو قديم نالو ڪاسپتروس هو. چيني سياح هون سانگ پشاور کي پولو شاد پولو نالي سڏيو آهي ته سنسڪرت ۾ ڪيس سوپره جو نالو ڏنو ويو آهي. البيروني ڪيس پورشا پوريا پرشاپور جو نالو ڏنو آهي. حضرت نسان بن سلمه جي حملي وقت هن واديءَ کي ”روهه“ جي نالي سان سڏيو ويو آهي. هڪ روايت مطابق پشاور کي ٻڌ هيءِ به چيو ويندو هو. ويدن ۾ پشاور کي بگرام جي نالي سان سڏيو ويو آهي. بگرام نالي جو ذڪر صوفي بزرگ رحمان بابا جي شعرن ۾ به ملي ٿو.

هم نغمے کاندی وہم رقص کہ ہم کاندی
د رحمان پہ شعر ترکے دا بگرام

تزک بابريءَ ۾ به پشاور کي بابر بگرام جي نالي سان سڏيو آهي. پشاور ۽ هن سڄي علائقي کي صدين کان وٺي گاندهاراجي نالي سان سڏيو ٿو وڃي. ابن خلدون، هيروڊوٽس ۽ گوپي چند جي تحقيق مطابق پشاور شهر جو بنياد اوشهنگ پشداد رکيو ۽ انهيءَ زماني ۾ سندس نالو پورشاپور هو. هندستان ڏانهن جيڪي به بادشاهه سينٽرل ايشيا مان ڪاهي آيا سي سڀ پشاور کان ٿيندا پوءِ اُت پهتا. پشاور جي قديم چترڪاري، تعميرات جو فن، ڪپڙن تي پرت جو هنر، چينيءَ جي ٿانون تي گلڪاري، گهرن جي چتين ۽ پتين تي گل، گلڪاريءَ جو هنر، غاليچن ٺاهڻ جو هنر، ٽانگن، ٻگهين ٺاهڻ جو فن، ديسي علاج ۽ رنگبرنگي روايتي ثقافتي سرگرمين جو هي شهر هميشه مرڪز رهيو آهي. جيئن ڪنهن زماني ۾ ڪراچيءَ جو شهر قلعي اندر آباد هو. قلعي کي ٻه دروازا هوندا هئا. هڪ مٺو در ۽ ٻيو کارو در، جنهن کي هينئر مينادر ۽ کارادر جي نالي سان ڄاتو وڃي ٿو. تِيئن پشاور شهر به قلعي اندر آباد هوندو هو. جنهن جا سورهن دروازا هوندا هئا جن جا هيٺيان نالا آهن.

ڪابلي دروازو
باجوڙي دروازو
ڊبگري دروازو

رام داس دروازو
سر آسيا دروازو
سروچاه دروازو
سرڪي دروازو
ڪوهاٽي دروازو
يڪ توت دروازو
گنج دروازو
لاهوري دروازو
(لال قلعي دهليءَ جي هڪ دروازي جو نالو بہ لاهوري دروازو آهي.)
هشتنگري دروازو
نيا دروازو
ريتي دروازو
ڪڇهري دروازو
آسامائي دروازو

پر انهن سورهن دورازن مان هن وقت صرف بہ دروازا هر هڪ.
سر آسيا دروازو
سروچاهہ دروازو
صحيح سلامت آهن. باقي ٻين چوڏهن دوازن جو هن وقت نالو نشان بہ ڪونہ رهيو آهي.

پشاور جو هي تاريخي شهر باغن، حويلين، شاهراهن، چشمن، درسگاهن مزارن، خانقاهن، سيني مذهبن جي عبادتگاهن ۽ اسٽوپن جو شهر آهي. اسلامي دؤر ۾ خاص ڪري مغلن جي دؤر ۾ هت ڏاڍيون شاندار مسجدون تعمير ٿيون جيڪي پنهنجي گنبذن حوضن ۽ مينارن جي ڪري ڏاڍيون پروقار لاجواب ۽ بيمثال لڳنديون آهن. جن ۾ اڄ بہ:
مسجد خواجہ معروف
جامع مسجد مهابت علي خان
مسجد قاسم علي خان
جامع مسجد گنج علي خان
مسجد دلاور خان
مسجد سلطان پوره
مسجد شيخ حبيب
مسجد ميان غلام جيلاني
مسجد چوڪ شادي پير قائم ۽ دائم آهن.

پشاور ۾ مسجدن سان گڏ قديم مندر پڻ آهن جيڪي ٿهرايل تہ ٻڌن جا آهن پر جڏهن هندو حاڪمن ٻڌن کي هن علائقي مان تڙي ڪڍيو تہ پوءِ ٻڌن جي انهن عبادتگاهن کي هنن هندو مندرن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو  جيئن تاريخ ۾ هميشہ ٿيندو اچي. انهن قديم مندرن جا نالا هيٺيان آهن:
مندر رتن ناٿ
مندر بابا ڪالو رام
مندر سنگي گران
مندر جوگن شاهہ
مندر گورکهہ ناٿ ڪافي مشهور آهن.

پشاور جو هي قديم شهر اڄ بہ پنهنجي عظيم تاريخي ۽ ثقافتي ورثي ڪري ڪيترين ئي ڳالهين ڪري مشهور آهي اڄ بہ پشاور شهر جي سڃاڻپ جا هي ٽي عظيم يادگار سندس ڳاٽ اوچو ڪريو بيٺا آهن، جيڪي هي آهن:
قلعو بالا حصار
قصہ خواني بازار

۽ رحمان بابا جو مقبرو

اچو تہ توهان کي اهي تاريخي ماڳ مڪان بہ گهمايان.

پشاور ۾ جيڪڏهن اهي تاريخي ماڳ نہ هجن ها تہ پوءِ پشاور صرف نسوار، هٿيار، قهوه ۽ چپلي ڪباب جو شهر ئي سڏجي ها، پر پنهنجي اُن تاريخي ورثن ڪري پشاور شهر جو ڳاٽ هميشہ اوچو رهندو. انسان جڏهن بربريت ۽ وحشيت جي دؤر کان ٻاهر نڪتو تہ هن کي هڪ محفوظ جڳهہ ۽ گهر جي ضرورت محسوس ٿي، جنهن ۾ پاڻ، سندس خاندان، مال متاع ۽ هٿيار ۽ خزانو محفوظ رهي. ان ڪري هن فوج ۽ قلعن کي تعمير ڪري پاڻ کي وڌيڪ محفوظ ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ ڏسندي ڏسندي سڄي دنيا اندر وڏا وڏا قلعا تعمير ٿي ويا، جن ۾ هاڻ بادشاهہ پنهنجي فوج ۽ وزيرن سان گڏ سڪون سان رهڻ لڳا. پشاور جو تاريخي بالاحصار بہ ائين ٺهيو ۽ اهو اڄ بہ پشاور جي تاريخي ۽ ثقافتي ورثي ۽ شان کي مٿاهون ڪريو بيٺو آهي.

سڀ تاريخدان متفق آهن تہ پشاور شهر فارس جي بادشاهہ هوشنگ پيشدار ٺاهيو پر پشاور جي قلعي جي ٺهڻ بابت اسان وٽ ڪابہ تاريخي ثابتي ڪانهي، صرف ابن خلدون جو چوڻ آهي تہ بادشاهہ هوشنگ جا وڏا قلعن ٺاهڻ جا شوقين هوندا هئا. تنهن ڪري اسان سمجهون ٿا تہ پشاور جو هي قلعو بہ هوشنگ ئي ٺهرايو هوندو. قلعي بالاحصار تي اسان وٽ صرف ميجر محمد نواز جو هڪ ننڍڙو پمفليٽ لکيل آهي جنهن ۾ هو چوي ٿو تہ هن قلعي کي تعمير ٿيندي ٻہ هزار سال کن ٿي ويا هوندا. پاڻ اهو احوال بہ مشهور آرڪيالوجسٽ ڊاڪٽر احمد حسن داني جي هڪ مضمون تان ورتو آهي. قلعو بالاحصار هڪ مٿاهين جڳهہ تي ٺهيل آهي، جيئن پنهنجو حيدرآباد وارو قلعو.

قلعو شهر جي پراڻي قديم اسپتال ليڊي ريڊنگ سان بلڪل گڏوگڏ آهي. حيدرآباد جي مسلم هاسٽل ۽ ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسي واري هاسٽل ۽ جناح ڪورٽ وانگر هن قلعي تي بہ فرنٽيئر ڪانسٽيبلريءَ وارن جو قبضو آهي. هي قلعو هميشہ هن خطي تي حڪومت ڪندڙن جن ۾ غزنوي، مغل، دراني، سک ۽ انگريز اچي ٿا وڃن هن ۾ ويهي حڪومت ڪئي ۽ هن کي ٺاهيو ۽ وڌايو. خاص ڪري دراني تيمور شاهہ ۽ شاهہ شجاع هن قلعي اندر باغ باغات ۽ وڌيڪ ڪنئين محل محلاتون ٺهرايون. صرف سکن جي بادشاهہ رنجيت سنگهہ جي پشاور جي گورنر سردار تلوه سنگهہ هن قلعي کي پيچي پوري ڇڏيو ۽ نيٺ وري پاڻ ئي هن جي مرمت ڪرايائين. سکن کان پوءِ جڏهن هت انگريز بادشاهہ ٿي آيا تہ انهن دفاعي نوعيت کي مدنظر رکندي هن سڄي قلعي جي پڪين سرن سان وڏي پئماني تي مرمت ڪرائي. پوءِ پاڻ هت ويهي سڄي علائقي تي حڪومت ڪرڻ لڳا ۽ هن قلعي کي قيدخاني طور بہ استعمال ڪرڻ لڳا. انگلينڊ جو مشهور وزيراعظم چرچل جڏهن سيپٽمبر 1897ع ۾ هندستاني فوج ۽ سيڪنڊ لفٽيننٽ ٿي آيو تہ پاڻ پشاور ۽ مالاڪنڊ ۾ بہ نوڪري ڪيائين. اهڙا فوٽا سندس آٽم ڪٿا لکندڙ مارٽکن گليبرٽ جي ڪتابن ۾ بہ آهن، پاڻ وردي ۾ گهوڙي تي ويٺل نظر اچي ٿو.

دنيا جا ڪيترا شهر صرف پنهنجي بازارن جي ڪري سڃاتا وڃن ٿا. جيئن:

لنڊن آڪسفورڊ اسٽريٽ

پئرس شان زلي ذي

دهلي چانڊني چوڪ

ڪراچي طارق روڊ

حيدرآباد شاهي بازار

لاڙڪاڻو مني بازار

لاهور انارڪلي بازار

ٽنڊو پلنگ پاڙو

تيئن پشاور شهر جي سڃاڻپ قصہ خواني بازار آهي. هيءَ بازار پشاور شهر جي دل ۽ شهرين جي دل جي ڌڙڪن آهي. جي پشاور شهر جي ثقافت ۽ تهذيب توهان کي ڏسڻو آهي تہ اها توهان کي صرف قصہ خواني بازار ۾ ئي ملندي. پشاور شهر جي ماڻهن کي هن بازار سان ايڏي تہ محبت آهي جو جڏهن هن شهر جا ماڻهو شهر کان ٻاهر هوندا آهن تہ بہ هن بازار کي ياد ڪندا آهن. هونئن بہ ڪو ماڻهو پشاور وڃي ۽ قصہ خواني بازار نہ ڏسي تہ معنيٰ ان پشاور نہ ڏٺي. لنڊن جي بازارن ۾ جيئن توهان کي پب (Pub پب مخفف آهي Public bar جو) نظر ايندا تيئن قصہ خواني بازار ۾ توهان کي قهوه خانا نظر ايندا. جت توهان کي هندڪو، پشتو، چترالي، ڪوهستاني، افغاني، فارسي زبان ڳالهائيندڙ ماڻهو ملندا. قصہ خواني بازار ڪابلي گيٽ کان شروع ٿئي ٿي. هت توهان کي مشهور چپلي ڪباب ڪڙهي گوشت، لاهوري سوئيٽ ۽ عمر بخش جو فالودو ملندو. پشاور جا معزز شهري بہ توهان کي هت فالوده کائيندي نظر ايندا. جيئن حيدرآباد جا شهري بمبئي بيڪري جو ڪيڪ لائين ۾ بيهي وٺن. پشاور جي سڃاڻپ قراقلي

ٽوپيون، سلور جو سامان، پراڻين جڙي ٻوٽين جا دڪان، پشاور جا مقامي شربتن جا دڪان، ٽڪر جي سامان جا دڪان، عطر فروش، چترالي ٽوپيون ملي سگھنديون. مزيدار ڳالھ تہ هندستان جو مشهور فلم ائڪٽر شاهہ رخ خان بہ قصہ خواني مان نڪرندڙ هڪ گھٽي ”شاهہ ولي قتال“ ۾ ڄائو. سندس ڇاڇي مرحوم غلام محمد گامان جا گلن جا باغ هوندا هئا، (ڏسو ڪتاب ثقافت سرحد 128) مطلب تہ جيڪي ماڻهو پشاور گھمڻ اچن سي قصہ خواني بازار ضرور ڏسن.

پشاور شهر جي ٽئين سڃاڻپ مشهور صوفي شاعر ”رحمان بابا“ جي درگاهہ آهي جيڪا شهر جي مشرق طرف هزار خواني علائقي ۾ آهي. هن صوفي بزرگ جو اصل نالو عبدالرحمان هو پر ڪيس دنيا وارا رحمان بابا جي نالي سان سڏين. پاڻ تمام وڏي پائي جو صوفي شاعر هو. پاڻ درويش ۽ عظيم انسان هو. رحمان بابا جي شاعري نہ صرف پٺاڻن لاءِ پر سڄي انسانيت لاءِ هڪ پيغام آهي. پاڻ 1706ع ۾ وفات ڪيائين. پاڻ هڪ غريب مسڪين عبدالستار جي گھر ۾ ڳوٺ بهادر ڪلي ۾ پيدا ٿيو پر پاڻ پشاور ۾ دفن آهي. پهرين سندس تمام ننڍو مقبرو هوندو هو. پر 1956ع ۾ افغانستان جي اڳوڻي بادشاهہ ظاهر شاهہ جي مدد سان ۽ پوءِ 1994ع ۾ سرحد صوبي جي حڪومت جي مدد سان سندس هڪ لاجواب مقبرو تيار ٿي ويو. مقبري سان گڏوگڏ هڪ مسجد ۽ آڊيٽوريم پڻ ٺاهيو ويو آهي. رحمان بابا جي مقبري تي هي شعر لکيل آهي.

زه بہ هڅيح کلہ دنيا کنی مڑبہ نہ شم
دمينہ ڈک زڑچہ رنکہ فنا گينبری

معني: آئون دنيا اندر ڪڏهن بہ ڪونہ مرندس ڇالا اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ محبت سان پرپور دل فنا ٿي وڃي.

اها بہ عجيب ڳالھ آهي تہ مون سون عام پٺاڻن کي رحمان بابا جو هڪ شعر ٻڌائڻ لاءِ چيو پر ڪنهن هڪ بہ سندس سڄو تہ ٺهيو پر اڌ شعر بہ ڪونہ ٻڌايو. پر ان جي برعڪس توهان ڪنهن بہ سنڌيءَ کان شاهہ سائين جو شعر ٻڌائڻ لاءِ چئو تہ تمام گھڻي تعداد ۾ ماڻهو توهان کي شاهہ سائين جا شعر ٻڌائيندا. جيتوڻيڪ پٺاڻن ۾ سنڌين کان وڌيڪ ٻڌي ۽ قومي ايڪتا آهي. جيستائين اسان جا ٻيا دوست فٽ بال ٽورناميٽ مان واندا ٿين ۽ اسان ڪيڏانهن گھمڻ وڃون، تيستائين مون چاهيو ٿي تہ آئون اڪيلوئي وڌ کان وڌ گھمي وٺان. سو بہ ٽي ڏينهن پشاور شهر گھميس ۽ پوءِ راولپنڊي، ڪوه مري ۽ ٽيڪسيلا گھمڻ لاءِ هوائي جهاز جي رٽرن ٽڪيٽ وٺي پنڊي، ڪوه مري ۽ ٽيڪسيلا گھمڻ لاءِ ويس ان وقت پشاور پنڊي رٽرن ٽڪيٽ ٻاويھ رپيا هئا ۽ منهنجو جهاز ۾ چڙهڻ جو هي پهريون اتفاق هو.

آئون پنڊي وڃڻ لاءِ جهاز ۾ چڙهيس تہ ڏاڍو مزو آيو زمين کان هزارين فٽ مٿي، جبلن مٿان ڊگھن ڊگھن وڻن جو دلڪش نظارو پري پري، ڪوه مريءَ طرف ڪٽ ڪٽ جبلن جي چوٽين تي برف پيل، جن تي سج جي ڪرڻن جي روشني وڌيڪ مزو ڏئي رهي هئي. جهاز تمام ننڍو هو ۽ سڄو پئسينجرن سان ڀريل بہ ڪونہ هو. جهاز ٿوري وقت ۾ راولپنڊيءَ جي هوائي اڏي تي لٿو. مون ٽئڪسي ڪري پهرين راولپنڊيءَ جو سير ڪيو جنهن ۾ پنڊي جي مشهور راجہ بازار، گورڊن ڪاليج ۽ ٻيون ڪيتريون ئي بازارون ۽ تفريح گاهون ڏسي شام جو ان ئي ٽئڪسيءَ ۾ ڪوه مري ڏانهن روانو ٿي ويس. ان وقت پنڊيءَ ۽ ڪوه مريءَ جو روڊ ايترو ڪشادو ڪونہ هو. چيترو هينئر آهي. تنهن ڪري رستي تي هلندي ڊپ پئي لڳو. ڪافي دير کان پوءِ ٽئڪسي ڪوه مري پهتي. مري ان وقت ايڏو وڏو شهر ڪونہ هو، جنهن ۾ ڪئبل ڪارون يا پنج ستاري هوٽلون ۽ گھڻا ماڻهن ۽ گاڏين جي گھماگھمي هجي پر ان وقت مري هڪ خاموش پرسڪون ننڍو شهر هو. آئون ڪشمير روڊ تي هوٽل ۾ ڪمرو وٺي ڪجھہ وقت آرامي ٿي پوءِ ٻاهر گھمڻ لاءِ روانو ٿي ويس. گھمندي ڦرندي ڏاڍو مزو آيو. ڪراچي، حيدرآباد ۽ پشاور ۾ رات جو بہ گرمي هوندي آهي پر هت تہ سيءُ پي پيو ۽ مون کي گرميءَ جا ڪپڙا پهريل هئا. تنهن ڪري ماني کائي سمهي پيس. صبح سوير بس ۾ چڙهي پنڊيءَ ويس جتان وري ٽئڪسي ڪري ٽيڪسيلا گھمڻ ويس. ٽئڪسيلا ۽ سڄي دنيا ۾ موهن جي دڙي جو نالو مشهور هو، ٽئڪسيلا جي باري ۾ ڪنهن کي ڪابہ خبر ڪانہ هئي، پر پنجابين پنهنجي هر ڳالھ کي اهميت ڏيڻ وانگر ٽئڪسيلا کي بہ هر طرح سان اڳيان آندو ۽ هيوي مشينري ڪامپليڪس جو نالو ”ٽئڪسيلا هيوي مشينري ڪامپليڪس“ رکيو. ٽئڪسيلا نالي سان ميونسپالٽي قائم ڪئي ۽ ٽئڪسيلا تائين رستا ٺاهيا ويا ۽ اُت وڏو ميوزم قائم ڪيو ويو ۽ ٻاهرين سربراهان مملڪت کي گھمائڻ لاءِ هت آندو ويو تہ ٽئڪسيلا جي اهميت وڌي وئي. ٽئڪسيلا جي پهريائين کوٽائي سر الينگزينڊر ڪننگھم شروع ڪرائي، پوءِ موهن جي دڙي جي کوٽائي ڪندڙ ۽ ان تي ڪتاب لکندڙ سرجان مارشل کوٽائي ڪرائي ۽ ٽئڪسيلا تي بہ هڪ ننڍڙو ڪتاب گائيڊ نما لکيو ويو. ان کان پوءِ وري سر مارٽيمر وهيلر کوٽائي ڪرائي. انگريزن جي وڃڻ کان پوءِ وري محمد حليم جي نگرانيءَ ۾ کوٽائي ڪرائي وئي.

ڪاڪي پيرومل پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“ ۾ لکيو آهي ته رام جي ڀاءُ ڀرت کي ٻه پٽ هئا. انهن مان هڪ جو نالو ”تڪش“ هو. ان ڪري ٻهريائين. تڪشلا ۽ پوءِ ڦري هن شهر جو نالو ٽئڪسيلا ٿيو ۽ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ موهن جي دڙي کي ٻه مهاجر موهن جو دڙو جي نالي سان سڏيندا ۽ لکندا هئا. تئين هنن (ت) کي (ٽ) ڪري ڇڏيو ۽ تڪشلا کي ٽئڪسيلا بنائي ڇڏيو. آئون ٻه ٽي ڪلاڪ هي قديم وادي گهمي پوءِ ان ٽئڪسي ۾ واپس سڌو پنڊي ائيرپورٽ پهتس جتان جهاز ۾ چڙهي سڌو پشاور ڏانهن روانو ٿيس ۽ سج لٿي مهل پشاور پهچي ويس. ائيرپورٽ شٽل اسان کي شهر ۾ پي آءِ اي جي آفيس تائين پهچايو. جتان آئون ٽانگو ڪري پنهنجي هاسٽل پهتس ۽ سيني دوستن سان ملاقات ٿي جن ٻڌايو ته فٽ بال رانديون ختم ٿي ويون آهن. پاڻ سياڻي پشاور کان ٻاهر گهمڻ هلنداسين اسان سڀ دوست صبح جو سوير بس ۾ چڙهي دره خيبر، جمرود، لنڊي ڪوتل ۽ پاڪ افغان سرحد جي بارڊر يعني تورخم ڏانهن روانا ٿياسين. هي سڀ مڪان خيبر ايجنسيءَ ۾ آهن. اسان جي پهرين منزل ”دره خيبر“ جو تاريخي گيٽ هو، هي قديم زماني ۾ ڪابل ۽ پشاور جو وچ سمجهيو ويندو هو. هزارن سالن کان ان رستي ڪنئين فوجون ۽ حاڪم آيا ۽ ويا ڪي هت رهي پيا ته ڪي هندستان کي ڦري لٽي واپس روانا ٿيا ويا. جن جا داستان دره خيبر جي سيني ۾ ضرور دفن هوندا. بقول ساحر جي ته:

آتے ہوئے قدموں سے، جاتے ہوئے قدموں سے
بھری رہے گی رہگزر، مگر ہم نہیں تو کچھ نہیں

اسان بس مان لهي هت ڪيترا فوٽا ڪڍيا، پوءِ اسان جي بس تورخم ڏانهن رواني ٿي وئي. هي سڄو پهاڙي علائقو هو. پهاڙن جو ٻه پنهنجو حسن آهي، اسان وروڪڙ رستن سان هلندا ۽ ڪٽ ڪٽ ٿوري دير لاءِ بيهندا نيٺ پنهنجي منزل تورخم تي پهتاسين. هي پاڪستان ۽ افغانستان جو نالي ماتر بارڊر هو. جت انهيءَ وقت ۾ افغانستان وڃڻ لاءِ اتي جو اتي پاس ٺاهي ڏيندا هئا ۽ ڪيترا ماڻهو صبح جو ڪابل ويندا هئا ۽ شام جو گهمي ڦري خريداري ڪري واپس موٽي ايندا هئا. جيئن اڄڪلهه توهان هندستان گهمڻ وڃو ۽ صبح سوير دهليءَ کان بس ۾ نيپال جي گادي ڪٺمنڊو سواءِ پاس پورٽ هليا وڃو، گهمي ڦري ٻي ڏينهن واپس هليا اچو. بارڊرن تي ٻنهي طرفن کان فوجون بيٺل هيون پر اچ وڃ لاءِ ڪاغذن جي جانچ پڙتال فوجي نه پر ٻي ڪنهن ايجنسي وارا ڪري رهيا هئا. اڳ جيڪو پنج روپين جو نوٽ هوندو هو، ان تي ٻه تورخم جو فوٽو هوندو هو. پر هاڻ اهو نوٽ ئي بند ٿي ويو آهي. اسان هت ٻه بس مان لهي ڪيترا فوٽا ڪڍيا، جيڪي اڄ ٻه مون وٽ محفوظ آهن. هن بارڊر تي مون ڪيترا ئي ماڻهو گڏهن تي سرحد پار ڪندي ايندي ويندي ڏٺا. ڪافي دير کان پوءِ اسان هتان روانا ٿياسين ۽ ان پهاڙي رستن تان هلندا هلندا ڇي لنڊي ڪوتل جي شهر پهتاسين. هت اسان ماني کاڌي، مانيءَ ۾ ڪڙاهي گوشت ۽ چپلي ڪباب کاڌاسين، جيڪي ڏاڍا لذيذ هئا. چپلي ڪباب آهي ئي لنڊي ڪوتل جي سوکڙي. سرد ملڪن جو گوشت، کائڻ ۾ ڏاڍو سوادي هوندو آهي. تڏهن ته آمريڪا ۾ ٻه جانورن جي پالنا گهڻي انداز ۾ آمريڪا جي برفيلي رياست الاسڪا ۾ ڪئي ويندي آهي. ڪراچيءَ ۾ ڪڙهي گوشت ٺاهڻ وارن کان اهو سوال ڪندو آهيان ته توهان هيڏي محنت سان هت ڪڙهي گوشت تيار ٿا ڪريو پر جيڪو گوشت کائڻ جو مزو سرحد صوبي ۾ آهي اهو هت ڪونهي. ته پاڻ چوندا آهن ته صاحب ات برف ۽ سرديءَ جي ڪري گوشت ۾ جيڪا قدرتي لذت ٿيندي آهي سا هتي جي گوشتن ۾ صرف مصالحن ڪري ڪيئن ايندي. اسان کي هت صرف ماني کائڻي هئي، سو ماني کائي پشاور ڏانهن روانا ٿي وياسين. ٻي ڏينهن اسان باڙا بازار وياسين. باڙا ان وقت پشاور کان ويهه پنجويهه ميل پري هڪ غيرملڪي سستي سامان جي وڪري جو شهر هوندو هو، اهو هاڻ اتان ختم ٿي پشاور شهر ۾ اچي ويو آهي جنهن کي پشاور وارا چون ڪارخانا.

اسان جي ان بس ۾ پٺاڻ مسافر گهٽ پر ڪراچي لاهور ۽ پنڊي جا مسافر زياده هئا. جيڪي سڀ پنهنجي فيملين سان باڙا خريداري لاءِ اسان سان گڏ هلي رهيا هئا. مون کي اها ڳالهه سمجهه ۾ ڪانه ايندي آهي ته هي سرحد ۾ شهر جيڪي افغانستان جهڙي هڪ قبائلي ويران ملڪ سان گڏ آهن. ته پوءِ هتي هي يورپ ۽ آمريڪا جون شيون ڪٿان ٿيون اچن ۽ ڪيئن ايترو سستيون ٿيون ملن؟ پر جڏهن آئون سي پورٽ تي اميگريشن آفيسر ٿي رهيس ته خبر پئي ته افغانستان کي ڪوبه پنهنجو سي پورٽ ڪونهي ۽ لئنڊ لاڪڊ (Land Locked) ملڪ آهي. ان ڪري افغانستان جو سڄو واپار پاڪستان سي پورٽ معرفت ٿئي ۽ پاڻ اهو سامان يورپ ۽ جاپان مان گهراين ۽ پنهنجي ملڪ ۾ ان تي ٿورو ٽيڪس لڳائين ۽ پوءِ اهو سڄو سامان واپس پاڪستان پهچي وڃي ۽ هت وڪرو ٿئي ۽ اها ٻه خبر پئي ته اهو سامان ٻه پاڪستان جا ئي واپاري يورپ ۽ جاپان مان گهرائين ۽ رڳو افغانستان مان چڪر لڳائي اچي هت وڪڻن. پشاور کان باڙا پهچڻ ۾ دير ئي ڪانه لڳي. سيني شاگردن پنهنجي پنهنجي حيثيت مطابق باڙا مان خريداري ڪئي. پر سڄو باڙا شهر گهمڻ ۾ گهٽتائي ڪنهن ڪانه ڪئي. اسان شام ڌاري واپس روانا ٿياسين ته سڄي بس سامان

سان پرجي وئي. ماڻهو گهٽ ۽ سامان زياده ٿي ويو. اسان ته تمام گهٽ خريداري ڪئي، پر جيڪي ماڻهو ڪراچي لاهور ۽ پنڊي کان آيا هئا، انهن تمام گهڻي خريداري ڪئي. آسان کي واپسي ۾ ڪسٽم وارن ٻن ٽن جڳهين تي بيهاريو پر انهن جو معاملو اسان جي بس ڊرائيور ئي حل ڪرائي ڇڏيو ۽ پوءِ آسان جلد پشاور پهچي وياسين. رات جو اسان پنهنجو سامان ٺيڪ ڪري ڇڏيو اسان کي ٻه ٽي ڏينهن لاءِ لاهور ۾ رهي پوءِ سڌو حيدرآباد وڃڻو هو. تنهن ڪري سامان پئڪ ڪري آئون پشاور جي قصه خواني بازار گهمڻ هليو ويس ۽ مون رات جي ماني به اتي کاڌي. پشاور شهر صوبي سرحد جي دل ۽ وري قصه خواني بازار پشاور شهر جي دل آهي. پشاور شهر سڄي صوبي جو ثقافتي ورثو ۽ مرڪز ۽ ميراث آهي. پشاور شهر جي ماڻهن کي ته هن بازار سان هڪ قسم جو عجيب لڳاءُ آهي. شام ٿيڻ سان شهر جا ماڻهو هت اچڻ شروع ٿيندا آهن ۽ پوءِ آڌيءَ رات تائين هت رونقون لڳيون پيون هونديون آهن. مون هتان هن بازار جي خاص سوکڙي چترالي ٽوپي ۽ واسڪوٽي خريد ڪئي ۽ پوءِ هڪ هوٽل ۾ سيخ ڪباب، چپلي ڪباب سان ماني کائي ۽ قهوه پي واپس پنهنجي هاسٽل ۾ پهچي سمهي پيس. صبح سوير سڀ ڇوڪرا پنهنجا پنهنجا سامان کڻي پشاور ريلوي اسٽيشن ڏانهن روانا ٿياسين. ريلوي اسٽيشن تي اسان جي فٽ بال جي ڪئپٽن، آفيس مان اسان جي ريل جي بوگيءَ جي باري ۾ پڇيو ته ريلوي وارن ٻڌايس ته توهان جي بوگي ريلوي سان لڳي چڪي آهي ۽ سندس نمبر هي آهي. جيڪا ڪراچي ويندڙ گاڏي تيزرو سان لڳل آهي. اسان پنهنجو سامان کڻي ۽ بستر کولين کان کڻائي پنهنجي گاڏيءَ ڏانهن روانا ٿياسين. هت ريلوي اسٽيشن تي به ڪسٽم وارا مسافرن جو سامان چيڪ ڪري ۽ کين تنگ ڪري رهيا هئا. ڪن مسافرن جا ته بسترا به پي کولرايائون پر اسان جو نالو به ڪونه ورتائون. اسان پنهنجو سامان کڻي اچي پنهنجي گاڏيءَ ۾ داخل ٿياسين. هاڻ هي گاڏو اسان سان حيدرآباد تائين گڏ هوندو، سو سڀ شاگرد ڪي هيٺ ته ڪي مٿي پنهنجا پنهنجا بسترا وڇائي سامان رکي ڪري ويهي درين مان پليٽ فارم جي گهماگهمي ڏسڻ لڳا ته ڪي ڪتاب کولي پڙهڻ لڳا ته ڪي وري هيٺ پليٽ فارم تي ٽهلڻ لڳا. اسان سان جيڪي اسان جا ٻه خدمگار ۽ ماني پچائڻ وارا هئا، سي به پنهنجو پنهنجو سامان هڪ ڪنڊ ۾ ويهي سيٽ ڪرڻ لڳا. اسان جي باٿ رومن ۾ لائيٽ ڪانه ٿي ٻري سو اسان جو ڪئپٽن ۽ آئون وري هيٺ لهي ريلوي وارن کي اهو احوال ٻڌائڻ لاءِ وياسين جن اسان کي هڪ ماڻهو گڏ ڏنو. جنهن اچي لائيٽ ٺيڪ ڪري ڏني، تيسين ٻين شاگردن اسان جي گاڏي ٻاهرن (Reserved) رزروڊ جو بئنر هڻي ڇڏيو. اسان پنهنجي گاڏي جا دروازا به بند رکندا هئاسين پر ڪيترا مسافر درين مان به چڙهڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. پر جي هي بئنر لڳل هوندو هو ته گهڻو ڪري عام پئسينجر اسان جي گاڏي اندر ڪونه چڙهندا هئا. اسان جي ٽرين سيٽي وڄائي ۽ گارڊ سائي جهنڊي ڏيکاري تي ريل اڳتي پنهنجي منزل ڏانهن چرڻ لڳي. ۽ ڪنئين ڪلاڪن جي مسافري ۽ ڪيترين اسٽيشنن تي بيهڻ کان پوءِ رات دير سان اسان جي گاڏيءَ کي لاهور پليٽ فارم حوالي ڪري پاڻ ڪراچي ڏانهن رواني ٿي وئي. اسان جي ٻڌائڻ کان پوءِ ريلوي وارن اسان جي گاڏي کي ٻتن ڏينهن لاءِ هڪ پاسيرو بيهاري ڇڏيو ته ٻين ايندڙ ويندڙ ريلن کي ڪا ڏکيائي نه ٿئي. اسان باقي رات گاڏي اندر سمهي گذاري. صبح سوير سڀ شاگرد ڪي ٽولين ۾ ته ڪي جدا جدا لاهور جي هن تاريخي شهر جي سير لاءِ نڪري پيا. اسان کي هت گهمڻ لاءِ ٻه ڏينهن ۽ هڪ رات هئي. هندستان پاڪستان جي چَئِن شهرن آگره، فتح پور سڪري، دهلي ۽ لاهور کي مسلمان فاتحن خاص ڪري مغلن ڏاڍي چاهه سان ٺهرايو. آزاديءَ کان پوءِ هندستاني ڏاڍي آسانيءَ سان انهن بلڊنگس تي "ته رنگا چاڙهي" بندي ماترم ڳائڻ لڳا.

انگريزن جي بادشاهي ۾ انگريزن به دهليءَ ۽ لاهور ۾ انگريزي طرز تعمير سان ڪئين چرچ، تعليمي ادارا، ڪورٽون، اسيمبلي هال، تفريحي پارڪ، ريلوي اسٽيشن ۽ ٻيون پڻ ڪيتريون ئي شاندار عمارتون ٺهرايون، جيڪي ٻنهي شهرن ۾ اڄ تائين قائم آهن.

مون، پاڪستان منوڙي کان تورخم تائين ۽ هندستان جا به هي ٻارهن شهر ڏٺا آهن.

1- ممبئي

2- جل گائون

3- بوسال

4- اجنتا

5- الورا

6- اورنگ آباد

7- پٽنا ديوي

8- چاليس گائون

9- آگره

10- فتح پور سڪري

11- متراءِ

12- دهلي

هندستان ۽ پاڪستان جي سيني روٽن ڪان مونکي لاهور، امرتسر، دهلي، مترا، فتح پور سڪري ۽ آگره واري رستي تي جيڪو گھمڻ جو مزو آيو، اهڙو ٻي هنڌ ڪٿ بہ نہ آيو.

سڄي هندستان ڪان وڌيڪ نئين ۽ پراڻي طرز تعمير چئن مذهبن جي ثقافت جو سنگم يعني مسلمان، سک، قادياني ۽ هندن جا قديم ۽ جديد ورثا ۽ سندن نہ متجندڙ پيرن جا نشان اڄ بہ توهان کي هنن شاهراهن تي نظر ايندا. روڊ يا ريل رستي لاهور ڪان امرتسر پوءِ دهلي، مترا، فتح پور سڪري ۽ آگره گھمڻ جو مزو ئي ٻيو آهي. آئون ڪوشش ڪندو آهيان تہ هر ملڪ باءِ روڊ ڏسان ۽ تقريباً سڄي مغربي يورپ جي سيني ملڪن کي ڪئين ڀيرا فيمليءَ سان گڏ باءِ روڊ گھمي ڏٺو آهي. شهرن ۾ بہ ڪوشش ڪري پنڌ گھمڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان ۽ پڻ امريڪا جون ڪنئين رياستون باءِ روڊ گھميس. لاهور انارڪلي جو شهر جت نورجهان بہ دفن ٿيل آهي، جت جهانگير هڪ لاجواب مقبري ۾ دفن ٿيل آهي ۽ جت شاهجهان پيدا ٿيو. لاهور ڪيترو وقت مغلن جي گاديءَ جو هنڌ رهيو. جت اڪبراعظم ٻارهن سال تخت لاهور تي ويهي سڄي هندستان تي حڪومت ڪئي ۽ هت بي مثال يادگار تاريخي جڳهيون ٺهرايون. انهن ۾ بادشاهي مسجد، شاليمار باغ جنهن جهڙو باغ سڄي هندستان ۾ ڪونهي. شاهي قلعو، جنهن اندر بادشاهن ۽ امرائن لاءِ ڪئين محل محلاتون ۽ ٻيا بہ ڪئين مقبرا ۽ يادگار ٺهرايا. تنهن ڪان پوءِ سکن بہ پنهنجي بادشاهيءَ دوران هت ڪئين جڳهيون ۽ لاجواب گورد وارا ٺهرايا، جيڪي اڄ بہ قائم آهن.

ان ڪان پوءِ انگريزن سؤ سالن تائين هن شهر کي وڏي ترتيب سان سنواريو ۽ سينگاريو، چون ٿا تہ لاهور جهڙي ريلوي اسٽيشن سڄي هندستان ۾ ڪانهي، جت پئسينجرن جي رهائش لاءِ اسٽيشن مٿان ڪمرا بہ ٺهيل آهن. ان ڪان سواءِ فرسٽ ڪلاس ويٽنگ روم ٺهيل آهن. هڪ ڀيرو آئون ريل ۾ دهلي ويس تہ آئون، منهنجي گھرواري مومل ۽ منهنجي ڏيءَ ڊاڪٽر پارس بہ هڪ رات ان ريسٽ روم ۾ گذاري، ٻي ڪمري ۾ شمشير حيدري ۽ حميد پٽو سنڌ تي وي وارو رهيل هئا.

اسان جڏهن لاهور ويل هئاسين، تڏهن ون يونٽ هو ۽ سنڌي اسيمبلي ميمبر مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ شرڪت لاءِ لاهور ويندا هئا ۽ اجان هيرامنڊي جي رونق تي بندش ڪانہ پئي هئي. تنهن ڪري لاهور ۾ رونقون لڳيون پيون هيون ۽ لاهور جي فلمي انڊسٽري بہ انهيءَ وقت پنهنجي عروج تي هئي ۽ پاڪستان جي فلمي انڊسٽري جو مرڪز لاهور هو، جيئن اڄڪلهہ سنڌي سرنديءَ وارن کي اخبار ۽ ٽي وي چئنل کولڻ جو شوق آهي تئين ان وقت سنڌي وڏيرن کي اردو سنڌي فلمون ٺاهڻ جو شوق هوندو هو ۽ پاڻ ان شوق خاطر لاهور ۾ بنگلا وٺي رهيا پيا هئا. پوءِ ڪي تہ ڏاڍا بي آبرو ٿي لاهور مان نڪتا ۽ وري ڪي لاهور مان گھوٽ ٿي واپس وريا.

انسائيڪلو پيڊيا برٽينڪا ۾ لکيل آهي تہ پنجاب جو ذڪر تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ابن بطوط جي سفرنامي ۾ ملي ٿو، انهيءَ ڪان اڳ ڪنهن بہ تاريخ ۾ پنجاب لفظ جو ذڪر ئي ڪونہ ٿو ملي. هندو روايات ۽ ديومالائي قصن مطابق رام جي ٻن پٽن لوهاور پٽيان لاهور شهر جو نالو پيو ۽ سندس ٻي پٽ ڪش يا ڪشاور پويان قصور شهر جو نالو پيو. مسٽر ٿارٽن پنهنجي لاهور تي لکيل ڪتاب ۾ لاهور جو اصلي نالو لوه ڪوٽ ٿو لکي ۽ اهو بہ لکي ٿو تہ لاهور شهر جو باني رام جو پٽ ئي هو. عربي مؤرخ احمد بن يحيٰ پنهنجي اوائلي عربي ڪتاب "فتح البلدان" ۾ لاهور شهر کي الهاور جي نالي سان سڏيو آهي.

البيروني پنهنجي ڪتاب قانون ۾ لکي ٿو تہ هماليا جبل کي ٽيڪاس (ٽيڪسلا) ۽ لهاور (لاهور) مان بہ ڏسي سگهجي ٿو. تاريخ جي ڪتابن ۾ ۽ پڻ ٻين ڪيترن ليکڪن هن شهر جي باري ۾ ڪيئن دليل ڏنا آهن. ۽ ڪيئن ڪتاب لکيا آهن پر اها ڳالهہ واضح آهي تہ هن شهر جو نالو هن تي رام جي پٽ لوهہ تان پيو. جيڪو هن شهر جو باني بہ هو. پر لاهور جي باري ۾ اوائلي تاريخ صفا چپ آهي. سڪندر جي وقت ڪان وٺي چيني سياح زائرهيون سانگ تائين جنهن 630ع ۾ سڄي هندستان جو سفر ڪيو جنهن ۾ پنجاب بہ شامل آهي. پر هن پنهنجي سفرنامي ۾ ڪٿ بہ لاهور شهر جو ذڪر ڪونہ ڪيو آهي. نہ وري اهڙي ڪنهن بہ شهر جو ذڪر ڪيو آهي جنهن مان اندازو لڳائجي تہ اهو قديم شهر لاهور ئي هو. پر پاڻ پنهنجي سفرنامي ۾ قصور شهر جو اشارتن ذڪر ڪيو آهي ۽ پاڻ لکي ٿو تہ پنجاب جي گاديءَ جو هنڌ ٽڪي هو.

لاهور کي اٺين ۽ نائين صديءَ ۾ زياده اهميت ملي جڏهن هي برهمڻ حاڪمن جي گادي جو شهر هو ۽ هي اهو دؤر هو جڏهن سبڪتگين ۽ سندس پٽ محمود هندستان تي حملا ڪيا.

هندستان پاڪستان ۾ وڏي ۾ وڏو ڏيهاڙو يا تهوار لاهور شهر ۾ بسنت جي نالي سان ملهايو ٿو وڃي. بسنت معنيٰ بهار هي تهوار مهاراجه رنجيت سنگهه جي دؤر کان ملهايو وڃي ٿو. ان ڏينهن ته مهاراجه ۽ سندس وزير ۽ جنرل ڏاڍا سٺا لباس پائي اچي هن تهوار ۾ شريڪ ٿيندا هئا. جيڪو ان دؤر ۾ به وڏي شان ۽ مان سان ملهايو ويندو هو ۽ مهاراجه رنجيت سنگهه ان ڏينهن تي يارهن سؤ روپيا نقد ۽ به هيڊي رنگ جون شالون انعام طور ورهائيندو هو ۽ پاڻ هڪ خاص جڳهه (جنهن کي "خانقاه" چئبو هو) تي اچي ويهندو هو. لاهور ۾ اڄ به بسنت جو تهوار وڏي شان شوڪت سان ملهايو وڃي ٿو. فرق صرف ايترو آهي جو هاڻ راڻا رنجيت سنگهه جي جاءِ جنرل پرويز مشرف ورتي آهي ۽ اڄ به ان تهوار ۾ سڄي پاڪستان جا ماڻهو اچي لاهور ۾ شريڪ ٿين. ان ڏينهن تي لاهور شهر وڃڻ لاءِ هوائي جهاز جي ٽڪيٽ ۽ رهڻ لاءِ هوٽل ۾ ڪمرو به ڪونه ملندو آهي.

پنجاب جيڪو پاڪستان جو وڏو صوبو ۽ گن پاور ۽ مين پاور آهي ان صوبي جي شهر لاهور کي ملڪ جي گادي جو شهر صرف ان ڪري ڪونه ڪيو ويو جو هو هندستان جي باردر کان صرف چند ميلن جي مفاصلي تي هو ۽ صرف ان ڪري ڪراچيءَ کي پاڪستان جي گادي بنايو ويو. ۽ پوءِ پاڪستان جي پهرئين جنرل حڪمران ايوب خان چند سالن ۾ گاديءَ کي واپس پنجاب ۾ هڪ نئون شهر اسلام آباد تعمير ڪرائي اِن ۾ منتقل ڪيو ويو. لاهور رواي نديءَ جي ڪناري تي هڪ تمام خوبصورت شهر آهي جنهن کي مغلن کان وٺي هر حاڪم ڏاڍي چاهه سان سنواريو ۽ سينگاريو آهي. پاڪستان کان پوءِ هن شهر کي نواز شريف ڏاڍو دل و جان سان ٺهرايو آهي. جنهن ۾ لاهور، اسلام آباد موٽر وي، منجهس هڪ نئون خوبصورت ۽ جديد ايئرپورٽ، سڄي شهر جي ٻاهران رنگ روڊ ۽ پڻ داتا دربار تي ڪروڙها روپيا خرچ ڪري نهايت ئي خوبصورت ۽ پروقار درگاهه تعمير ڪرائي. نواز شريف لاهور کي خوبصورت بنائڻ ۾ ڪابه ڪسر ڪانه ڇڏي. لاهور ۾ سياحت ۽ تاريخي ماڳ مڪانن سان گڏ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۽ پوءِ ڏاڍا سٺا تعليمي ادارا قائم ٿيا جنهن ۾ پنجاب يونيورسٽي خاص قابل ذڪر آهي.

سنڌ جڏهن بمبئي کان جدا ٿي ته ڪوشش ڪئي وئي ته سنڌ ۾ به يونيورسٽي قائم ڪئي وڃي. پر تازو بمبئي صوبي کان ڌار ٿيل سنڌ حڪومت ان ڪم لاءِ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ کي ان ڏس ۾ رپورٽ ڏيڻ لاءِ چيو، جنهن پنهنجي رپورٽ ۾ لکيو ته: "دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ ادارا پنهنجي مادر علمي کان ايترو پري ناهن جيترو سنڌ جا اسڪول ۽ ڪاليج بمبئي يونيورسٽي کان پري آهن. اهڙي صورتحال صوبي جي دانشوراڻي اوسر ۾ يقيني طور تي ناڪاري اثر وجهي ٿي. گذريل انيڪ سالن کان ڪيترن ئي ڪاليجن ۽ اسڪولن جي باوجود سنڌ ۾ اهڙي ڪنهن ماحول جي اڻهوند ئي منهنجي خيال ۾ يونيورسٽي قائم ڪرڻ واسطي مضبوط ترين دليل آهي."

پر ترت پوءِ ٻي عالمي جنگ شروع ٿي جنهن ڪري يونيورسٽيءَ واري اسڪيم ڪيترا سال سردخاني حوالي ٿي وئي. ان ڪري سنڌ حڪومت لاءِ اهو مسئلو سامهون آيو ته سنڌ جا تعليمي ادارا ساڳوٽي طرح سان بمبئي يونيورسٽيءَ سان لاڳاپيل رهن. يا هاڻ ڪين پنجاب يونيورسٽي سان ڳنڍجي، پر ان تي به سنڌ جي تعليمي ماهرن اها راءِ ڏني ته پنجاب يونيورسٽي بمبئي يونيورسٽي کان گهٽو پٺتي آهي. تنهن ڪري سنڌ جي تعليمي ادارن کي بمبئي يونيورسٽي سان ئي گڏ رکيو وڃي. پر اڄ پنجاب ۾ پنجاب يونيورسٽي ۽ لاهور يونيورسٽي آف مئنيجمينٽ سائنس (Lahore University Management Science) جنهن کي هاڻ لمس جي نالي سڏيو وڃي ٿو ۽ لاهور اسڪول آف اڪنامڪس ۽ انگريز دؤر ۾ پنجاب جي انگريز گورنر سرچارلس ايچيسن جي نالي پٺيان ايچيسن ڪاليج قائم آهن. اهي ادارا نه رڳو لاهور ۽ پنجاب پر سڄي پاڪستان ۾ لاجواب تعليمي ادارا آهن جنهن ۾ نه رڳو پاڪستان جا شاگرد پڙهن ٿا پر پاڪستان کان ٻاهر جا به ڪيترائي شاگرد انهن ادارن ۾ تعليم وٺڻ لاءِ اچن ٿا. لاهور ڪراچي کان پوءِ پاڪستان جو وڏو ۽ سٺو شهر آهي جنهن ۾ گهمڻ لاءِ تمام گهڻيون جڳهيون آهن پر لاهور شهر جون مکيه گهمڻ لاءِ هي جڳهيون آهن، جيڪي هر سياح کي گهمڻ گهرجن.

- بادشاهي مسجد
- قلعو
- شالامار باغ
- درگاهه حضرت داتا گنج بخش

بادشاهي مسجد 1663ع سن ۾ ٺهي هئي. هيءَ مسجد شهنشاهه اورنگزيب عالمگير ڇهه لک روپين ۾ ٺهرائي. هي مسجد دهليءَ جي جامع مسجد کان تمام وڏي ۽ ڪشادي آهي. هيءَ مسجد تمام مٿانهين جڳهه تي ٺهيل آهي. سندس دروازو ڏاڍو خوبصورت ٺهيل آهي. هي مسجد مڪي جي الوليد مسجد جو نقل آهي. مسجد جا هڪ سؤ ساڍا ٽيتاليهه فٽ مينار توهان کي پري کان نظر ايندا. توهان ڏاڪڻين ذريعي انهن تي چڙهي مٿان کان سڄي شهر جو نظارو ڪري سگهو ٿا. ڳاڙهي پٿر ۽ سفيد سنگ مرمر

جي ڪري هي مسجد ڏاڍي خوبصورت لڳي ٿي. سک بادشاهه رنجيت سنگهه هن مسجد شريف کي اسلح خاني ۽ فوجي گدامن لاءِ استعمال ڪيو پر پوءِ انگريزن جي بادشاهيءَ ۾ هي مسجد واپس مسلمانن جي حوالي ڪئي وئي.

*(ڏسو ڪتاب تاريخ لاهور صفحو 183)*

لاهور جو قلعو دهليءَ جي قلعي کان ننڍو آهي، هي قلعو شهنشاهه اڪبراعظم لاهور جي پراڻي قلعي جي جڳهه تي ٺهرايو پوءِ جهانگير، شاهجهان ۽ اورنگزيب به هن قلعي کي وڌايو ۽ ٺهرايو. قلعي اندر ديوان عام ۽ ديوان خاص شامل آهن. ديوان عام ۾ بادشاهه رعيت کي ديدار ڪرائيندو هو ۽ ديوان خاص ۾ هو پنهنجي امراءِ گورنرن ۽ وزيرن سان ملڪي ۽ غيرملڪي حالات تي صلاح مصلحت ڪندو هو ۽ حڪم جاري ڪندو هو، هن وسيع قلعي اندر ديوان عام ۽ ديوان خاص سان گڏوگڏ

- اسلح خانو
- موتي مسجد
- شاهي حمام ۽
- شيش محل پڻ آهن.

شيش محل ۾ مغل بادشاهه پنهنجي فيملين سان گڏ رهندا هئا ۽ هتي ئي جهانگير گلن جي سرهي سيج تي نورجهان سان گڏ روح رچنديون ڪيون. مغل شهنشاهه کان پوءِ پنجاب جي سک حاڪم به هن شيش محل کي پنهنجي رهائش طور استعمال ڪيو. لاهور ۾ مغل بادشاهه بيشمار ننڍا وڏا باغ قائم ڪيا. پر انهن مان ڪيترا ئي باغ هميشه هميشه لاءِ ختم ٿي ويا. جنهن ۾ لاهور جي ريلوي اسٽيشن پرسان نولکا باغ جو به تاريخ جي ڪيترن ئي ڪتابن ۾ ذڪر ملي ٿو. پر اڄ ان باغ جو نالو نشان به ڪونهي ۽ انهيءَ هند تي بيشمار جڳهيون ٺهي ويون آهن انهن باغن ۾:

انگوري باغ، مهتابي باغ، گلابي باغ ۽ باغ داد جو اڄ نالو نشان ڪونهي. پر مغلن جو ٺهرايل شالامار باغ اڄ به قائم آهي ۽ هن باغ جو جواب ڪونهي. هن باغ جهڙو قديم باغ اڄ به سڄي هندستان ۽ پاڪستان ۾ ڪٿ به ڪونهي.

شهيد ڀٽي جي حڪومت واري دؤر ۾ جيڪا پاڪستان ۾ اسلامي سربراهه ڪانفرنس ٿي هئي جنهن ۾ مسلم دنيا جا سب سربراه مملڪت شريڪ ٿيا هئا. جنهن ۾:

| | |
|---|---|
| شيخ مجيب الرحمان | بنگلاديش جو وزيراعظم |
| شاهه فيصل | سعودي عرب جو بادشاهه |
| حافظ الاسد | شام جو صدر |
| ڪرنل قذافي | لبيا جو صدر |
| ياسر عرفات | فلسطين جو صدر |

۽ پڻ ٻيا پنجاهه کان به وڌيڪ مسلم سربراهه مملڪت هن ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيا هئا، ان سربراه ڪانفرنس جون ڪئين تقريبون لاهور جي هن شالامار باغ ۾ ٿيون. گهڻو ڪري لاهور ۾ جيڪو به سربراهه مملڪت اچي ٿو ته ان جي شان ۾ جيڪا ضيافت ٿئي سا به هن ئي شالامار باغ اندر ٿئي. پنجاب حڪومت هن باغ کي ڏاڍي سهڻي نموني سنڀالي رکيو آهي. سڄي باغ ۾ ڪنئين باراڏريون، فوهارا ۽ گل ڏاڍي ترتيب ۽ مهارت سان لڳايا ويا آهن جنهن ڪري هن باغ جي سونهن هميشه لاءِ برقرار آهي. شالامار باغ، قلعي ۽ بادشاهي مسجد سان گڏ توهان کي لاهور جي صوفي بزرگ حضرت داتا گنج بخش (جنهن جو اصل نالو علي مخدوم هجويري آهي) جي درگاهه تي به توهان کي هر وقت هزارين زائرين ملندا. داراشڪوه پنهنجي ڪتاب سڪينته الاولياءَ ۾ حضرت داتا گنج بخش جي ڏاڍي تعريف ۽ ساراهه ڪئي آهي. حضرت داتا گنج بخش، درويش وڏو ليکڪ به هو، ڪيترن ئي ڪتابن سان گڏ سندس هي ڪتاب "ڪشف المحجوب" ڏاڍو مشهور ٿيو. سندس مقبرو شهنشاهه اڪبر ٺهرايو. انهن مشهو رتاريخي ماڳن کان سواءِ لاهور ۾ واگها بارڊر تي هندستان ۽ پاڪستان جي سيڪيورٽي فورس جي روزانا پريڊ جي تقريب به ڏسڻ وٽان هوندي آهي. لاهور ۾ مال روڊ انارڪلي بازار، لبرٽي مارڪيٽ جون بازارون به گهمڻ وٽان آهن. جت هميشه رونقون لڳيون پيون آهن.

اڄڪلهہ لاهور ۾ هر سال رائيونڊ ۾ تبليغ جماعت جي ساليانو اجتماع ۾ به سڄي پاڪستان مان ماڻهو اچي شريڪ ٿيندا آهن. ان موقعي تي لاهور وڃڻ لاءِ سڄي پاڪستان مان خاص ريل گاڏيون به هلنديون آهن. پهرين اهو اجتماع سنڌ جي شهر ٽنڊو آدم ۾ ٿيندو هو. پر پوءِ اهو لاهور ۾ ٿيڻ لڳو. اسان پنهنجو هي لاهور جو سير پورو ڪري ريل رستي پنهنجي اڳتي جي منزل حيدرآباد ڏانهن روانا ٿي وياسين ۽ وري به لاهور کان حيدرآباد تائين سڄو پاڪستان لتاڙي اچي حيدرآباد پهتاسين. مون ڏٺو ته ماڻهوءَ ۾ گهمڻ ڦرڻ سان عيني مشاهدو ٿئي ٿو. ان سان انسان جي ذهن ۾ وڏي تبديلي اچي ٿي،

*